

# Hiro Thakur
# Bahumukhi Shakhsiyat

**Edited by : Dr. Roshan Golani**

شري هيري ”قاضي قادن جو ڪلام“ اعليٰ معيار مقام واري جڳ مشهور تحقيق ڪانسواءِ تصوف، ويدانت ڀڳتي مارگ ۽ ناٿ پنٿ جي فلسفي جي سکيا ڪانسواءِ ”لطيف شناسي“ واري موضوع تي ٻه تمام سٺا، معلوماتي، معياري مقالا ۽ تحقيقي مقالا لکي پاڻ کي هند توڙي سنڌ ۾ هڪ بهترين محقق ۽ نقاد جي حيثيت ۾ مڃرايو آهي.

- ڊاڪٽر پروفيسر غلام علي الانا

سنڌي ادب ۽ تحقيق ۾ هيري کي پنهنجو هڪ اعليٰ مقام آهي، هن جون ادبي، تحقيقي، تنقيدي صلاحيتون تسليم يافت آهن. هن جي مشاهدي جي قوت تيز آهي، سوچ شفاف، شفي ۽ تازو توانو آهي. مقالا محنت، مشقت، اڀياس، وگيانڪ نقط نظر ۽ اعتماد سان ڀريل آهن. هن تز سنڌي تڪنيڪي لفظ سنڌيءَ ۾ جوڙي لغت کي وشال بڻايو آهي. سنڌ ۽ هيرو هڪ ٻئي کي پيار ڪندڙ آهن.

- ڊاڪٽر جيتو لالواڻي

دادا هيرو ٺڪر علم، عقل، لياقت ۽ سچي محنت سان ڪم ڪندي وڏي عزت ۽ اِمتيازي درجو حاصل ڪيو آهي. هيرو هڪ عظيم ۽ پروقار شخصيت آهي. ڪلاسيڪي سنڌي شاعري، سنڌي ٻولي ۽ ادب، سنڌي اخبارنويسي تاريخ ۽ تمدن تي هن صاحب جي دسترس کي سنڌ ۽ هند ۾ مقبوليت مليل آهي.

- ڊاڪٽر روشن گولاڻي

# هيرو ٺڪر
# ٻهومکي شخصيت

**سمپادڪ : ڊاڪٽر روشن گولاڻي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هيرو ٺڪر ٻهومکي شخصيت


سهيڙيندڙ : ڊاڪٽر روشن گولاڻي
ڇاپو : پهريون
ڪاپيون : ٥٠٠
سال : ٢٠١٩
قيمت : رپيا ٣٠٠
پبلشر : ڊاڪٽر روشن گولاڻي
آديتيہ بنگلو، پريم پرڪاش آشرم پرسان، نوبلنگر، پوسٽ ڪبيرنگر، احمدآباد-٣٨٢٣۴٠
ٽائيپ سيٽنگ : مهالڪشمي ٽريڊرس
٢٨٠، راجاوير، ڪبيرنگر، احمدآباد-٣٨٢٣۴٠
پرنٽر : درشن پرنٽرس، باپونگر، احمدآباد.

راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، نيو دهليءَ جي مالي مدد سان شايع ٿيل


## HIRO THAKUR BAHUMUKHI SHAKSIYAT


Edited by : **Dr. ROSHAN GOLANI**
Edition : **1st**
Copies : **500**
Year : **2019**
Price : **Rs. 300/-**
Published by : **Dr. ROSHAN GOLANI**
1, Aditya Bungalows, Inside Prem Prakash Ashram,
Noble Nagar, P.O. Kubernagar,
Ahmedabad - 382340. M. : 9328784544
Email : roshangolani1@yahoo.com
Type Setting : MAHALAXMI TRADERS
280, Rajavir, Kubernagar,
Ahmedabad-382340. M. 9925359021
Printed by : DARSHAN PRINTERS
Bapunagar, Ahmedabad.

ISBN Number
978-93-5396-253-1

(Published with Financial Assistance of National Council for Promotion of sindhi Language, New Delhi)




# فهرست


| وشيہ | ليکڪ | صفح |
|---|---|---|
| هيرو ٺڪر: هڪ تاريخ ساز شخصيت | - ڊاڪٽر روشن گولاڻي | ٧ |
| قاضي قادن جي شاعريءَ ۽ اُن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو (شري هيرو ٺڪر جي نظر ۾) | - پروفيسر غلام علي الانا | ١١ |
| ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا | - ڊاڪٽر فهميده حسين | ۴٢ |
| سنڌي ساهت جو هيرو | - شوڪت حسين شورو | ۴٥ |
| "سنڌي ادب جو هيرو، هيرو ٺڪر" | - ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ | ۴٧ |
| هيرو ٺڪر: شخصيت، علمي ۽ ادبي خدمتون | - پروفيسر سليم ميمڻ | ۴٩ |
| سنڌ ۽ هند جو هيرو: هيرو ٺڪر | - ڊاڪٽر نور افروز خواجه | ٥٦ |
| سنڌي علم ادب جو هيرو - هيرو ٺڪر | - پروفيسر اعجاز قريشي | ٥٩ |
| هيري ٺڪر جون علمي ڪاوشون | - ممتاز مهر | ٦٣ |
| هيري ٺڪر سان وابستہ ڪجهہ ساروڻيون | - تاج جويو | ٦٥ |
| سامهون ڏٺيم سپرين | - مدد علي سنڌي | ٧۴ |
| هيرو ٺڪر: هر پاسي کان هيرو | - نصير مرزا | ٨٨ |
| خاموش کوجناڪار - دادو هيرو | - ڊاڪٽر مخمور بخاري | ٩٣ |
| سنڌي اَدب جو هيرو، شري هيرو ٺڪر | - ڊاڪٽر نواب ڪاڪا | ٩٧ |
| هند ۾ سنڌي هيرو: هيرو ٺڪر | - مسرور پيرزادو | ٩٩ |
| سنڌوءَ جي ڏاڙائن کي سانڍيندڙ هيرو ٺڪر | - ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو | ١٠۴ |
| هيري ٺڪر کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن جي گولڊن جُبلي مبارڪ | - رڪيل مورائي | ١٠٧ |
| تون تہ جهڙي ڪينجهر! | - موهن مدهوش | ١٠٩ |
| هيري وانگر هند ۽ سنڌ ۾ چمڪندڙ - هيرو ٺڪر | - سروائي سنڌي | ١١٩ |
| هيرو ٺُڪر ۽ سندس ادبي سفر | - ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي | ١٢٢ |
| هڪ آبرودار نانءُ - جناب هيرو ٺڪر | - جيٺو لالواڻي | ١٢۴ |
| مخصوص اوُرا (Aura) جو وارث: هيرو ٺڪر | - ڀڳوان اٽلاڻي | ١۴٧ |




www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| سڳَن آهوجا تي مونوگراف - ليکڪ : هيرو نڪر | - ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي | ١٥٠ |
| هيرو نڪر - ادب جو عميق خزانو | - ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي | ١٥۴ |
| هيرو نڪر : پنهنجو پاڻ مان، پنهنجو پاڻ سان | - نندلال جويري | ١٥٧ |
| سترنگي ''اِنڊلٺ'' جو ڏٺي - هيرو نڪر | - کيمن يوُ. مولاڻي | ١٥٩ |
| هيرو نڪر - تحبت ۽ تنقيد جي حوالي ۾ | - موهن گيهاڻي | ١٦٨ |
| ڪامياب محقق - هيرو نڪر | - ڊا. ڪملا گوڪلاڻي | ١٧١ |
| ميري آواز هي ميري پهچان هئہ | - ڪلاڌر مُتوا | ١٧٧ |
| منهنجو اُستاد : هيرو نڪر | - موهن همٿاڻي | ١٨٠ |
| هيري جهڙو هيرو.... | - هريش ڪرمچنداڻي | ١٧٢ |
| گهڻڱُنڊي شخصيت : هيرو نڪر | - گورڌن شرما گهايل | ١٨٥ |
| شري هيرو نڪر | - شويا رام لعلچنداڻي | ١٩١ |
| شري هيرو نڪر : هڪ براڊ ڪاسٽر طور | - پرڪاش ڪيمچنداڻي | ١٩٥ |
| سنڌ - هند جو هيرو : هيرو نڪر | - مُشتاق شورو | ١٩٧ |




# BIO-DATA

Name : **Dr. Roshan Lakhmichand Golani**

Date of Birth : 29-5-1972 Place of Birth : Ahmedabad

Education : 1. Ph. D (Maharshi Dayanand Saraswati University, Ajmer)
1. M.A. (Sindhi-First Class, Mumbai, University)
2. B.A. (Economics, Gujarat University)

Field : Writing, Translation, Art, Reading, Social Service, Columnist & Politics

**Service and Experience :**

1. Member of Advisor Board Sindhi Sahiya Academy Govt. of Gujarat
2. Member Experts Committee, "Sindhi Boli" (Research Journal), Sindhi Language Authority Hyderbad Sindh
3. Member Reviewers Committe, "Sindhi Adab" (Research Journal),Institute of Sindhology, University of Sindh
4. Member Reviewers Committee "Kalich" Research Journal-University of Sindh
5. Member, Bharatiya Sindhu Sabha, Karnawati.
6. Secretary, Akhil Bharat Sindhi Boli Sahit Prachar Sabha
7. Member Gujarat Laghu Udyog Bharati
8. Secretary, Stage Group (Cultural Group) Ahmedabad.
9. Member, Board of Sindhi Studies, Gujarat University.
10. Executive Member of All India Sindhi Chamber of Commerce & Industries.
11. Executive Member Gujarat Plastic Manufacturer Association

**Literary Activites :**

A. Books Published :

1. Sindhu Varso - 1994.
2. Rangbi Rangi Gul (Children Poems)-2007
3. Mithri Mithri Lat (Children Poems)-2008
4. Roshan Awaz (Geet & Gazal) - 2011



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

C. Literary articles Published :

1. "Adabi Chaman", "Bag Bahar", (Gujarat Sindhi Sahitya Academy,
   Gandhinagar)
2. "Sindhu Mashaal" Madhya Pradesh Sindhi Sahitya Academy
3. "Rihan" Rajasthan Sindhi Sahitya Academy
4. "Sindhi Boli" Sindhi Language Authority Hyderabad Sindh.
5. "Zir Mir" Delhi Sindhi Academy
6. "Mahek" NCPSL, Delhi
7. "Sipoon" (A literary Magazine)
8. "Koonj" (A literary quarterly Magazine)
9. "Chholiun" (Yearly Literary Magazine)
10. "Sindhiya" (Monthly Literary Magazine in Sindh)
11. "Fulwari" Monthly Magazine.
12. Rashtriya Prem, Sachai, Mehran, Hindu Sindhi Daily

Add. : **Dr. Roshan Golani**
1, Aditya Bungalows, Inside Prem Prakash Ashram, Awas Park,
Noble Nagar, P.O. Kubernagar,
Ahmedabad - 382340. M. : 9328784544
Email : roshangolani1@yahoo.com



5. Roshan Tara (Children Poems)-2012
6. Family & Society and Critical study of Researched Folk Literature of Dr. Jetho Lalwani's Literature - 2014
7. Rang bi Rangi Popat (Edited)
8. Muhag (Edited) Litrature" - 2014
9. Adabi Tabsara (Edited)
10. Sangh Darshan (Translation)
11. Sindhi Adabi Akhbar Navisi (Sindhi Literary Journalism-2015)
12. Roshan Barana Bol (Children Poem-2015)
13. Bal Gulshan (Children Poem-2017)
14. Adabi Tanqid (Edited-2017)
15. "Mor Nachhe Tho" (Children Poem-2018)
16. Sindhi Adabi Akhbar Navisi (Published in Sindh, Sindhya Publication-2018)
17. "Kariyun Hashiyun" (Short - Short Stories, Translation-2018)
18. Kagaz Ji Bedi (Children Poem) (Published in Sindh 2018)
19. Hiro Thakur Bahumukhi Shakhsiyat (2019)
20. Inder Bhojwani Kul Kalam (2019)

**Best Literary Book Awards By**
Sindhi Sahitya Academy, Govt. of Gujarat Gandhinagar

B. Awards :

1. Sindhu Varso - 1995
2. Rangbi Rangi Gul-2008.
3. Mithri Mithri Lat -2009
4. Roshan Awaz - 2012
5. **YUVA GAURAV PURASKAR - 2008 FIRST IN INDIA**
   By : Gujarat Sindhi Sahitya Academy,
   Govt. of Gujarat. Gandhinagar
6. **NAGRIK SANMAN - 2013**
   Ahmedabad Muncipal Corporation
7. **SAHITYA AKADEMI AWARD**
   Bal Sahitya Puraskar - 2017



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# هيرو ٺڪر: هڪ تاريخ ساز شخصيت

- ڊاڪٽر روشن گولاڻي

دادا هيري ٺڪر جي اَدبي، علمي عارج ۽ زندگيءَ تي هي ڪتاب مرتب ڪندي، جڏهن پنهنجي طرفان جا ’ٻه اکر‘ لکڻ ويٺس ته اَلائي ڪيئن سندس ئي هڪ شعر جون ٻه سٽون منهنجي ذهن ۾ گونجڻ لڳيون، جي آهن :

’ڪن جو جيئڻ، نه جيئڻ برابر،
ڪي ته امر اِتهاس ٿين ٿا، ڪي ڪي ماڻهو خاص ٿين ٿا

خبر ناهي هن ڪهڙن شخصن کي ڌيان ۾ رکي اِهو شعر لکيو هوندو، پر اُهو سندس زندگي ۽ شخصيت سان ته سؤ سيڪڙو ٺهڪندڙ آهي، ورهاڱي جي طوفان ۾ هڪ ننڍڙو نفيس ٻوٽو، گردشن ۽ لرزشن مان گذرندي، مهاجرا نه زندگيءَ جي ويرانن ۾ اَچي ڪريو ۽ اُن اَڄ اُيري اُسري پنهنجي رنگ وبو سان هند سنڌ کي واسي ڇڏيو آهي.

تمام ٿورا شخص هوندا آهن، جيڪي صرف پنهنجي علم، عقل، لياقت ۽ سچي محنت سان ڪم ڪندي وڏي عزت ۽ اِمتيازي درجو حاصل ڪندا آهن. اُها عزت دائما هوندي آهي ۽ عوام جي دلين تي نقش ٿي ويندي آهي. دادا هيرو ٺڪر اهڙي ئي عظيم ۽ پروقار شخصيت آهي، جنهنڪي سندس علمي ڪارجن، محققا نه مهارت ۽ سنڌ سان محبت سبب، ڀارت ۾ ته عزت جي نظر سان ڏنو ئي وڃي ٿو، پر اُن کان وڌيڪ عزت ۽ پيارڪين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڏنو وڃي ٿو ۽ پڻ اميريڪا، ڪئنادا ۽ برطانيه وغيره جون سنڌيت پرست تنظيمون کيس وڏي عزت ڏين ٿيون.

حيدرآباد سنڌ ۾ ڄاول هيرو ٺڪر پنهنجو ٻالپڻ ڪلياڻ ڪئمپ واري رفيوجي ڪالونيءَ ۾ گذاريو، جتي سنڌيءَ ۾ تعليم چالو رکيائين، سندس پتا جيڪو سنڌ ۾ گيهه جي فئڪٽري هلائيندو هو، سو ورهاڱي سبب سڀ ڪجهه وڃائي وينو ۽ ننڍيون ننڍيون نوڪريون به ڪيائين. سندس ماتا صاحب ڏيڍ روپئي جون ٻارهان خميصون سُبي ڪري، گهر خرچ ۾ مدد ڪندي رهي خود هيري به اِسڪولي زندگي، دوران ڪُلفيون ۽ ڪٽمنڙا وڪڻندي گهر خرچ ۾ مدد ڪئي ۽ آخر تعليم حاصل ڪري آل اِنڊيا ريڊيو ۾ براڊڪاسٽر جي شاندار عهدي تي پهتو.

هيري ٺڪر ساهتيڪ زندگيءَ جي شروعات ته شاعريءَ سان ڪئي، پر ريڊيو ۾



نوڪريءَ دوران هُن جو لاڙو تحقيق طرف مُڙيو، هن سنڌيءَ جي پهرئين صوفي شاعر قاضي قادن جو اڻلڀ ڪلام هٿ ڪري، اِدائي سال وڏي جاکوڙ ڪندي، اُن کي ”قاضي قادن جو ڪلام“ نالي سان روشنيءَ ۾ آندو. اُهو هڪ وڏو تاريخي ڪارنامو هو، جنهن سبب هند ۾ پر اُن کان گهڻو گهڻو وڌيڪ سنڌ جي ادبي حلقن ۾ ڄڻ ته طوفان مچي ويو، جو سنڌ جي اعليٰ ترين عالمن، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر سنديلو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سراج ميمڻ، تنوير عباسي ۽ ٻين گهڻن ئي اِن عظيم ڪارنامي جي خوش آمديد ڪندي، ’مهراڻ‘، ’نئين زندگي‘، ’پيغام‘، ’روح رهاڻ‘ ۽ ٻين متحد رسالن-مخزنن ۾ ساراهه جا ليک لکيا، جيڪو سلسلو ڏهاڪو سال هلندو رهيو، سنڌ جي ٻرک عالمن لکيو ته صديون پوءِ به، جيستائين سنڌي ٻولي ۽ ادب جون تاريخون لکجنديون رهيون، هيري ٺڪر جي اِن کوجنا جو ذڪر هميشه ٿيندو رهندو.

هيرو ٺڪر پهريون ۽ واحد سنڌي هندو آهي، جنهنکي پاڪستان جي مشهور سنڌ گرئجوئيٽ ائسوسئيشن ڪراچيءَ ۾ وڏي اُتسو ۾ پڳ پهرائي (دستاربنديءَ ڪري) سنمانت ڪيو. سنڌ سرڪار جي ڪلچر منسٽريءَ وارن کيس پنهنجي عظيم اوارڊ ’شاهه لطيف ايڪسيلنسي اوارڊ سان سنمانت ڪيو ۽ هو هڪ ئي ڀارتي سنڌي اديب آهي، جنهن سنڌ يونيورسٽي، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز سنڌ حڪومت جي ڪلچر منسٽريءَ طرفان ليڪچرن لاءِ دعوتن جي سلسلي ۾ ڏهه دفعا سنڌ جو دورو ڪيو آهي.

هڪ ٻيو اهم ڪارنامو، جيڪو هن صاحب سرانجام ڏنو آهي، سو آهي، ’برطانوي حڪومت دوران بندش هيٺ آندل سنڌي ديش ڀڳتي ساهتيه‘ لنڊن جي برٽش لئبرري، برٽش ميوزم ۽ نئشنل آرڪائيوزمان هٿ ڪري، اُهي رچنائون، جيڪي برطانوي حڪومت مٿان ڇٽانون بڻجي ڪريون هنيون. تن کي شايع ڪري ڀارت ۽ سنڌ جي عوام لاءِ پڌرو ڪرڻ ته اُهي سنڌين جي يوگدان تي فخر ڪن. ڀارت سرڪار جي ڪلچر منسٽريءَ اِن ڪم لاءِ هيري ٺڪر کي سينئر فيلوشپ به عطا ڪئي هئي.

ڪلاسيڪي سنڌي شاعري، سنڌي ٻولي ۽ اَدب، سنڌي اخبارنويسي، تاريخ ۽ تمدن تي هن صاحب جي دسترس کي سنڌ-هند ۾ مقبوليت مليل آهي ۽ اِنهن موضوعن تي هن بيشمار مضمون ۽ مقالا لکيا آهن، جيڪي سندس ڪتابن ’تحقيق ۽ تنقيد‘، ’اِنڊلٽ‘ ’سنڌي اخبارنويسي‘، ’روشن منار‘ وغيره ۾ شامل آهن. ’تحقيق ۽ تنقيد‘ کي اصلوڪي رچنا ۽ ’ڪرشنچندر جون ڪهاڻيون‘ کي ترجمي لاءِ ساهتيه



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

اڪادميءَ جا اوارڊ ملي چُڪا آهن، سندس ڏهن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ پيرومل مهرچند، سڳن آهوجا، هيرانند ڪرمچند جون جيونيون ۽ سنڌي پترڪارتا جي تاريخ تي منفرد ڪتاب به شامل آهن. هن کي سنڌي اڪادمي دهليءَ جو 'لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ'، 'سنڌو رتن'، 'ميرٽ اوارڊ' ۽ ٻيا بيشمار اوارڊ ملي چُڪا آهن.

شري هيري ٺڪر روزگار لاءِ آل اِنڊيا ريڊيو ۾ براڊڪاسٽر جو ڪم اختيار ڪيو هو. ريڊيو تان ٣٧ سالن لاءِ سنڌي ۾ خبرون نشر ڪندو رهيو ۽ اُتان اِنچارج طور رٽائر ڪرڻ کان پوءِ به اٽڪل ١٥ سالن تائين 'ڪامينٽريون'، 'اڄ جي ڳالهه' وغيره پروگرام نشر ڪندي، براڊڪاسٽنگ واري ڪم جي گولڊن جُبلي ملهايائين، جيڪا به تواريخ آهي. سندس براڊڪاسٽنگ جو انداز اهڙو هوندو هو، جو خاص ڪري سنڌ پاڪستان ۾ ريڊيو ٻڌندڙ، مڪاني ريڊيو، بي. بي. سي. ۽ وي. او. اي. وغيره کي ڇڏي، هن جي آواز ۾ هلندڙ خبرون ٻڌندا هئا. سنڌ جا ريڊيو شائق اڄ به سندس انداز کي وساري نه سگهيا آهن ۽ اُن جا اهڙا ته مشتاق آهن، جو جڏهن به سنڌ ۾ هجي ته 'آٽوگراف' وٺندڙن جا ميڙاڪا لڳيو وڃن.

سنڌي ٻولي، ساهت، سنسڪرتي کي نئين ٽهيءَ ۾ ڦهلائڻ تي هن صاحب خاص زورڀئي ڏنو آهي. اِن سلسلي ۾ هن صاحب 'سنڌي اخبار نويسيءَ جا ١٢٥ سال'، 'پراڻن دستخطن کي پڙهڻ جو علم'، 'سنڌي ڪلچر'، 'سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد'، 'هيرانند ڪرمچند' جهڙا يادگار سيمينار منعقد ڪيا آهن، جيئن نئين ٽهيءَ کي پنهنجي شانداروَرثي جي ڄاڻ پوي. اخبارنويسيءَ واري سيمينارجو سماچار ٽيليويزن ذريعي نشر ٿيڻ تي جڏهن ٻين ڀاشائن وارن کي خبرپئي ته آزاديءَ واري وقت 'هندستان' سنڌي اخبارجا هڪ ٻئي پنيان اٺ سمپادڪ جيل ۾ وڃڻ بعد به اخباربند نه ٿي ته گجراتي، مراٺي، تيلگو وغيره ٻولين جي اخبارن تقاضا ڪئي ته اِن بابت اسان کي مڪمل ليک ڇپڻ لاءِ موڪليو.

هند-سنڌ وچ ۾ ادبي ۽ ثقافتي لاڳاپن کي زوروٺائڻ لاءِ هو هميشه ڪوشان رهيو آهي ۽ اِن سلسلي ۾ به شانداراِنڊو-سنڌ سيمينار به ڪيا اٿائين جن ۾ سنڌي جي ڏهن کن برک ليکڪن عالمن ٻهروني پنهنجا مقالا پيش ڪيا آهن ۽ ٻنهي طرفين انهن سيمينارن کي ياد ڪيو ٿو وڃي.

مون ضروري سمجهو ته اهڙي انوکي ۽ تاريخي حيثيت واري شخصيت بابت،



books.sindhsalamat.com

هند-سنڌ جي برک اديبن طرفان لکيل ليکن ۽ سارونڻين کي ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪجي، جيئن هند جا ساهتيڪارسنڌ وارن ساهتيڪارن ۽ سنڌ جا اديب هند وارن اديبن طرفان هن بابت ظاهرڪيل ويچارن جي ڄاڻ پوي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڀارت ۽ سنڌ جي نئين ٽهيءَ وارن اديبن ۽ فنڪارن کي سنڌ، سنڌي ٻولي، ساهت ۽ ثقافت سان پيارڪندڙ سنڌ جي هن سُپاٽ بابت وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي.

جناب هيري ٺڪر جيون-فن ڪاريه شخصيت تي سنڌ-هند جي برک اديبن، محققن، صحافين ۽ دانشورن طرفان قلم بند ڪيل معياري، عمدا ليک، مضمون، مقالا هن ڪتاب جي سونهن آهن. شري هيرو ٺڪر سنڌ، هند جي جي اديبن، عوام جو دلارو، پيارو، عزت بخش رهيو آهي ۽ نت هند-سنڌ جي اديبن، ادب کي جوڙيندڙ پل بڻيو آهي ۽ ٻنهي ملڪن جي اديبن-فنڪارن جون محبتون پيار، مڃتا حاصل ڪيون آهن. اُن جو ثبوت آهي هيءُ ڪتاب، جنهن ۾ سنڌ-هند جي اديبن خوشيءَ سان سڌ - اونائي وقت سر رچنائون موڪلي هن ڪتاب جي سونهن، معيار ۽ گوناگونيت کي وڌايو آهي. دستاويزي، تواريخي ۽ مددي بڻايو آهي. هيءُ هند-سنڌ جي اديبن جي حب، پيار، محبت، سڪ ۽ عزت جو دستاويزي ڪرڻ آهي.

مان سنڌ - هند جي اديبن-قلم ڪارن جو، دل جي گهراين سان شڪرگذاري مڃيان ٿو، جن منهنجي نيندکي مان ڏيئي رچنائون موڪليون ۽ ڪتاب جو معيار وڌائي منهنجي سونهپ ڪئي.

مان شڪرانا بجا آڻيان ٿو راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد نيو دهليءَ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر پرتاب پنجاڻي صاحب ۽ بانيڪارن جو جن هن ڪتاب جي لاءِ مالي امداد جو هٿ وڌائي ڪتاب کي ڏينهن جي روشنيءَ ۾ آڻڻ ۾ مدد روپ بڻيا.

سنڌ-هند جي اديبن جو هيءُ گڏيل تحفو ٻنهي ملڪن جي سنڌي ادبي تواريخ ۾ هڪ اِضافو ثابت ٿيندو ۽ نئين ٽهيءَ جا ڪوجنيڪ، برک اديب هن ڀهوڳٽي شخصيت سان نه صرف روبرو ٿيندا پر اپياس سان گيان حاصل ڪري پنهنجي عظيم ورثي تي فخروني سگهندا، اَهڙو پڪو وشواس آهي.

توهانجي قيمتي، راين، سجهاون، صلاحن جي آجيان ڪجي ٿي.



www.sindhsalamat.com

# قاضي قادن جي شاعري ۽ اُن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو (شري هيرو ٺڪر جي نظر ۾)

**- پروفيسر غلام علي الانا**

مون کي اُن ڳالهه جو احساس آهي ته منهنجو هي مضمون تمام گهڻو دير سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي جو مون کي اُن ڳالهه جو احساس آهي ته منهنجو هي مضمون تمام گهڻو ڏگهو ٿي ويو آهي پر هن مضمون ۾ بحث هيٺ آندل موضوع کي واضع ڪرڻ لاءِ قابل احترام محقق، شري هيري ٺڪر جي هن لاجواب تحقيق، 'قاضي قادن جو ڪلام' (سنڌ ۾ اُن جو اپياس) ۾ سندس طرفان بيان ڪيل نڪتن جي صحيح جائزي جي باري ۾ پوري معلومات ملي نه سگهي ها، اهو ئي سبب آهي جو منهنجو هي مضمون گهڻو ڏگهو ٿي ويو آهي.

(الف) پارتواسي وڏي سنڌي ودوان، محقق ۽ نقاد، شري هيري ٺڪر جي لاءِ منهنجي دل، هميشه وڏي ادب، احترام ۽ محبت وارن جذبن ۽ احساسن سان پريل رهي آهي، جيتوڻيڪ اسين ٻئي، پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ روبرو شايد ڪي چار يا پنج دفعا مس مليا هونداسين. اسان جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه خط و ڪتابت يا ٽيليفون تي ڪڏهن ڪو رابطو نه رهيو آهي، پر هن جهڙي اعليٰ هيري، هنڌ جهڙي مها ودوان، محقق ۽ نقاد، هنڌو نيڪ ۽ آدرشي اِنسان جيڪو هر ٻئي اِنسان سان هميشه ادب، احترام، پيار ۽ پاٻوهه سان پيش ايندو هجي، جنهن جي شخصيت، سنڌي علم ادب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جي ميدان ۾ هند توڙي سنڌ ۾ پنهنجو اعلي مقام ۽ حيثيت رکندي هجي، اهڙي اعلي معيار ۽ مقام واري ودوان جي لکيل ڪنهن به ادب پاري جي باري ۾ ڪجهه به لکڻ لاءِ منهنجي ڪمزور قلم ۾ نه ڪا طاقت اهي ۽ نه ئي وري آءٌ ڪا اهڙي لياقت ئي رکان ٿو.

(ب) شري هيري ٺڪر پنهنجي هن اعلي معيار ۽ مقام واري جڳ مشهور تحقيق، 'قاضي قادن جو ڪلام' کان سواءِ، وقت به وقت، تصوف، ويدانت، ڀڳتي مت ۽ ناٿ پنٿ جي فلسفي جي سکيا کان سواءِ، 'لطيف شناسي' واري موضوع تي به تمام سنا، معلوماتي ۽ معياري مضمون ۽ تحقيقي مقالا لکي، پاڻ کي هند توڙي سنڌ ۾ هڪ بهترين محقق ۽ نقاد جي حيثيت ۾ مڃرايو آهي.

اُن کان سواءِ سنڌ سرڪار جي ڪلچر ڊپارٽمينٽ طرفان، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي هر سال ڪوٺايل ادبي ڪانفرنس ۾ به شايد ڪي ٻه ٽي دفعا



شري هيري ٺڪر کي به شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو. اهڙي موقعي تي سندس طرفان پيش ڪيل تحقيقي مقالن ٻڌڻ جي سعادت مون کي به نصيب ٿي آهي.

هن ودوان ۽ محقق جا لکيل تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا ۽ مضمون گهڻو ڪري ڀارت مان نڪرندڙ سنڌي رسالن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن جن تائين مون جهڙي مالي طور ڪمزور ۽ خاموش شخص جي بلڪل ڪابه رسائي ڪانهي، انهيءَ ڪري آءٌ اهو اعتراف ٿو ڪريان ته مون شري هيري ٺڪر جهڙن مهاودوان، محقق ۽ نقادن کي تمام گهٽ پڙهيو آهي. البت ڀارت مان شايع ٿيندڙ سنڌي رسالن مان فقط 'سنڌو' ۽ 'ڪونج' ئي اهڙا رسالا آهن جن مان به 'سِپوُن' رسالو جيڪو پهرين منهنجو پيارو دوست، شري ٺاڪر چاولا مون کي باقاعدگيءَ سان موڪليندو رهندو هو ۽ شري ٺاڪر چاولا جي هن جهان مان لڏي وڃڻ کان پوءِ هاڻ منهنجي نياڻي شريمتي شوپا لالچندانيءَ اهو سلسلو قائم رکيو آهي ۽ مون کي سِپوُن رسالي جو هر پرچو باقاعدگيءَ سان موڪليندي رهي آهي. ڏٺي سائين منهنجيءَ هن نياڻيءَ کي سدائين خوش رکي ۽ آباد رکي، اهڙيءَ طرح ڀارت مان ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ڊاڪٽر جيني لالوانيءَ ۽ ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ کان سواءِ ڪڏهن-ڪڏهن ڊاڪٽر رام جواهراڻي به پنهنجا ڇپيل ڪتاب مون کي موڪليندا رهندا آهن. انهن پيارن کان سواءِ منهنجو پٽ، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي به هر وڏي ڏڻ تي ٽيليفون ذريعي مون کي هميشه ياد ڪندو رهندو آهي. ڏٺي انهن سيني پيارن ساٿين کي هميشه خوش رکي.

(ت) ڪافي عرصي کان وٺي منهنجي، منهنجي نوجوان ساٿيءَ، ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ سان فون تي 'صبح جي نمستي' جو سلسلو جاري رهيو آهي. ڊاڪٽر گولاڻي صاحب جا سنڌ ۾ ٻين به ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن سان رابطا قائم آهن.

ڊاڪٽر گولاڻيءَ ڪافي وقت کان وٺي مون کي هميشه ٽيليفون مٿان ٽيليفون ڪندو رهيو آهي ته آءٌ شري هيري ٺڪر جي ڪيل تحقيق جي ڪنهن به وشيه تي ڪيس ڪو ننڍو ئي صحيح پر ڪو مضمون ضرور لکي موڪليان، جيڪو هو، شري هيري ٺڪر جي باري ۾ پنهنجي نئين ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جو اِرادو رکي ٿو.

جيئن مون اڳ ۾ به عرض ڪيو اهي ته شري هيري ٺڪر جهڙي مها ودوان ۽ محقق جي باري ۾ لکڻ منهنجي لاءِ ڪنهن پهاڙ جي کوٽڻ جي برابر آهي، پر ڊاڪٽر گولاڻيءَ جي گهڻيءَ حجت تي آخر آءٌ سوچڻ لڳس ته هنڌي اعليٰ معيار ۽ مقام واري محقق ۽ نقاد جي ڪنهن تحقيق جي باري ۾ آءٌ ڇا لکان؟



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

(ت) ڊاڪٽر گوالاڻيءَ جي بار-بار حڪم تي نيٺ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ مون فيصلو ڪيو تہ شري هيري ٺڪر جي جڳ مشهور تحقيق ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي حوالي سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکان، پوءِ مون منهن جيءَ نياڻيءَ پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز کي گذارش ڪئي تہ هوءَ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان شري هيري ٺڪر جي تحقيق ’قاضي قادن جو ڪلام‘ اُڌارو وٺي موڪلي ڏي. ڊاڪٽر نور افروز وري سنڌي شعبي جي سنڌس هڪ پراڻي ساٿيءَ، محترم سيد نور احمد شاهہ تي اهو ڪم رکيو. محترم نورُ احمد شاهہ صاحب مهرباني ڪري ٻئي ڏينهن تي مون کي شري هيري ٺڪر جي ڪيل تحقيق کانسواءِ ساڳئي موضوع تي عزت ماب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڇپيل تحقيق ’قاضي قادن جو رسالو‘ جي ڪاپي بہ منهنجي گهر پهچائي ويو. محترم سيد نور احمد شاهہ مون کي شري هيري ٺڪر جي ڪيل تحقيق جو اُهو ڇاپو پهچايو هو جيڪو ڪنڊياري شهر جي ’روشني پبليڪيشنِ‘ طرفان ١٩٩٩ع ۾ شايع ڪيو ويو هو جڏهن تہ شري هيري ٺڪر جي تحقيق جو پهريون ڇاپو، دهليءَ مان ١٩٧٨ع ۾ ’پوجا پبليڪيشن‘ طرفان ڇپايو ويو هو، ٻنهي ڇاپن ۾ ڪهڙو فرق آهي اِهو آءٌ چئي نٿو سگهان.

(ث) شري هيري ٺڪر جي هن تحقيق تي سرسري نظر وجهڻ وقت مون کي ياد آيو تہ سال ١٩٥٨ع ڌاري مون پي.ايڇ.ڊي. ڊگريءَ لاءِ لکيل پنهنجي ٿيسز کانسواءِ منهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي‘ ۾ ڀارت جي اڳوڻين رياستن، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ، مارواڙ، ميواڙ، جوڌپور ۽ جيسلمير سان قديم سنڌ جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي رشتن ۽ ناتن جي باري ۾ ذڪر ڪندي مون هڪ هنڌ اهو بہ ڄاڻايو هو تہ سنڌ تي عربن جي حڪومت شروع ٿيڻ (٧١٢ع) کان بہ ڪئين صديون اڳ، سنڌ جا پنهنجي پاڙيسري رياستن سان گهاٽا ادبي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي رشتا ۽ ناتا رهيا آهن. اُنهن رشتن ۽ ناتن جي ڪري ٻنهي حصن کان ڪيترن سنتن، سالڪن، سگهڙن ۽ شاعرن جو ٻنهي حصن ۾ لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا جي مجلسن ۽ معرڪن کان سواءِ ميلن ۽ ملاکڙن جي موقعن تي هڪ ٻئي اچڻ ۽ وڃڻ جا رشتا ۽ ناتا رهندا هئا. ممڪن آهي تہ اُن زماني ۾ انهن ٻنهي حصن مان ڪي سنت، سگهڙ ۽ شاعر انهن ٻنهي حصن مان لڏي، هڪ ٻئي جي خطن جي ڪن بستين ۾ اَچي آباد ٿيا هجن ۽ خاص ڪري ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ راجستان جيسلمير، جوڌپور، ميواڙ، مارواڙ ۽ باڙميڙ وغيره رياستن جي راجائن ۽ رجواڙن



books.sindhsalamat.com

جي سرڪاري ادبي ذخيرن ۾ يا اُتي جي ڪن راڄن جي چڱن مڙسن جي خانگي اَدبي ذخيرن ۾ ڪو اهڙو ادبي مواد موجود هجي جيڪو ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويل سنڌي جاتيءَ جي اديبن ۽ ودوانن کان اوجهل رهيو هجي ڇاڪاڻ تہ اڄ بہ سوين سالن جي وڏي عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، انهن رياستن ۾ پراڻي زماني کان آباد سنڌي جاتي، هندو توڙي مسلمان، پنهنجيءَ روزمره جي زندگيءَ ۾ پنهنجي سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي يا وڻج واپار واري وهنوار کانسواءِ لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا وارين سرگرمين ۽ ثقافتي طور طريقن کي اڄ بہ قائم رکيو اچن. پڙهندڙ کي شايد اهو بہ معلوم هجي تہ راجستان جي خاص ڪري مارواڙ رياست کان سنڌ ۾ سوين سال اڳ لڏي آيل هنرمند قوم، سلاوٽ جا اڄ بہ هزارن جي تعداد ۾ هنرمند ماڻهو، ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن ۾ آباد آهن جيڪي اڄ بہ پٿر تي آڪر جي هنر جا وڏا ڪاريگر مڃيا ويندا آهن، ساڳيءَ طرح شري هيري ٺڪر جي هن تحقيق ۾ ضميمي ’ج‘ واري حصي ۾ محترم سراج جو خط بہ شامل ڪيو ويو آهي. اُن خط ۾ سراج صاحب بہ ساڳي اُها ئي راءِ ڏني آهي، جهڙي راءِ منهنجي بہ هئي جنهن جو آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. سراج صاحب پنهنجيءَ راءِ ۾ اهو لکيو آهي تہ:

”منهنجو اهو پڪو وشواس آهي تہ سنڌي ادب جو وڏو حصو، ديوناگري لپيءَ ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ، ممبئي، بڙودا ۽ احمد آباد وغيره پاسي موجود آهي، خاص ڪري بڙودا يونيورسٽيءَ جي قلمي نسخن ۾ ڪيترن ئي يورپي ماهرن سنڌيءَ جا قلمي نسخا ديوناگريءَ ۾ لکيل ڏٺا آهن. اُنهن مان هڪ ماهر کي آءٌ ذاتي طرح سڃاڻان ۽ سائنس خط و ڪتابت بہ ڪندو رهيو آهيان.“ (ص ٢٠٩)

(ج) سال ٢٠٠۴ع ۾ دهليءَ ۾، سنڌي جاتيءَ طرفان، هڪ انٽرنئشنل ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي جنهن ۾ ڀارت جا تہ سوين اديب، نقاد، محقق ۽ شاعر شريڪ ٿيا هئا. اُنهيءَ ڪانفرنس ۾ سنڌ مان بہ ويهارو کن اديبن، شاعرن، محققن، نقادن ۽ ڪن صحافين کي بہ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيئي دهلي گهرايو ويو هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي سعادت، شري هيري ٺڪر جي معرفت مون کي بہ نصيب ٿي هئي. اُنهن ئي ڏينهن ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ طرفان ڪوٺايل ٽن ڏينهن جي هڪ سيمينار ۾ منهنجي پٽ ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ مون کي بہ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏيئي ممبئي گهرايو هو.

دهليءَ واريءَ اُن ڪانفرنس کان ڪافي زمانو اڳ، شايد سال ١٩٨٥ع ڌاري



www.sindhsalamat.com

مون منهنجي ياءُ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ سان گڏ راجستان ۾ جيسلمير ۽ گجرات جي ڪڇ واري خطي ۾ آباد هزارن جي تعداد ۾ سنڌي جاتيءَ جي ڪن سگهڙن ۽ شاعرن سان ملاقات ڪئي هئي جن جا ڪٽنب، صدين کان ڀارت جي انهن پراڻين رياستن ۾ آباد رهندا ٿي آيا. انهيءَ ڪري دهليءَ واريءَ ڪانفرنس ۾ مون پنهنجو پاڻ کان اهو سوال پڇيو تہ ’ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟‘

منهنجي انهيءَ سوال کي عنوان بنائي پوءِ مون ساڳئي سال يعني ۲۰۰۴ع ۾ هڪ طويل مضمون لکيو جيڪو پوءِ مون سِپوُن رسالي ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ياءُ ناڪر چاولا کي موڪلي ڏنو. ياءُ چاولا صاحب مهرباني ڪري منهنجو اُهو مضمون سپوُن رسالي ۾ شايع بہ ڪيو. مون کي معلوم نہ آهي تہ منهنجي اُن مضمون جو ڀارت ۾ ورهاڱي کان پوءِ لڏي ويل ۽ اُتي آباد سنڌي جاتيءَ تي ڪهڙو اثر ٿيو هو، پر اُنهيءَ ئي زماني ۾ ڀارت مان منهنجي ياءُ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ شري جينت ريلواڻيءَ، ڊاڪٽر جيني للواڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻيءَ، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ ۽ شري پريتم ورياڻيءَ جا هڪ ٻئي پٺيان سنڌو رسالي ۾ ڇپيل مضمونن کان سواءِ، سنڌن لکيل معلوماتي ڪتاب پڻ شايع ٿيا. انهن مضمونن ۽ ڪتابن ۾ ڏنل مواد جي شايع ٿيڻ ڪري ڀارت ۾ انهيءَ سوچ گهڻو زور ورتو تہ سنڌي ڀارت جي اولهہ واري حصي ۾ ڪن رياستن ۾ صدين کان آباد رهندي آئي آهي جنهن پنهنجيءَ روزمره جي زندگيءَ ۾ پنهنجيءَ مادري ٻولي، سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ پنهنجيءَ سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين، لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا جي مجلسن ۽ معرڪن ۽ پنهنجيءَ زندگيءَ جي هر سرگرميءَ ۾ جاري رکيو آهي.

۲. پنهنجيءَ هن تحقيق، ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي مهاڳ ۾ شري هيري ٺڪر لکيو آهي تہ : ’’هڪ ڏينهن آڪاش واڻيءَ تي اها خبر آئي تہ ڀارت جي هرياڻا صوبي جي هڪ ڳوٺ راڻيلا جي ويجهو هڪ مٺ (مڙهيءَ) مان پنج هزار سال اڳ جي شاعر ’قاضي قادن‘ جي بيتن جو وڏو ذخيرو هٿ آيو آهي جيڪو ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ موجود آهي.‘‘

آڪاش واڻيءَ تي نشر ٿيل اها خبر ٻڌي منهنجي (شري هيري ٺڪر جي) ذهن ۾ جيڪا ڪيفيت پيدا ٿي، اُن جي باري ۾ هن پنهنجيءَ هن تحقيق جي صفحي ۲۲ تي هنن لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي : ’’من ۾ اُٿل ٿِي جاڳي تہ اُن بابت وڌيڪ خبر حاصل ڪريان تہ بيتن ۾ ڇا چيل آهي، اُنهن جي ٻوليءَ جو شاعراڻو روپ



وغيره ڪيئن آهي؟‘‘ (ص-۲۲) ساڳئي صفحي تي هو (شري هيرو ٺڪر) اڳتي لکي ٿو تہ : ’’منهنجي اُها اُٿل ٿِي تڏهن ختم ٿي جڏهن راڻيلا ڳوٺ جي جنهن رهاڪوءَ شري راجا رام شاستريءَ کي قاضي قادن جا اُهي بيت هٿ آيا هئا سو خود، منهنجيءَ تلاش ۾ دهليءَ ۾ آڪاش واڻيءَ تي، هڪ گهر جانوءَ جي حيثيت ۾ مون سان ملڻ آيو‘‘ (ص-۲۲).

اُن کان پوءِ، شري راجا رام شاستريءَ ۽ شري هيري ٺڪر جي وچ ۾ راجا رام شاستريءَ کي هٿ آيل اُن دستخط جي باري ۾ ٿيل ڳالهين جي سلسلي ۾ احوال شري هيري ٺڪر جي بياني، سندس هن تحقيق ۾ صفحي ۲۲ ۽ صفحي ۲۳ تي پڙهي سگهجي ٿو.

شري هيري ٺڪر کي شري راجا رام شاستريءَ کان مذڪور دستخط جي فوٽو اِسٽيٽ ڪاپي ملڻ کان پوءِ هن (شري هيري ٺڪر) پنهنجيءَ دلي ڪيفيت جو اظهار صفحي ۲۳ تي هيٺ ڏنل لفظن ۾ ڪيو آهي. لکي ٿو تہ :

’’تنهن ڏينهن کان اڄ تائين، قاضي قادن جي بيتن جي سوٽ جو ڪم منهنجي روزمره جي زندگيءَ جو اڻوٽ حصو بڻجي پيو آهي، بيت، دماغ ۾ ڪٽي پيو گهمندو هوس. اُٿندي ويهندي، اُنهن جي اکر اکر ۽ لفظ لفظ تي پيو غور ڪندو هوس ۽ اُنهن جون وڌيڪ ۽ وڌيڪ موزون پڙهڻيون ڪڍڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو رهيس. ڏيڍ پوڻن ٻن سالن جي پورهئي بعد بيتن جو هي روپ طئہ ڪري بيهاريو اٿم جو توهان جي اڳيان پيش آهي.‘‘ (ص-۲۳)

قابل احترام محقق، ساڳئي صفحي تي اڳتي پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ لکي ٿو :

’’شاهہ لطيف ۽ ٻين اساسي شاعرن جو وري اڀياس ڪري، قاضي قادن جي ٻوليءَ تي اُن زماني جي ٻوليءَ جي حوالي ۾ بہ غور ڪيم، بيتن جون معنائون ۽ شرح لکيم، هنديءَ جي ٻين سنت ڪوين جي ڪلام جي قاضي قادن جي ڪلام سان ڀيٽ ڪندي، هر بيت تي ويهن پنجويهن سٽن ۾ ٽيڪا بہ لکيم.‘‘ (ص-۲۳)

۳ (الف) شري هيري ٺڪر جي هن تحقيق ۾ شامل مواد بابن جي ترتيب :

شري هيري ٺڪر پنهنجيءَ هن تحقيق جي بابن جي ترتيب هيٺ موجب رکي آهي :

۱. قاضي قادن جي نالي بابت صفائي

۲. قاضي قادن جي شاعريءَ بابت



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

٣. دستخط ۽ اُن جي ملڻ جي هنڌ بابت حقيقتون
۴. گرنٿ ۽ بيتن جي سند
۵. قاضي قادن جي زندگيءَ بابت
٦. قاضي قادن جي شاعري
٧. قاضي قادن جا ١١٢ ناياب بيت
٨. قاضي قادن جي شعر جي ٻولي
٩. قاضي قادن جي ڪلام جو سنڌ ۾ اپياس

ضميمو : الف

هن ضميمي ۾ هيٺ ڄاڻايل عنوانن وارا مضمون شامل آهن :

- قاضي قاضن يا قاضي قادن : ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘
- مهدي جونپوري ۽ قاضي قادن، ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

ضميمو : ب

هن ضميمي ۾ هيٺ ڄاڻايل عنوانن وارا مضمون شامل آهن :

- قاضي قادن جو ڪلام- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
- قاضي قاضن ۽ اُن جي شاعري-ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘

ضميمو : ج

هن ضميمي ۾، سراج ميمڻ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جا خط شامل آهن :

- ٻه علمي خط
- قاضي قاضن جو ڪلام- سراج
- قاضي قادن جو ڪلام- تنوير عباسي

(ب) شري هيري ٺڪرجي هن تحقيق جي مٿي ڄاڻايل بابن جي فهرست جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ضميمي الف، ب ۽ ج ۾ ’قاضي قادن جي ڪلام جو سنڌ ۾ اپياس‘ جي عنوان هيٺ، سنڌ جي وڏن محققن، جهڙوڪ : ڊاڪٽر سنديلي، ڊاڪٽر ميمڻ عبد المجيد ’سنڌي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي قريشيءَ جي لکيل مضمونن ۽ محترم سراج ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي لکيل تحقيقي مضمونن ۽ خطن کان سواءِ خود شري هيري ٺڪرجي بيان ڪيل نڪتن جي مطالعي مان هن تحقيق جي باري ۾ ڪيترائي اهم نقطا سامهون اچن ٿا جن جي باري ۾ وڌيڪ تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تحقيقي جائزي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. مناسب ٿيندو تہ سنڌ جو



ڪوبہ علمي، ادبي ۽ تحقيقي ادارو، شري هيري ٺڪرجي هن جڳ مشهور تحقيقي جائزي جو مطالعو ڪرائي ۽ رهجي ويل عنوانن جي باري ۾ تفصيلي جائزو شايع ڪرائي پر اهو ڪم ڪنهن هڪ محقق جي حوالي ڪرڻ جي بدران محققن جي ڪا ٽيم ناهي اهو تحقيقي جائزي جو ڪم اُن جي حوالي ڪيو وڃي.

(ت) شري هيري ٺڪرڪي، شري راجا رام شاستريءَ جي معرفت هٿ آيل مذڪور پراڻي گرنٿ جي دستخط جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپيءَ ۾، قاضي قادن جي بيتن جي پڙهڻين ۽ اُنهن جي سوڌ ۽ سمجهاڻيءَ کان سواءِ پنهنجيءَ هن تحقيق ۾، قاضي قادن جي شاعريءَ تي تصوف، ويدانت ۽ ڀڳتي مت جو اثر بيان ڪندي جن نون نڪتن طرف اِشارا ڪيا آهن ۽ اِن سلسلي ۾ جيڪا نئين ڄاڻ ڏني آهي، اُن سلسلي ۾ مڪمل معلومات هن وقت تائين صرف ۽ صرف شري هيري ٺڪرجي هن تحقيق مان ئي معلوم ٿي سگهي آهي.

(ث) مون اڳ ۾ بہ اِهو عرض ڪيو آهي تہ شري هيري ٺڪر، قاضي قادن جي ڪلام جي ڪيس هٿ آيل دستخط جي باري ۾ ڪيل تحقيق جي صفحي ٣٣ تي، قاضي قادن جي ڪلام جي باري ۾ هيٺ موجب ڄاڻ ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ :

’’قاضي قادن جا اهي ١١٦ ناياب بيت (منهنجيءَ ڇنڊ ڇاڻ بعد ١١٢ بيت قاضي قادن جا بيهن ٿا) جيڪي هرياڻوي ۽ هنديءَ جي ليکڪ شري راجارام شاستريءَ کي هرياڻا صوبي ۾ راٿيلا نالي ڳوٺ جي ويجهو هڪ ننڍي ڳوٺ جي مٺ (مڙهيءَ) مان هٿ ڪيل ’سنتون ڪي واڻي‘ نالي گرنٿ ۾ نظر چڙهيا‘ (ص- ٣٣)

شري هيرو ٺڪر ساڳئي صفحي تي اڳتي ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ جي باري ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ :

’’راٿيلا واري مٺ (مڙهيءَ) جي استاپنا، دادو پنٿ جي سنت هريداس، ١٧٢٣ع ۾ ڪئي هئي، سنت هريداس، وئشنو ڌرم جي مهايوگيشور سوامي نتانند جو همعصر هو، جنهن لاءِ پرسڌ آهي تہ سنبت ١٨٥٦ يعني ١٧٩٩ع ۾ راٿيلا جي ڀر واري هڪ ايراضيءَ ۾ سماڌي ڌارڻ ڪئي هئي.‘‘ (ص- ٣٣ ۽ ٣۴).

’سنتون ڪي واڻي‘ نالي اهو گرنٿ جنهن ۾ قاضي قادن جا اهي ناياب بيت شامل آهن، اُن جي باري ۾ شري هيري ٺڪر صفحي ٣٦ تي تفصيلي معلومات ڏني آهي، هو لکي ٿو تہ :

’’سچو گرنٿ، پراڻي ديوناگري لپي (رسم الخط) ۾ لکيل اهي جنهن جا ڪيترائي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اکر هاٿوڪي ديوناگري لپيءَ کان نرالا آهن، مثال طور دستخط ۾ ’پ‘ ۽ ’ت‘ ۽ ’ڄ‘ وغيره اکرن لاءِ هاٿوڪي ديوناگريءَ کان بنهه نرالا اکر ڪم آيل آهن، بيتن جي لفظ- لفظ وچ ۾ ڪابه وٿي نہ آهي، سڄو بيت هڪ ئي لڪير (شرو ريکا) هيٺ هلي ٿو جنهن ڪري گرنٿ ۾ سمايل واڻيءَ جو صحيح روپ طئہ ڪرڻ ڏکيو بڻجي ٿو پوي.

سنڌي بيتن جي حالت ۾ اهو ڪم تهائين ڏکيو ٿو لڳي جو تہ پراڻي ديوناگري لپيءَ ۾ ڪن مخصوص سنڌي آوازن جهڙوڪ : ’ڳ‘، ’ڄ‘، ’ڏ‘، ’ٻ‘ ۽ عربيءَ جي سنگهرشي آوازن، ’خ‘، ’غ‘، ’ظ‘ ۽ ’ض‘ جي برابر اکر نہ هجڻ سبب، گرنٿ جي لکندڙ، اُنهن آوازن سان مشابهت رکندڙ آوازن جي عيوضي پٽو ڪندڙ الڳ الڳ قسم جي اکرن کي ڪم آندو آهي، جنهن ڪري سنڌي بيتن جو صحيح روپ طئہ ڪرڻ ڏکيو بڻجي پيو آهي. اُن جو ڪارڻ شايد اِهو بہ هجي تہ جيئن ظاهر آهي تہ بيت ڪنهن غير سنڌيءَ، ڪنهن سنڌيءَ کان ٻڌي لکيا آهن، ان ڪري اُهي صحيح هجي سان قلمبند ٿي نہ سگهيا آهن.“ (ص ۳۶ ۽ ۳۷).

۴ (الف) ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ ۾ بيتن جي ترتيب :

پنهنجيءَ هن تحقيق جي صفحي ۳۷ تي، ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ اندر شامل بيتن جي ترتيب جي باري ۾ شري هيرو ٺڪر لکي ٿو تہ : ”ڪتاب جي شروعات، دادو ديال جي واڻيءَ سان ٿئي ٿي. اُن بعد ڪبيرجي ۽ اُن کان پوءِ نامديو ڀڳت جي واڻي آهي. قاضي قادن جا بيت ڪتاب جي پوئين اڌ ۾ ڏنل آهن. قاضي قادن جي بيتن کان يڪدم اڳ، پنجابي شاعر شاهہ حسين جا بيت آهن ۽ قاضي قادن کان پوءِ گرونانڪ جي واڻي (جپ صاحب) ڏنل آهي.“ (ص-۳۷) قاضي قادن جي بيتن جي داخلا جي باري ۾ قابل احترام محقق، صفحي ۳۷ تي لکي ٿو :

”قاضي قادن جي بيتن جي شروع ٿيڻ کان اڳ، ٻاڙهيءَ مس سان لکيل آهي تہ : ”ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي (سنڌي) اوريي سادان کي ساکي ايکٽي‘. بيتن جي پوري ٿيڻ تي هڪ سو اُٺويهين نمبر بيت بعد لکيل آهي : ’ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي سمپورڻ سماپت‘ (ص-۳۷).

شري هيرو ٺڪر ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ ۾ ٻين سنت ڪوين جي شاعري شامل هجڻ جي باري ۾، صفحي ۳۸ تي اُنهن ۶۹ سنت ڪوين جي نالن جي فهرست بہ ڏني آهي، جيڪا اُن صفحي تان پڙهي سگهجي ٿي.

۵. شري هيري ٺڪر جي هن تحقيق جي باري ۾ ڪن محققن جا رايا :



سنڌ ۾ شري هيري ٺڪر جي هڙئي لاجواب تحقيق جي باري ۾ عالي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سراج الحق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر حامد علي خانائي قريشيءَ پنهنجا رايا ڏنا آهن، اُنهن راين کي قابل احترام محقق، پنهنجيءَ هن تحقيق سان ضميمن جي صورت ۾ شامل ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح ڀارت ۾ بہ ڀارت جي وڏن سنڌي ودوانن شري جئرامداس دولترام ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ڏنل رايا بہ هن تحقيق ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجيءَ تحقيق ’قاضي قادن جو رسالو‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ :

”سمن واري دؤر جي وڏي عالم ۽ صوفي شاعر قاضي قادن جا سنڌ ۾ مختلف وسيلن ذريعي صرف ست بيت موجود هئا، جڏهن تہ ائين سمجهيو پئي ويو تہ هن بزرگ تمام گهڻو ڪلام چيو هو جيڪو ادبي خزينن ۾ گم ٿي ويو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪنهن کي بہ اِهو گمان ۾ نہ هو تہ هن بزرگ جو ڪلام سنڌ کان وڏي مفاصلي تي دور هندستان جي هرياڻا رياست جي ڳوٺ راٺيلا ۾ دادو پنٿي ڀڳت هرداس جي مٺ (مڙهيءَ) ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل ڪتاب ’سنتون ڪي واڻي‘ ۾ هڪ باب ۾ قاضي قادن ۽ ٻين سالڪن ۽ سنتن جا بيت ۽ دوها لکيل هئا، اُن ۾ محفوظ هوندو. اُهو باب شري هيري ٺڪر موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي عنوان سان ۱۹۷۸ع ۾ دهليءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو (مهاڳ : ص-۱)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي ساڳئي صفحي تي لکي ٿو تہ : ”راجارام شاستريءَ جو راٺيلا جي مٺ ۾ سانديل ڪتاب ’سنتون ڪي واڻي‘ ۾ قاضي قادن جي بيتن وارو باب ڳولهي لهڻ ۽ پوءِ هيري ٺڪر جو اُن کي سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنواري شايع ڪرڻ، قاضي قادن جي بيتن جي ڳولها لاءِ نيڪ فال بنيا‘ (مهاڳ : ص-۱)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ساڳئي سلسلي ۾، پنهنجي لکيل مهاڳ جي صفحي ۲ تي لکي ٿو : ”شاهہ عبدالڪريم پنهنجي سلوڪ جي محفلن ۾ تصوف جي ڳوڙهن رازن ۽ ٻين نصيحت آميز موضوعن جي سمجهاڻي ڏيندي، پنهنجا ۽ ٻين سالڪن جا بيت فقيرن آڏو پڙهيا جيڪي پوءِ سندس مريد، محمد رضا، ’بيان العارفين‘ ۾ ملفوظات طور قلمبند ڪيا. اُنهن ۾ ست بيت اهڙا هئا جن بابت نالو وٺي چيائين تہ اهي قاضي قادن جا آهن، هڪ وڏي عرصي تائين اهي ست بيت ئي قاضي قادن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جي نالي سان سنڌ جي عالمن ۽ اديبن آڏو رهيا ۽ ٻئي وڏيڪ ڪلام بابت ڪنهن کي بہ ڪا ڄاڻ ڪانہ هئي، تان جو هندوستان ۾ اوڀر پنجاب جي اديب، راجارام شاستريءَ صوبي هرياڻي جي ڳوٺ راڻيلا ۾ دادو پنٿي ڀڳت هرداس جي مٺ (مڙهيءَ) ۾ ڳرمکيءَ ۾ لکيل قلمي ڪتاب ’سنتون ڪي واڻي‘ ڏٺو جنهن جي هڪ باب ۾ قاضي قادن ۽ ٻين اڳين سالڪن ۽ سنتن جا بيت ۽ دوها لکيل هئا. اهو باب پوءِ سنڌي اديب، هيري ٺڪر، سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي عنوان سان سنہ ۱۹۷۸ع ۾ دهليءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.‘ (مهاڳ : ص-۱).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، اڳتي پنهنجي ساڳئي مهاڳ ۾ صفحي ۲ تي لکيو تہ : ”ايترن سارن بيتن جو دستياب ٿيڻ، قاضي قادن تي نئين سر تحقيق لاءِ هڪ پيغام هو‘ (مهاڳ ص-۲)

۵. شري هيري ٺڪر جي هن تحقيق جو مهاڳ، ڀارت جي هڪ وڏي ودوان شري جئرامداس دولترام ۲۵ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي لکيو هو.

شري جئرامداس دولترام ڀارت ۾ هڪ مڃيل ۽ مقبول سنڌي ودوان آهي. پنهنجي لکيل هن مهاڳ ۾ شري جئرامداس دولترام نهايت ئي تفصيلي معلومات ڏني آهي، آءٌ چاهيان ٿو تہ شري جئرامداس دولترام جي معلومات سان ڀريل اُن مهاڳ مان ڪي پئراگراف، پنهنجي هن مضمون ۾ ضرور دهرايان تہ جيئن پڙهندڙ اُن ودوان جي ڏنل معلومات کان فيضياب ٿي سگهن.

پنهنجي لکيل مهاڳ ۾ شري جئرامداس دولترام لکي ٿو :

”اٽڪل ٻہ کن ورهيہ ٿيا تہ هيري ٺڪر ۽ موتيلال جوتوانيءَ مون کي ٻڌايو تہ قاضي قاضن (قادن) جا هڪ سوَ کان بہ وڌيڪ بيت، هرياڻا جي هڪ ڳوٺ جي مٺ مان لڌا آهن، اُهي پراڻي ديوناگريءَ ۾ لکيل آهن، ڪنهن سنڌيءَ جنهن کي اُهي ياد هئا، جو سنڌ ۾ اُهي ڳائبا هئا، اُن کان ٻڌي، هن مٺ وارن ٻين ’سنتن‘ جي واڻيءَ سان گڏي، ٻڌرائي رکيا آهن، ڪجهہ وقت بعد راجارام شاستريءَ جنهن کي مٺ مان اهي بيت مليا هئا سو مون کي اچي گڏيو ۽ اُنهن کي سوڌي ڇپائڻ جون ڳالهيون ٿيون“ (مهاڳ : ص-۱۳)

ديوان جئرامداس دولترام پنهنجي لکيل مهاڳ جي ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿو تہ : ”هيري ٺڪر کي هي املهہ ادبي هيرو هٿ آيو آهي جنهن کي پڌرو ڪرڻ ڪري سنڌين لاءِ هت ڀارت ۾ ۽ اُن کان پڻ وڌيڪ پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي



اتهاس خاطر، سنڌس اُن ڪم لاءِ چڱو قدر ٿيندو ۽ سنڌي سدا سنڌس شڪرگذار رهندا.‘ (مهاڳ)

شري جئرامداس اجا بہ اڳتي لکي ٿو : ”سنڌي ٻولي ۽ شعر جي شائقن جي مناسب پُڇ ڳُڇ ۽ سڪ چڪ ڪري، هي اوائلي ننڍو ۽ ڀرپور ڇاپو، تڙ تڪڙ ۾ تيار ڪري، هو ڀارتي سنڌي شاعرن ۽ ليکڪن اڳيان هٻڪندو هٻڪندو، پيش ٿو ڪري ڇوجو منجهانئن گهڻن کي قاضي قاضن (قادن) سان ايڏي واقفيت اجا ڪانهي ۽ پنهنجي پاڪستاني ادبي علم دوستن، شاعرن، ليکڪن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هيڪاند جي گهڻگهرن اڳيان، نياز ۽ نمرتا ڀري ڀاونا سان هڪ سوغات طور سرحد جي پريَنءَ پار، آس اُميد سان ٿو پهچائي تہ اها سوغات قبول پونديَ“ (مهاڳ ص-۱۳)

شري جئرامداس دولترام پنهنجي لکيل هن مهاڳ ۾ ساڳئي صفحي تي اجا بہ اڳتي لکي ٿو تہ :

”هيري ٺڪر جي هن کوج، ڪشالي مان هڪ کان وڌيڪ ڦل مليا آهن، جو سنڌ ۽ هند جا سنڌي عالم نہ رڳو سنڌس پورهئي جو نتيجو ماڻيندا پر منجهانئن جن کي ان قسم جي کوج جي سڪ چڪ آهي، سي سنڌس ڪتاب مان سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ وڪاس جي اِتهاس تي چڱي روشني وجهي سگهندا“ (مهاڳ ص-۱۳)

شري جئرامداس سنڌس لکيل مهاڳ جي پڙهندڙن کي اڳتي صفحي ۱۴ تي ٻڌائي ٿو تہ :

”سيني سنڌين کي شايد خبر نہ هجي تہ اٽليءَ جي هڪ ماهر ليکڪ ڊاڪٽر ٽيسيٽوري ڀارت ۾ ڪي سال رهي ڀارت جي ڪن ٻولين جو اونهو اڀياس ڪيو هو، جن ٻولين مان ’اولهہ راجستاني‘ هڪ ٻولي هئي. سنڌس شاهي ليک، اٽڪل پنجاهہ کن صفحا ٽائيپ ٿيل مون فوٽو ڪاپي ڪرائي ڇڏيو، پڙهي عجب لڳم، اُها ۱۵-۱۶ صديءَ جي اولهہ راجستاني ٻولي جڻ تہ سنڌي ٻولي پئي لڳي ۽ اُن جو وياڪرڻ اڪرن جي جوڙ ٻيهڪ ۽ ماضي ۽ مستقبل ۽ ٻيا وروڪڙ سڀ سنڌي ٻوليءَ سان پئي لڳا، ائين پئي سمجهيم تہ مان ڪنهن سنڌي ڪتاب جون سٽون پيو پڙهان‘ (مهاڳ ص-۱۴)

پنهنجي لکيل هن مهاڳ ۾ شري جئرامداس دولترام صفحي ۱۵ تي بين الاقوامي سنڌالاجسٽ ۽ محقق عالي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪيل علمي تحقيق جي تعريف ڪندي لکي ٿو تہ :

”سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي کوج، ڪلا جي سرتاج، نبي بخش بلوچ، شاهہ



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

شاهہ لطف الله قادريءَ جي املهہ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ :

’شاهہ لطيف الله قادريءَ جي آڏو فقط سلوڪ ۽ طريقت جو هڪ مکيہ مضمون هو جنهن جي وضاحت ڪرڻ تي چاهيائين. انهيءَ سلسلي ۾ حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيل طور، ساموندي ناکئن جو منزل مقصود ڏانهن هاڪاري هلڻ ۽ جوڳين ۽ آديسين جو سندن ياترائن خاطر ڪشالا ڪڍڻ سان ڀيٽي تفصيلي سمجهاڻي ڏنائين، انهن تمثيلن ذريعي، شاهہ لطيف الله قادريءَ سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ ’ساموندي ۽ ناکئن‘ ۽ جوڳين ۽ آديسين وارا نوان تمثيلي مضمون رائج ڪيا جيڪي ڪانئس اڳ ٻئي ڪنهن بہ شاعر ڪم نہ آندا هئا‘‘ (ص-١٥)

شري جٺرامداس دولترام ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿو : ’’پر قاضي قاضن (قادن) جي هنن بيتن سان صفا پڌرو آهي تہ شاهہ لطيف الله قادريءَ کان بہ اڳ جوڳين سان سنڌي صوفين جون روحاني رهاڻيون ٿينديون هيون، جيئن شاهہ لطف الله قادريءَ جي سنڌي بيتن (قسم ڇهين) جي بيتن مان بلڪل ظاهر آهي، جوڳين جو سلسلو، ڀارت ۾ تمام پراڻو آهي.‘‘ (ص-١٥).

شري جٺرامداس دولترام اڳتي لکي ٿو :

’’ڀارت جا اڪثر اتهاسڪ ماهر، ان راءِ جا آهن تہ ’مهاڀارت‘ جي لڙائي، جا عيسوي سنہ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار سال اڳ ٿي هئي ۽ سنسڪرت جي پراچين هٿ اکر ڌرمي پستڪن (مذهبي ڪتابن) مان ثابت ٿيل آهي تہ جوڳين جو سلسلو، ان سلسلي جي لڙائيءَ کان تمام پراڻو آهي. اهي جوڳي، سڄي ڀارت ۾ صدين کان ڀيا ڳوٺان ڳوٺ رلن ڪندا هئا ۽ ٻڌندڙن کي گيان ڏيندا هئا. خود سنڌ مان بہ عربن جي اچڻ کان اڳ مڪاني جوڳين جي هئڻ جون ثابتيون مليون آهن. اُنهن جو عقيدو هو تہ ’ڏٺي هرهنڌ وسي ٿو، ٻاهريان مڪان ۽ شهر کيس رهڻ لاءِ کپن ئي ڪين‘ (ص-١٥)

شري جٺرامداس دولترام صفحي ١٧ تي شري هيري ٺڪر جي ڪيل محنت جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو :

’خبر اٿم تہ ڪيئن راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري ڪتاب جي دستخط جي ڪوٽ ڪوٺان ڪري، جنهن بہ عزيز ۽ مربيءَ جي مدد گهربس تي سا وٺي پئسي نہ پئسي جو خيال وساري، هن هن پٽرائين ڀيڇري ۾ مٺل مٺل ڪٺيندو ويو، تان جو جڻ هڪ پوريل ادبي خزانو، هند ۽ پاڪستان جي سنڌي پاٺڪن کي رسائي سگهيو آهي‘ (ص-١٧)



books.sindhsalamat.com

شري جٺرامداس دولترام ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿو :

’مان جيڪڏهن سندس همٿ، محنت، پاڻ-وشواس لاءِ کيس واڌايون ٿو ڏيان، سي رڳو واڌايون نہ آهن پر گذريل وقت کان بہ وڌيڪ اوجهڙ ۽ جهنگل جهاڳڻ لاءِ تهان وڌيڪ اُتساهت ڪرڻ جي مراد سان ئي ائين ڪريان ٿو.

سندس ڪشالي، پورهئي، اورچائيءَ ۽ مڇڏپٽي جي انگن جو مون کان بہ وڌيڪ، سندس ڀارت ۽ پاڪستان جا پڙهندڙ پاٺڪ قدر ڪري کيس سنڌي ٻوليءَ جي شيوا ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪري، ههڙي ڪم ۾ هر نموني پاڻ کي ڀاڱي ڀائي ڪندا. (١٧).

٦. قاضي قادن جي نالي جي باري ۾ ماهرن جا ويچار:

١. سنڌ جي هن بزرگ ۽ صوفي شاعر جي نالي جي باري ۾ خان بهادر محمد صديق ميمڻ، شري جٺرامداس دولترام، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘ ۽ ڊاڪٽر حامد علي خاناني قريشي کان سواءِ هن تحقيق جي ماهر، شري هيري ٺڪر بہ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اُن سلسلي ۾ شري جٺرامداس دولترام پنهنجي لکيل مهاڳ ۾ صفحي ١٦ تي پنهنجيءَ راءِ جو اظهار هن طرح ڪيو آهي :

’هاڻي باقي هڪ ننڍي تہ بہ وڏيءَ ڳالهہ تي ويچاريون، منهنجو من اُن تي ٽِڙُ کائي ٿي نٿو تہ ڦ قاضي قادن کي پنهنجو ڪو نجو نالو هو ئي ڪونہ. هو ئي ڪونہ، نڪي وڏين وڏين ١٥٠٠ کن صفحن جي ڊڪشنرين ۾ قاضن، قادن يا قادن لفظ ئي، نڪا سندن معني ئي ٿي ملي‘ (مهاڳ ص-١٦)

اَڳتي لکي ٿو تہ :

’پڙهندڙن کي ٻڌايان تہ سندس نسل جي ٻين سيني جا نجا نالا :

تحفت الڪرام ۾ ڏنل آهن جنهن هرهڪ کي عربيءَ ۾ ڪا معني آهي، پر قاضي قاضن جو سندس ڪو نرالو نالو ڪونهي. قاضن، قاذن يا قادن شخصي نالا ڪينهن، من چوي ٿو تہ ان وشيہ تي گهري کوجنا ٿيڻ گهرجي.‘ (ص-١٧)

٢. قاضي قادن جي نالي واري موضوع تي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجيءَ تحقيق، ’قاضي قادن جو رسالو‘ ۾ صفحي ١٣ کان وٺي صفحي ١٥ تائين وضاحت سان بحث ڪيو آهي. اُن سلسلي ۾ ڊاڪٽر حامد علي خانانيءَ جي راءِ جو حوالو ڏيندي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجيءَ تحقيق ۾ صفحي ١٥ تي لکي ٿو :

’علامه سيد حسين محمود مهدوي لکي ٿو تہ : ’قاضي صاحب جو اصل نالو



www.sindhsalamat.com

’قاضي قادن‘ ڪري لکيو آهي.‘ ساڳيءَ طرح سيد محمود مهديءَ جو پڻ قول آهي تہ ’سنڌ ۾ قاضي صاحب کي اڪثر ’قاضي قاضن‘ ڪري لکن ٿا، پر هندستان ۾ اهو ’قاضي قادن‘ جي نالي سان مشهور آهي ۽ کيس انهيءَ نالي سان سڏيو وڃي ٿو. (ص-۱۵)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي ساڳئي صفحي تي پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ :

’قادن پيار پريو، تصغير جي صورت وارو نالو آهي جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ قاضي صاحب پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي سلڇڻو، ملنسار ۽ پيارو ٻار هو جو کيس پيار واري نالي سان ’قادن‘ ڪري سڏيائون ۽ پوءِ اُن نالي سان ئي مشهور ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ جيئن موجوده وقت ۾ بہ اهي تيئن اُن وقت پڻ ’قادربخش‘ کي ئي پيار مان ’قادن‘ سڏيو هوندائون ۽ اصل نالو شايد ’قادربخش‘ هجي (ص-۱۵).

۳. هن موضوع تي شري هيري ٺڪر بہ پنهنجيءَ تحقيق ۾ صفحي ۲۴ تي، ’قاضي قادن جي نالي بابت صفائي‘ عنوان هيٺ لکيو آهي تہ :

’قاضي قادن نالي کي عام طرح ’قاضي قادن‘ ڪري پڙهيو ويو آهي. سنڌ مان ڇپيل، ’تاريخ معصومي‘ ۽ ’تحفتہ الڪرام‘ جي سنڌي ڇاپن ۽ ’تاريخ تمدن سنڌ‘ وغيره ۾ اهو نالو ’قاضي قاضن‘ ڪري لکيو ويو آهي، پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مَت موجب ان نالي جي صحيح صورتخطي ’قاضي قادن‘ ٿيڻ گهرجي. مان پڻ ڊاڪٽر بلوچ سان شامل راءِ آهيان.‘ (ص-۲۴)

اڳتي ساڳئي صفحي (ص-۲۴) جي آخر ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي شري هيرو ٺڪر لکي ٿو تہ :

’’ڊاڪٽر بلوچ جي دليل ۽ هرياڻا واري دستخط ۾ مليل اُن نالي جي روپ ’قادن‘ مان ٻئي تصديق ٿئي ٿي تہ نالي جي صحيح صورتخطي ’قادن‘ ٿيڻ گهرجي. (ص-۲۴)

۷. قاضي قادن جي زندگي :

(الف) قابل احترام محقق، پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ تحفتہ الڪرام تاريخ معصومي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ کانسواءِ پروفيسر لطف الله بدويءَ جي تحقيق ’تذڪره لطفي‘ جي حوالي سان قاضي قادن جي زندگي ۽ اُن جي اُصولن جي باري ۾ صفحي ۵۷ تي هڪ الڳ باب ۾ هن موضوع تي روشني وڌي آهي، هو لکي ٿو تہ :

’قاضي قادن هڪ سچو صوفي هو. مير معصوم بکري ۽ مير علي شير قانع، ٻئي تاريخ نويس لکن ٿا تہ تصوف جو نچوڙ آهي : آتما جا محدود آهي تنهن کي



books.sindhsalamat.com

پرماتما، جو لاحد آهي تنهن ۾ ملائي هڪ ڪرڻ، سچن صوفين وانگر قاضي قادن جو بہ اهو عقيدو هو تہ پرماتما کي اُهي پرکي سگهندا جن پاڻ کي پرکيو آهي‘ (ص-۵۷)

شري هيرو ٺڪر، ساڳئي صفحي (ص-۵۷) تي لکي ٿو تہ :

’قاضي قادن‘ دنيوي علمن ۾ تہ عالم هو ئي، پر اُن کان بہ وڌيڪ نعمت جا کيس حاصل هئي سا هيءَ تہ سندس اندر جون اکيون کليل هيون، جنهن ڳالهہ سندس سون-ورني شخصيت تي سهاڳ جو ڪم ڪيو هو دنيوي علم ۽ روحاني رياضتن سان اُن حقيقت کي رسيو هو تہ لک ڪري دنيوي علم حاصل ڪجن پر اُها چيز (پرماتما) تہ پنهنجي اندر ۾ آهي‘ (ص-۵۷)

(ب) ديوان هيري ٺڪر پنهنجيءَ تحقيق جي هن ئي باب جي ساڳئي ئي صفحي (ص-۵۷) تي درويش ميران محمد جونپوريءَ جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو اثر بہ قاضي قادن جي زندگيءَ تي گهڻو ٿيو هو. هو لکي ٿو تہ :

’قاضي قادن کي تصوف جو اهو رنگ، درويشن جي سنگ سان لڳو هو، مِيين شاهہ ڪريم جي ملفوظات موجب قاضي قادن جي درٻيلي (هن وقت ڏيري) ۾ هڪ مست سان ملاقات ٿي هئي جنهن کيس حقيقت طرف مائل ڪيو.

اها ڳالهہ بہ عام آشڪار آهي تہ قاضي قادن پنهنجي وقت جي مشهور درويش ميران محمد جونپوريءَ جو مريد ۽ معتقد هو‘ (ص-۵۷).

شري هيري ٺڪر پنهنجيءَ تحقيق جي ساڳئي صفحي تي اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ :

’تاريخ معصومي ۽ تحفته الڪرام ۾ اها حقيقت بيان ڪندي وڌيڪ لکيو آهي تہ ميران محمد مهدوي جونپوريءَ جي مريدي اختيار ڪرڻ سبب شريعت جا عالم قاضي قادن تي طعني هڻندا هئا‘ (ص-۵۷)

(ت) شري ڄئرامداس دولترام بہ هن تحقيق جي مهاڳ ۾ صفحي ۱۷ تي قاضي قادن جي زندگيءَ بابت پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ :

’اندر ۾ هريم پيو تہ سال ٿيا تہ ڪٿي پڙهيو هوم تہ سندس درجو ٻين قاضين کان مٿي هو، جيئن شاهہ لطف الله قادري، ’شيخ المشائخ‘ جي لقب سان مشهور آهي، تيئن قاضي قاضن ’قاضي القضات‘ جي معني ’قاضين مٿان قاضي‘، ’مکيہ قاضيءَ‘ جي لقب جو حقدار هو (ص-۱۷).

(ث) شري هيري ٺڪر جي راءِ ۾ قاضي قادن جو واسطو سمن حاڪمن جي



www.sindhsalamat.com

ڏينهن ۾ سياست سان بہ رهيو هو ان سلسلي ۾ پنهنجيءَ تحقيق ۾ صفحي ٦٠ تي لکي ٿو تہ :

’جام فيروز جي ڏينهن ۾ قاضي قادن بکر ۾ رهندو هو ۽ ضروريا تہ اُتان جو قاضي هو يا وڏي اثر رسوخ وارو شخص هو، جو شاهہ بيگ ارغون طرفان گهيري وقت بکر جو قلعو، سندس وساطت سان شاهہ بيگ کي سونپيو ويو. اُن بعد سمجهجي ٿو تہ قاضي قادن پنهنجو ڪٽنب وٺي بکر مان لڏو پٽي وڃي نٽي ۾ وينو.‘

سنہ ٩٢٧ برابر ١٥٢٠ع ۾ جڏهن شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي حملو ڪري نٽي ۾ قتالم ڪرايو تنهن وقت قاضي قادن جو ڪٽنب نٽي ۾ هو ۽ سندس ٻار ٻچا فاتح وٽ قيد ٿي آيا‘ (ص- ٦٠)

٨. قاضي قادن جي شاعري ۽ اُن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جون خوبيون :

دراصل هيءُ ئي عنوان، منهنجي هن مضمون جو موضوع آهي. شري هيري ٺڪر، صفحي ٦٤ تي هن موضوع تي پنهنجن خيالن جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي در اصل قاضي قادن جي ڪلام جي سلسلي ۾ تحقيق جي حوالي سان هي هڪ اهم موضوع آهي. هن موضوع جي تفصيلي تجزئي لاءِ مون هن موضوع کي هيٺ ڄاڻايل ڏهن ضمني عنوانن ۾ ورهايو آهي، اُهي هي آهن :

(الف) قاضي قادن جي دور تائين سنڌي شاعريءَ جو ارتقائي جائزو.

(ب) قاضي قادن جي شاعريءَ جي ٻولي.

(ت) قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل سنڌي ٻوليءَ جو لهجو.

(ث) قاضي قادن جي شاعريءَ جو مضمون.

(ج) قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل نئين روايت

(د) قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو تفصيلي جائزو

(ر) قاضي قادن جي شاعريءَ جون صنعتي خوبيون

(س) قاضي قادن جي شاعريءَ جا گهاڙيٽا.

(ش) قاضي قادن جا همعصر شاعر.

(ص) قاضي قادن جي شاعريءَ جو ڪانئس پوءِ جي شاعرن تي اثر.

هيٺ انهن ڏهن ئي ضمني عنوانن تي شري هيري ٺڪر جي لفظن ۾ ورتل تفصيلي جائزو پيش ڪجي ٿو :

(الف) قاضي قادن جي دور تائين سنڌي شاعريءَ جو ارتقائي جائزو :



١. هن ضمني عنوان جي باري ۾ شري هيري ٺڪر قاضي قادن کان اڳ واري دور جي سنڌي شاعريءَ جو پس منظر پيش ڪيو آهي. هن عنوان تي هن صفحي ٦٣ تي جيڪو تجزيو پيش ڪيو آهي، اُهو هن ريت آهي :

’اُن وقت تائين سنڌي شاعري اڃا چارڻن، ڀٽن، ڀانن ۽ سگهڙن جي زباني روايتن تائين محدود هئي جيڪي اُن وقت جي سردارن جي بهادريءَ ۽ سخاوت جا قصا ڳائيندا ۽ عشقيه داستان بيان ڪندا هئا، بعد ۾ ڳاهن سان ڳالهين ذريعي، سنڌيءَ ۾ قصه داستان بيان ڪندا هئا. بعد ۾ ڳاهن سان ڳالهين ذريعي سنڌيءَ ۾ قصه خوانيءَ ۽ داستان گوئيءَ جي روايت اُسري، ساهتيڪ معيار کي پهتي‘ (ص- ٦٣)

قابل احترام محقق پنهنجي ساڳئي بيان کي اڳتي وڌائيندي ساڳئي صفحي (ص- ٦٣) تي لکي ٿو تہ :

’اُن وقت تائين سنڌي شاعريءَ جون مکيہ ڌارائون ٽي هيون، هڪ اُها شاعري جنهن ۾ مڪاني لوڪ ڪهاڻيون ۽ اُن وقت جون ٻيون ڪهاڻيون ۽ نيم تواريخي ڪهاڻيون جهڙوڪ : سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ عمر مارئي وغيره بيان ٿيل هيون.

ٻي اُها شاعري جنهن ۾ اُن وقت جي سردارن جي سوُرهيائيءَ ۽ سخاوت جي واکاڻ ڪئي ويندي هئي، اُن قسم جي شاعريءَ کي عام طرح درباري شاعري سڏيو ويندو هو.

ٽئين قسم جي شاعري وري اُها هئي جيڪا مذهبي پرچارڪ، دين ۽ اخلاق جي تبليغ لاءِ ڪندا هئا، اُن ۾ زور هدايتن ۽ نصيحت تي هو، پير صدر الدين ۽ پير ڪبير الدين جا ’گنان‘ ان قسم جي شاعريءَ جو ئي مثال آهن‘ (ص- ٦٣)

هن ئي ضمني عنوان هيٺ، صفحي ٦٣ ۽ ٦٤ تي اُن وقت جي شاعريءَ ۾ قاضي قادن طرفان ڪيل اضافي جو ذڪر ڪندي، شري هيري ٺڪر لکيو آهي تہ :

’قاضي قادن‘ اُن وقت جي قصيده گوئي ۽ قصه خوانيءَ واريءَ درباري توڙي مذهبي پرچار واريءَ شاعريءَ کي نئون موڙ ڏيئي، سنڌي شاعريءَ کي اَدبي معيار عطا ڪيو، هن سنڌي شاعريءَ کي چارڻن ۽ ڀٽن جي قصيدن ۾ سمايل مبالغي جي ڌٻڻ مان ڪڍي اُن کي فڪر ۽ فلسفي جي پڪي ۽ پختيءَ زمين تي آندو ۽ اُن کي آڌار ڏنو جنهن تي اڳتي هلي، اساسي (ڪلاسيڪي) سنڌي شاعريءَ جي عمارت ڪڙي ٿي، هن سنڌي شاعريءَ مان مذهبي پرچار جي ڪوڪلائپ کي مٽائي اُن ۾ تصوف ۽ معرفت جا ڳوڙها روحاني راز ۽ معنيٰ جا موتي پويا‘ (ص- ٦٣ ۽ ٦٤).



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

شري هيري ٺڪر پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ پير صدر الدين ۽ پير حسن ڪبير الدين جي ڪيل مذهبي شاعري يعني ’گنانن‘ جي صنف واريءَ شاعريءَ ۾ بيان ڪيل مضمون لاءِ ’مذهبي پرچار جي ڪوڪلائيپ‘ جهڙو لفظ ڪم آڻي، اِهو ثابت ڪيو ويو آهي ته ڪيئن گنانن واريءَ شاعريءَ ۾ ڪم آندل موضوعن ۽ مضمونن کان سواءِ گنانن واريءَ شاعريءَ جي مفهوم اُنهن ذريعي ڏنل تعليم ۽ پيغام جي باري ۾ ڪابه ڄاڻ ڪانهي، پاڻانئجي ٿو ته اُن سلسلي ۾ قابل احترام محقق ڪي اسلام جي اسماعيلي فڪر جي طريقي جي سکيا ڏيندڙ داعين، پيرن ۽ سيدن جهڙوڪ : پير شمس سبز واري ملتاني، پير صدر الدين، پير حسن ڪبير الدين ۽ اُنهن کان پوءِ آيل سيدن جهڙوڪ : سيد امام شاهه سيده امام بيگم، سيد فاضل شاهه ۽ ٻين سيدن جي چيل ’گنانن‘ جي موضوعن، مضمونن، اُنهن ۾ ڏنل سکيا ۽ پيغام جي باري ۾ ڪابه ڄاڻ ڪانهي، گنان دراصل صرف پرچار جو ذريعو نه آهن پر اُنهن ۾ تصوف، ويدانت، ڀڳتي مت ۽ ناٿ پنٿ جي فڪر ۽ فلسفي جي سکيا جا ڳوڙهن ۽ روحاني علمن جا مضمون پڻ بيان ٿيل آهن، پرپاڻانئجي ٿو ته قابل احترام محقق جو گنانن جي باري ۾ ڪا سرسري ڄاڻ به ڪانهي. آءٌ ڪيس وڏي ادب ۽ احترام سان گذارش ڪندس ته هو گنانن ۾ بيان ڪيل موضوعن، مضمونن کانسواءِ اُنهن جي جوڙيندڙ شاعرن طرفان اُنهن ۾ ڏنل پيغام ۽ تعليم جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سال ٢٠١٦ ۾ شايع ٿيل ڪتاب ’گنان شناسي‘ جو مطالعو ڪري، مون کي يقين آهي ته :

هن ڪتاب (گنان شناسي‘) جي مطالعي کان پوءِ گنانن جي صنف واريءَ شاعريءَ جي باري ۾ سندس سوچ ۾ وڏي تبديلي اچي ويندي.

٢. قاضي قادن جي دور کان وٺي سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جو ذڪر ڪندي شري هيرو ٺڪر صفحي ٢٩ تي لکي ٿو :

’انهيءَ نقطه نظر سان ڏسجي ته شاهه عبداللطيف واري زماني جي سنڌي شعر جي ارتقائي اوج ۽ عروج جو بنياد، شاهه عنات کان چڪجي، شاهه ڪريم کان به اڳتي وڏي، قاضي قادن تائين وڃي ٿو پهچي، جنهن جا هيلتائين جيتوڻيڪ فقط ست بيت موجود هئا پر اُنهن کي به شعوري ۽ معنوي لحاظ کان اهڙي ته حيثيت حاصل آهي جو اُنهن کي علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي ’سنڌي ساهت جا ست چمڪندڙ تارا‘ ڪري سڏيو هو، اهي ست بيت سچ پچ ته ست املهه جواهر آهن، تڏهن ته رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ چيو هو ته : افسوس! جو زماني جي خرد برد اعليٰ



هستيءَ جي ڪلام جا جواهر اسان جي نظرن کان ڇپائي ڇڏيا، فقط ڪتيءَ جي تارن وانگرست موتيءَ جا داڻا موجود آهن جي مانيءَ سنڌڙيءَ جي سهٽيءَ ٻچيءَ جي سوُنهن آهن، تعداد ۾ ٿلي آهي، ست هئا پر اُنهن ۾ انهيءَ پيڙه جا سڀ آثار نمودار آهن جنهن کي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي عمارت جو آڌار سڏي سگهجي ٿو. (ص-٢٩)

(ب) قاضي قادن جي شاعريءَ جي ٻولي :

هن عنوان تي پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي، شري هيري ٺڪر صفحي ٦٤ تي لکيو آهي ته :

’قاضي قادن‘ قران جو حافظ هو ۽ پنهنجي وقت جو يگانو عالم هو، اُن زماني ۾ سرڪاري ٻولي عربي ۽ پارسيءَ تي سندس وڏو عبور رهيو هوندو. ايتري هوندي به ۽ اُن وقت جي سرڪاري ڊانچي ۾ وڏي رسوخ واري حيثيت رکندي به هن اظهار جي ماڌيم لاءِ پنهنجي ڏيهي زبان، سنڌيءَ جي صالحيتن کي پرکيو ۽ اُن ۾ تصوف جي باريڪ نڪتن ۽ ويدانت جي ڳوڙهي فلسفي کي بيان ڪرڻ جي قوت پيدا ڪئي‘ (ص-٦٤)

قابل احترام محقق، ساڳئي سلسلي ۾ پنهنجيءَ تحقيق ۾ صفحي ٣٩ تي تفصيل سان روشني وڌي آهي ۽ لکي ٿو ته :

’قاضي قادن جا تازو مليل بيت جيڪي سنڌي ادب جي تواريخ جي قديمي دور جا عام طرف املهه ماڻڪ ۽ اڻوٽ حصو آهن، سي اٽڪل پنج صديون غيب جي چادر ۾ ڍڪيل رهڻ بعد روشنيءَ ۾ آيا آهن. ان سموري عرصي دوران، اسان وٽ ان شاعر جا فقط ست بيت موجود هئا، ائين نه آهي ته ادبي غواصن کو اهي املهه ماڻڪ سوجهي لهڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏي هئي، سنڌ ۽ هند جي ٻرڪ کوجنيڪن جي اڻت اتڪننا ۽ اڻٿڪ ڪوشش جي باوجود، قاضي قادن جي ستن بيتن ۾ ڪو اضافو ٿي ڪونه سگهيو هو، اُن ڪري اڄ جڏهن اٽڪل پنج سوَ سالن جي طويل عرصي بعد، اُن شاعر جا اٽڪل هڪ سوَ ٻارهن بيت اوچتو دستياب ٿيا آهن ته اها ڳالهه سولائيءَ سان سمجهه ۾ ٿي نٿي اچي ته اها ڪا ساڀيا آهي، اهو سپاويڪ به آهي، اُن ڪري اسان کي ڏسڻ گهرجي ته ڇا اهي بيت پهرين ته قاضي قادن جا ۽ ٻيو ته اهي سنڌي بيت آهن يا ٻي ڪا چيز آهن، مان سمجهان ٿو ته بهتر آهي ته پوئين ڳالهه جو نمبرو پهرين ٿي ڪري ڇڏجي، اُها هيءَ ته اِهي بيت سنڌي آهن، ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ ۾ هنن بيتن جي شروع ٿيڻ کان اڳ، صاف لفظن ۾ لکيل آهي :

’ڪاجي قادن جي ڪي واڻي (سنڌي) ساکي‘. شري هيرو ٺڪر اڳتي لکي ٿو ته :



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

’ان تفصيل هيٺ ايندڙ بيتن جي ٻوليءَ جو روُپ، وياڪرڻ واري جوڙجڪ ۽ شبدا ولي سنڌي آهن. بيتن جي ٻولي مون خود پڙهي ڏٺي جا يڪدم مون کي سنڌي لڳي. اُن کانسواءِ شري جئرامداس دولترام شري نارائڻ ’شيامُ‘، پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ۽ ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ جهڙن سنڌي عالمن، اهي بيت ڏسي اهو تسليم ڪيو آهي تہ انهن جي ٻولي سنڌي آهي. مثال طور هيٺ ڏنل بيتن جي ٻولي پڙهي ڏسو، انهن بيتن جي ٻولي گرامري بناوت ۽ شبداولي سنڌي آهي.

جيئن :

زيران زبران، آيتان، اڪرانت نہ پار،
هيڪڙيو ايمان ۾، لهن سيني سار.

يا

روئي م ڪر پڌرو، هٺ منجهين ئي جال،
جان جان پريان نہ مڙي،تن ڪاٽي جينو بال

هي تہ فقط ٻہ مثال آهن، ان طرح سيني بيتن جي زبان، ان جهڙي آهي، تنهن ڪري تر جيترو بہ گمان نہ آهي تہ اهي بيت سنڌي نہ آهن‘ (ص-٣٩ ۽ ٤٠).

انهيءَ سڳئي عنوان جي باري ۾ صفحي ٤٠ تي اڳتي شري هيري ٺڪر مٿي ڏنل اهڙن ٻين بيتن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ چيل بيت هجڻ جي پنهنجيءَ دعوي لاءِ لکي ٿو تہ :

’مان اڳ ۾ چئي آيو آهيان تہ ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ ۾ ڪل ٦٩ سنت ڪوين جي واڻي شامل آهي، هر سنت ڪويءَ جي واڻي شروع ٿيڻ کان اڳ ڪويءَ جو نالو ٻولي ۽ چند جو نالو يعني سمورو سڀ ٻاڙهيءَ مس ۾ ڇاپيل آهي، هاڻي جنهن کي مان قاضي قادن جي واڻي سڏيان ٿو تنهن کي ڇڏي باقي ٦٨ سنت ڪوي جن ۾ ڪبير، گرو نانڪ، سورداس ۽ دادو وغيره جهڙا پرسڌ ڪوي بہ اچي وڃن ٿا، تن جي نالن هيٺ جيڪي بيت ڏنا ويا آهن، سي اُنهن ڪوين جي جدا طرح مهيا مجموعن ۾ بہ موجود آهن جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ’سنتون ڪي واڻي‘ گرنٿ ۾ ڇاپيل سڀ، مستند ۽ پروسي جوڳا آهن. هاڻي جيڪڏهن ٻين ڪوين جي حالت ۾ اهي صحيح آهن تہ انهن جي آڌار تي سنڌي بيت، جن اڳيان ڏنل آهي، ’ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي (سنڌي) اوريي ساڌان ڪي ساکي ايڪلي‘ تن لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو تہ اهي قاضي قادن جا ئي سنڌي بيت آهن‘ (ص-٤٠)

شري هيري ٺڪر قاضي قادن جي بيتن ۾ نج سنڌي لفظن ۽ ٻوليءَ جي عبارت



جو بہ ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ :

’تازو مليل بيتن ۾ ان کان اڳ موجود سٺن بيتن جا لفظ، عبارت ۽ ٻولي (ڊڪشن، ووڪيبلري) هڪ جهڙي آهي. اڳين بيتن ۾ ڪم آيل لفظ ’پرين‘، ’سُپيريان‘، ’لت‘، جوڳيءَ جاڳايوس‘، ’ٿيامُ‘، ’لڌومُ‘ (لڌامُ) ۽ ٻيا ڪيترائي لفظ تازو مليل بيتن ۾ بہ عام جام استعمال ٿيل آهن، جنهن ڪري اِهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ٻئي هڪ ئي شاعر، قاضي قادن جا آهن.‘

(ت) قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو لهجو :

پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ قابل احترام محقق، قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي لهجي جي باري ۾ بہ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، جيتوڻيڪ کانئس اڳ وارن محققن، جهڙوڪ : خان بهادر محمدصديق ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘ کان سواءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي بہ پنهنجن ڪتابن ۾ قاضي قادن جي بيتن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي لهجي جي باري ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي.

شري هيري ٺڪر پنهنجيءَ تحقيق ۾ صفحي ٧٢ تي هن عنوان جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ :

’قاضي قادن جي تازو مليل بيتن جي ٻولي سرائڪي-ملتاني ۽ پنجابيءَ کان متاثر ٿيل سنڌي آهي.

سرائڪي يا ملتاني اثر، ٻوليءَ جي وياڪرڻ واري روُپ يا جوڙجڪ تي ڇانيل آهي. ٻوليءَ جي شبداولي اُن کان گهڻو متاثر نہ ٿي آهي.‘ (ص-٧٢)

شري هيرو ٺڪر ساڳئي صفحي (ص-٧٢) تي پنهنجي راءِ وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪندي لکي ٿو تہ :

’قاضي قادن، بکر جو رهندڙ هو، جو اُتر سنڌ ۾ آهي. اهو علائقو جاگرافيائي طرح ملتان کي ڪافي ويجهو آهي. سنڌ ۽ ملتان جا صدين کان پاڻ ۾ سياسي روحاني ۽ ثقافتي لاڳاپا رهيا آهن. ملتان، صوفين جو ڳڙهہ بہ رهيو آهي. اُن ڪري قاضي قادن جي سنڌي ٻوليءَ تي اهو اثر سياويڪ آهي. وچ سنڌ ۽ سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ اسمن جا جمع ٺاهڻ وقت اُڪارانت لفظ کي اَڪارانت ڪندا آهن، جيئن : ’مالُ‘، ’مال‘، ’انبُ‘، ’انبَ‘ يا ڪن حالتن ۾ لفظن پنيان ’نون‘ جوڙيو ويندو آهي جيئن : ’ڳالهہ‘ جو ’ڳالهيون‘، ’ڄڀ‘ جو ’ڄڀون‘ پر مٿينءَ سنڌ ۾ اهو عدد عمج ٺاهڻ لاءِ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لفظ جي پنيان ’ان‘ وجهن جيئن : ’دانهن‘ جو ’دانهان‘، ’جپ‘ جو ’جپان‘.

قاضي قادن جي ٻولي مٿينءَ سنڌ جي اهي ڇو تہ سنڌس ٻوليءَ جا سمورا عدد جمع، ’ان‘ سان ختم ٿين ٿا، سنڌس ضمير پڻ ڏيکارين ٿا تہ سنڌس ٻولي مٿينءَ سنڌ جي آهي. جيئن : عيد ڪريندو ڪيرماڪي (مون کي) سڄڻ ڳڏيو.

سنڌس بيتن ۾ ڪم آندل صفتن ۽ گرامر جي ٻين روپن جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي شري هيرو ٺڪر صفحي ٣٧ تي لکي ٿو تہ :

’سنڌس بيتن ۾ صفتون ۽ گرامر جا ٻيا روپ اهو پڻ ظاهر ڪن ٿا تہ سنڌس ٻولي مٿينءَ سنڌ (سري) جي سنڌي آهي.

شري هيري ٺڪر جي خيال ۾ :

’قاضي قادن جي سنڌيءَ تي پنجابي ٻوليءَ جو اثر بہ آهي. سنڌس شعر ۾ ڪم آيل لفظن ۾ ’ن‘ جي جاءِ تي ’ڻ‘ ڪتب آيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيئن : ’قران‘ کي هو ’قراڻ‘ ۽ ’جوان‘ کي ’جواڻ‘ ڪري ٿو ڪم آڻي. بيتن (وچن) لفظڪي هو ’ويڻ‘ ڪري ٿو ڪم آڻي. ’ن‘ بدران ’ڻ‘ جو استعمال، سنڌس ٻوليءَ تي پنجابي اثر ڏيکاري ٿو‘ (ص-٣٧)

پر منهنجيءَ سمجهہ موجب، اهو اثر پنجابي ٻوليءَ جو نہ، پر سرائڪي ٻوليءَ جو آهي. قابل احترام محقق پنهنجيءَ تحقيق ۾ ساڳئي صفحي (ص-٣٧) تي اڳتي لکي ٿو تہ :

’قاضي قادن جيتوڻيڪ قران جو حافظ هو ۽ عربيءَ ۽ پارسيءَ جو عالم رهيو هوندو، تنهن هوندي بہ سنڌس ٻوليءَ تي انهن ٻولين جو اثر تمام ڇڊو يا ڪٿي ڇڱي تہ نہ جهڙو آهي. سنڌس ڪلام ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا عربي ۽ پارسي يا انُهن لفظن جا تديو ڪم آيا آهن. انهن ۾ بہ گهڻائي اسمن جي اُهي جيڪي ظاهر آهي تہ ڪيس لازمي طرح ڪم آڻڻا پيا آهن، ٻئي طرف سنڌس ڪلام ۾ نج سنسڪرت ۽ پراڪرت جا لفظ يا انهن جا تديو روپ، تمام وڏيءَ ماترا ۾ ملن ٿا، جيئن : ’راتري‘، ’سرپ‘، ’ڪنچن‘، ’راس‘ ۽ ’سالور‘ وغيره اُن جا چند مثال آهن. (ص-٣٧)

قاضي قادن جي بيتن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي باري ۾ شري هيري ٺڪر جي خدمت ۾ آءٌ عرض ڪندس تہ قاضي قادن جي ننڍي شهر ۾ لڏي اچڻ ۽ اُن شهر ۾ ڪافي عرصو رهڻ جي ڪري سنڌس ٻوليءَ تي ’لاڙي لهجي‘ جو اثر بہ گهڻو نظر اچي ٿو. خاص ڪري سنڌس ٻوليءَ ۾ ڪم آندل ’ضمير متصل‘ جا مثال اهو ثابت ٿا ڪن تہ هن عالم پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي لهجو بہ عام طور ڪم آندو


books.sindhsalamat.com

آهي. مثال طور سنڌس هيٺين بيت جي ٻولي ڏسو :

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌين پريان پيچري

هن بيت ۾ جاڳايوس، ستو هوس ۽ ٿيوس فعلن جي ويڪارڻي صورت ۾ ’ضمير متصل‘ جو استعمال آهي. ضمير متصل جو اهڙيءَ طرح استعمال صرف لاڙي لهجي ۾ ئي ڪم آڻبو آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ بہ ضمير متصل جو اهڙو استعمال عام آهي. سنڌي ويڪارڻ موجب ضمير متصل جو اهڙو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي صرف لاڙي لهجي ۾ ئي نظر ايندو آهي. انهيءَ ڪري اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ قاضي قادن پنهنجي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجو بہ گهڻو ڪم آندو آهي.

(ث) قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ نئين روايت جو استعمال :

سنڌي محققن ۾ ديوان هيرو ٺڪر پهريون ئي محقق آهي جنهن قاضي قادن جي شاعريءَ جو تجزيو ڪري هيءَ راءِ قائم ڪئي تہ :

’قاضي قادن‘ زباني روايت تائين محدود اڻ گهڙيل سنڌي شاعريءَ کي نئين سوچ، نئون محاورو، نئين محاڪات ۽ نئين عبارت ڏني. اهي حقيقتون، قاضي قادن کي ’سنڌي شاعريءَ جي باني‘ ۽ پڪندڙ شاعريءَ کي نئين واٽ ڏيکاريندڙ جو درجو ڏيارين ٿيون. سنڌس سوچ، محاوري، محاڪات ۽ عمارت ڪان ڪانئس پوءِ وارا ڪيترائي شاعر متاثر رهيا جن ۾ شاهہ ڪريم ۽ شاهہ عبداللطيف جهڙا عظيم شاعر بہ شامل آهن. ڪانئس پوءِ وارن شاعرن جي شاعريءَ جي مضمونن ۽ عنوانن تي سنڌس اثر هيٺين ڪن مثالن مان ظاهر آهي :

قاضي قادن جو بيت :

اکر ٻيا وسار، الف اڳهون ئي ياد ڪر،
سو تون ڏيئو ٻار، جو نہ اُجهنيند ڪڏهن.

شاهہ لطيف جو بيت :

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا (سريمن ڪلياڻ)

قاضي قادن جو بيت :

لائي لم الف سان، ڪاتب لکين جيئن،
مون هينئڙو پريان سان، لڳو آهي تيئن.


www.sindhsalamat.com

قاضي قادن جو بيت :

ڪاتب لکين جيئن، لائي لام الف سان،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾ (سريمن ڪلياڻ) (ص-٦٤ ۽ ٦٥)

(ج) قاضي قادن جي شاعريءَ جو مضمون :

شري هيري ٺڪرکان اڳ، سنڌي ادب جي نقادن جھڙوڪ : خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ 'سنڌي' ۽ ٻين قاضي قادن جي شاعريءَ جي هن موضوع جي باري ۾ پنهنجن تحقيقي ڪتابن ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. شري هيري ٺڪر هن موضوع تي پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ صفحي ٣٠ ۽ صفحي ٦٦ تي تفصيل سان روشني وڌي آهي. مثال طور هو صفحي ٣٠ تي لکي ٿو تہ :

'قاضي قادن جي مٿي ڏنل بيتن ۾ تصوف جي پلٽ پلٽان، انهن ۾ ويدانت جو گيان انهن جي شاعراڻي رُتا ۽ انهن ۾ آيل سنڌي لوڪ ڪٿائن جا احوال اهي مڙيئي اهڙيون خصوصيتون آهن، جيڪي اڳتي هلي ٽن چئن سوَ سالن تائين سنڌي شاعريءَ تي ڇانيل رهيون. معنوي لحاظ کان بيتن جو ملهہ ڪٿڻ ممڪن ئي نہ آهي، تڏهن تہ سرگواسي لالسنگ اجواڻيءَ قاضي قادن جي شعر تي تبصرو ڪندي لکيو تہ: 'افسوس جو سنڌي شعر جي پهرئين مستند شاعر دنيا کي جيڪو خزانو ڏنو، اُن مان فقط ست جواهر موجود آهن.' (ص-٣٠)

ساڳئي موضوع جي باري ۾ صفحي ٦٦ تي روشني وجهندي شري هيرو ٺڪر لکي ٿو :

'قاضي قادن جي شاعري تصوف ۽ ويدانت جي شاعري آهي. سندس شعر تي تصوف جي فلسفي جي ڇاپ جو سبب اهو آهي تہ هوُ جنهن زماني ۾ ٿي گذريو آهي، تنهن زماني ۾ تصوف، هن نديءَ ڪنڌ تي جڻ ڇانيو پيو هو. سنڌ تي تصوف جو اثر نديءَ ڪنڌ جي ٻين حصن جي ڀيٽ ۾ پاڻ وڌيڪ رهيو هو. (ص-٦٦)

تصوف جي اُپٽار ڪندي، شري هيرو ٺڪر، صفحي ٦٦ تي لکي ٿو :

'تصوف يا صوفي مت موجب، 'خدا'، دور جي چيز نہ آهي.

صوفي، خدا سان هڪ شخصي ۽ گهاٽي سنبنڌ جو انيو ڪن ٿا.

صوفين جو مقصد آهي تہ ڪائنات جي اُپائڻهار کي سڃاڻڻ، جو بالخر پاڻ سڃاڻڻ تي وڃي ٿو دنگ ڪري. قاضي قادن جي شعر جو سڄو زور پاڻ سڃاڻڻ تي ئي آهي، جيئن فرمائي ٿو :



ليهان لک ڪيام، پسڻ کي پاڻان پرين،
سوجهي سيڻ لڌام، من منجهين ئي سپرين'

قابل احترام محقق، ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي لکي ٿو :

'اڳئين بيت ۾ جيڪو خيال سمايل آهي تہ پرماتما دنيوي علمن سان نٿو ملي پر اُهو پنهنجي اندر ۾ ئي آهي. انهن بيتن تي ڇانيل تصوف ۽ وحدت الوجود وارو خيال تازو مليل بيتن تي بہ ڇانيل نظر اچي ٿو (ص-١٤١)

شري هيري ٺڪر جي راءِ آهي تہ قاضي قادن، وحدت الوجود واري عقيدي تي هلندڙ هو، اُن سلسلي ۾ هوُ (شري هيرو ٺڪر) صفحي ٦٨ تي لکي ٿو تہ :

'تصوف يا صوفي مت جو روح روان آهي وحدت الوجود وارو عقيدو.

وحدت الوجود جو مطلب آهي 'همہ اوست' يا 'سڀ ڪجهہ هوُ ئي آهي.' اڪثر صوفي عارف انهيءَ مٿي تي هليا آهن.

'قاضي قادن'، جيئن سندس شعر مان ئي ظاهر آهي تہ وحدت الوجود واري عقيدي تي هلندڙ هو، مثال طور ڇيو اٿس :

'لا' لاهيندي ڪنهن کي 'لا' مورهين ناهہ
با الله ري پريان، ڪٿ نہ ڏسي ڪي ٻيو.' (ص-٦٨)

اَهڙيءَ طرح شري هيري ٺڪر جي راءِ ۾ قاضي قادن جي ڪلام تي ويدانت جو بہ گهڻو اثر رهيو آهي. هو صفحي ٦٨ تي لکي ٿو تہ :

'قاضي قادن جي شعر تي ٻيو ڇٽو اثر آهي ويدانت جو.

ويدانتي فلسفي جو نچوڙ آهي برهم، تت يا سڄيءَ ڪائنات جو وجود هڪ ئي آهي، ٻيو جو ڪجهہ آهي سو مايا جو طلسم آهي، برهم ۽ جيوَ وچ ۾، مايا ويڇو وجهي ٿي. جيو اگيان جي پولي ۾ پلجي هن 'ناسونت سنسار' (فاني دنيا) کي سچ سمجهي وينو آهي. اصلي چيز برهم.

پرماتما (الحق) کي اِنسان وساري وينو آهي. قاضي قادن، ويدانت کي هن طرح بيان ڪيو آهي :

پرين وساري رت روئن، ڪُبڌي ري ڪارڻ،
ڪنچن راس وڃائي ڪي، ٻُڪين ڏوڙ پون' (ص-٦٨)

شري هيري ٺڪر جي راءِ ۾ سنڌ 'ڀڳتي مت' جي هلچل کان بہ متاثر رهي آهي. هن راڻيلا جي ويجهو ڳوٺ جي هڪ مٺ مان قاضي قادن جي هٿ آيل بيتن تي 'ڀڳتي مت' جي اثر جو بہ ذڪر ڪيو آهي. مثال طور هو لکي ٿو تہ :



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’اهي بيت، پندرهين ۽ سورهين صديءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي معيار ۽ صلاحيتن، ٻوليءَ جي اوسر ۽ اُن جي تواريخي پس منظر کي تہ اُجاگر ڪن ئي ٿا پر انُهن جي هڪ تمام اهميت ڀري حقيقت پڻ اُڀري نڪتي آهي تہ هندستان جي اُترئين اڌ جي ساهت ۾ چوڏهين صديءَ ڌاري جيڪا ڀڳتي هلچل هلي هئي تنهن سان سنڌ بہ هم قدم رهي هئي. ڀڳتي ۽ گيان جي ڪاويہ جي اُها ڌارا جنهن اُن ايراضيءَ جي عوام جي دلين کي آنند سان ڀري ڇڏيو ۽ جنهن ۾ مهاراشٽر جي گيانيشور ۽ نامديو بهار جي وديا پتي، اُتر پرديش جي ڪبير (۱۳۹۸ع - ۱۴۹۴ع)، سوُرداس (۱۴۸۷ع-۱۵۶۰ع) تُلسيداس (موت : ۱۶۲۴ع)، پنجاب جي شيخ فريد (۱۴۵۰ع-۱۵۷۵ع)، گرونانڪ (۱۴۶۹-۱۵۳۸ع)، راجستان جي دادو ديال (۱۵۴۴ع-۱۶۰۱)، ميران (۱۵۰۴ع-۱۵۴۶)، گجرات جي نرسي مهتا (۱۴۱۳-۱۴۷۹ع) ۽ اکو ڀڳت وغيره سنت ڪوين ڀرو ورتو. تنهن ۾ شاهہ لطيف ڀلي ڀير سان ڀرو ورتو هجي، پر شاهہ کان بہ سوَ سال اڳ سنڌي سنت ڪوي، قاضي قادن، اُن ۾ اڳ ئي پنهنجو اهميت ڀريو يوگدان ڏيئي چڪو هو. شاهہ لاءِ مشهور آهي تہ هن جيڪو ڪُنو چاڙهيو هو، اُن جو ڍڪڻ سچل لاٿو هو، پر شاهہ لطيف جنهن ڪُني جو ڍڪڻ لاٿو هو سو ڪُنو، قاضي قادن چاڙهيو هو‘ (ص- ۳۰ ۽ ۳۱).

(د) قاضي قادن جي شاعريءَ جون صنعتي خوبيون :

۱. شري هيري ٺڪر قاضي قادن جي شاعريءَ جي ٻوليءَ جي هڪ اهڙي خوبي بہ بيان ڪئي آهي جيڪا پوءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تو‌ڙي اڳتي هلي ويهين صديءَ ۾ جديد ۽ ترقي پسند شاعرن، شيخ اياز، امداد حسيني توڙي ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ بہ عام طور نظر اچي ٿي. اُن خوبيءَ کي شري هيرو ٺڪر ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ ٿو ڪوٺي. ڪافي عرصو اڳ، مون بہ پنهنجي هڪ مضمون ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي اهڙي استعمال کي ’لفظن جي تڪرار‘ طور سڏيو هو، پر دراصل سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، شاعريءَ ۾ لفظن جي اهڙي استعمال کي ’تجنيس خطيءَ‘ جو استعمال سڏيو آهي.

شري هيرو ٺڪر ڪنهن بہ شعر ۾ لفظن جي اهڙي ’تڪرار‘ واري استعمال واري مفهوم جي وضاحت لاءِ ’ڪنهن بہ شعر ۾‘ ساڳيا ساڳيا لفظ يا اصطلاح، هڪ کان وڌيڪ دفعا ورجائڻ واري شاعراڻي انداز سان پنهنجي شعر ۾ لسانياتي خوبي پيدا ڪرڻ واري خوبي ڪري سڏيو آهي.‘

شري هيري ٺڪر پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ صفحي ۷۲ تي قاضي قادن جي بيتن ۾ ڪم آندل اهڙيءَ خوبيءَ کي ’قاضي قادن جي بيتن ۾ وراڻ‘ واري خوبي‘ جو



عنوان ڏنو آهي، پر ٻوليءَ جي سيني ماهرن ڪنهن بہ ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ اهڙيءَ خوبيءَ کي ’وراڻ‘ جي بدران ’صنعت تجنيس تام‘ جو استعمال سڏيو آهي. مثال طور قاضي قادن جا هي بيت ڏسو :

حقيقي مون سيڻ، وسن سهر حقيق ۾
ڳالهہ چون حقيقان، چون حقيقي ويڻ.

قاضي قادن پنهنجي هن بيت ۾ حقيق، حقيقان ۽ ’چوڻ‘ لفظن تي ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ وارو شاعراڻو انداز ڪم آندو ويو آهي.

يا سفيفي مون سيڻ، وسن سهر سفاف ۾
ڳالهہ چون سفافيان، چون سفافي ويڻ.

هن بيت ۾ ’قاضي قادن‘، ’سفيفي‘، ’سفاف‘، ’سفافيان‘ ۽ ’چون‘ لفظ، ’وراڻ‘ واريءَ خوبيءَ طور ڪم آندا آهن.

يا وري هي بيت ڏسو :

جي مون ڏيتين لک ڏڙ، ڏڙ ڏڙ لک سران،
سر سر لک مهان تيئن، مَهہ مَهہ لک جيان،
سڀي جيان تڪيان، هڪڙيان لوان،
صفت تنهنجي راجيا، تي هون ڪيئن ڪران.

هن بيت ۾ قاضي قادن، ’ڏڙ ڏڙ‘، ’سر سر‘ ۽ ’مُهہ مَهہ‘ لفظن جي استعمال سان ’وراڻ‘ واريءَ خوبيءَ کي نمايان ڪيو آهي، قاضي قادن کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ انهيءَ قسم جي ’وراڻ‘ يعني ’صنعت تجنيس تام‘ جي استعمال جا بيشمار مثال ملن ٿا.

۲. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ٻين صنعتن جي استعمال واريءَ خوبيءَ جو ذڪر ڪندي شري هيري ٺڪر صفحي ۶۹ تي تمثيلن ۽ تشبيهن جي استعمال جي باري ۾ بہ ڪيترائي مثال ڏنا آهن. مثال طور هوُ لکي ٿو تہ :

’تمثيلن (روُپڪن) لاءِ هن جيڪي تشبيهون (اپمائون) ڪم آنديون.

اهنسي سموريون ڏيهي ۽ پنهنجي آسپاس جي ماحول مان ڪنيل آهن. مثال طور ’تلاءُ‘، ’هنس پکين‘ ۽ ’ڪنول جي گُل‘ واريون تشبيهون ’ٻاٻيهي‘ (چاتڪ) جي تڙڦي مرڻ، ساموندي سفرن، ٻيڙين، تارن ۽ تلهڙي واريون تشبيهون توڙي ويڄن، وايوڙين جا ذڪر، مهراڻ ۽ ساگري درياہ واريون تشبيهون، اهي سڀ اسان جي پنهنجيءَ زندگيءَ مان ئي ورتل آهن جن سان اسان جي سڃاڻپ آهي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ساڳيو خيال ’تلاءُ‘، ’ڪنول‘ ۽ ’ڏيڏر‘ واريءَ تمثيل ذريعي به ظاهر ڪيو اٿس. سنسار روپي تلاءَ ۾ ’برهم‘ (الحق) روپي ڪنول به ڦاريو پيو آهي، پر انسان روپي ڏيڏر، جنهن کي اُن جي سمجهه ئي نه آهي، سو تلاءَ جي تري ۾ ليٽڙيون پائي مٽي وينو کائي:

جي سالورو سُڌ لهي، ڪنولن سندي ڪاءِ،
تہ پيو پاتال ۾، هوند نه مٽي کاءِ (ص-٦٨)

سندس شعر تي ٻاهريون يا جيئن ڪن اساسي شاعرن تي جيڪو پارسيءَ جو اثر آهي سو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ساقي شراب ۽ پيالن وغيره جي ذڪر وارو پارسي اثر جيڪو شاهه عنات ۽ ٻين ڪن اساسي شاعرن جي شعر تي آهي سو لڳي ٿو تہ قاضي قادن کان پوءِ سنڌي شاعريءَ تي پيو آهي. قاضي قادن جو شعر اُن کان بلڪل اڇوُتو آهي. (ص-٦٩)

(ر) قاضي قادن جي بيتن جا گهاڙيٽا:

پنهنجيءَ هن لاجواب تحقيق ۾ شري هيري ٺڪر قاضي قادن جي بيتن جي شاعراڻن گهاڙيٽن جي باري ۾ صفحي ٧٠ تي پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي، شري هيري ٺڪر کان اڳ خان بهادر محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘، توڙي ڊاڪٽر عبدلجبار جوڻيجي به هن عنوان تي پنهنجين تحقيقن ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪيو هو، پر شري هيري ٺڪر جو هن موضوع جي باري ۾ ڏنل رايو وڌيڪ تفصيل ۽ وضاحت وارو آهي. هوُ صفحي ٧٠ تي لکي ٿو تہ:

’قاضي قادن جا هيستائين ست بيت جيڪي ’بيان العارفين‘ ڪتاب مان مليا هئا، تن جي شاعراڻي چند چاڻ ڪرڻ وقت اهو پڌرو ٿي بينو هو تہ هن جو شعر، شعر رچڻ جي پارتي طريقي تي ٻڌل آهي. اُنهن ۾ ’ٻه دوها‘، ’ٽي ٻڙا دوها‘، ’هڪ سورٺو‘ ۽ هڪ ’تون بيري دوهو‘ هو.

سندس تازو مليل بيتن مان اها حقيقت وڌيڪ پڌري ٿي بيني آهي تہ سندس اڄ تائين موجود جملي بيت، چند شاستر جي ’دوها‘، ’سورٺا‘، ’ٻڙو دوهو‘ ۽ ’تُنويري دوهو چند‘ ۾ رچيل آهن، تازو مليل بيتن ۾ ٦٥ دوها، ٤٤ سورٺا، ٢ ٻڙا دوها ۽ هڪ تُنويري دوهو، ٻه چوپدا ۽ هڪ ٽپدو آهن. (ص ٧٠ ۽ ٧١).

شري هيري ٺڪر، ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي صفحي ٧١ تي لکي ٿو:

’هڪڙا اُهي بيت آهن جن ۾ ٻن کان وڌيڪ مصراعون آهن. سندس هڪ سوَ نو بيت ٻن مصراعن وارا آهن، ٽي بيت ٻن کان وڌيڪ مصراعن وارا آهن. سنڌيءَ جي ڪن عالمن کي پهرين اهو خيال ويٺل هو تہ سنڌيءَ ۾ ٻن کان وڌيڪ مصراعن ۾ ڪلام



books.sindhsalamat.com

چوڻ جي شروعات سڀ کان پهرين شاهه عبداللطيف ڪئي هئي، پر پوءِ شاهه عنات ۽ شاهه لطف الله قادريءَ جا چڱي تعداد ۾ ٻن کان وڌيڪ مصراعن وارا بيت ملڻ ۽ شاهه ڪريم جا ٽن مصراعن وارا بيت ملڻ بعد اهو اثر هٽيو هو. (ص-٧١)

شري هيرو ٺڪر ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي لکي ٿو تہ:

’تازو هرياڻا مان قاضي قادن جا جيڪي بيت مليا آهن تن ۾ ٻہ چئن ٽُڪن وارا ۽ هڪ ٽن ٽُڪن وارو بيت آهي (عدد ٦٩، ٧٢ ۽ ١٠٩) جنهن مان هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ ٻن کان وڌيڪ ٽُڪن وارا بيت چوڻ جي روايت، شاهه لطيف، شاهه عنات، شاهه لطف الله قادريءَ ۽ شاهه ڪريم کان به اڳ قاضي قادن واري وقت ۾ به هئي. (ص-٧١)

(س) قاضي قادن جا همعصر شاعر:

اڳ ۾ به عرض ڪيو ويو آهي تہ قاضي قادن سمن جي آخري زماني ۽ ارغونن جي اوائلي دور جو، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. شري هيري ٺڪر به پنهنجيءَ هن تحقيق ۾ هن عنوان تي صفحي ٣١ تي روشني وڌي آهي. هوُ لکي ٿو تہ:

’قاضي قادن، هندي، پنجابي، راجستاني ۽ گجراتيءَ جي ڪيترن ئي سنت ڪوين جو همعصر رهيو آهي. اها ڳالهه ڏيان ۾ آهي تہ جنهن زماني ۾ اُتر پارت ۾ ڪبيرداس، سوُرداس، پنجاب ۾ شيخ فريد ۽ گرونانڪ ۽ پڳتي، پريم ۽ گيان جا گل وسائي رهيا هئا، اُن ساڳئي ئي زماني ۾ سنڌ ۾ قاضي قادن اٽڪل ٽيهن سالن جي عمر جو هو، ميران جو جنم قاضي قادن جي جنم کان اٽڪل چاليهه سال پوءِ ٿيو. گرونانڪ ۽ سوُرداس، قاضي قادن جا ذري گهٽ همعصر هئا. قاضي قادن جي وفات وقت، دادو ديال اڃا ستن سالن جو هو. تُلسيداس، قاضي قادن کان پوءِ جو ڪوي آهي. انهن حقيقتن جي مدنظر، قاضي قادن جا تازو مليل بيت سنڌي ادب جي تواريخ جو هڪ اهميت پريو باب بڻجندا (ص-٣١).

(ش) قاضي قادن جي شاعريءَ جو ڪانئس پوءِ جي شاعرن تي اثر:

سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جي اڀياس جي سلسلي ۾، هي عنوان به نهايت ئي هڪ اهم عنوان آهي جنهن جي باري ۾، شري هيري ٺڪر کان اڳ ڪنهن به محقق ذڪر نہ ڪيو آهي. شري هيري ٺڪر، پنهنجيءَ هن تحقيق ۾، گهڻيءَ سوچ ۽ اڀياس کان پوءِ صفحي ٦٥ تي لکيو آهي تہ:

’شاهه عبداللطيف وانگرئي، شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ تي به قاضي قادن جي شاعريءَ جو گهاٽو اثر چٽيءَ طرح نمايان آهي. قاضي قادن جي وفات وقت، شاهه



www.sindhsalamat.com

ڪريم اجا چوڏهن ورهين جو هو، پر هو قاضي قادن جا بيت، هتان هُتان ٻڌي، انُهن ڪان ايتري قدر تہ متاثر ٿيو هو جو اُهي ياد ڪري ڇڏيا هئائين ۽ پنهنجي سماع جي مجلس ۾ اُهي پڙهندو هو. پنهنجيءَ مجلس ۾ قاضي قادن جا جيڪي بيت پڙهيائين تن مان فقط ست محفوظ رهجي ويا ۽ اُهي 'بيان العارفين' ۾ درج ٿي، روشنيءَ ۾ آيا، انهن مان ٽن بيتن جي مضمون ۽ معني ڪان متاثر ٿي، شاهہ ڪريم پاڻ پنهنجا بيت چيا، اُن جو ثبوت، ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ترتيب ڏنل ڪتاب، 'شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام' جي صفحي ٢٥، ٢٦، ٨٨، ٩٣ ۽ ٩٤ جي حوالي سان ڏنو اٿس. (ص ٦٥)

شري هيري ٺڪر، پنهنجيءَ هن تحقيق ۽ صفحي ٦٥ تي ساڳئي عنوان جي باري ۾ اڳتي لکيو آهي تہ :

'اها ڳالهہ پنهنجي ليکي، شاهہ ڪريم تي قاضي قادن جي اثر ۽ معنوي خيال ڪان قاضي قادن جي معيار ۽ مقبوليت جي شاهد پري ٿي. (ص-٦٥)

قابل احترام محقق، پنهنجيءَ هن تحقيق جي صفحي ٦٦ تي، ساڳئي عنوان جي باري ۾ اڳتي لکي ٿو تہ :

'شاهہ ڪريم بعد شاهہ لطف الله قادريءَ بہ ڪي بيت، قاضي قادن جي بيتن ڪان متاثر ٿي چيا آهن. ان طرح مبين شاهہ عنات ۽ پڻ بعد وارن ٻين ڪيترن ئي سنڌي شاعرن تي، قاضي قادن جي فڪر، محاوري ۽ عبارت جو زوردار اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. (ص ٦٦)

بهرحال شري هيري ٺڪر جي هن لاجواب تحقيق جي هر عنوان جو هر نڪتو، تفصيلي اڀياس گهري ٿو ڇاڪاڻ تہ هن تحقيق جي گهري اڀياس ڪان پوءِ ئي هڪ طرف سنڌ جي اوائلي دور (سمن ۽ ارغونن جي دور) جي هڪ پراڻي شاعر جي شاعريءَ، سندس فڪر، فلسفي ۽ سندس شاعريءَ جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي باري ۾ سمن ۽ ارغونن جي دور تائين، سنڌي ادب جي تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ادبي معيار ۽ مقام جي خبر پئجي سگهي ٿي تہ ٻئي طرف شري هيري ٺڪر جهڙي سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ۽ خاموش ودوان، محقق ۽ نقاد جي علمي، ادبي تحقيقي ۽ تنقيدي معيار ۽ مقام جي باري ۾ وڏي ڄاڻ ملي ٿي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ باب جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ملي ٿي.



# ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا

- ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ ''ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا'' سو اها چوڻي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي اديب، عالم، محقق ۽ محسن هيرو ٺڪر تي سؤ سيڪڙو ٺهڪي اچي ٿي.

سنڌي ادب جي تاريخ ڪي عام طرح شاهہ عبداللطيف جي پڙ ڏاڏي شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري ڪان شروع ڪيو ويندو هو جنهن ۾ قاضي قاضن نالي هڪ شاعر جا ڪل ست بيت پڻ شامل هوندا هئا، جن جي ٻولي ۽ فڪري گهرائيءَ ڪي ڏسندي اهو اندازو لڳايو ويندو هو تہ اهو ضرور ڪو وڏو ۽ اعليٰ درجي جو شاعر هوندو. ان شاعر ڪي اسان جي هن هيري يعني دادا هيري ٺڪر نيٺ وڃي ڳولهي هٿ ڪيو ۽ سنڌ جي اَدبي تاريخ ڪي ٻہ ٽي صديون اڳ ڪان ئي ثابت ڪيو. اها ڪا معمولي کوجنا ڪانہ هئي. هندستان جي هريانہ صوبي مان ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل ڪلام ڪي موجوده سنڌي لپيءَ ۾ اُٿلائي عالمن جي اڳيان پرکڻ لاءِ پيش ڪرڻ ڪانپوءِ ان جي تصديق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سراج ميمڻ ۽ ڊاڪٽر الانا جهڙن عالمن ڪئي ۽ دادا هيري ٺڪر ڪي اها مڃتا ڏني جيڪا ڪنهن اِتهاس يا تاريخ جوڙيندڙ مهان شخصيت ڪي ملندي آهي.

سن جي ڏهاڪي ۾ سراج برٽش ميوزيم مان آڳاٽي اَدب جا ڪجهہ نسخا هٿ ڪيا هئا، جن بابت سندس مضمون رسالي ''نئين زندگيءَ'' ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ لکيو هئائين تہ اسان ڪي جيڪڏهن سنڌي ادب جو آڳاٽو ادب ڳولهڻو آهي تہ پوءِ اِهو ناگري ۽ پروٽو ناگريءَ ۾ ڳولهڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو عربي سنڌي رسم الخط ڪان اڳ ۽ پوءِ بہ اهي رسم الخط سنڌ ۾ گڏوگڏ رائج رهيا آهن. پاڻ جيڪو نسخو هٿ ڪيو هئائين اِن ڪي مراثي ٻوليءَ جي نسخن سان گڏ رکيل ڏنو هئائين جنهن تي هڪڙو نوٽ ١٦٨٥ع جو لکيل هو، جيڪو شاهہ لطيف جي جنم ڪان بہ اڳ جو آهي، جڏهن تہ ٻيو نوٽ سنہ ١٧٨٧ع جو آهي. ان نسخي ۾ هڪ بيت جي پڙهڻي هيءَ هئي :

ماڻڪ مِٽُ ڪِيوم، اونداهيءَ ۾ اوجرو
هلندي درجيب ڏي، سمر سو ٿيوم



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

تيلائين ڏيوم، اگوندرو عالم ۾

اَهڙيءَ ريت اها ڳالهه ته ثابت ٿئي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جو اَدب گهڻو آڳاٽو آهي پر ڪنهن هڪ شاعر جو اعليٰ پائي جو ڪلام ڪوج ذريعي هٿ ڪرڻ ۽ ان کي هند سنڌ ۾ پڌرو ڪرڻ جو سهرو بيشڪ سائين هيري ٺڪر جي سر تي سونهين.

اِهو ته ٿيو سنڌن هڪڙو عالماڻو رُخ جنهن جا ٻيا پهلو سنڌن بي شمار مقالا ۽ مضمون آهن جيڪي پاڻ هند سنڌ ۾ مختلف سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ پيش ڪندو رهيو آهي، آءٌ انهن جي تفصيل ۾ نٿي وڃان جو اهو رخ اَدب جي عام پڙهندڙن جي علم ۾ آهي، مون سائين هيري ٺڪر جو هڪڙو ٻيو رخ به ڏٺو آهي. جيڪو هندستان جي ٻين سنڌي اَديبن عالمن کان بنهه جدا آهي. پاڻ جڏهن به سنڌ آيو، هتي سنڌن ميزبان ڪير به هجي، هو اسان جي دعوت تي اَدا سراج سان ملڻ ضرور ايندو هو ۽ مون اِئين محسوس ڪيو ته ڄڻ هن کي اَدا سان محبت ۽ عقيدت تمام گهڻي هجي ۽ ساڳيو حال ادا سراج جو هو، هو کيس جينئن (Genuine) عالم سڏيندو هو، ادا سراج جي نندي پيڻ هئڻ ناتي هن مون کي به هميشهه ئي پيڻ وارو درجو ڏنو ۽ سِڪ ۽ محبت ڏني.

آءٌ ٽي چار ڀيرا هندستان جو ڀيرو ڪري آئي آهيان، هڪ ڀيري ممبئيءَ وئي هئس ۽ باقي دهليءَ ۾ ساهتيه اَڪيڊميءَ طرفان ڏيندڙ سيمينارن ۾ شرڪت لاءِ ويس. هر ڀيري ايئرپورٽ تي ٻيو ڪير هجي نه هجي دادا هيرو گُلن جا هار کڻي آدرڀاءُ لاءِ ضرور موجود هوندو هو. سيمينار يا ڪانفرنس ڪير به ڪرائي اسان لاءِ ڄڻ ته ميزبان پاڻ ئي هوندو هو. شهر گهمائڻ، تاريخي ماڳ ڏيکارڻ ۽ ٻين اديبن سان ميل ملاقاتون ڪرائڻ لاءِ هر وقت هڪيو حاضر هوندو هو، ايتري قدر جو سندس شريمتي به اسان سان گڏ دهليءَ جي بازارن ۾ گهڻو گهمي اسان کي ٻارن لاءِ شاپنگ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ واپس ايندي مهل سوکڙيون پاکڙيون ڏئي موڪليو. دهليءَ جي ٻين اديبن ۾ مون اها خاصيت ڪانه ڏٺي، اهي ائين ئي لڳا جيئن وڏن شهرن جا خاص ڪري گاديءَ جي شهر جا شهري هوندا آهن، پر دادا هيري ۾ سنڌين واري اصلوڪي مروت محبت ۽ سِڪ اڃا موجود آهي.

٢٠١١ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ سندس دوست سراج ڪينسر جي علاج لاءِ دهليءَ پرسان گڙڳانءُ ويو هو ته اُتي به پاڻ سيڙجي سندس طبيعت پُڇڻ ۽ ساڻس علمي اَدبي ڪچهريون ڪرڻ روز ويندو هو. دادا هيري ڪانسواءِ دادا مرليڌر جيٽلي پڻ ادا



books.sindhsalamat.com

سراج سان ملڻ ۽ طبيعت پُڇڻ ويو هو، اهي عالم اسان جي ٻوليءَ جا سچڻ ۽ گهڻا گهرا شال سلامت رهن، اسان سندن نيڪين کي ڳائي پيا ڳائيندا اسين.

دادا هيرو ٺڪر شاهه لطيف جي ميڙي تي جڏهن به ايندو آهي، اسان جا ادبي سيمينار جرڪي پوندا آهن، هاڻي وري الائجي ڪڏهن ڪو سٺائو واءُ ورندو جو هو اسان وٽ يا اسين اُنهن وٽ وڃي وري ميڙا مچائيندا اسين.

سنڌي ٻوليءَ جا پاڳ پلا آهن جو اُن سان پيار ڪرڻ وارا سرحد جي ٻنهي پاسي ڏينهن رات نور نچوئي ان کي شاهوڪار بڻائيندا اچن. ادا سراج ۽ دادا هيري جي ٿيءَ ڪانپوءِ اسان جي ٿيءَ تائين انهن جو پاڻ ۾ اچ وڃ ۽ علمي ادبي ڏي وٺ جو سلسلو بنا روڪ جي هلندو رهيو آهي، پر ان کان پوءِ واري ٿيءَ لاءِ شايد اهو ممڪن نه رهي، ان جو ڪارڻ هند ۾ عربي سنڌيءَ بدران ديوناگري لپيءَ جو رائج ٿيڻ آهي ان ڪري ضروري آهي ته ٽرانسلٽريشن جي سهوليت تي ڪمپيوٽر جا ماهر ڪم ڪن ۽ پنجابي ٻوليءَ وانگر هڪ ڪلڪ سان جيئن گرمکيءَ مان شاهه مُکيءَ ۾ لکت کي اُٿلائي ٿو سگهجي تيئن سنڌي پڻ ديوناگريءَ مان عربي سنڌي ۽ اُبتڙ عمل سان اُٿلائي سگهجي ته پوءِ ٻنهي طرفن جو تعلق ۽ رابطو قائم رهندو. تڏهن ئي اِهو ممڪن ٿي سگهندو ته دادا هيري ٺڪر وانگر ڪو ٻيو عالم قاضي قاضن جهڙي ڪنهن ٻئي قديم شاعر کي دريافت ڪري سنڌي اَدب جي قدامت کي اَڃا به وڌيڪ ثابت ڪري سگهي، جنهن سان اسان جو گڏيل علمي ادبي ورثو اسان کي فخرمند ڪندو.

شال ڏٺي سڀُورو دادا هيري ٺڪر کي وڏي ڄمار ڏي ۽ هو اسان جهڙن ادب جي شاگردن جي رهنمائي ڪندو رهي ۽ پنهنجي مٺڙي سنڌي ٻوليءَ جو دامن علم جي هيرن موتين سان پريندو رهي.



www.sindhsalamat.com

# سنڌي ساهت جو هيرو

**- شوڪت حسين شورو**

ماءُ ۽ پيءُ کي اها خبر ڪانه هئي ته هو جنهن ٻار تي هيرو نالو رکي رهيا آهن، سو وڏي ويجهي سچ پچ هيرو ٿيندو، سنڌي ٻوليءَ جي ساهت جو، پر رڳو ساهت جو نه، يارن دوستن جو به.

هيرو ٺڪر سنڌي ساهت جو وڏو نالو آهي. ادب جي مختلف صنفن ۽ ادبي شخصيتن بابت هن جا مضمون تورِيل تڪيل ۽ تحقيقي بنيادن تي لکيل هوندا آهن. سنڌيءَ جو ڪلاسيڪل ادب هجي يا جديد ادب، هيري ٺڪر ٻنهي جو گهرو اڀياس ڪيو آهي، جيڪو سندس لکيل مضمونن مان ظاهر ٿي ويندو آهي. هو رڳو ڏُڪا ڪونه هڻندو آهي، پر ادبي ۽ تاريخي حوالن سان ڳالهه ڪندو آهي. سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل شاعر قاضي قادن جي گُم ٿيل بيتن جو ذخيرو هٿ ڪري سنڌي ساهت کي مالامال ڪرڻ هيري ٺڪر جو هڪ اَهڙو وڏو ڪارنامو آهي، جيڪو سنڌي اَدب جي تاريخ ۾ هميشه ياد رکيو ويندو. ان ادبي ڪارنامي سبب هيرو ٺڪر خاص طور سنڌ ۾ وڏو ريسرچ اِسڪالر ڪري ليکجڻ لڳو. قاضي قادن کانپوءِ هيري ٺڪر کي پراڻي ڪلاسڪ دور جي ڪجهه شاعرن جهڙوَ ته دادو ديال، شيخ پرڪيو ۽ ٻين جو سنڌي ڪلام پڻ هٿ آيو. اها به هڪ وڏي علمي کوجنا آهي، پر ڪن اڻ ڄاتل سببن جي ڪري، جن کي هيرو پاڻ بهتر ڄاڻي ٿو، ان کي ڇپائي ڪتابي صورت ۾ پڌرو نه ڪيو ويو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ۾ جڏهن مان ڊائريڪٽر هوس، ته مون ڪيترائي ڀيرا هيري تي زور ڀريو ان ڪتاب جو مسودو مونکي ڏيڻ لاءِ ته جيئن سنڌالاجي پاران ڇپرائي پڌرو ڪريان. سنڌ گورنمينٽ جي ڪلچرل ڊپارٽمينٽ طرفان به ڪيس اَهڙي آڇ ڪئي وئي. پر هو اهو مسودو اڃا ڪنهن کي ڏيڻ جي لاءِ تيار ڪونهي. جيتوڻيڪ مون اهو مسودو سندس گهر ۾ ڏٺو به آهي. هيرو ان ۾ اڃا ڪجهه وڌيڪ سُڌارو ۽ واڌارو ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن لاءِ شايد ڪيس وقت نٿو ملي. مان چوان ٿو اهو مسودو جهڙي به صورت ۾ آهي سو سندس ۽ اَسان جي حياتي ۾ ڇپجي وڃي ته ڏاڍو سٺو.

هيرو ٺڪر منهنجو ذاتي ۽ پيارو دوست آهي. شخصي اوڻايون يا گهٽ وڌائي هر اِنسان ۾ هوندي آهي، جنهن کان ڪير به آجو ڪونهي. پر پوءِ به هيرو يارن جو يار ۽ مهمان نواز شخص آهي. سنڌ ۾ ته گهڻا ماڻهو اها هام هڻن ٿا ته هيرو ٺڪر سندن ويجهو دوست آهي. حقيقت اها آهي ته سدا حيات هري موٽواڻي سنڌي کانپوءِ



هندستان جي ڪنهن سنڌي ليکڪ کي سنڌ ۾ تمام گهڻو پيار ۽ مانَ مليو آهي ته اُهو هيرو ٺڪر آهي. هري موٽواڻيءَ بابت سنڌ ۾ هرڪو ائين سمجهندو هو ته هوُ فقط سندس ئي وڏ ۾ وڏ پيارو آهي، پر اصل ۾ هري هر ڪنهن کي پيار ڪرڻ وارو هو، انڪري ڪيس به هرڪنهن وٽان اڻ ميو پيار ملندو هو. هري موٽواڻيءَ کان پوءِ سندس خالي پيل جاءِ جيڪڏهن ڪنهن پري آهي ته اِهو هيرو ٺڪر آهي.

هيري ٺڪر کي سنڌ ۾ چاهڻ وارا ايترا گهڻا آهن جو سنڌ ۾ اچڻ وقت هن جي لاءِ اها ڏکي ڳالهه ٿي پوندي آهي ته هو ڪنهن کي ڪيترو ٽائيم ڏئي راضي ڪري. هرڪو ائين چاهيندو آهي ته هيرو جيترو وقت سنڌ ۾ هجي، اهو سڄو وقت ساڻس گڏ هجي. هيري کي چاهڻ وارن ۾ رڳو ليکڪ ئي ڪونه هوندا آهن، پر ٻيا به ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن جو ادب سان ڪو گهڻو لاڳاپو ڪونه هوندو آهي. ايترن گهڻن ماڻهن کي ٽائيم ڏئي خوش ڪرڻ اِنسان جي لاءِ ممڪن ئي ڪونهي. پر هيرو ته هيرو آهي نه. هو ٿورو گهڻو وقت هرڪنهن کي ڏئي راضي ڪندو آهي.

وري جڏهن سنڌ مان ڪو ماڻهو هند ۾، خاص ڪري دهليءَ ۾ ويندو آهي ته هيري جي ڪار ۽ سندس ڊرائيور جگديش مهمان جي لاءِ هڪيا تڪيا حاضر هوندا آهن. دهليءَ جهڙي اجهاڳ شهر ۾ هيرو پنهنجي ڪار ۾ مهمانن کي گهمائيندو وتي، ان کان وڌيڪ ٻيو هنن کي ڇا کپي!

مان جيترو وقت دهليءَ ۾ هوندو آهيان ته جڏهن هيري جي گهر جو ڀاتي ٿي رهندو آهيان. اسان جي ڀيڻ ۽ ڀاڄائي پوڄا جي هٿ جا ٺاهيل مزيدار کاڌا کائي دل چوندي آهي ته دهليءَ ۾ رهي پئجي، جيڪو ممڪن ڪونهي. وري جڏهن مون کي پنهنجي گهروارن جي فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهه شيون خريد ڪرڻيون هجن، ته سامان جي خريداريءَ جو جيڪو ڏانءُ ڀاڄائي پوڄا کي آهي تنهن مان وڏي مدد ملندي آهي. ڪيس شابس هجي جو گهر جا ڪم سيڙائي گڏجي هلي سني اَگهه سان سامان وٺي ڏيندي آهي.

هيرو ٺڪر گريڪ ۽ هندو متالاجي جي ڪنهن به هيرو کان وڌيڪ خوش نصيب آهي جو هن کي پوڄا جهڙي سلڇڻي زال ملي آهي. هوءَ هيري ٺڪر جي دوستن جو ايترو خيال رکندي آهي جو ڄڻ سندس سيڻ هجن. ”ڀائو هي کائو...ڀائو ڪجهه کاڌوئي ڪونه اٿو...ڀائو وٺو نه اڃا...“ پر ڪيترو کائي ڪيترو کائجي! جنهن گهر ۾ ايترو پيار هجي، ايتري پنهنجائپ هجي، سو رڳو هيري ٺڪر جو گهر ٿي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ”سنڌي ادب جو هيرو، هيرو ٺڪر“

**- ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

شري هيرو جيٺالال ٺڪر سنڌي ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ هڪ نامياري، اوچ ۽ برجستي قلمي قداور شخصيت طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، مون ڪان ڄمار ۾ ٻه سال وڏو آهي. سندس ولادت ٢ مارچ ١٩٤٣ تي حيدرآباد ۾ ٿي. ١٩٤٧ع ۾ جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ته ڪيس پنهنجي وڏڙن سان گڏ سنڌ ڇڏي وڃي الُهاسنگر ۾ آباد ٿيڻو پيو. هند ۾ جيڪي سنڌي ڄاوا آهن، انُهن مان ڪيترا پنهنجي ٻوليءَ جي ڄهوليءَ مان ٻاهر نڪري ويا آهن، پر هيرو ٺڪر پنهنجي اَباڻي وطن ۽ ماءُ جي ٻوليءَ کي وساري نه سگهيو آهي. هن ٻوليءَ جي ڄهوليءَ ۾ جيڪا گُل وڌا آهن، اهي صدين تائين سرهاڻ ڏيندا رهندا. خاص طور تي سندس قاضي قادن جي ڪلام کي هٿ ڪري سموهي ڪتابي صورت ۾ پيرائڻ سندس وڏو ڪارنامو آهي. انهيءَ کان اڳ اسان قاضي قادن جا ست بيت پڙهي عالم ۽ اڪابر ٿياسين، پر هيرو ٺڪر قاضي قادن جو سمورو ڪلام گڏ ڪري اسان کي ٻه حيران ڪيو ته سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب جي اضافي ڪرڻ جو ڪارڻ ٻه ٿيو. ڌارين جي دور ۾ صديون اڳ جڏهن ”پارسي گهوڙي چاڙهسين“ جا نعارا لڳندا ها، تڏهن سنڌ جي شاعرن ايترو ڪلام لکيو، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ سنڌيءَ فلسفي جي عظمت جي ساک ملي ٿي. هيرو ٺڪر واقعي هن مثالي حقيقي ڪم ڪارڻ سنڌي ادب جو هيرو بڻجي ويو آهي.

هيري ٺڪر جا قلم ڪار جي حيثيت ۾ ڪيترائي روپ آهن. هو شاعر ٻه آهي ته محقق ٻه آهي. هن جي هڪڙي صورت ۽ سٺي مورت صحافيءَ واري ٻه آهي، ان ڪان سواءِ آل اِنڊيا ريڊيو سان ٻه لاڳاپيل رهيو آهي، هن جڏهن ١٩٦٧ ۾ گريجيوئيشن ڪئي ته انهيءَ ريڊيو اسٽيشن تي نيوز سروس ڊويزن ۾ نوڪري ورتائين ۽ سنڌي نيوز سيڪشن جو اڳتي هلي انچارج ٿيو. هن صحافت جو آغاز سنڌي روزانه اخبار ”هندستان“ جي خاطوءَ جي حيثيت ۾ ڪيو. ١٩٦٢ ۾ سندس قومي ڪوتائن جو ڪتاب ”گوليون“ شايع ٿيو. ١٩٧٨ ۾ سندس ڪتاب ”قاضي قادن جو ڪلام“ شايع ٿيو. هن ڪتاب هيري ٺڪر کي پهرين صف جي محققن ۾ آڻي بيهاريو. سنڌ توڙي هند جي محققن سندس هن تحقيقي پورهئي جي واکاڻ ڪئي. سنڌ مان منهنجي اُستاد سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبداللڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر بلوچ کيس خوُب داد ڏنو. هن ڪتاب کي سرڪاري ماهوار رسالي ۾ خوب داد ڏنو. هن ڪتاب کي سرڪاري ماهوار رسالي ”پيغام“ ۾ جيئن جو تيئن ڇپيو ويو. اهو ڪتابي صورت ۾ ٻه سنڌ ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ١٩٩١ ۾ سندس لکيل ڪتاب ”پيرومل



مهرچند آڏواڻي“ شايع ٿيو. سنڌ جي هڪ وڏي ليکڪ جي زندگيءَ جي احوال ۾ هيري ٺڪر کوڙ ساريون اهڙيون ڳالهيون کيون آهن، جن ڪري ڪاڪي پيرومل آڏواڻيءَ کي وڌيڪ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. انهيءَ ئي سال سندس ٻيو ڪتاب ”بهترين سنڌي مضمون“ شايع ٿيو. ١٩٩٧ ۾ سندس ڪتاب ”تحقيق ۽ تنقيد“ نون محققن ۽ نقادن جي لاءِ هڪ لاپائتو قلمي پورهيو ثابت ٿيو. هن ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ ثابت ٿئي ٿو ته هيرو ٺڪر نه فقط پاڻ محقق ۽ نقاد آهي، پر انهيءَ شعبي ۾ ٻين جي رهبري ۽ رهنمائي ٻه ڪري سگهي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهڙن ڪتابن جي کوٽ آهي، جنهن ۾ تحقيق ۽ تحقيقي خواهه تنقيدي لکڻ پيچرن، نمونن ۽ طريقن جي ڄاڻ ڏني ويئي هجي، هن ڪتاب تي ٢٠٠٣ ۾ هيري کي ساهتيه اڪيڊمي اَوارڊ مليو. هن ”ڪرشنچدر جون ننڍيون ڪهاڻيون“ ترجمو ڪري اَدبي حلقن مان وڏو داد ورتو ۽ ٢٠١٢ ۾ کيس ان تي ساهتيه اڪيڊيمي جو ترجمي وارو اوارڊ مليو.

جڏهن اوارڊن جي ڳالهه نڪتي آهي، ته اِهو ٻڌائبو ٻه هلجي ته ”سنڌي سوشل ۽ ڪلچرل ڪائونسل“ طرفان کيس ”سنڌي رتن اوارڊ“، قاضي قادن واري ڪتاب تي هند سرڪار جي ”سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ“ طرفان اوارڊ ۽ ”تحقيق ۽ تنقيد“، ڪتاب تي نئشنل ڪائونسل طرفان سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ وارو اوارڊ ٻه مليو. جهڙوڪ هيري ٺڪر جيترا ڪتاب لکيا، لڳ ڀڳ انهن سمورن تي کيس اوارڊ ٻه مليا، هن مان سندس ادبي، علمي ۽ قلم حيثيت ۽ عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هيرو ٺڪر سنڌي محققن جي مالها جو اهو موتي آهي، جنهن جو روپ ۽ رنگ ئي نرالو آهي. اهي ٿورا مثال ملن ٿا ۽ محققن شاعري ٻه ڪئي هجي. پير حسام الدين شاهه راشدي، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر سنديلو، ڊاڪٽر مرلي ڌرجيٽلي ۽ ٻيا کوڙ سارا نامور محقق ته آهن، پر سندن شاعر جي حيثيت ۾ سندن ايڏي وڏي، بلڪ ٿوري ٻه ڄاڻ سڃاڻ ڪونهي، پر هيرو ٺڪر محقق ٻه آهي ته برجستو شاعر ٻه آهي.

هيري ٺڪر جي شاعري ٻوليءَ، فن ۽ فڪر جي لحاظ کان پڙتي آهي. هن ٻولي سليس ڪتب آندي آهي، جيڪا عام فهم آهي. سندس شاعري جتي هن جي اندر جي اڌمن ۽ اُمنگن جي ڪهاڻي آهي، اُتي وقت ۽ حالتن جو اولڙو ٻه آهي، هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي اڪير ٻه آهي ته پنهنجي موجوده وطن سان محبت ٻه آهي.

شري هيرو ٺڪر اِنڊيا جي انُهن ليکڪن مان هڪ آهي، جن کي منهنجي گل حيات ڏسڻ، منهنجي ڳوٺ اچڻ ۽ مون سان قرب ، ڪچهرين ڪرڻ جو موعقو مليو. هاڻي اسان ٻئي زندگيءَ جي شام گذاري رهيا آهيون، پر پاڻ مان خوش آهيون ۽ پاڻ تي خوش آهيون ته پنهنجي زندگي اجائي نه گذاري آهي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# هيرو ٺڪر: شخصيت، علمي ۽ ادبي خدمتون

- پروفيسر سليم ميمڻ

هيرو ٺڪر، سنڌ ۽ هند جو اُهو اَدبي هيرو آهي، جنهن کي هند ۽ سنڌ جو هرڪو اديب هميشه پيار ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسندو آهي. ڪنهن دوست سان گڏهن ۽ ڪٿي پهرين ملاقات ڪئي ٿي، سا مون کي چڱي طرح ياد آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي ڪو گهڻو عرصو نه ٿيو آهي.

١٦ سيپٽمبر ٢٠٠٥ع جي ڳالهه آهي. سنڌي اديبن، ڏاهن ۽ فنڪارن جو هڪ وڏو وفد جنهن ۾ ٣٦ ڄڻا شامل هئاسون، ڪراچيءَ کان دهلي پي.آءِ.اي. جي اُڏام وسيلي روانا ٿياسون. دهلي پهچڻ تي جهاز جي ڪئپٽن اعلان ڪيو ته اسين دهلي پهچي ويا آهيون. مسافر پنهنجا سيٽ بيلٽ ڪشي وٺن. جهاز آهستي آهستي هيٺ لهڻ شروع ڪيو. دهليءَ جو شهر دريءَ مان صاف نظر اچي رهيو هو. پر ساڳئي وقت ۾ تيز وسڪارو جهاز تي ايتري تيزيءَ سان وسي رهيو هو، جو جهاز ۾ وڏڦڙي جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو. اوچتو جهاز هيٺ لهڻ بدران وري مٿي کڄڻ شروع ٿي ويو. ٿوري دير کان پوءِ وري جهاز جي ڪئپٽن جو اعلان ٿيو. تيز بارش جي ڪري وسيبلٽي زيرو تي وڃي آهي، تنهن ڪري هيٺ لهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. اسين واپس ڪراچي موٽي رهيا آهيون. سيني جا وات ڦاٽي پيا ته اهو وري ڇا؟ ڪراچيءَ کان جهاز يارهين وڳي روانو ٿيو هو ۽ ٺيڪ ساڍي ٻارهين وڳي دهلي پهتو هو، پر واپس موٽڻ سيني مسافرن جي چهري تي جڻ اُداسي پيدا ڪري ڇڏي هئي. جهاز ٻي وڳي واپس ڪراچي پهتو ۽ جهازڪي هوائي اَڏي جي عمارت کان پرتي بيهاري ڇڏيائون. ڪجهه دير کان پوءِ جهاز جا ايئر ڪنڊيشنر به بند ٿي ويا. ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ اعلان ٿيو ته هاڻي موسم صاف ٿي وئي آهي، واپس دهلي ٿا هلون. شام جو ساڍي ڇئين وڳي جهاز دهلي جي هوائي اڏي تي لٿو. قمر شهباز جي اڳواڻيءَ ۾ پهتل وفد جي زبردست آجيان ڪئي وئي. آجيان ڪندڙن ۾ دهلي اڪيڊمي جو وائيس چيئرمين سريش ڪيسواڻي، لڇمڻ ڀاٽيا ۽ ٻيا عهديدار ۽ عملدار شامل هئا. ڀارت جي ستن رياستن ۾ اٺون دهلي ۾ سنڌي اڪيڊميون قائم آهن، جن جا سربراهه ان رياست جا وڏا وزير آهن، جيڪي پنهنجي عهدي سببان ان جا ميمبر آهن، جڏهن ته وائيس چيئرمين ڪا ادبي شخصيت هوندي آهي. باقي ميمبرن ۾ ڪجهه ادبي ته ڪجهه سياسي شخصيتون شامل هونديون آهن. سريش ڪيسواڻي ڪا ادبي شخصيت ته



ڪونهي، پر ڪانگريس جي خاص سياستدانن مان آهي، سنڌ پرست آهي. اُن وقت راجيه سڀا (يعني سينيٽ) جو ميمبر هو. شيلا دڪشت جيڪا دهليءَ جي وڏي وزير هئي، سان سنڌي اڪيڊمي دهلي جي چيئرپرسن هئي.

دهلي اڪيڊميءَ جا عهديدار ۽ عملداراسان جي آجيان لاءِ دهليءَ جي هوائي اَڏي تي موجود هئا. هوائي اَڏي جي ڪارروايون پوري ٿيڻ کانپوءِ جڏهن ٻاهر نڪتاسون ته ٻاهرئين دروٽ ٽن شخصيتن اسان جي آجيان ڪئي، جن ۾ هري موٽواڻي، نند ڇُڳاڻي ۽ هيرو ٺڪر شامل هئا. هري (ڪوُنج جو ايڊيٽر) ته اسان وٽ سنڌ ۾ ايندو رهندو هو، ساڻس ملاقات ٿيل هئي، باقي هيرو ٺڪر ۽ نند ڇُڳاڻي سان دهلي ۾ اها پهرين ملاقات هئي. مون هريءَ کان پڇيو ته توهان هوائي اَڏي اَندر ڇو ڪونه آيا ته پاڻ ڪونه ڪڇيو، البت هيري ٺهڪ ڏيئي ڇيو يار ڇڏ ان ڳالهه کي! هيري جي چوڻ جي ان انداز ۾ پنهنجائپ واقعي ياري جو بنياد وڌو ۽ اها ياري اڄ تائين قائم آهي، ۽ قائم رهندي. ان کان پوءِ ڀارت ڪيترائي ڀيرا وڃڻ ٿيو آهي. هيري ۽ لڇمڻ سان ضرور ملاقات ٿيندي آهي. لڇمڻ سان ته تعلق اڃا به پُراڻو هو.

اڳتي هلي خبر پئي ته ڀارت ۾ اديب گروپن ۾ ورهايل آهن. لڇمڻ جنهن ڌڙي سان تعلق رکي ٿو، هيرو اُن ۾ شامل ناهي، سندس تعلق وري ٻئي گروپ سان آهي، پر ٻنهي مون سان ڪڏهن به هڪ ٻئي لاءِ اوپرائپ يا ڪنهن قسم جي شڪايت ڪانه ڪئي.

هيرو پنهنجي نالي جي خصوصيت، پنهنجي شخصيت ۽ تعلقات ۾ به رکي ٿو. نهايت ئي خوش مزاج، وسيع دل ۽ دماغ جو مالڪ آهي. خوش گفتاري سندس سڃاڻپ آهي. ڳالهائيندي ٽهڪ ڏيئي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ سندس فطرت جو اهم حصو آهي. پاڻ جڏهن به پاڪستان آيو، يا اسان جو ڀارت وڃڻ ٿيو ته ملاقاتن ۽ محبتن جو سلسلو اڃا به وڌندو ۽ پختو ٿيندو رهيو، جيڪو اڳتي وڌي گهروارن تائين وڃي پهتو آهي.

ٻين سنڌين جيان جن کي ورهاڱي وقت زبردستي لڏڻو پيو، تن ۾ هيرو ٺڪر به شامل آهي. ٻالڪپڻي ۾ هن به دردرجا ڌڪا کاڌا آهن. ڏونگر ڏوريا اٿس پر ٻين ڀارتي سنڌين جيان هن به وڃي هند ۾ ٽاڪ جوڙيا. اهو سوڙهو اُن سنڌيءَ جو آهي، جنهن پنهنجا ٽاڪ ڇڏي، الُهاسنگر ۽ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ وڃي، نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي.

هيري سان منهنجو هڪ ٻيو به پراڻو تعلق هو، هيرو آل انڊيا ريڊيو تان خبرون



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

پڙهندو هو ۽ مان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان خبرون پڙهندو هئس. مون ١٩٧٠ع ۾ ريڊيو تان خبرون پڙهڻ شروع ڪيو. اُن وقت ڪراچي جي لوڪل خبرن کان سواءِ جيڪي شام جو ڇهه وڳي ويهن منٽن تي نشر ٿينديون هيون. جنهن ڏينهن شام جون خبرون پڙهندو هئس، اُن ڏينهن آل اِنڊيا ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ نشر ٿيندڙ خبرن جي مانيٽرنگ ڪرڻي هوندي هئي.

ريڊيو انجنيئر اِنڊين سنڌي خبرون رڪارڊ ڪري رکندو هو، جنهن کي اُردوءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏبو هو، جيڪي اطلاعات کاتي جي وزارت کي اُماڻيون وينديون هيون. اڪثر شام جون خبرون هيرو ٺڪر پڙهندو هو ۽ مون کي سندس خبرن پڙهڻ جو انداز ۽ ڊليوري ڏاڍي وڻندي هئي. سندس خبرن پڙهڻ جو انداز منفرد هوندو هو. ٻولي به سليس ۽ دلڪش هوندي هئس. اهڙيءَ ريت بنا ڪنهن ملاقات جي هيري ٺڪر سان، هڪڙو اڻڏٺو تعلق ٿي ويو. اها ڳالهه جڏهن هيري ٺڪر سان ڪيم ته پاڻ گهڻي دير تائين ٽهڪ ڏيئي کلندو رهيو ۽ چيائين ”يار جاسوسي ڪندو هئين!“ هيرو مون سان هميشه يارچئي مخاطب ٿيندو آهي ۽ مان سندس ياريءَ تي فخر محسوس ڪندو آهيان.

هيرو ٺڪر منهنجو دوست هئڻ کان سواءِ ڀارت جو هڪ جاتل سڃاتل اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد به آهي. کيس سندس علمي ۽ ادبي ڪارنامن ۽ کوجنائن تي ڪيترائي اوارڊ به ملي چڪا آهن، جن ۾ ساهتيه اڪيڊميءَ جو اوارڊ، دهلي اڪيڊميءَ جو اوارڊ ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن ڪراچيءَ جو اوارڊ شامل آهن. هيري ٺڪر جا ٩ ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن، جڏهن ته اڃا به ڪيترو ئي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد ٽڙيو پکڙيو پيو آهي.

هيري ٺڪر ١٩٥٦ع ۾ ’هندواسي‘ مخزن ۾ ڪهاڻين ۽ ڪوتائن لکڻ سان ادب جي ميدان ۾ پير پاتو. اهڙيءَ ريت گذريل سٺ سالن کان هو لکڻ جي سلسلي کي جاري رکيو اَچي.

شروعاتي دؤر ۾ شاعري ڪندو رهيو. اُن ڏس ۾ موتي پرڪاش، ڊاڪٽر ارجن شاد، ٻلديو ڳاجرا ۽ ڪيئلداس ’فاني‘ سندس رهنمائي ڪئي ۽ کيس گهڻو همٿايو. ١٩٦٢ع ۾ سندس شاعريءَ جو مختصر مجموعو ’گوليون‘ جي نالي سان ڇپيو هو. جنهن ۾ گهڻو ٺڙو قومي گيت شامل آهن جو اُن دؤر ۾ ڀارت ۽ چين جي وچ ۾ جنگ لڳي هئي.



هيري جو سنڌي ادب ۽ تحقيق ۾ جيڪو اهم ڪم آهي، اُهو آهي قاضي قادن جي وڃايل بيتن کي هٿ ڪرڻ، اهو اَدبي ڪارنامو هيري جهڙو شخص ئي ڪري ٿي سگهيو. ١٩٧٦ع ڌاري جڏهن هريانا صوبي جي ڀواني ضلعي ۾ روهتڪ شهر کان چاليهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي راٽيلا جي هڪ مٺ مان هرياڻا لوڪ منچ نالي هڪ سنستا کيس هٿ لڳا هئا، اُن گرنٿ ۾ ٦٩ شاعرن سان گڏ قاضي قادن جا ١١٢ بيت به شامل هئا، جيڪي ’سنتون ڪي واڻي‘ نالي قلمي نسخي ۾ شامل هئا ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئا. اُن لپيءَ جا ڪيترائي اکر موجوده لپيءَ کان بلڪل مختلف هئا. اهو مجموعو يا گرنٿ ساڍن ست سؤ صفحن تي ٻڌل هو. هيري ٺڪر انهن بيتن کي ملڻ تي جيڪو خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي، تنهن مان سندس ادب ۽ تحقيق سان دل لڳاءُ ۽ اساسي سنڌي شاعريءَ سان سندس حب ۽ چاهه جو گهرو ۽ ڀرپور اظهار ٿئي ٿو.

قاضي قادن جي انهن بيتن کي عربي لپيءَ ۾ آڻڻ ۽ انهن تي تحقيق ڪري انهن کي قاضي قادن جو ثابت ڪرڻ سندس اهم تحقيقي ڪم آهي، جنهن سنڌي ادب جي تاريخ کي هڪ نئون رخ ڏنو. گهربو ته اُهو هو ته سنڌ جا عالم ان ڏس ۾ اڃا به وڌيڪ کوجنا ڪن ها، شايد ممڪن هو ته ٻين آڳاتن شاعرن جو به ڪجهه ڪلام لڀي پوي ها، پر ائين ٿي نه سگهيو. هيري ٺڪر جي اِن کوجنا کيس سنڌي ادب ۾ هميشه لاءِ اَمر ڪري ڇڏيو. پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ انهن بيتن جي صحت جاچي جوچي قاضي قادن جو ڪلام نالي ڪتاب ڇپرايو.

ساهتيه اڪيڊمي ڀارت پاران پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي شخصيت، علمي، ادبي ۽ نصابي ڪارنامن تي جيڪو ڪتاب هيري ٺڪر لکيو آهي، اُهو به سندس اهم ادبي ڪارنامو آهي. جيتوڻيڪ پيرومل مهرچند تي مواد گڏ ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو، پر هيري ان ڪم کي خوب نڀاهيو ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي ادب جي مختلف کيترن ۾ سرانجام ڏنل خدمتن کي نهايت اثرائتي انداز ۾ پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو اٿس. مان سمجهان ٿو ته سنڌي ادبي بورڊ کي ان ڪتاب کي سنڌ ۾ ڇاپڻ گهرجي. هيرو ٺڪر جو تحقيق دلچسپيءَ جو موضوع رهيو آهي ۽ ان تحقيق لاءِ اهڙن موضوعن کي چونڊيو آهي، جيڪي عام رواجي ناهن. هن نانگ جي ٻرن ۾ وجهي هٿ وڌا آهن ۽ اهڙا انوکا موضوع کڻي ان لاءِ کوجنائي سفر ڪيو آهي، جيڪو نه فقط اڙانگو ڪم آهي، پر منفرد پڻ آهي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مثال طور سندس هڪ تحقيق ”برطانوي حڪومت دوران بندش هيٺ آندل سنڌي ساهتيہ“ آهي. هي اهڙو موضوع آهي، جنهن تي مواد گڏ ڪرڻ ۽ اِهو ثابت ڪرڻ تہ انهن لکڻين تي ان دؤر ۾ بندش وڌي ويئي، هڪ ڏکيو ڪم آهي. هيري ٺڪر ان ڏس ۾ اهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ ۾ انگريزن خلاف سڀ کان پهريون آواز ١٨٥٧ع ۾ اخبارن وسيلي اُٿاريو ويو. ان زماني ۾ غدر وقت سنڌ کان ٻاهر هندستان جي مختلف علائقن ۾ قتل عام ٿيا هئا. اِن دؤر ۾ انگريز سرڪار هندستان جي ٻين علائقن سميت سنڌ مان نڪرندڙ اخبارن تي پڻ پابنديون مڙهيون هيون، جيئن وڳوڙن جي خبرن کي عوام تائين پهچڻ نہ ڏجي. اهي پابنديون جيتريون وڌايون ويون، ماڻهن ۾ اوترو ئي جوش وڌندو رهيو ۽ لڪ چڇپ ۾ اخبارون ۽ خبرون ماڻهن تائين پهچنديون رهيون.

هيري ان ڏس ۾ نئشنل آرچيوَ آف اِنڊيا، لنڊن جي برٽش ميوزم جي لائبرري ۽ انڊيا آفيس جي لائبرريءَ ۾ وڃي پنهنجي سِر مواد گڏ ڪيو ۽ برطانوي سرڪار جي ان دؤر جي لکپڙهہ مان اهڙي مواد ۽ انهن تي لڳايل پابندين بابت معلومات حاصل ڪري، پنهنجي ان تحقيق وسيلي سنڌي پڙهندڙن کي برطانوي دؤر جي پابندي مڙهيل خبرن ۽ ادب کان واقف ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هيري پنهنجي پاڻ کي تحقيق جي کيتر ۾ ملهايو آهي، پر هن گڏوگڏ شاعريءَ ۾ بہ پنهنجو پاڻ کي ملهايو آهي. خاص طور تي وائي ۽ غزليہ شاعريءَ ۾ هن جو پنهنجو هڪ مخصوص انداز ۽ اسلوب آهي. موجوده حالتن تي سندس غزل جا ڪجهہ مصرعا پيش ڪجن ٿا، جنهن مان سندس اندر جي اڌمن، اِنسان دوستي ۽ ڪدورتن کي ختم ڪرڻ جي خيالن جي عڪاسي ٿئي ٿي. هو محبتن ۽ خوشين جي ماحول لاءِ سياستدانن کي آماده ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو.

چوي ٿو :

بدلجي ويئون فضائون، خوشيءَ جي ڳالهہ ڪريو،
نئين صبح جي، نئين روشنيءَ جي ڳالهہ ڪريو.
ڪريو نہ ڳالهہ ڪا اِڃ بغض، وير نفرت جي،
ڪريو تہ ڀائپي جي دوستيءَ جي ڳالهہ ڪريو.
پُراڻا نقش پيا مٽجن، آ نئون دؤر آيو،
نئين سمي ۾ نئين زندگيءَ جي ڳالهہ ڪريو.

هڪ ٻئي غزل ۾ سندس انداز اجا بہ منفرد ۽ نرالو آهي :



ڏَڏُ تي جو ڏاڻ گهريم ڦُن کان،
هو ڏيندو ڏيندو ڏيندو ويو.
مان وڻندي وڻندي ٿڪجي پيس،
هو ڏيندو ڏيندو ڏيندو ويو،
جڀ جيڏو منهنجو دامن هو،
اُپ جيڏي هن جي مهر ميان.
مان وڻندي وڻندي ٿڪجي پيس،
هو ڏيندو ڏيندو ڏيندو ويو.

مٿئين غزل جي ڪجهہ مصراعن مان سندس خيال جي ندرت، ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت مان سندس شاعراڻي صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ٿئي ٿو تہ گڏوگڏ خيال جي گهرائي ۽ شاعراڻي صداقت واضع ٿئي ٿي.

هيري ٺڪر ترجمي جي صنف ۾ بہ پاڻ ملهايو آهي. هن گوپي چند نارنگ جي ساختيات، پس ساختيات ۽ مشرقي شعريات' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ هڪ اهم ڪتاب جو واڌارو آندو آهي. جيتوڻيڪ اصل ڪتاب ١٩٩٣ع ۾ ڇپيو ۽ ان جو ترجمو هيري ٺڪر ٢٠١٣ع ۾ اٽڪل ويهن سالن کانپوءِ ڪيو ان وچ ۾ پيش ڪيل ادبي نظرين ۾ بہ نظرين ۾ بہ تبديلي اچي چُڪي هئي پر تنقيد جي کيتر ۾ هي هڪ ناياب ڪتاب آهي، جنهن ۾ گوپي چند نارنگ اردو ادب ۾ ٿِن وڏين ادبي تحريڪن جي ڪماليت ۽ زوال مان گذرڻ جي سببن ۽ حالتن جو جائزو ورتو آهي، جن ۾ ترقي پسند تحريڪ کي گهڻي اهميت حاصل ٿي، تہ ساڳئي وقت جديديت ۾ گهڻي قدر ردعمل ان افاديت ۽ مقصديت جي اُبتڙ ئي ٿيو. پر اُنهن سڀني ڳالهين کان مٿانهون ٿي حاليءَ پنهنجي دؤر جي نظريي کي نئون روپ ڏنو. ايترو ڏيان نہ ترقي پسندن پنهنجي نظريي تي ڏنو ۽ نہ وري جديديت پسندن. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ لکندڙن کي متاثر ڪيو تہ ڪجهہ ليکڪ جديديت جي نظريي کان پڻ متاثر نظر اچن ٿا. خاص طور تي ڀارتي سنڌي ليکڪن جديديت جي نظريي مان گهڻو اُتساهہ ورتو. هيري ٺڪر ان ڪتاب جي سنڌي ادب ۾ افاديت کي محسوس ڪندي ان جو ترجمو ڪيو. ٦٣٠ صفحن تي ٻڌل ان ڪتاب کي ساهتيہ اڪيڊمي ڀارت ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. اصل ڪتاب بہ ساهتيہ اڪيڊمي ڀارت ڀاران ڇپرايل هو جنهن تي ساهتيہ اڪيڊمي، گوپي چند نارنگ کي اوارڊ پڻ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏنو. پر سنڌ جي پڙهندڙن لاءِ هي اهم ڪتاب سخت ڪڙي گوري آهي، جو ان ۾ جيڪا ٻولي هيري ٺڪر استعمال ڪئي آهي، تنهن ۾ هندي لفظن جو استعمال ڪجھ گھڻو ئي ڪيو اٿس، جو ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪونهي. کيس گهربو هو تہ جيتري نج ۽ سليس سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي اٿس، اوترو ئي نج سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجي نثر ۾ استعمال ڪري ها تہ سنڌ جي پڙهندڙن کي وڌيڪ سهوليت حاصل ٿئي ها.

هي مختصر خاڪو آهي هيري ٺڪر جي شخصيت، علمي ۽ ادبي خدمتن جو، جنهن ۾ سندس سيني ڪتابن جو احاطو نہ ڪيو ويو آهي. اڃا بہ ڪجھ ڪتاب رهجي ويا آهن، جن ۾ 'انڊلٺ'، 'قلم جو سپاهي'، 'تحقيق ۽ تنقيد'،'بهترين سنڌي مضمون'، 'گوليون' ۽ 'سنڌي اخبار نويسي' 'روشن منار' وغيره شامل آهن.



# سنڌ ۽ هند جو هيرو: هيرو ٺڪر

**- ڊاڪٽر نور افروز خواهہ**

برصغير جي ورهاست ۱۹۴۷ع ۾ ٿي، جنهن ۾ پاڪستان ۽ هندستان ٻہ ملڪ ٺهيا، پاڪستان جي صوبي سنڌ جي رهندڙن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. سنڌي مسلمان، سنڌ ۾ ۽ هندو سنڌي هندو هند ۾. هيءَ هڪ وڏو الميو هو، جو هنن کي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ڪري هندستان موڪليو ويو. اهو درد هنن جي دلين ۾ اڄا تائين موجود آهي. جو جڏهن سنڌ جو نالو ٻڌن ٿا تہ هنن جون دليون شاد آباد ٿين ٿيون، سنڌ جي ماڻهن سان ملن ٿا تہ ٺري پون ٿا، سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ کي سونگهين ٿا تہ سڪون اچيو وڃين، سندس اکين مان سنڌ کي ياد ڪندي ڳوڙها ڳڙيو پون ۽ هر وقت انهيءَ تانگهہ ۾ هوندا آهن تہ ڌرتيءَ ماءُ جا قدم چومي اچون پر اڄ ڪالهہ جي دور ۾ اهو هڪ تمام ڏکيو مسئلو آهي، هن کان پهرين وري بہ ڪنهن انٽرنيشنل ڪانفرنس يا لطيف سائينءَ جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت بہ ملندي هين، ويزا بہ ملندي هئي تہ خوشي خوشي انهن موقعن تي سنڌ ۾ اچي، سنڌ جي ماڻهن سان ملي، ڌرتيءَ تي قدم رکي، پنهنجا گهر تڙ، ماڳ مڪان ڏسي، راحت محسوس ڪندا هئا.

انهن عالمن، اديبن ۽ اسڪالرن ۾ ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي، چندر ڏاسواڻي، هيرو ٺڪر، موتي لال جوتواڻي، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، هري موٽواڻي ۽ ٻيا سنڌ ۾ ايندا رهندا آهن.

هيرو ٺڪر هڪ وڏو اديب، عالم، محقق، تنقيدنگار، تحقيق ڪندڙ ۽ تخليقڪار جي حيثيت ۾ رهيو آهي. هيرو ۲ مارچ ۱۹۴۳ع ۾ منهنجي شهر حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. کيس علم ادب سان ۽ تحقيق سان گهڻو لڳاءُ هو. پاڻ ڪيترائي ريسرچ آرٽيڪل تنقيدي مضمون، لٽريري سرگرميون، براڊ ڪاسٽر، جرنلسٽ ۽ شاعر رهيو آهي. پاڻ ممبئيءَ ۾ روزانہ هندستان اخبار ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ ڪونج رسالي جو ايڊيٽر پڻ آهي، آل انڊيا ريڊيو ۾ نيوزڪاسٽر آهي. سٺيهہ سال سنڌي نيوز جو انچارج بہ رهيو. پاڻ ۱۹۵۸ع کان لکڻ شروع ڪيائين، سندس ۱۸ ڪتاب شايع ٿيل آهن.

هيري ٺڪر کي وڏو ڪريڊٽ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن تي ريسرچ ڪرڻ جو ملي ٿو. اسان جڏهن پڙهندا هئاسون تڏهن قاضي قادن جا ست بيت پڙهندا هئاسون، پوءِ هيري جي تحقيق جي ڪري قاضي قادن جا ۱۱۲ بيت مليا.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پر هو اجان ان تي تحقيق ڪري رهيو آهي ۽ پاڻ ٻڌايائين ته هاڻ مون کي ٢٦٠ بيت مليا آهن، جن تي ريسرچ هلي رهي آهي. کيس هن ريسرچ تي سنڌ ۽ هند مان ايوارڊ به مليا آهن. ان کان علاوه ساهتيه اڪيڊمي سنڌس ٻن لکيل ڪتابن، ”تحقيق ۽ تنقيد“ ۽ ڪرشن چند جون ڪهاڻيون“ ٢٠١٢ع ۾ ٢٠٠٣ع ۾ سنڌي ترجمو ڪيل ڪتاب، ٢٠٠٥ شاهه لطيف ايڪسيلينسي اوارڊ ڪراچي ۾ حاصل ڪيو. پاڪستان ۾ سنڌ گريجوئيٽ ائسوسئيشن طرفان دستاربندي، دهلي اسپيشل ميرٽ سي.ايچ.ڊي. ۽ اين.سي.پي.ايس.ايل. هيومن ريسورس، ڊيولپمينٽ ٽن ڪتابن، قاضي قادن جو ڪلام، پيرو مهرچند ۽ تحقيقق ۽ تنقيد تي اوارڊ ڏنا. سنڌي سڀا، سارنگا پبليڪيشن ۽ دهلي آرگنائيزيشن به کيس اعزاز ڏنا آهن. هيري ٽن سون (٣٠٠ تائين نئشنل ۽ انٽرنئشنل ڪانفرنسون اٽينڊ ڪيون، سيمينار، ورڪشاپ، مشاعره، انڊيا، يو.ڪي.، ڪئناڊا، يو.ايس.اي. ڊبئي ۽ پاڪستان (سنڌ) ۾ ٢٠٠ کان به مٿي پيپر پڙهيا آهن، سنڌس خاص ڪتابن ۾ انڊلٽ، تحقيق تنقيد، قاضي قادن جو ڪلام، پيرومل مهرچند، سڳن آهوجا، ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون، اهم ڪتاب آهن. خاص طور تي سنڌس ڪتاب بهترين سنڌي مضمون ڪتاب آءِ.اي.ايس.، بي.اي.، ۽ ايم.اي جي ڪورس تي رکيل آهن.

هيرو نڪر هڪ خوش مزاج، بهترين تخليقڪار ۽ تحقيق ڪندڙ سان گڏوگڏ هڪ بهترين منتظم پڻ آهي. سنڌس واسطو ڪيترن ئي ادارن سان آهي. پاڻ هن وقت ايڪزيڪيوٽ بورڊ آف اين.سي.پي.ايس.ايل، گورنمينٽ آف انڊيا جي ميمبر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ان کان علاوه پاڻ ايڪزيڪيوٽ بورڊ آف سنڌي اڪاڊمي دهلي، گورمينٽ، نيشنل ڪائونسل فارپروموشن آف سنڌي لئنگويج، ايچ.آر.ڊي. منسٽري ساهتيه اڪيڊمي جي ائڊوائيزي ڪاميٽي، ساهتيه اڪادمي، دهليءَ جو ميمبر، ڪلچرل سيڪريٽري آف سروا ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيه سڀا وغيره جو ميمبر پڻ رهيو آهي.

هيرو نڪر جي اڪثر سنڌ ۾ مختلف انٽرنئشنل ڪانفرنسن ۾ اچڻ ڪري، اڪثر اسان جي ملاقات ٿيندي هئي. ڪڏهن ڀٽ شاهه تي ته ڪڏهن سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ ته ڪڏهن سنڌالاجيءَ ۾. پاڻ هميشه انهن گڏجاڻين ۾ پنهنجي نئين تحقيق يا ڪو نئون ڪتاب کڻي ايندا هئا ۽ انهن بابت ڳالهائيندا هئا.

اسان جو پاءُ هيرو نهايت ئي نهٺو، عزت ڏيندڙ، خوش اخلاق، ذهين پر خوش



books.sindhsalamat.com

مزاج شخصيت جو مالڪ آهي. آئون جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ چيئرپرسن هيس، تڏهن ڊاڪٽر جينو للواڻي، هيرو نڪر ۽ ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي سنڌ ۾ شاهه لطيف ڪانفرنس اٽينڊ ڪرڻ آيا. ڀٽ شاهه تي منهنجي انهن سان ملاقات ٿي، ڪتابن جي ڏي وٺ ٿي، پوءِ مون هن کي سنڌي شعبي ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. سنڌي شعبي جا شاگرد هونئن به نئين ليکڪ سان ملاقات ڪرڻ ۽ ليڪچرار ٻڌڻ جا ۽ سوال جواب ڪرڻ جا ڪوڏيا هئا. ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هڪدم ليڪچر پروگرام جون تياريون ڪيائون، جڏهن اهي ٽيئي اديب شعبي ۾ آيا ته انهن ليڪچر ڏنا، خاص طور تي ڊاڪٽر جيني لوڪ ادب تي ۽ هيري نڪر قاضي قادن تي ڪيل جديد تحقق بابت ٻڌايو. سوال جواب ٿيا، شاگرد متاثر ٿيا ۽ هي اسان جا ڀائر به ڏاڍا خوش ٿيا. شعبي طرفان شايع ٿيل ڪتاب به ڏنا ويا. اهو هڪ تمام سٺو دور هو. ان کان پوءِ وري ڊاڪٽر جڳديش ۽ هيرو نڪر (٢٤ ڊسمبر ٢٠١٣) تي سنڌ ۾ آيا. هنن جا پروگرام گهڻا هئا، وقت گهٽ هو. انهيءَ ڪري سنڌي شعبي ۾ اچي ڪونه سگهيا. هو ٻئي ڀائر يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ رهيا هئا. آئون ان وقت مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر هيس. مان ۽ آزاد قاضي گيسٽ هائوس، قليچ چيئر جا ڪتاب ۽ اجرڪون کڻي، ساڻن ملاقات ڪرڻ وياسين، ٻئي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ اسان کي به انهن سان ملي گهڻي خوشي ٿي. ڪتاب ۽ تحفا ڏيئي، چيئر ۾ اچڻ جي دعوت به ڏني پر پاڻ ان وقت ادا تاج جويو سان ڪراچي وڃي رهيا هئا. ڊاڪٽر جڳديش ته انهيءَ جو ذڪر پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو آهي.

ان کان علاوه هو جڏهن به سنڌ ايندا آهن، تڏهن ملاقات ٿيندي آهي، فلحال فون تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي آهي. پاڻ مون کي هميشه ڀارت اچڻ جي دعوت ڏيندا رهندا آهن. هڪ دفعو انٽرنئشنل ڪانفرنس ۾ به منهنجو نالو موڪليائون، پيپر موڪلي ڇڏيو ويزا ته ملي پر اين.او.سي. ڪونه آئي. ڊاڪٽر ٻلديو، ڊاڪٽر منوهر، ڊاڪٽر جينو، ڊاڪٽر جڳديش ۽ هيرو نڪر مون کي ادا الانا سان دوستيءَ جي ڪري تمام گهڻي عزت ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن ته ڀارت اچو، اسان، توهان جا ڀائر اتي وينا آهيون، توهان کي گهمڻ ڦرڻ وغيره وٺي وينداسون، خدا ڪري خوش هجن، جيڪي جتي به آهن، هو اسان کي ياد ڪندا رهن ٿا ۽ اسين هنن کي هميشه ياد ڪندا رهنداسون.



www.sindhsalamat.com

# سنڌي علم ادب جو هيرو - هيرو نڪر

- پروفيسر اعجاز قريشي

اها ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي جي ڳالهه آهي، مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اُستاد آهيان ۽ ٿورو وقت اڳ ۾ انگلئنڊ مان ريسرچ ڪري يونيورسٽي آف لنڊن مان ايم. اي. جي ڊگري وٺي آيو هوس. انهن ئي ڏينهن ۾ مونکي اقتصاديات سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي ٿيندڙ نئين تحقيق سان لڳاءُ پيدا ٿي پيو هو. تعليمي توڙي علمي ادبي حوالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ جو اهو دور انتهائي بهترين ۽ وڏي درجي جو هيو، چاڪاڻ ته ان وقت پڙهائيءَ جو اوج هيو. انهيءَ دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ميڊم امينه خميساڻي، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، پروفيسر الياس ابڙو ۽ ٻيا ڪيترا عالم ۽ اڪابر اُتي موجود هئا.

انهن ڏينهن ۾ اهو اعلان ٿيو ته هندوستان جي هڪ دانشور ۽ اعليٰ پائي جي محقق جناب هيري ٺڪر وڏي محنت ڪري، جهر جهنگ جهاڳي هندوستان ۾ سنڌ جي عظيم ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن تي وڏي تحقيق ڪري، سنڌس شاعريءَ ۽ زندگيءَ تي هڪ نئون ڪتاب لکيو آهي ۽ ان قسم جي ريسرچ يا تحقيق هن کان اڳ ۾ ڪونه ٿي آهي، جيڪو ڪتاب ”قاضي قادن جو ڪلام“ جي عنوان سان شايع ٿي تمام گهڻي مقبوليت ماڻي چڪو آهي. جيئن ئي مونکي اها خبر پئي ته مون پنهنجي هڪ پياري دوست ۽ هڪ بهترين اديب جناب هري موٽوانيءَ کي بمبئيءَ ۾ فون ڪئي جنهن تمام تڪڙ ۾ اهو ڪتاب موڪليو. ڪتاب پهچڻ جي دير هئي ۽ مون هڪ يا ڏيڍ ڏينهن ۾ اهو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي، اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن جا ناياب اڻلڀ ١١٢ بيت (جيڪي هن هندستان جي صوبي هريانا جي ضلعي پواني جي ڳوٺ راٺيلا جي هڪ مٺ (مندر) مان هٿ ڪيا هئا) پهريون ڀيرو منظر عام تي آيا هئا. قاضي قادن لاءِ سنڌ جي سياسي تاريخ جي محققن وٽ جيتوڻيڪ مختلف رايا آهن، پر پوءِ به انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هو ارغون، ترخان ۽ سمن جي دؤر جو هڪ وڏو عالم فاضل شخص هو. مذڪور بيتن ۾ تصوف جي جن نهايت عميق پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي، اهي خود سنڌس تاريخي اهميت جي ساک ڀرين ٿا. بهرحال انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هي ڪتاب سنڌ لاءِ هڪ بي بها سوکڙي هئي ۽ آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ناميارې سنڌي محقق ۽ اديب دادا جئرامداس دؤلترام لکيو آهي. ڪتاب پڙهڻ



ڪانپوءِ مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي مربي، اُستاد ۽ وڏي محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وٽ ويس ۽ ساڻس ذڪر ڪيم ۽ ڪجهه وضاحتون پڇيم. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون ڏنو ته سندس ميز تي ساڳيو ئي ڪتاب پيل هو جيڪو هو اڳي ئي پڙهيو ويٺو هو ۽ ڪتاب جي تمام گهڻي تعريف ڪيائين. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر صاحب بعد ۾ هيري جي انهيءَ ڪم تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکيو...”جس ۽ شاباس هيري ٺڪر کي، جنهن هن ذخيري جي علمي طور ڇنڊ ڇاڻ ڪري، خاص طرح قاضي قادن جي بيتن کي سمجهڻ ۽ ان جي صحيح پڙهڻي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پڻ بيتن جي معنيٰ ۽ شرح لکي جنهن محنت ۽ محبت سان هن سچڻ اِهو ڪشالو ڪڍيو آهي، سو قابل قدر ۽ قابل تعريف آهي.“ اها هئي منهنجي پهرين غائبانه ملاقات شري هيري ٺڪر سان، ان ڪانپوءِ ساڻس دهليءَ ۾ فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ مون ڪيس اهڙي بهترين تحقيق تي واڌايون ڏنيون.

١٩٨٣ع ۾ بئنگلور ۽ ممبئيءَ وڃڻ ٿيو پر هيري ٺڪر سان ملاقات ڪونه ٿي سگهي ڇوجو هو دهليءَ ۾ رهندو هو ۽ انهيءَ دفعي منهنجو دهلي وڃڻ ڪونه ٿيو. انهيءَ ڪانپوءِ هيري ٺڪر سان منهنجون ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون ڇوته هندوستان ۽ پاڪستان جي لاڳاپن ۾ جيئن بهتري آئي ته سنڌ ۽ هند جا سنڌي اديب هڪ ٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ لڳا ۽ ڪيترين ئي ڪانفرنسن ۾ گڏيل شرڪت رهندي هئي. سنڌ ۾ اڄ تائين جيڪي به ادبي ڪانفرنسون يا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي ڪانفرنسون ٿينديون رهيون آهن، هندوستان مان هيرو ٺڪر انهن ۾ هڪ لازمي شرڪت ڪندڙ اديب ۽ محقق هوندو آهي. هن مهل جيئن ته هندوستان ۽ پاڪستان جون حالتون صحيح نه آهن انهيءَ ڪري ميل جول جو رستو گهڻي ڀاڱي بند ٿيل آهي. هيري ٺڪر کي سنڌ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڀٽائي اوارڊ ملي چڪا آهن، ڪيترا دفعا ته ائين به ٿيو آهي ته هيرو ٺڪر جنهن جي سنڌ ۾ پڻ تمام وڏي اهميت ۽ مڃتا آهي، پنهنجن دوستن جن ۾ هري موٽواڻي، لڇمڻ ڪومل، نند ڇڳاڻي، نند جويري، ڄيٺو لالواڻي ۽ اندرا شبنم پوناوالا گڏ هوندا هئا، اچي مختلف ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندا هئا ۽ پوءِ ادبي، سماجي ۽ ثقافتي ڪچهريون به ٿينديون هيون. سنڌ ۾ انهن دوستن کي متعارف ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ، شمشير الحيدري، عبدالرحمان شورو، رڪيل مورائي، شوڪت شورو، قمر شهباز، حميد سنڌي ۽ راقم شامل هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ ريت سنڌ مان ڪيترائي اديب هندوستان ۾ ٻولي ۽ ادب جي ڪانفرنسن ۾ وچي شريڪ ٿيندا هئا جن ۾ هيرو ٺڪر، هري موٽواڻي، وينا شرنگي، نند ڇڳاڻي، نند جويري، لڇمڻ ڪومل، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي.جي. اُتم، سُندري اُتمچنداڻي، سندر اگناڻي، هري همٿاڻي، موهن همٿاڻي ۽ ٻيا تمام ڀرپور نموني مهماني ڪندا هئا. هندوستان ۾ وينا شرنگي پنهنجي مارئي ادبي تنظيم طرفان شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ٻولي ۽ ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪيون. اهڙي نموني سان هيرو ٺڪر جن به ادارن جو چيئرمن رهيو اُتي تمام ڀرپور ليول تي سنڌ جي اديبن کي سڏائي ڪين ڪانفرنسن ۾ شريڪ ڪندو هو ۽ سندن تمام گهڻي خدمت چاڪري ۽ آڌر ڀاءُ ڪندو هو. ان سلسلي ۾ جناب سريش ۽ جناب چندر ڏاسواڻي پڻ هميشه اڳيان اڳيان رهيا.

مونکي اهو به ياد آهي ته ٢٠٠١ع ۾ مان هندوستان ويو هوس ته هيري منهنجي واقفيت دادا رام پنجواڻي وڪيل سان ڪرائي هئي جنهن انٽرنئشنل ڪلب ۾ اسان دوستن جي هڪ شاندار دعوت ڪئي. دادا رام پنجواڻي دهليءَ ۾ وڏو وڪيل هو ۽ اصل جيڪب آباد جو هو ۽ هينئر سندس پٽ وجيه پنجواڻي پڻ وڏو وڪيل آهي. بمبئيءَ ۾ وري پروفيسر رام پنجواڻي هوندو هو جيڪو سنڌي ٻولي، ادب ۽ ميوزڪ جو پروفيسر هو. هيري صاحب کي هڪ ٻيو به وڏو جس هجي ته هو اُتي جي سيني سنڌين کي پاڻ ۾ ٻڌيو وينو آهي، نه صرف ايترو پر هو سنڌ ۽ هند جي سنڌين جو هڪ ايمبيسيڊر (ايلچي) آهي جيڪو سيني سنڌين کي گڏ ڪري هلڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي وٺرائڻ ۾ پڻ هر وقت مصروف عمل رهي ٿو.

هيري ٺڪر سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن جي شاعريءَ تي کوجنا ۽ تحقيق ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي اهم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن جهڙوڪ :

(١) هن اِنڊيا آفيس لائبريري لنڊن مان انگريزن جي دؤر ۾ بندش پيل سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ ٻئي مواد بابت چنڊ ڇاڻ ۽ تحقيق ڪري ”بندش هيٺ آيل آواز“ ڪتاب منظر عام تي آندو.

(٢) هن آل اِنڊيا ريڊيو تي ملازمت جي دؤران سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، تلفظ ۽ اُچارن وغيره کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ سنڌي موسيقيءَ جي ناميارن ڪلاڪارن جهڙوڪ ماستر چندر، ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين جي گيتن کي نشر ڪري ۽ محفوظ ڪري



سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي بي بها خدمت ڪئي.

(٣) هن سنڌ جي اديبن جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، شوڪت شورو ۽ ٻين تي ڪتاب ”سنڌي ادب جا روشن منارا“ لکي کين خراج تحسين پيش ڪيو.

(٤) هن هندي ۽ اُردو جي ناميارن اديبن ڪرشن چندر ۽ گوپي چند نارنگ جا اهم ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيا آهن.

هيرو ٺڪر جيتوڻيڪ اڄ ڇاهتر سالن جي ڄمار ۾ هلي رهيو آهي پوءِ به هڪ ئي وقت سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي ادب جي واڌويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ متحرڪ رهڻ ڪري پاڻ کي ”سنڌي علم ادب جو هيرو“ مڃرائي چڪو آهي ۽ اسين سڀ سندس صحت، تندرستي ۽ جستجو جي سدا جوان ڄماڻ رهڻ لاءِ ڏٽيءَ در دعاگو آهيون ته شال هيرو ٺڪر سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪندو رهي ۽ ان سلسلي ۾ اڃان کي نوان پنڌ پيچرا نروار ڪري.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# هيري ٺڪر جون علمي ڪاوشون

**- ممتاز مهر**

(ڪتاب ”تحقيق ۽ تنقيد“ جو جائزو)

هيري ٺڪر جو نئون ڪتاب ”تحقيق ۽ تنقيد“ مطالعي لاءِ مليو. هيري ٺڪر سان سال ١٩٩٦ع جي سيپٽمبر مهني ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل ”ڪلهوڙا دور ۽ سنڌ“ سيمينار ۾ مختصر ملاقات ٿي هئي. سائنس گڏ هند-سنڌ جو برک عالم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به هو. علمي ادبي ڪيتري ۾ هيري ٺڪر جي مشهوري ۽ قدرداني سندس تحقيقي ڪتاب“ قاضي قادن جو ڪلام“ جي ڇپجي پڌري ٿيڻ سان ٿي سنه ١٩٧٨ع ۾ شايع ٿيڻ سان ٿي، اهو ڪتاب هيري ٺڪر جي محنت جو ثمر ۽ سنڌي علم ادب جو هڪ تمام اهم واقعو شمار ڪجڻ ۾ اچي ٿو.

علمي ادبي مضمون تي مشتمل هيري ٺڪر جو نئون ڪتاب ”تحقيق ۽ تنقيد“، ”پوجا پبليڪيشن“ دهلي طرفان سال ١٩٩٦ع ۾ شايع ٿيل آهي. ڊيمي سائيز ١٣٢ صفحن تي مشتمل مضمونن وارو هي ڪتاب، ڪمپيوٽر جي سهڻي ٽائيپ ۾ پرنٽ ٿيل آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ڪتاب جي مهاڳ ۾ هيري ٺڪر جي علمي ادبي ۽ تحقيقي سفر جي اختصار ۾ سني معلومات ڏني آهي. ڪتاب ۾ شامل مضمون پڙهڻ سان جيٽلي صاحب جي هن راءِ سان سهمت ٿيڻو پوي ٿو ته ”هر هڪ مضمون هيري جي اونهي اڀياس ۽ تحقيقي نظر جي ساک ڀري ٿو.“ ڪتاب ۾ ڏنل مضمون جي وچور هن ريت آهي :

١. سنڌي ڪافي-اڄ ۽ هاڻي ٢. پراڻن دستخطن (قلمي مسودن) جي پڙهڻيءَ جا مسئلا ٣. شاهه لطيف جو پيغام ۴. شاهه سائينءَ جون الُٽ ٻاسيون ۵. ڀارتي سنت ڪاويه ۾ ساميءَ جو اِستان ٦. قاضي قادن هڪ مهان يوڳي ٧. قاضي قادن جي ٻولي ٨. درويش روحل ٩. ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل ڪاريه ١٠. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ادبي تحقيق جي اوسر ١١. مضمون ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي اوسر.

موجوده وقت ۾ سنڌ ۾ شاهه کي ڇڏي ٻين ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن تي اڀياسي ۽ تحقيقي ڪم نه ٿيڻ جهڙو رهيو آهي. سچل تي به ڪو خاطريءَ جوڳو ڪم نه ٿيو آهي. سامي دلپت ۽ روحل کي جڻ ته سنڌ وارن وساري ڇڏيو آهي. سچ پڇ ته گذريل اڌ صديءَ دوران شاهه، سچل ۽ ساميءَ تي سنڌ جي ڀيٽ ۾ هند ۾ سنڌي



اِسڪالرن وڌيڪ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. هت سنڌ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهه سميت سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن تي فخر لائق ۽ تحقين جوڳو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي.

هيري ٺڪر پنهنجي هڪ مضمون ”ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي اَدبي تحقيق جي اوسر“ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن عالمن جي تحقيقي ڪمن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ڪتاب سنڌ ۾ ٻيهر ڇپجڻ کپن. مثال طور بزرگ ودوان فتحچند واسواڻي جو سال ١٩٦٢ع ۾ مرتب ڪيل ٽن جلدن ۾ ”شاهه جو رسالو“ يا ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ جو شاهه بابت ڪتاب ”ڪنول پاڙون پاتال ۾“ يا سنتداس جهانگياڻيءَ جي شاهه تي اهم ٿيسز جن سپون سوڌي ڪڍيون“ يا گهٽو اڳ ٻڙودي مان شايع ٿيل نماڻي فقير جو ترتيب ڏنل ”سچل جو ڪلام“ روحل ۽ بيدل تي به هند ۾ ڪي نوان ڪتاب شايع ٿيا آهن. جن بابت اسان کي ڄاڻ ڪانهي. ليکراج عزيز جو ٻن جلدن تي مشتمل سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن وارو ڪتاب ۽ سنڌي لوڪ ادب تي نارائڻ ڀارتي ۽ ٻين محققن جو ڪم پڻ ساراهڻ جوڳو آهي. هيري ٺڪر جو اهو چوڻ به صحيح آهي ته ”پراڻن سنڌي مسودن جي ڳولها ۽ پروڙڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي اسڪالرن کي به ديوناگري لپيءَ کي ڄاڻڻ ضروري آهي.“ ياد رهي ته ويجهي چڪ ۾ فقط ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (مرحوم) ديوناگري لپيءَ ۽ سنسڪرت زبان جو ماهر هو.

قاضي قادن، سامي ۽ روحل متعلق هيري ٺڪر جا مضمون پڙهڻ سان مون کي يوڳ مارگ ۽ سنت مت بابت مفيد ڄاڻ ملي. هيري ٺڪر جي لکڻي ۽ ٻولي سليس، سلوڻي ۽ عام فهم آهي. هيري جي علمي ڪاوش تي ڪيس دلي مبارڪون هجن.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# هيري نڪرسان وابسته ڪجهه ساروڻيون

**- تاج جويو**

”جنهن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنسڪرتيءَ ۾ منهنجو ساهه آهي، تنهن ۾ تنهنجو به چاهه آهي. جنهن ڪي سنڌي ٻوليءَ لاءِ سِڪ ۽ سنڌيت لاءِ چِڪ آهي، سو منهنجو پاءُ آهي.

مٿيان لازوال لفظ، سنڌيت جي سفير دادا رام پنجواڻيءَ، هيري نڪر کي ۸ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي، سنڌس ڪيل لازوال تحقيق، ”قاضي قادن جو ڪلام“ پڌري ٿيڻ تي، مبارڪون ڏيندي لکيا هئا. اُهي ساڳيا لفظ، هيري نڪر کي آءٌ به ارپيان ٿو. ها، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جي ناتي هو منهنجو پاءُ آهي. هونئن پڻ هيري نڪرسان، سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ کانسواءِ منهنجو ٻيو ڪو تعلق به آهي ڇا؟ ان تعلق ۽ ان واسطي سان ئي هوُ منهنجو وڏو پاءُ آهي.

هيري نڪرسان منهنجو پهريون تعلق، ۱۹٦۸ع ڌاري، آل اِنڊيا سنڌي سروس تان سنڌس مخصوص آواز ۽ لب لهجي ۾ ”سنڌي خبرون“ پڙهڻ ذريعي جُڙيو هو. اُن وقت آءٌ اٺون درجو پڙهندو هئس ۽ هاءِ اِسڪول قاضي احمد مان پڙهي موٽڻ بعد شام جو اُڏامي، جڏهن سنڌس هي لفظ ”سنڌ“ ۽ خاص ڪري منهنجي ڳوٺ ”پير ڪولچي“ (ريڊيو ذريعي) پهچندا هئا: ”هاڻي ٻڌو هيري نڪر کان سنڌي خبرون“ ته سچ پچ سرير جا وار اُڀا ٿي ويندا هئا ۽ عجيب سرهائي محسوس ٿيندي هئي. اهي نج سنڌيءَ ۾ خبرون ٻڌي من ڏاڍو گد-گد ٿيندو هو ۽ دل چوندي هئي ته ان وڻندڙ ڍار ۽ جهيلاز سان خبرون پڙهندڙ شخص جو درشن ڪجي!

اٽين ۱۸ سالن کان هيري نڪرسان ملڻ جي سِڪ سيني ۾ سانديل رهي ۽ اُها ۳ آگسٽ ۱۹۸٦ع تي پنهنجي دوست مشڪور ڦلڪاري سان گڏ، هيري نڪر جي لارينس روڊ نيو دهليءَ واري گهر بي-۳٦۱-۸-سي ۾ ملاقات سان پوري ٿي هئي. آءٌ ۽ مشڪور ڦلڪارو ممبئيءَ مان فرنٽيئر ميل ذريعي ساڍن ٻاويهن ڪلاڪن جو سفر ڪري، ۲ آگسٽ ۱۹۸٦ع تي شام جو ستين وڳي دهليءَ پهتا هئاسون. اُن وقت دهليءَ جي مختلف علائقن ۾ ڪرفيو هئڻ ڪري، رات وڳڙي ۾ ڪنهن واقفڪارسان رابطو ڪرڻ مناسب نه سمجهي، ريلوي اسٽيشن دهليءَ ويجهو، رام نگر ۾ ڪرشنا هوٽل ۾ ۵۵ روپئين ڪمرو وٺي رهيا هئاسون. مون وٽ دهليءَ جي اردو اديب ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جي اڳواڻ ڊاڪٽر قمر رئيس جي ائڊريس ۽ نمبر هو،



books.sindhsalamat.com

جيڪو هوٽل وارن کي نوٽ ڪرايو هئم ڊاڪٽر قمر رئيس سان منهنجو ملاقات ۷-۸ مارچ ۱۹۸٦ع ۾، ڪراچيءَ ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين ڪانفرنس لڪائي ورتي هئم. ڊاڪٽر صاحب کان سواءِ مون وٽ اردو جي ترقي پسند اديب ڀيشم ساهنيءَ ۽ سنڌي اديبن هيري نڪر ۽ موهن واسواڻيءَ جا نمبر به هئا، پر رات جو ساڻن رابطو ڪرڻ مناسب نه سمجهيوسون.

۳ آگسٽ تي صبح جو ڀيشم ساهنيءَ جي گهر فون ڪيم، خبر پئي ته ماسڪو ويل آهي ۽ سنڌس جاءِ تي راجيو سڪسينا انجمن ترقي پسند مصنفين هند جو سيڪريٽري جنرل چونڊيو آهي. جنهن جو نمبر ورتي، ساڻس رابطو ڪري، بس نمبر ۲ ۾ چڙهي سنڌس گهر، اي ۱۴-جي-اي بلاڪ سي جنڪ پوريءَ پهتاسون. راجيو سڪسينا کي ۹ اپريل ۱۹۸٦ع تي انجمن ترقي پسند مصنفين جي لکنوءَ واري اِجلاس ۾ ڀيشم ساهنيءَ جي جاءِ تي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو هو. ساڻس سنڌ جي اديبن، سنڌي ادبي سنگت ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين پاڪستان ۽ ادب ۽ ٻوليءَ جي متخلف مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. وسيع سوچ جو مالڪ نظر آيو. هن جو چوڻ هو ته هند ۾ اردوءَ جو مستقبل روشن نه آهي، ڇوته هتي اردوءَ کي هنديءَ جو حصو سمجهيو وڃي ٿو. راجيو سڪسينا، لکنوءَ ڪانفرنس جي موقعي تي شايع ٿيل ڪتابڙو به تحفي طور ڏنو.

جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جو ٻرک شاعر نارائڻ شيام به جنڪ پوريءَ ۾ رهندو هو اُن ڪري راجيو سڪسينا کان سنڌس رهائش گاهه جي ائڊريس وٺي، سائيڪل رڪشا تي نارائڻ شيام جي گهر پهتاسون. نارائڻ شيام سان ملاقات ڪري ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. هن ٻڌايو ته جنڪ پوري علائقي جي آبادي ۴ لک آهي، جتي سنڌين جا صرف ٻه گهر (هڪ سنڌس ۽ ٻيو پٽس جو) موجود آهن، مون سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي پوٽي تائين بچائي آندو آهي، نئين نسل کي نه ماحول آهي، نه پاڙو سنڌي آهي، نه اسڪول ۽ گرائونڊ آهن، جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هجي، سپاڻي خبر ناهي ته ڪو اسان کي به سڃاڻي سگهندو يا نه؟

**”شاعر آهي شيام“، چيائون تنهن ڏينهن،**
**تنهن تي مُرڪي ڪنهن ورجايو هئو، ”ڪير؟“**

ڪچهريءَ دوران هن ٻڌايو ته هو تازو دبيءَ ۾ موتي پرڪاش جي گهر تنوير عباسيءَ سان ملي آيو آهي، جتي هن ڪانئس اِنٽرويو به ورتو هو، هن ٻڌايو ته ڪيس



www.sindhsalamat.com

وطن سنڌ ۾ پنهنجي ڳوٺ ڪاهي قاسم ڏسڻ جي ڏاڍي سِڪ آهي. هن هڪ ٻه ڀيرا ڪوشش ته ڪئي، پر ويزا نه ملي، هاڻي وطن جا وڻ ڏسڻ جي آس ختم ڪري ويٺو آهيان.

الائي ڪهڙي گهڙي اُن مان شيام نڪتاسين،
وطن ورڻ ته ڇا سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي!

آلين اکين سان نارائڻ شيام ڪان موڪلايوسون. ڪانئس هيري نڪر، مرليڌر ۽ هريڪانت جون ائڊريسون ورتيونسون. هيري نڪر ڏي پُٽ ساڻُ ڏنائين، جيڪو اسان کي هيري نڪر جي گهر بي-٢٦٣ ١-٨-سي لارينس روڊ ڇڏي آيو. هيرو نڪر گهر تي موجود هو. اسان سان ٻانهون کولي وڏيءَ حُب ۽ اڪير سان مليو. مختصر گهر ۾ مختصر خاندان سان رهيو پئي. جنهن ۾ سندس ڏيادار امڙ لڇمي ٻائي، سندس سلڇڻي پتني پوڄا ۽ پياري ننڍڙي ڌيءَ پوروي ۽ پاڻ موجود هئا. منهنجي آڏو ”سنڌي خبرون“ پڙهندڙ ”هيرو نڪر“ موجود هو، جنهن جي ملڻ جو چاهه پورا ١٨ سال منهنجي ساهه ۾ سانڍيل هو، سپنو ساڀيان جو روپ ڌاري چڪو هو. منهنجي اکين سامهون ٣٤ سالن جي ڀرپور جوانيءَ وارو ڪوجنيڪ هيرو نڪر موجود هو، جنهن راجستان رياست جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي راٺيلا جي هڪ ساڌُن جي مٺ مان ١٠ سال اڳ مليل سنڌي اساسي شاعر قاضي قاضن جي ١١٢ نون بيتن کي قديم ديوناگريءَ مان، ٻن سالن جي سخت نوُرنچوڙ ۽ پورهئي ڪان پوءِ، سوڌي سنواري، ١٩٧٨ع ۾ ”قاضي قادن جو ڪلام“ عنوان سان هڪ تاريخي گرنٿ، پنهنجي پياري گهرواريءَ جي نالي سان قائم ڪيل ”پوڄا پبليڪيشن دهلي“ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو هو. سندس هن تاريخي تحقيق، هند ۽ سنڌ ۾ ”هيري نڪر“ شخص جو نالو ”ڪوهنور هيري“ وانگر چلڪائي ۽ چمڪائي پڌرو ڪيو هو.

اُن موقعي تي هيري نڪر وڌيڪ انڪشاف ڪيو هو ته هن اُن ڪتاب ڇپائڻ ڪان پوءِ، قاضي قادن جي شاعريءَ جا وڌيڪ ٨ قلمي نسخا، ديوناگري خط ۾ هٿ ڪيا آهن ۽ وڌيڪ تحقيق ڪري پيو ۽ هن وقت تائين ڪيس قاضي قادن جا ٢٦٣ بيت هٿ اچي چڪا آهن، پر اُنهن جي مستند پڙهڻين تي ڪم ۽ نسخن جي ڀيٽ جاري آهي. هن اسان کي اُهي قلمي نسخا ڏيکاريا ۽ اها به خوش خبري ٻڌائي ته ڪيس راٺيلا واري دستخط مان دادو ديال جا ٤٠ سنڌي بيت ۽ ڪڇه وايون ۽ شيخ ڀرڪئي عرف ”ڀِرڪڻ“ جا ٧ سنڌي بيت به دستياب ٿيا آهن. اسان ڪيس ايڏي وڏي قدم شعري ذخيري هٿ ڪرڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ زور ڀريو ته اهو اَدبي



ذخيرو جلد ميدان تي آڻي ته جيئن سنڌي شعر جون ٽُٽل ڪڙيون ڳنڍجي وڃن.

هيري جي اَمڙ اسان کي آسيسون ۽ دعائون ڏنيون، مون ڏٺو ته هن ڏياوان اَمڙ جو هيري ۾ وڏو موهه هو ۽ هيري جو به امڙ ۾ موهه ڏسڻ وٽان هو. هيري جي گهرواري ديدي پوُڄا پڻ واقعي پوڄا لائق ناري هئي. هوءَ راجستان جائي هئي. سنڌي صاف ڳالهائي رهي هئي، پر سنڌي (عربي لپي) پڙهي نه ڄاڻندي هئي. پر ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي پڙهي سگهي پئي ۽ هيري ٻڌايو ته ڪڏهن ڪڏهن آل اِنڊيا ريڊيو سنڌي سروس تان سنڌي پروگرامن جي اناؤنسمينٽ به ڪندي آهي. هيري کي واقعي جوڙ سجوڙ مليو آهي. ٻنهي جو هڪ ٻئي لاءِ مثالي پيار ۽ احترام ڏسڻ وٽان هو. هيري وٽ هزارين ڪتابن تي مشتمل لائبرري هئي، جن ۾ اُهي تاريخي ڪتاب ۽ قلمي نسخا به هئا، جيڪي دادي پوپٽي هيرانندائيءَ کيس ان ڪري ڏنا هئا ته ”صحيح ماڻهو“ وٽ هوندا ته انهن جو ”صحيح قدر“ ٿيندو.

ڀيڻ پوڄا جي سوادي هٿ جي ماني کائي، هيري سان گڏ آل اِنڊيا نيوز سروس سيڪشن ۾ آياسون، جتي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ٻن سنڌي نيوز ريڊر ڀيڻن موهني ياٽيا ۽ ڪِڪو ڀلا سان موجود هو. اُتي هيري نڪر سان گڏ نيوز سيڪشن ۾ هم ڪار ڀيڻ وينا شرنگيءَ سان به ملاقات ٿي هئي. جيڪا شهدادڪوٽ سنڌ مان ١٩٧١ع ۾ لڏي دهليءَ ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ وٽ رهندي آهي، جيڪو اندرپوري (دهلي) جي علائقي جو مئجسٽريٽ پڻ آهي. وينا ١٩٧٦ع کان وٺي آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي يونٽ سان واڳيل هئي ۽ روزانو شام جو سنڌي پروگرام ”سڄڻ توکي خبر ڪهڙي“ ڪندي هئي. جڏهن ته هيرو نڪر سنڌي سروس سان گذريل ١٨ سالن کان وابسته هو، موهني ياٽيا گنڀير سڀاءُ واري باوقار عورت نظر آئي. حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائي هئي ۽ ٧ سالن جي ننڍڙي عمر ۾ مائٽن سان گڏ هند هلي آئي هئي، پر اڃا به حيدرآباد جي گهٽين جي ڇٽي يادگيري هئس. ڀيڻ ڪِڪو ڀلا دادوءَ جي ڄائي هئي ۽ هڪ سردار (سک) سان پرڻيل هئي.

اُن ڏينهن رات جي ماني به هيري نڪر ڪئي هئي ۽ ڀيڻ پوڄا تمام پيارا طعام تيار ڪيا هئا، جن جي خوشبوءِ ۽ سواد اڃا به نٿو وسري.

آئون ۽ مشڪور هوٽل جو ڪرايو ڀري نه ٿي سگهياسون. اُن ڪري هيري نڪر، مرليڌر جيٽلي ۽ وينا شرنگيءَ اسان جي رهائش جو انتظام ”فتح پوري ڌرم شالا“ ۾ ڪيو ۽ اُن جي مئنيجر آسودي مل کي فون به ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو آءُ ۽ مشڪور اڃا سنڌي ڌرم شالا فتحپوريءَ شفٽ ٿيڻ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جو سوچي ۽ تياري ڪري رهيا هئاسون تہ هيري ٺڪر ۽ وينا شرنگيءَ جا هڪ ٻئي پٺيان فون آيا تہ ”توهان هوٽل ۾ رهو، توهان اسان جامهمان آهيو، توهان جي رهائش اسان جي ذمي آهي. ڏرم شالا جا ڪمرا خالي نہ آهن ۽ هال ۾ اوهان کي رهائڻ مناسب نہ آهي.“ اُن ڏينهن اسان جي نيرن، وينا شرنگيءَ، پنهنجي گهر اِندرپوريءَ ۾ ڪئي هئي. جتان تي، آل اِنڊيا ريڊيو جي سنڌي سيڪشن ۾ هيري ٺڪر وٽ آياسون، جتي هيرو، موهني پاٺيا ۽ ڪِڪو پلا، انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ خبرون ترجمو ڪري رهيا هئا. اُتي اَسان جي ملاقات ٺارو شاهہ سنڌ جي رهواسي نيوز ڪاسٽر ڪيولراماڻيءَ، وينا جي ڀيڻ شالني ساگر، سنڌي ايڪسٽرنل جي انچارج مسٽر ايسراڻيءَ ۽ هڪ ننڍڙيءَ نينگر سنڌي اناؤنسر گيتا لڪاڻيءَ سان ٿي. نئين نسل جي نياڻيءَ گيتا جي ريڊيو جي سنڌي سروس سان وابستگي ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي. اُن رات، اسان جي ماني ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب ڪئي هئي. سندس پُٽ سُڌير اسان جون يادگار تصويرون بہ ڪڍيون هيون.

مسٽر ايسراڻي، نيتانگر ۾ رهندو هو، آخري بہ ٽي ڏينهن هيري ٺڪر اسان جي رهائش سندس گهر نيو رنگ روڊ تي ڪرائي. جتي هو اڪيلو رهندو هو، اُتي اسان پاڻ کي وڌيڪ سهنجو ۽ ٿاڻئيڪو سمجهو، پهرين اسان رهائش ۽ ڄاڻ سڃاڻ جي ائڊريس ڊاڪٽر قمر رئيس جي ڄاڻائي هئي، پر ايسراڻيءَ وٽ رهڻ دوران، پاسپورٽ آفيس وڃي اسان هيري ٺڪر جي گهر رهائش لکائي آياسون.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڊاڪٽر قمر رئيس سان سي-٦٦، وويڪ وهار دهليءَ ۾ ملاقات ۽ ڪچهري بہ ٿي، جنهن پُڇا ڪئي تہ ٽي چار ڏينهن ڪٿي گم هئو، انٽيليجنس وارا پُڇندا هئا، ڪين ٻڌايم تہ همراهہ مون وٽ هٽيڪا آهن. قمر رئيس ڏسڻ سان ئي مون کي سُڃاتو هو، ڇوتہ گولڊن جُبلي ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ گڏ هئاسون.

ان ئي عرصي ۾ راج گهاٽ تي مهاتما گانڌيءَ، نهروءَ ۽ اندرا گانڌيءَ جون سماڌيون ۽ دهليءَ جو مشهور ”سائونڊ ائنڊ لائيٽ شو“ پڻ ڏسي آياسون.

هيري ٺڪر کان خبر پئي تہ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ ”خادم“ جي وڏي ڀيڻ گُذاري وئي آهي، ان ڪري ڪانئس ڏس پتو وٺي، ڪالڪا جي اڪستينشن ۾ ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ سان ڀيڻ جي وڃي پرچاڻي ڪئيسون، ٻڌايائين تہ هوءَ سندس وڏي ڀيڻ تہ هئي، پر اُن کيس ماءُ وانگر پاليو هو. اسان ڊاڪٽر صاحب سان سندس اُن بينڪ ۾ مليا هئاسون، جتي ايران جو وزير اعظم امير عباس هويدا، وزير اعظم اندرا



گانڌيءَ کي بنا پروٽوڪول وٺي ساڻس ملڻ آيو هو. اتان ٿي سنڌي ٻوليءَ جي سدابهار ۽ مست ملنگ اديب تيرٿ وسنت سان لوڌي ڪالونيءَ ۾ ملڻ وياسون، جنهن جو ڏس پتو بہ هيري ٺڪر ڏنو هو. هوُ هڪ بلڊنگ جي ”برساتي“ (بالڪنيءَ) ۾ هڪ ڪوليءَ جيڏي ڪوٺڙيءَ ۾ اڪيلو رهندو هو. هي هند ۾ واحد سنڌي اديب هو، جو بي اجهي هو، ستراسي سالن جي ڄمار ۾ رڏي پڪي پاڻ ڪندو هو، سندس ملاقات ڏار تفصيل گهري ٿي، پر هتي ملاقات دوران جيڪي چيائين سو اکر بہ اکر درج ڪريان ٿو:

”آءٌ اڪيلو آهيان - ڄائي ڄم کان اڪيلو آهيان- سنڌ ۾ بہ اڪيلو هوس ۽ هتي بہ اڪيلو آهيان، اُتي مسواڙ تي گهر هو، هتي بہ مسواڙ تي گهر آهي. ٢ فيبروري ١٩٤٩ع تي سمنڊ وسيلي هندستان آيس. مون کي اُن کان اڳ حيدرآباد سنڌ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، مون سنڌ ۾ رهڻ چاهيو پئي، پر مون کي رهڻ نہ ڏنو ويو.“

هن گذر سفر بابت ٻڌايو تہ:

”مون کي ’ڪنور‘ ڪتاب تي ٥٠٠٠ روپيا انعام مليو هو، سو ٢٠٠٠ روپيا اجمير ۾ جڳهہ لاءِ، ۽ ٢٨ روپيا جڳهہ جي مسواڙ ڏنم. پوءِ دهليءَ آيس ۽ هتي ئي رهي پيس. دهلي منهنجي پسند جو شهر هو. ڪرٽيڪل ايسيس ڪتاب تي امريڪا مان ١٠،٠٠٠ ڊالر مليا، جيڪي فڪس ڊپازٽ ۾ رکايم. ان کانسواءِ حڪومت اِنڊيا، منهنجي ڪتابن جون بہ بہ سؤ ڪاپيون خريد ڪيون، ٤٨،٠٠٠ رُپيا مليم، ڪجهہ ترجمن ۽ ڪجهہ ٻئي ڪنهن ڪم مان جيڪا رقم ملي، سا بئنڪ ۾ رکائي ڇڏيان. ان مان ١٠٠٠ روپيا ڪن مهني ۾ ملن ۽ ان کان سواءِ ٣٥٠ روپيا ڪلچرل منسٽري ڏيندي اٿم، چڱيءَ طرح گذارو ٿيو وڃي.

هيري ٺڪر سان ٻي ملاقات، وري هڪ سال پوءِ ١٩٨٧ع ۾، دهليءَ ۾ ئي ڀيڻ وينا شرنگيءَ پاران، ماولنڪر هال دهليءَ ۾ ١٧ آڪٽوبر ١٩٨٧ع تي سڏايل ’شاهہ لطيف انٽرنئشنل سيمينار‘ ۾ ٿي هئي. مارئي سنسٿا پاران سڏايل هن سيمينار ۾ سنڌ هند جي ڪيترن اَديبن سان گڏ مون ۽ هيري ٺڪر بہ مقالا پڙهيا هئا. دهليءَ ۾ رهائش دوران هيري ٺڪر جي دعوتن ۽ رهاڻين کان وڌيڪ، هن پاران هڪ تاريخي شخصيت سان ڪرايل ملاقات اڄ تائين نہ ٿي وسري. اها تاريخي شخصيت هئي. آنند هنگوراڻي، هن ملاقات ۾ اي.جي. اُتم، سُندري اُتمچنداڻي، نارائڻ شيام، ٺهلرام آزاد، ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي، جمن دربدر، آصف بالادي، مظهر لغاري، سليمان ڏاهري، هيرو ٺڪر ۽ سنڌ مان آيل ڪيترا ٻيا دوست گڏ هئا، دادا آنند هنگوراڻي،



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

مهاتما گانڌيءَ جو پرائيويٽ سيڪريٽري رهي چڪو هو ۽ منيرڪا فليٽس دهليءَ ۾ رهندو هو. دادا هنگوراڻيءَ جي پهرين گهرواري جڏهن گذاري وئي هئي ۽ هو اُداس رهڻ لڳو هو تہ مهاتما گانڌي کيس روزانو ”آشيرواد“ خط جي صورت ۾ لکي موڪيلندو هو، جن کي هو آلبم جي صورت ۾ سنڀاليندو ويندو هو ۽ بعد ۾ انهن کي ڪيترن ڪتابن جي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين. پنهنجي سرڳواسي پتني وندنا کان پوءِ، مهاتما گانڌيءَ جي آشيرواد سان وندنا جي ڀيڻ گنگا سان شادي ڪئي هئائين. رهاڻ ۾ دادي گنگا بہ موجود هئي. وسيع مطالعي واري عورت هئي. آنند ۽ گنگا ٻئي ڏاڍا کلمک ۽ خوش طبع اِنسان هئا. ڪچهريءَ ۾ نارائڻ شيام جي موجودگيءَ ۽ سندس خوش مزاج گفتگوءَ محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. آنند هنگوراڻيءَ سائين جي ايم سيد جو ذڪر ڪندي چيو تہ تازو جڏهن هو پنهنجي دوست خان عبدالغفارخان جي طبيعت پُرسيءَ لاءِ دهليءَ آيو هو تہ مون کيس چيو هو تہ:

”سيدا! تون پاپي آهين، پاڪستان بنائي اسان کي بہ ويل ۾ وڌئي ۽ پاڻ بہ عذاب ۾ رهئين.“

اُن تي سيد وراڻيو هو تہ:

”خونيءَ جي سزا بہ ۱۴ يا ۲۰ سال هوندي آهي، مون تہ ۲٦ سال سزا ڪاٽي آهي.“

ائين چئي دادا آنند جون اکيون پرجي آيون ۽ سيد لاءِ سلام ۽ نياز ڇيائين. دادا اسان کي ڪافي ڪتاب تحفي ۾ ڏنا ۽ جمن دربدر قومي ۽ صوفي ڪلام ڳائي سيني کي روئاڙي ڇڏيو. جمن جي دادا آنند ٻئي ڏينهن بہ خاص دعوت ڪئي هئي. ان موقعي تي آنند پنهنجي مامي جي هٿ اکرين لکيل صوفي شاعرن جي ڏيڍ ڪئسيٽ پريائون ۽ اسان کي ٻنهي بزرگن آسيسون ۽ دعائون ڏئي موڪليو هو.

ائين هيري نگر سان دل جون ڳنڍيون ڳنڍجي ويون ۽ پوءِ جڏهن هن هري موٽواڻيءَ سان گڏ سنڌ اچڻ شروع ڪيو، تہ کين ڪراچي ايئرپورٽ تي آجيان ڪرڻ وارن ۾ آءٌ ۽ رکيل مورائي اڳيان اڳيان هوندا هئاسون. هيرو ڪيترا ڀيرا سنڌ آيو، هريءَ سان گڏ ۽ هريءَ جي انتم ياترا کان پوءِ بہ. هر ڀيري سنڌ ۾ سندس آجيان ڪليل ٻانهن ۽ ڀريل ڀاڪرن سان ٿيندي رهي، هن کي سنڌ اَچي حد درجي جو سُڪون حاصل ٿيندو هو، اُن جو اِظهار سندس لفظن ۾ پيش ڪرڻ بهتر ٿيندو.

”جڏهن تاريخ سُمهي رهي آهي، تڏهن سنڌ جي آتما جاڳي رهي آهي، مون کي سنڌ ۾ اَچي بي مثال سڪون مليو آهي، جيئن هڪ ٿڪل ماڻهو پنهنجي ماءُ جي هنج ۽ گوڏي تي ڪنڌ رکي سُمهي پئي، مون کي اهڙي قسم جي راحت ۽ سُڪون محسوس ٿي رهيو آهي.“



هيري جي سنڌ جي سفرن ۽ سندس اَدبي خدمتن تي الڳ لکڻ لاءِ وقت درڪار آهي، هتي آءٌ فقط هيري جي سنڌ ياترا دوران حيدرآباد سنڌ ۾ پنهنجي پُراڻي گهر جي ڳولها وارن لمحن کي يادگيريءَ جي بنياد تي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

پهريون ڀيرو شايد ۲۰۰٦ع ۾ هيرو نگر، مدد علي سنڌي ۽ آئون، هيري نگر جو گهر ڳولهڻ ۾ ناڪام ٿياسون، اسان سٽي ٿاڻي واري اسٽيشن روڊ جي ڏکڻ اولهندي پاسي گول بلڊنگ ۽ آفتاب پريس واري پاڙي ۾ ڳولها پئي ڪئي. هيري پنجن سالن جي عمر ۾ حيدرآباد سنڌ ڇڏي هئي ۽ هن ٻڌايو هو تہ اسٽيشن روڊ تي موجوده سٽي ٿاڻي ۽ هوپفل اِسڪول ۽ حبيب بئنڪ واري روڊ تي تہ ڦيٿي سائيڪل تي گهمندو هو.

ٻئين ڀيري پلجان نٿو تہ سال ۲۰۱۲ع ۾ هوُ ۽ جينو لالواڻي، شاهہ لطيف اَدبي ڪانفرنس ۾ آيا هئا ۽ هيري ٻڌايو تہ سندس گهر ”مکي هَٽ“ واري علائقي ۾ هو، پوءِ تہ ڳولهي ڳولهي وڃي اها ”شيران والي“ بلڊنگ هٿ ڪئيسون، جنهن جي مين گيٽ جي ٿنڀن تي بہ شينهن هوندا هئا ۽ ورهاڱي کانپوءِ آيل پناهگير آبادي ان جڳهہ کي ”شيران والي بلڊنگ“ سڏيندي هئي ۽ هن وقت اُن ۾ هڪ ڪانياواڙي فئملي رهائش پذير هئي- هيرو نگر جڏهن پنهنجي گهروٽ پهتو تہ رڙ ڪري چيائين ”اڙي، هيءَ ئي منهنجو گهر آهي، پر هي بہ شينهن ڪيڏانهن ويا؟“ پرسان بيٺل ڪنهن سنڌي واتهڙوءَ وراڻيو: ”ادا، شينهن گدڙ کائي ويا!“ ڪيڏو نہ حقيقت افروز جملو چيو هئائين، واقعي شينهن جي جاءِ گدڙن اَچي والاري هئي، جيڪي جهنگل ۾ بہ رهڻ جي لائق نہ هئا، تن تهذيب يافتہ شهرن جون تاريخي عمارتون اچي والاريون هيون.

ڪانياواڙي فئملي مهذب هئي. هيري ۽ اسان کي گهروٽي ويا، هيري ڏهُ ڪري پنهنجو گهر ڏٺو، پٿين تي هٿ گهمائي اکين تي رکيائين. جڏهن ڪانياواڙي زالِ مڙس کي خبر پئي تہ هيءُ گهر هيري نگر جو هو، جنهن جو جنم بہ هن گهر ۾ ٿيو هو ۽ ورهاڱي ۾ وڇڙي هند هليو ويو هو، تہ هنن کيس وڌو ماڻُ ڏنو ۽ چيو تہ ”هيءُ گهر اڄ بہ اوهان جي اَمانت آهي.“ هيري سندن ڪشاده دليءَ کي داد ڏيندي چيو هو تہ ”اوهان هن گهر ۾ آرام ۽ سُڪون سان رهو، هي گهر هاڻي منهنجو نہ پر اوهان جو



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهي، آءٌ چند گهڙين جو مهمان آهيان، هي گهر اوهان کي نيبهه هجي.'' هيري جي اکين ۾ لڙڪ چمڪي رهيا هئا ۽ اسان سڀني جون، گهرڀاتين سميت اکيون به پُرجي آيون هيون. ڪاٺياواڙي فئمليءَ وڏيءَ دل ۽ محبت سان اسان جي آجيان ڪئي ۽ رفريشمينٽ ڪرائي ۽ شربت پياريو. هن فئمليءَ وٽ گهر ۾ ڪم ڪندڙ عورت، ٿرجي ڪنهن ڳوٺ جي مڱڻهار هئي. اُن کي جڏهن خبر پئي ته هي سوٽيل بوٽيل شخص (هيرو) هندستان مان آيو آهي ته هن اکين ۾ آب آڻي، هٿ ٻڌي هيري کي چيو، ''ابا! منهنجي ڌيءَ پرڻين پاسي گجرات ۾ پرڻجي ويل آهي، سال ٿي ويا آهن، مون کي نه ويزا ٿي ملي ۽ نه راجا جي ريل ۾ سفر ڪرڻ جي اِجازت. ابا! تون آفيسر لڳين پيو، مون کي اجازت وٺي ڏي ته آءٌ پنهنجي نياڻيءَ سان ملي اچان.'' هن منظر اسان سڀني جون اکيون آب ديده ڪري ڇڏيون. هيري جي حالت ته ڏسڻ وٽان هئي، هو خود هند ۾ شرنارٿي هو، وطن کان وڇڙيل هو، مٿان وري هڪ مسلمان مڱڻهارڻ جي هن ڏکويل داستان کيس جهوري وڌو، پراُن وقت هن وٽ ڪو جواب نه هو، سواءِ سندس همدردي ڪرڻ جي ۽ کيس ڪوڙو دلاسو ڏيڻ جي ته : ''ادي! آءٌ هر ممڪن ڪوشش ڪندس!''

نه خبر، نه خواب، نه ڪو اوٺي آئيو،
ڍُٺان جو هِت ڪهين، ڏنو ڪونه جوابُ.
(شاهه)



# سامهون گڏيم سپرين

- مدد علي سنڌي

سچل سرمست جي وائيءَ جي هڪ سِٽ آهي :

ڏند ته موتي محبوب جا،هيرو لال جواهر ها.

سو ڳالهه اها آهي ته ڪُجهه ماڻهو پنهنجي نالي جي نسبت سان ساڳيا هوندا آهن. جهڙو هوندو اٿن سندن نالو تهڙا هوندا آهن پاڻ. اسان جو ياءُ هيرو نڪر جو به واقعي جيئن اٿس نانءُ، تهڙو آهي به پاڻ هيري مثل. سياءُ جو بنهه ماڻيٺو. ڳالهائڻ جو مِنو ماکيءَ جهڙو. وات مان اکر ڪيندو ته جهڙو ڪر گُل پيا سندس واتان ڦُٽندا. سندس ڳالهايل سنڌي ٻوليءَ جي زير ۽ زبر بلڪل صحيح. ڀلا ڇونه هجيس سُني. سندس ڳالهايل سنڌي ٻوليءَ، وٽندڙ، جو سنڌي الف ۽ ب سِکيو پنهنجي پيءُ کان اُلهاس نگر ۾، سنڌ مان جلاوطنيءَ کان پوءِ، پر نپنيو ته سنڌ جي راڄڌاني حيدرآباد سنڌ ۾، جتي ٻاٻاڻي ٻولي ٻڌائين سندس امڙ جي واتان. جتان جو جل پاڻي واپرائي هو اُسريو. هونئن به حيدرآباد شهر جا اصلوڪا سنڌي ڳالهائڻ ۾ اصل پري کان پڌرا. هنن جي ڳالهائڻ جو نمونو زالين توڙي مردين بلڪل جداگانه، جيئن دهليءَ پراڻي يعني قلمي مُحلي جي رهواسين جي ٻولي منفرد، تيئن حيدرآباد سنڌ ۽ شڪارپور جي رهواسين جو ڳالهائڻ جو انداز پنهنجو. هي حيدرآباد شهر هيري نڪر جو جنمي شهر آهي، جتي شاهي بازار ۾، ڇوڏڪي گهٽيءَ کان اڳتي مڇيءَ جي هٽن واري گهٽيءَ ۾ واقع شينهن واري جاءِ آڏو سندس اور پوريل ۽ اُهائي اور جي چڪ، هيري کي بار بار پنهنجي ديس ۾ ڇڪي آڻيندي آهي ۽ جڏهن مون پهريون ڀيرو هيري کي حيدرآباد شهر ۾ ڏٺو هو، ته بي اختيار مشهور شاعر پيرل جي ڪافيءَ جي هي سٽ چپن تي اچي ويئي هئي :

''سؤ ناز مان سينگار جي آيو ڪوهيارل ڀنڀور ۾.''

----

حيدرآباد شهر سان منهنجو سنٻنڌ پراڻو ان ڪري به آهي. جو اکيون پٽيم- هوش آيم، ته حيدرآباد شهر سامهون ڏٺم. پر اُهو حيدرآباد ٻيو هو. نه اجوڪو گند، گوڙ ۽ گهمسان، نه ايتري خوفناڪ تنگي، سوڙهه، جو ماڻهو ٻه قدم به پنڌ نه هلي سگهي. هاڻ ته ماڻهن جو تمام حال پريشان، اڳ جا نظارا هئا! ڪيڏا نه وڻندڙ ماڳ، مڪان، باغ ۽ بستان هئا. منڙا منجهن سهڻا ماڻهو موجود. ڦليلي جا ڪنارا، ڪاليج،



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڊولڻ باغ، مکي باغ، تروٽ جو باغ، اسٽيشن جي سامهون راڻي باغ، داس گارڊن، پريم پارڪ، هيرآباد ۾ ليڊيز پارڪ، عامل ڪالوني، سول اسپتال آڏو ساڌو هيرانند پارڪ، ٽڪر تي موجود برهمو سماج جو مندر، تلڪ چاڙهي تي هيٺ ڪندنمل گرلز هاءِ اِسڪول، هيرآباد ۾ ميران گرلز هاءِ اسڪول، نوڙهي جي چاڙهيءَ هيٺان ٽولارام گرلز هاءِ اِسڪول، فوجداري روڊ تي هوپفل اسڪول، اسٽيشن روڊ تي تلڪ چاڙهي کان اسٽيشن تائين پپر جا گهاٽا وڻ. نولراءِ هيرانند اڪيڊمي اسڪول وٽ پٿر جو ٺهيل گول پارڪ، ان ۾ ٺهيل خوبصورت حوض، اوچا اوچا وڻ، ساڳئي قسم جو گول پارڪ گاڏي کاتي ۾ جتي اڄ ڪلهه حيدر چوڪ واقع آهي، گدو بندر تي موجود باغ، گدو بندر ڏي ويندڙ شاهي رستو، ان تي ٺهيل بئنچون، وڪٽوريا گاڏين ۽ ٽانگن جي گهوڙن جي ٽاپن جا آواز، رات جو گهلندڙ حيدرآباد جي گُلن جي باغ کي لڳي ايندڙ سُڳنڌ ڀريل هوا ۽ گهرن جي منگهن مان ئي ايندڙ ٿڌڙي هير، سچ پڇ ته اها ڪا ٻي حيدرآباد هئي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ وڪٽوريا گاڏي ۾ چڙهي سير ڪندا هئاسين، پر هاڻ نه اهي بهارن جا سمان رهيا باقي، نه پپر ۽ ٻڙ جي وڻن جون چوٽيون، جيڪي پيون آسمان سان ڳالهيون ڪنديون هيون سرينهن جي وڻن جي منڙي ڇانو اهڙي، جو بيني-بيني مِني ننڊ ايندي گهوڙن جي پيئڻ لاءِ سخي وند ماڻهن جون ٺهرايل سبيلون.

.... ۽ ڳالهه ڪٿان جي ڪٿان وڃي نڪتي. ذڪر پئي هلي دوست هيري ٺڪر جو ۽ وڃي نڪتاسين ماضيءَ جي خوابديده شهر حيدرآباد ۾، جيڪو هاڻ فقط خوابن ۾ ڏسڻ ايندو آهي. بهرحال اسين سڄي حيدرآباد کي ٿا شهر چئون. پر شروع ۾ حيدرآباد شهر هو، پڪي قلعي جي سامهون ڏکڻ پاسي، ٻنهي پاسن کان آباد بستيءَ کي، جيڪو وڃي پورو ٿيندو هو سرني گهاٽ تي. هيرآباد پوءِ ٺهي. انهيءَ پراڻي شهر حيدرآباد وڃڻ لاءِ ڪيتريون چاڙهيون، جيڪي آهن اڄ به موجود، جن تان چڙهي وڃي شهر پهچبو هو، سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي سال ١٧٦٩ع ۾ جڏهن حيدرآباد جو قلعو مشهور هاڪاري ڪاريگر ميان محمد شفيع ملتانيءَ جي نگرانيءَ ۾ ٺهرائي ورتو ته هڪ نئون شهر آباد ڪرڻ جو خيال ڪيس آيو، سنت ئي پاڻ سنڌ جي مختلف شهرن مان هنرن جا ڄاڻو ماڻهو شامل هئا سي گهرائي اُنهن کي آباد ڪيائين. حيدرآباد شهر ڏي وڃڻ لاءِ مشهور چوڏکي چاڙهي، جيڪا حيدرآباد جي فوجداري ٿاڻي کان اوير پاسي اڄ به موجود آهي. ان چاڙهين تي چڙهبو هو، ته ساڄي پاسي حيدرآباد جو پهريون ڇوڪرين لاءِ قائم ڪيل اِسڪول، جنهن جو نالو هو، شوقيرام



چاندومل گرلز پرائمري اِسڪول، اهو اِسڪول نولراءِ ۽ هيرانند ڀائرن جي پيءَ شوقيرام آڏواڻيءَ جي نالي پٺيان سڏبو هو، جيڪو اڄ خالد ميموريل هاءِ اِسڪول جي نالي سان ٿو سڏجي. ان اِسڪول جي سامهون ميدان هوندو هو، جنهن تي هاڻ دڪان ٺهي ويا آهن. چاڙهي چڙهي مٿي ٿينداسين، ته ساڄي پاسي رستو وڃي ٿو ميان فقير جي پِڙ ۽ سامهون سرور جي قبعيءَ ڏي، جيڪو وڃي پوندو آهي، ڪورين جي پِڙ ۽ ڪاهي روڊ تي، کابي پاسي ڪنڊ تي هوندي هئي ورهاڱي کان اڳ جي ”هوٽل ڊي پئرس“ ۽ کابي پاسي رستو وڃي ٿو سري گهاٽ ڏانهن، اُن رستي تي وري ساڄي پاسي پهرئين گهٽي سڏبي هئي مڇيءَ جي هٽن واري گهٽي، جنهن ۾ اندر داخل ٿبو ته اڳتي هلي هڪ جاءِ اڃا به صحيح سلامت بيٺي پنهنجي اصلوڪن مالڪن کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙي، اها جاءِ، جنهن جي در جي مٿان ٻه شينهن لڳل هوندا هئا، تن مان هڪ شينهن اڃا به صحيح سلامت آهي، باقي شينهن زماني جي دستبرد کان محفوظ نه رهي سگهيو. اهو گهر آهي اسانجي دوست هيري ٺڪر جو، جنهن ۾ هو صاحب ٢ مارچ ١٩٤٣ع تي منگل ڏينهن ڄائو هو. سندس امڙ لڇمي ٻائي، جيڪا ماتليءَ جي هئي، پر پرڻجي آئي هئي جيٺالال ٺڪر سان حيدرآباد سنڌ ۾ قدرت خدا جي، هيرو اڃا ٥ ورهين جو مس هو، ته ورهاڱو ٿيو، نتيجي ۾ ڀارت کان آيلن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ فساد شروع ڪري ڏنو. اهي فساد جنوري ١٩٤٨ع ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪرايا ويا هئا، جنهن ڪانپوءِ سنڌي هندو پنهنجي وطن کي الوداع چوڻ تي مجبور ٿي پيا. اهو شهر ۽ وطن، جنهن ۾ هنن جي ستن پيڙهين جي خاڪ سمايل هئي، انهن وطن جون سُرهي هوائون ٻيهر جهٽڻ جون آسون دلين ۾ رکي ٿيا هند روانا ۽ سنڌ جو حال ٿيو هن بيت وانگر:

جتي هنج هئا، اُت ڪانوَن ڪانگيرا ڪيا،
ويچارو وليداد چئي، ولر ڪري ويا،
اچي آل پيا، انهن اوطاقن ۾.

هيري جو ڪٽنب جنهن ۾ سندس امڙ، پيءُ ۽ هيري جون چار ڀينرون، ٻه هن کان وڏيون ۽ ٻه ڪانئس ننڍيون، جن مان وري ننڍڙي ڀيڻ ليلان جنهن سان هيري جو بيحد پيار هو، پر هيڏي وڏي ڪٽنب کي، هيري جو والد، پنهنجي شهر حيدرآباد ۾ ته سکيو رکيو ويٺو هو، جو هيري جو پيءُ جيٺالال ٺڪر اُتي سکيو ستابو هو، هن جو پنهنجو گيهه جو ڪارخانو هو، پنهنجو اباڻو گهر هو، پر بمبئيءَ جي ڪلياڻ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪيمپ جي هڪ بيرڪ ۾ رهندي هنن جو ساهه منجهڻ لڳو. بيروزگاريءَ کان تنگ اچي، هيري جو پيءُ جيٺالال نڪر، بمبئيءَ کان پري ناگپور ۾ چاليهن روپين جي نوڪري ڪرڻ لاءِ هليو ويو. هيري تي انهن شروعاتي زندگيءَ جو تمام گهڻو اثر پيو، خاص طور تي جڏهن سندس ننڍڙي ڀيڻ ليلان، ڪيمپ ۾ ڪالرا سبب چالاڻو ڪري ويئي. هوڏانهن ڪلياڻ ڪيمپ ۾ به هيرو پنهنجي وطن سنڌ ۽ خاص طرح حيدرآباد شهر جون تمام گهڻيون ڳالهيون ٻڌندو هو. هن جي امڙ سدائين سنڌ کي ساريندي پئي ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. چاڪاڻ ته سنڌ مان لڏي ويل سنڌين کي پنهنجي گهرن ۽ وطن جي ياد ڪڏهن به سُک سان ننڊ نه ويهڻ ڏنو ۽ وڏي ڳالهه ته حيدرآباد شهر جون ڌڏيون هير جهڙيون هوائون ۽ اباڻا اجها ڪٿان ٿي هو وساري سگهيا!؟

۽ اها هڪ حقيقت به آهي ته حيدرآباد کي سنڌي جي ادب واري تاريخ ۾ هڪ وڏي حيثيت حاصل آهي. هي شهر ڪيترن ئي ناميارن سنڌي هندو ليکڪن، عالمن جو جنمي شهر آهي. پرمانند ميوارام، نولراءِ ۽ هيرانند پائر نولراءِ شوقيرام، هيرانند شوقيرام، ديوان پرڀداس آڏواڻي، سيٺ وشنداس پارواڻي، ڄيٺي سپاهيملاڻي، دادا ليکراج، دادا جشن واسواڻي، ليلارام وطڻمل، ڏيارام گدومل، موتيرام آڏواڻي، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، لالچند امرڏنومل، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، ڄٺرامداس دولترام، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، آچاريه ڪرپلاڻي، منگهارام ملڪاڻي، ليکراج ڪشنچند عزيز، ڄڳت آڏواڻي، سيٺ پرتاب راءِ ڏيالداس، سشيلا مهتاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، نارائڻ داس ملڪاڻي، ڪيول ملڪاڻي، لوڪرام شرما، پوپٽي هيراننداڻي، ايشور چندر، گنو سامتاڻي، سندري اُتمچنداڻي، اي.جي. اُتم، گيتا راج، ايل. ڪي. آڏواڻي، لال هرداساڻي، هرچندراءِ وشنداس، ريٽا شهاڻي، تارا ميرچنداڻي، جهمون ڇڳاڻي، رتنا گوديا رولاڪ، هيرو نڪرءِ ٻيا ڪيترا جن جا نالا هن وقت ذهن تان لهي ويا آهن.

----

واقعي ورهاڱي کان اڳ وارو شهر حيدرآباد قطعي طور تي هڪ ٻيو هو. هڪ جداگانه، منفرد، پنهنجي خاص حيثيت وارو سنڌي شهر: فطرت جي نيچرل ۽ خوبصورت نظارن سان سينگاريل، جنهنجي اولهه ۾ سدائين وهندڙ مست ڇولين وارو سنڌو درياهه، جيڪو جڏهن موج ۾ ايندو، ته موجوده لطيف آباد وارو ڪچو لتاڙي اچي حيدرآباد جي قلعي سان مکا ميلو ڪندو هو ۽ اوير پاسي وري ڦليلي،



جيڪا تارون تار وهندي هئي. ان جي هڪ ڪناري کان ٿهيل سهڻو ڊولڻ باغ هو. حيدرآباد شهر کي ٻنهي پاسي درياه، ڦليلي ۽ پرپاسي جي باغن مان گلاب جي گُلن جي مهڪيل هوا پئي ماڻهن کي ٿڌڪا ڏيندي هئي. شهر ۾ گهمڻ لاءِ باغ بستان، وڪٽوريا گاڏيون، ٽانگا، ٻه چار موٽرڪارون، سائيڪلون، بسون، تلڪ چاڙهي، هيرآباد، الهندو ڪچو، بيسنت هال، هيرآباد ۽ عامل ڪالوني جون خوبصورت جايون، خود شاهي بازار ۾ پڪيون ماڙيون، منگهه ۽ انهن منگهن مان ايندڙ هوائون رات جو پلي آرهڙ جا ڪيترا جهولا چونه لڳن، پر سانجهيءَ جو لڳندڙ ڏکڻ جون هوائون، لارون ڪري گهلنديون هيون، جو رات جو اڱڻ ۾ کٽن تي سمهندڙ ماڻهن کي پنهنجي لوڏي سان جهولندڙ ننڊ جي پينگهي ۾ لوڏي، ٿپڪا ڏيئي سمهاري ڇڏينديون هيون. رات جو حيدرآباد جون مخصوص ٿڌيون هير جهڙيون هوائون، ڪڏهن به نٿيون وسري سگهن ڪنهن کان. رات جو حيدرآباد جي آڪاس تي ڪنهن ڪنهن مهل اُڏامندڙ چنبول پکين، يا وري نو ودياليه هاءِ اسڪول موتي محل ۽ نولراءِ مارڪيٽ جي ڪلاڪ ٽاورن جا آواز، آڌي رات جو شهر ۾ اناج کڻي ايندڙ اٺن جا قافلا، انهن جي ڳچين ۾ ٻڌل چنگ، چڙا ۽ ڏگڙن جا آواز، روڊن تان ٽانگي وارن جا سنڌيءَ ۾ هوڪا ۽ گهوڙن جي سنبن جا ٽاپ ٽاپ، ڪانگن جي منڙي لات ڪوئل جي ڪوڪ ۽ شهر جي اوتارن ۾ پاليل مورن جا ٽهوڪا، مور جيڪي اڪثر ڪري اچي گهرن جي ڇتين تي ويهندا هئا ۽ هي شهر واقعي، سنڌ جو بيئروميٽر ۽ سنڌ جو اصلوڪي شڪل هو، جيڪو هاڻي وڃي بچيو آهي، يادگيرين جي ڏنڌلڪي صورت ۾، جڻ هڪ خوبصورت رنگين پينٽنگ، جيڪا سونهري فريم ۾ هٽائي، شهر جي سنڌ ميوزم يا مکي هائوس جي عجائب گهر ۾ ٽنگرائي ڇڏجي! ڪڏهن ڪڏهن ويچار ڪندو آهيان، ته پراڻي حيدرآباد به هاڻي باقي وڃي بچي آهي. اسان جهڙن ماڻهن جي ذهن تي يادگيرين جي شڪل ۽ وساميل جذبات جي صورت ۾ ۽ اهي سمورا اسانجا اُهي جذبات آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن نوسٽيلجيا جي شڪل ۾ ظاهر ٿي، ماڻهوءَ کي اُداس ڪري ويندا آهن، پر جذبات هر ڳالهه کان ڳرا آهن هوندا، چاڪاڻ ته جذبات جو واسطو دماغ کان وڌيڪ دل ۽ روح سان هوندو آهي ۽ ماڻهو جي جذبات کي سمجهڻ ڏکيو ڪم آهي.

گهڻي وقت جي ڳالهه آهي منهنجي خيال ۾ چاليهارو سال اڳ ١٩٧٨ع ۾ دوست مير ٿيٻي سان گڏ، هيرآباد ۾ پنڌ ئي پنڌ پوپٽي هيرانندڻيءَ جو گهر پئي



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڳولهيم. سندس هي شعر پڙهي :

”هاءِ ڙي منهنجي حيدرآباد،
ميرن جا قبا ۽ منگهن جي قطار،
هاءِ ڙي منهنجي حيدرآباد!“

بابا سائين کان ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي گهر جو پتو پڇي نڪري پيا هئاسين، اُهو گهر ڳولهڻ. آخرڪار پوپٽيءَ جي گهر آڏو پهچي، اُتي گهر جي ٻاهران دڪيءَ تي ويهي رهيا هئاسين، ايتري ۾ پاڙي جو هڪ ڄاڻ سڃاڻ وارو همراهه اَچي اسان سان مليو هو. ڏوم تتيءَ جي ويل هئي. اسان کي ڏسندي پڇيو هئائين. ”ادا، اوهانکي ڪهڙي چتي ڪُتي چڪ پاتو آهي، جو ههڙي ننهڻ اُس ۾ نڪري پيا آهيو؟“

ڪيس ٻڌايو هيم، ”سنڌي ليکڪا پوپٽي هيرانندڻيءَ جو گهر پيئي ڳولهيم.“

هن ٺهڪ ڏيئي چيو هو :

”ڪڏهن رهندي هئي هتي؟“

چيو هوم، ”سال ۱۹۴۷ع ۾.“

هن اچرج مان وراڻيو هو ”يائو، هن هڻ هٽان مان توهانکي ڇا ورندو؟“

۽ پوءِ گهران وچي، ٿڌو پاڻي آڻي اسانکي پيئاريو هئائين. واقعي هن کي ڪوئي جواب نہ ڏيئي سگهيو هوس. جو انهن سمورين ڳالهين جو واسطو جذبات سان هو جڏهن تہ دماغ جو انهن ڳالهين سان ڪوبہ تعلق نہ هوندو آهي.

---

هيري نڪر جو نالو، اسان سدائين، آل اِنڊيا ريڊيو جي آڪاش واڻي جي انهيءَ سنڌي پروگرام ۾ ٻڌو، جيڪو سال ۱۹۶۷ع ۾ شروع ٿيو هو. اِهو پروگرام شام جو ساڍي ۵ وڳي پيگت ڪنورارم جي مڌر آواز سان شروع ٿيندو هو. اَمڙ مرحيات سدائين شروع ۾ پنهنجي مرفي ريڊيو ۽ پوءِ اين.اي.سي. جي ٽرانسسٽر ريڊيو تان ساڍي ۵ وڳي شام جو آڪاش واڻي جو سنڌي پروگرام ۽ شام جو ۷ وڳي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سيد صالح محمد شاهہ جو پروگرام ”فتح خان جي ڪچهري“ باقائده ٻڌندي هئي. پوءِ وري پاڪستان ٽي. ويءَ تان نشر ٿيندڙ اڌ ڪلاڪ جو سنڌي پروگرام ڏسڻ هن جا جهڙوڪ روزاني جا معمول هئا. آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي پروگرام ۾ اڪثر ڪري خبرون اسان جو هي دوست هيرو نڪر پڙهندو هو، هنن لفظن سان تہ :

”هاڻي هيري نڪر کان خبرون ٻڌو.“



سال ۱۹۷۸ع ۾ سنڌ ۾ اوچتو هڪ خبر وڏو ممڻ ولوڙ مچائي ڇڏي هئي تہ ياءُ هيري نڪر سنڌ جي اوائلي شاعر قاضي قاضن جا ۱۱۶ بيت هٿ ڪري، انهن کي سوڌي سنواري، معنيٰ ۽ تشريح سان شايع ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مشهور تاريخي ڪتاب ”تاريخ معصوميءَ“ ۾ قاضي قاضن نالو لکيل هو، پر بعد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، لفظ قاضن کي ڦيرائي قادن ڪري ڇڏيو. بلڪ هريانا مان هٿ آيل دستخط ۾ بہ قادن لکيل هو، اهو دستخط يعني قلمي نسخو هريانوي ۽ هندي اديب شري راجا رام شاستريءَ کي، هرياڻا پرڳڻي جي روهتڪ شهر ويجهو راڻيلا ڳوٺ جي هڪ مڙهيءَ مان هٿ آيو هو. جيڪو ”سنتون ڪي واڻي“ نالي ڪتاب ۾ شامل هئا. سچ پڇ تہ سنڌي ادب کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سؤ ورهيہ اَڳ جي اڻ ڇپيل ڪلام کي ڳولهي، هٿ ڪري ڏيڻ وارو ڪم، هيري جو ڪڏهن بہ نٿو وساري سگهجي، اهو هڪ وڏو تاريخي ۽ للجواب ڪم هو، سندس ڪيل اهو تاريخي ڪم، کيس سنڌي ادب ۾ صدين تائين اَمر ڪري ڇڏيندو.

مون کي ياد ٿو اچي تہ مون سندس مرتب ڪيل ڪتاب ”قاضي قادن جو ڪلام“، ۾ آيل هڪ بيت مان پنهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب جو نالو ڪٽي، ”دل اندر درياءَ“ رکيو هو، اهو بيت هن ريت هو :

دل اندر درياءَ، پڇيہ ڪِيا سمندر ڪل،
ماڻڪ اِهہ سرياو، ڇڳي چوکي نہ ڪٽي.

----

(يعني دل اندرئي درياهہ آهي، سمنڊ جو پتو ڇو پيو پڇين، دل جي درياهہ ۾ موتي، ماڻڪ پيا آهن، تون چونڊي سچا ماڻڪ ڪٽين نٿو.)

---

قاضي قادن جي شاعريءَ جو اهو ڪتاب سال ۱۹۷۸ع جي پڇاڙيءَ ۾ مونکي دوست موهن ڪلپنا مهرباني ڪري بمبئيءَ مان پوسٽ ذريعي اماڻيو هو. ڳاڙهي رنگ جي پڪي جُلد سان تمام خوبصورت ڪتاب مونکي اجا نٿو وسري ڪتاب جو مهاڳ دادا ڄيٺرامداس جو تحرير ٿيل هو. تنهن وقت مير علي احمد خان ٽالپر، مونکان اهو ڪتاب گهريو، تہ مون هن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. سچ پڇ تہ سنڌي ادب جو اهو املهہ ماڻڪ موتيءَ جهڙو ڪتاب، هيري جو اصل پورهيو هو، جنهن کي ڪڏهن بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

----

سال ١٩٩٦ع ۾ ادب دوست ڪاموري يعقوب علي خان زرداري جي ڪوشش سان ”ڪلهوڙا سيمينار“ وڏي ڌوم ڌام سان منعقد ٿيو. سيمينار ۾ هندوستان جي اديبن مان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ هيري ٺڪرکي به دعوت ڏيئي سڏايو ويو هو. غالبا انهن کي سڏائڻ ۾ وڏو هٿ رکيل موراڻي جو هو، جيڪو يعقوب زرداريءَ جو دوست هو. سيمينار ۾ آئون ته شرڪت نه ڪري سگهيو هوس، پر جڏهن اهي ٻئي سنڌي اديب حيدرآباد آيا هئا، ته مون حيدرآباد جيم خاني ۾ سندن اعزاز ۾ ڊنر ڪئي هئي، جنهن ۾ شوڪت حسين شورو، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، حميد سنڌي، نصير مرزا، اعجاز قريشي سميت ڪيترن اديبن شرڪت ڪئي هئي. اها ٽي ياٽ هيري ٺڪر سان منهنجي پهرين ملاقات هئي. ڪراچيءَ ۾ سيمينار کان پوءِ ان دور جي صوبائي وزير مير منور ٽالپر، کيس حيدرآباد جو ويزا نه رڳو وٺي ڏنو، بلڪ حيدرآباد وڃڻ لاءِ ڊرائيور سميت هڪ وين به سندن حوالي ڪري ڇڏي هئي. تڏهن آئون ۽ تاج جويو کيس، هن جو اباڻو گهر ڏيکارڻ لاءِ حيدرآباد شهر ۾ٺي گهمايوسين، پر رش سبب هن جو گهر نه ڳولهي سگهيا هئاسين، پر ٻئي ڀيري جڏهن پاڻ حيدرآباد آيو ته کيس پنهنجو گهر هٿ اچي ويو هو ۽ پنهنجو اباڻو گهر ڏسي گد گد پئي ٿيو. سنڌس اندر جي محسوسات کي ٻيو ماڻهو ڪڏهن به نه سمجهي سگهندو، ڇاڪاڻ ته گهر گهاٽ ۽ اباڻو وطن ڇڏي وڃڻ، هڪ وڏو ڏنڀ آهي، جيڪو جلاوطن ماڻهوءَ کي سدائين اڌُوهي وانگر پيو کائيندو آهي.

خبر ناهي ته هيري کي پنهنجي گهر ڏسي ڪهڙا ويچار من تي تري آيا هوندا، ٿي سگهي ٿو ته اِمداد حسيني جي نظر ”گهر جي ياد“ جون هي سٽون سندس وارتا جو اظهار هجن:

ڪنهن ورتو هو ڪٿي منهنجي وطن جو نالو،
جهڙو ديوار جي پاڇيءَ ۾ ڪرڻ جو آواز،
دور کان ويجهو اَچي ياد ڏياري مون کي
منهنجو گهر، ها، منهنجو گهر، جنهن جون دريون کلنديون ٿي
صبح ڪمري ۾ اچي منهنجون اکيون چمندو هو
جنهن جي ديوار تي آراسته هيون تصويرون
منهنجي عزيزن جون، اَبن ڏاڏن جون.



----

ياد ٿو اَچي ته ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، هيري ٺڪر سان گڏ هو، ڊاڪٽر صاحب سان ته پهرئين ملاقات سال ١٩٨٥ع ۾ ٿي هئي، جڏهن پاڻ سکر ۾ ٿيندڙ هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سنڌ آيو هو، بعد ۾ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر اِبراهيم خليل جي فرزند ڊاڪٽر شيخ محمد اسماعيل وٽ ترسيل هو ۽ مون سان روزاني سنڌ نيوز جي دفتر ۾ ملاقات لاءِ ايندو هو، جيتوڻيڪ هو رهندو ڊاڪٽر اسماعيل شيخ وٽ هو، پر منجهند ۽ ٻپهرن جي ماني اڪثر مون وٽ کائيندو هو. ان لاءِ منهنجي امڙ ڊاڪٽر صاحب جي ويشنو هئڻ سبب ڀاڄيون الڳ، ٿانون ۾ رڌرائيندي هئي. ڊاڪٽر صاحب کي سنڌس اباڻو گهر، جيڪو ميان فقير جي پڙ ۾ اُتر پاسي واقع هو، اهو به وٺي وڃي ڏيکاريو هوم، اها ٻي ڳالهه آهي ته کيس هر گهٽي، توڙي پنهنجو گهر چڱي طرح ياد بينو هو، جو ورهاڱي وقت پاڻ ١٧ ورهين جو نوجوان هو، پوءِ منهنجي ساهت پريمي، دوست سيد خادم علي شاهه زير پير جي ڪار ۾ کيس مانجهند ۾ سندس ناناڻي گهر، لڪي شاهه صدر ۾ واقع چشمن، سيوهڻ ۽ منڇر وٺي ويو هوس، لڪي شاهه صدر ۾ منهنجي دوست سيد ناٿن شاهه سجاده نشين درگاهه شاهه صدر، ڊاڪٽر صاحب لاءِ خاص ويشنو ماني ٺهرائي هئي.

بهرحال، هيري کي پهريون ڀيرو ڏسندي شرط شاهه لطيف جي هيءَ سٽ اَمالڪ دل تي تري آئي هئي:

اڄ پڻ عيد ٿيام، سامهان ڳڏيم سُپرين،
دوست جي دل گُهريا، مُحب سي مليام،
لٿا لُڙ لطيف چئي، اکين اوجر ڪيام،
جي پرين ٿي پڇيام، سيئي آيا اڱڻ تي.

۽ پوءِ ته هيري ٺڪر سان جهڙوڪ، روح جا ناتا جڙي ويا، جڏهن سنڌ آيو، ته ڳولهي ضرور ملاقات ڪندو ۽ وڏي ڳالهه ته اسانجي ادب دوست محترم علي انور هاليپوٽي جا به هيري سان دل جا رستا ۽ رشتا قائم ٿي ويا، جيڪو هيري جو اسان سيني کان وڌ ۾ وڌ ۽ تمام گهڻو خيال رکندو آهي. بلڪ هيري جو دل گهريو سخي دوست سنڌ جو ورلي ئي ڪوئي ٻيو هوندو.

سال ٢٠١٢ع ۾ هيري ٺڪر جي ڪوشش سان نئين دهليءَ ۾ سيمينار ٿيو، ته اُن ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي ڪيترن اديبن سان گڏ اسانکي به دعوت اماڻي هئائين.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سنڌ مان شوڪت حسين شوري، علي انور هاليپوٽي، ڊاڪٽر فهميده حسين، تاج جويو، اعجاز قريشي، پروفيسر سليم ميمڻ ۽ هن جي وائيف شاعره شبنم موتي سان گڏجي دهلي ويا هئاسين، جتي هڪ سيمينار ۾ وڏي شرڪت ڪئي هئيسين. آئون پهريون ڀيرو اِنڊيا ويو هوس، جڏهن ته ان کان اڳ ١٩٨٠ع ۾ ۽ ان ڪانپوءِ، ڪيترن دعوتن ملڻ جي باوجود مونکي اِنڊيا لاءِ اين.او.سي. نه ملي سگهي هئي. دهليءَ، پهچڻ شرط ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئيسين ۽ اُتان آگري ۽ جئپور به وڃڻ ٿيو هو. جئپور مان واپس وريا هئاسين، ان سفر دوران هند جي اديبن جهڙوڪ: نند جويري، لڇمڻ ڪومل، ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي ۽ دهلي ۾ آخري رات اسانجي هيري ٺڪر سان تفصيلي ڪچهري ٿي هئي ۽ خاص طرح دهليءَ ۾ جنهن چوڪري مسز مينو ميرچندائيءَ سان جيڪا ملاقات ٿي هئي، اها آئون سڄي زندگي نه وساري سگهندس، چاڪاڻ ته مينو سان ملندي ائين محسوس ٿيو هو، ڄڻ هو منهنجي ڪنهن گذري ويل جنم جي ڪا وڇڙيل دوست هئي.

----

هڪ ساروڻي : سال ٢٠١٢ع. ٣٠ سيپٽمبر، دهلي جي ميور وهار علائقي جي فائيو اِسٽار هوٽل جي اپارٽمينٽ ۾ ويٺل آهيون، جيڪو اسان جي دوست علي انور هاليپوٽي اڳوات ڪراچيءَ مان بوڪ ڪرائي ڇڏيو هو. شوڪت حسين شورو ۽ آئون هن سان گڏ آهيون. رات جو اسانجي دوست علي انور هاليپوٽي، پاڙي تي ڪرايل وين. نظام الدين اسٽيشن تي اماڻي آهي. جيڪا هيري ٺڪر کي ڪٺي ايندي، جو انور صاحب هن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ سڏايو آهي. سچ پڇ ته هاليپوٽي صاحب جو به هيري سان جهڙوڪ عشق آهي. هيرو سنڌ جڏهن به ايندو ته انور صاحب سمورا ڪم ڪار ڇڏي دوست هيري کي پيو ساريندو آهي. سو اسين به دهلي، جهڙوڪ هيري جي دعوت تي سيمينار ۾ شرڪت لاءِ آيا آهيون، پر سيمينار وارن طرفان قرول باغ ۾ مهمانن لاءِ بوڪ ڪرايل هوٽل بدران، انور صاحب جي اپارٽمينٽ ۾ رهيل آهيون. ميور وهار جو علائقو دهليءَ ۾ جمنا جي ٻئي پر واقع آهي، هوٽل مان جڏهن ٻاهر وڃبو هو، ته رستي ۾ فارسيءَ جي مشهور شاعر ۽ اڪبر بادشاهه جي سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان جو اجاڙ مقبرو ضرور سامهون نظر ايندو هو. ڪجهه دير ۾ هيرو اچي هوٽل تي پهتو ۽ پوءِ هن سان ڪچهري شروع ٿي ويئي.

دهليءَ جي آڪاس تي رات جي اونداهه به موجوده هئي پر اونداهه کي ١٦



books.sindhsalamat.com

تاريخ جو چنڊ روشن ڪيو بيٺو هو. هيرو ڳالهين دوران پنهنجي امڙ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو، ”امان سنڌ کي ۽ حيدرآباد شهر ۾ واقع پنهنجي گهر کي سدائين پئي ياد ڪندي هئي. جڏهن به آئون سنڌ ويندو هوس، ته چوندي هئي ”هيرا، تنهنجا سنڌ ۾ ايترا گهڻا ماڻهو سڃاڻو آهن، هڪ ڀيرو، فقط هڪ ڀيرو مونکي سنڌ وٺي هل، ته آئون هلي پنهنجي وطن کي ڏسان، حيدرآباد شهر کي ڏسان، پنهنجي گهر جي ڀتين ۽ ڇتين کي ڏسان ۽ پوءِ ڀلي مري وڃان پر فقط هڪ ڀيرو“ پر آئون هن کي سنڌ نه وٺي وڃي سگهيو هوس، اڄ هوءَ هن جهان ۾ ڪونهي پر کيس سنڌ وٺي نه وڃڻ جو اهو ڏک سڄي ڄمار مونکان ڪڏهن به نه وسرندو.“

ائين چئي هيرو سڏڪا ڀري روئڻ شروع ٿي ويو هو. هن جا جذبات ڏسي، الائي ڇو مونکي به روئڻ اچي ويو هو ۽ پوءِ اسين ٻئي سڏڪا ڀري رنا هئاسين، دوست علي انور هاليپوٽو ۽ شوڪت شورو اسانکي روئندو ڏسي، ماٺ ٿي ويا هئا، جن پوءِ اسانکي پرچايو هو. جڏهن هيري کي هوٽل جي پورچ ۾ وين تائين ڇڏڻ آيا هئاسين، ته دهليءَ جي آڪاس تي چنڊ ڄڻ اسانکي محبت مان ڏسي رهيو هو. انور صاحب ڊرائيور کي چيو هو ”هيرو کي سندس گهر تائين ڇڏي اچ.“ جيڪو پيتم پورا ۾ واقع هو.

----

ڊسمبر ٢٠١٣ع، ١٤ صفر تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سالياني عرس جي موقعي تي ٻيهر سنڌ جي ثقافت کاتي، ڀارت مان دوست هيري ٺڪر ۽ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي کي دعوت ڏيئي پاڪستان گهرايو. ٻئي ڄڻا سنڌ آيا، ته سنڌي اديبن جون اکيون ٺري پيون. کين مٽياريءَ ۾ ڪنهن سرڪاري گيسٽ هائوس ۾ رهايو ويو، پر جيئن ته اسانجي ڪامورن جي عادت آهي، مٽياري جي ضلعي انتظاميا، سندس رهائش جو سولو بندوبست نه ڪيو، جنهن جي ڪري سخت سرديءَ هنن لاءِ ڏاڍو مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو. هو اُتان موٽي حيدرآباد آيا، اها خبر انور هاليپوٽي کي پئي، پاڻ فوري طور تي حيدرآباد جي مشهور انڊس هوٽل ۾ وڃي هڪ وي وي آئي پي سوٽ پنهنجي خرچ تي بوڪ ڪرائي، ٻنهي ڄڻن کي ان ۾ ترسايو ۽ پوءِ پوءِ جڏهن هو صاحب ڪراچي پهتا ۽ اُتان دوست شوڪت حسين شوري جي دعوت تي ڪينجهر ڍنڍ تي ٺٽي لاءِ وڃڻ جو ارادو ڪيائون، ته اسانجي هن ادب دوست، فوري طور تي ڪرولا ڪار ٽيڪسي ڪري ڏني، جو شوڪت جي ننڍي ڪار هئي ۽ اسان ڊرائيور سميت ٥ ڄڻا ڪينجهر وڃڻا هئاسين، پوءِ انور



www.sindhsalamat.com

صاحب جي ڪرايل ٽيڪسيءَ ۾ اسين نٿي روانا ٿياسين. سڄي واٽ هيرو پنهنجي دوست انور هاليپوٽي جي مهمان نوازيءَ جي تعريف ڪندو هليو. ڪينجهر تي دوست شوڪت جو اعليٰ بندوبست ڪرايل هو. رات ٿي ته مڏ تي ڪچهري شروع ٿي، جنهن ۾ اسانجو دوست منو مهيري به شامل هو، هن شيخ اياز جو هي نظم ڏاڍي سُريلي آواز ۾ ٻڌايو هو. ٻاهر ڪينجهر تي چانڊوڪي پنهنجو جادو جاڳائي رهي هئي ۽ اندر منو مهيري ڳائي رهيو هو:

نٿي جي هوا ۾ گُلابي بدن،
ڍڪي ڪيئن اجرڪ سڄو واس وُن،
مياڻي به مهڪي مڇي چٽ ۾،
مسافر اهو آهي منهنجو وطن،
چنيسر به منهنجو ۽ دودو ميان،
چوان آئون ڪنهن سان انهن جو چلن.
ڪهاڙيءَ کي ڪهڙو ڏيان ڏوهه اياز،
ڪپي جڙ اسان جي ويو ڪالهه ڳُڻ.

ان مهل اياز جو نظم ٻڌي، منهنجي دل ڀرجي آئي هئي. آئون ڊرائينگ روم کان ٻاهر نڪتو هوس، سامهون نيڻ نهار تائين ڪينجهر جون اڪيليون ڇوليون، ڪناري سان مٿو ٽڪرائي وري واپس وري رهيون هيون ۽ رات جي سانت ۾ مٿي ١٩ هين تاريخ جو چنڊ قياس جي نهار سان هيٺ نهاري رهيو هو.

----

نٿي جي آڪاس تي ١٧ هين جو چنڊ اوڀر مان جهڙوڪ هيٺ لهي آيو هو. اسانجي وين سڄاول پُل کي ڪراس ڪري نٿي جي ڀرسان لنگهي رهي هئي. پوئين سيٽ تي هيرو جاڳي رهيو هو، پر تاج ۽ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي ننڊ ۾ گم هئا. اسين حيدرآباد کان جهوڪ ۾ شاهه عنايت شهيد جي عرس مان ٿي ڪراچي وڃي رهيا هئاسين، جهوڪ ۾ عمرڪوٽ جي راڳي رفيق فقير وٽندڙ ڪلام ڳايا هئا. خاص طور تي وفا پلي جي هن ڪلام ڏاڍو پاڻ وڻايو هو:

ڪندي ڪشالا ڪيچ کان،
ويلا وڃ پيام،
ٻڌي سورن سندرو، ڏونگر سڀ ڏوريام،



سوين سات گڏيام، پر پنهون پيار نه هڪڙو.

مون ان مهل پويان سيٽ تي ويٺل هيري ڏي نهاريو هو، جيڪو وين جي دريءَ جي شيشي مان سُڪل سنڌو درياهه، روڊ تي بيٺل وڻن ۽ دوُر خبر ناهي ڪهڙي ياد ۾ گُم هو.

----

هيرو، بنيادي طور تي مضمون نويس به آهي، شاعري به ڪري ٿو، محقق به آهي، ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس، سٺو شاعر به آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي عالم ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي حياتيءَ تي به ڏاڍو معلوماتي ڪتاب لکيو اٿس، پر جيئن مٿي ذڪر ڪيم، ته هن جو اهم ڪم قاضي قادن جي شاعريءَ کي هٿ ڪري، ان کي شايع ڪرائڻ آهي، جنهن سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ املهه ڪم آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ماڻهو چوندا آهن ته هيرو ٻيا سڀ ڪيترا به ادبي ڪم ڪري پر قاضي قادن جو ڪلام هٿ ڪرڻ وارو ڪم، صدين تائين ڪيس سنڌي ادب ۾ زنده رکندو. نه وري اسين ڪڏهن به قاضي قادن جو ذخيرو هٿ ڪندڙ هرياڻه جي پنڊت راجارام شاستريءَ کي به ڪڏهن نٿا وساري سگهون. آگسٽ ١٩٧٨ جو اهو سڀاڳو مهنو ۽ سال هو، جنهن ۾ قاضي قادن جو ڪتاب پڌرو ٿيو. سنڌ ۾ گهٽ ماڻهو هئا، جن وٽ پهريون پهريون اهو ڪتاب پهتو، انهن خوش نصيبن ۾ آئون به شامل هيس، خبر ناهي ته سنڌ جا اوائلي ڪيترن شاعرن جو ڪلام ننڍي کنڊ جي ڪيترن ننڍن ۽ وڏن شهرن ۾ پيل هوندو.

----

هيرو نڪر سال ٢٠١٥ع ۾ لطيف سائين جي عرس جي موقعي تي پنهنجي دوست ۽ مشهور اديب ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ سان گڏ سنڌ آيو هو ته هُنن سان تمام گهڻي ڪچهري ٿي هئي. مونکي ياد آهي ته اُن وقت منهنجي طبيعت ٺيڪ نه هئي پر ان هوندي به سندن ڀارت روانگي کان اڳ واري رات مون سندن ڪلفٽن جي هوٽل 'باربي ڪيو ريسٽورينٽ' ۾ دعوت ڪئي هئي ۽ اُتي هيري نڪر مون کي چيو هو ته، ''مونکي تنهنجي طبيعت ٺيڪ نٿي لڳي، مهرباني ڪري ڊاڪٽر کان چيڪ اپ ڪرائي.'' ٻئي ڏينهن صبح سوير دوست انور هاليپوٽي هنن کي ايئرپورٽ ڇڏڻ واسطي پنهنجي ڪار ڏياري موڪلي هئي ۽ آئون ڪيس ايئرپورٽ تي ڇڏڻ لاءِ نه وڃي سگهيو هئس پر دوست تاج جويو هُنن سان گڏ هو. ايئرپورٽ تان هيري مون کي



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

فون ڪري ٻڌايو هو، ’’يار اسين هاڻ هلون ٿا، وري به سدائين گڏ.‘‘

بيشڪ تاڙي ٻن هٿن سان وڄندي آهي. جيڪڏهن اسان جو من هيري نڪر لاءِ سدائين ٿو چڪچندو رهي، ته هيرو به اوترو ئي ٿو اسان تي ساهه چڙهي هن سان اسان جو ساٿ مولانا جلال الدين روميءَ جي هن شعر وانگر آهي :

تشنگان گر آب جو يند از جهان،
آبِ هم جو يد بعالم تشنگان.

(يعني : جيڪڏهن اُڃايل جهان ۾ پاڻي ٿا ڳولهين، ته پاڻي پڻ دنيا ۾ اُڃايل ٿو ڳولهي.)

۽ نارجي ڪنگڻ وانگر اسين، هيري نڪر جي پيار ۽ نارجي مالها سان جڪڙيل آهيون، شل سدا خوش رهي، جتي به هجي سدائين سکيو هجي، پنهنجي ديس واسين جي دعائن سان گڏ.



# هيرو نڪر: هر پاسي کان هيرو

- نصير مرزا

شريمان هيرو نڪر ته، اُن ڏينهن کان ئي تحقيق تاليف جي دنيا ۾ ڪوهينور هيرو بڻجي چمڪڻ لڳو هو، جنهن ڏينهن، قاضي قادن وارو، هُن جو سهيڙيل پُستڪ پڌرو ٿيو. اڙي سائين، رسالو ڇا هو؟ هيءُ ته چمتڪار هو. ويهين صديءَ ۾ نمودار ٿيندڙ هڪ ادبي معجزو : اصل ۾ هند ۾ روجي رهندڙ وسندڙ قلمڪارن مان پوءِ اُنهن ۾ ڪير ڪير جاکوڙي محقق يا ڪير ڪير جينئس تخليقڪار ۽ اهڙن مان هر هڪ ۾ ٽيلينٽ ڪيترو؟ افسوس سرحدن وچ ۾ دوريءَ سبب، گهڻن بابت ته اسين سنڌ واسي ايترو ڪو گهڻو ڪو آگاهه رکندڙ به ڪٿي هئاسين؟ ها! هندستان ۾ نارائڻ شيام آهي، رام پنجواڻي، موهن ڪلپنا، گُنو سامتاڻي، ڪلا پرڪاش، موتي پرڪاش، لعل پُشپ، ڊاڪٽر جيتلي، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، حشو ڪيولراماڻي ۽ اهي برابر ته سنڌي ادب جا اُتي هماليه جبل آهن...۽ اُنهن بابت بي شڪ اسان کي خبر، پر هند جي نئين ادب-سمونڊ ۾ شيام جئسنگهاڻي، ايشورچندر، ايم. ڪمل، ارجن حاسد، وشنو ڀاٽيا، لڇمڻ ڪومل ۽ هيري نڪر جهڙا هيرا جواهر به پنهنجي جوت سان اُتي جرڪن پيا ۽ اهڙي سمڪ اسان کي مڙئي گهٽ ئي هئي.

هاڻي سچي ڳالهه ته هيءَ ته جيئن اسان جو ادبي گُرو بابا، محمد ابراهيم جويو صاحب سدا کان آل اِنڊيا ريڊيو...آڪاشواڻي تان نشر ٿيندڙ سنڌي سروس ٻڌڻ جو شديد عادي، ائين هيڏانهن سندن نقش قدمن تي هلندي هي ناچيز به صبح شام اُن اسٽيشن جو لسنر، جتي وينا شرنگيءَ کي بطور اناؤنسر، ڪلاڪارن جا انٽرويو ڪندي مون ٻڌو يا فرمائشي پروگرام پيش ڪندي. جڏهن ته ان اسٽيشن تان هيري نڪر صاحب کي صرف بطور نيوز ڪاسٽر يا مبصر طور ٻڌو پئي. هاڻي مڃڻ مراد...هي هيرو صاحب، آل انڊيا ريوڊيو تان خبرون پڙهي يا تبصرا...هُن جي آواز جي پِچ اُها ته سدائين اوچي ۽ خالص پنهنجي انداز واري جنهن ۾ تلفظ سندس چٽو ته اُچار واضع، تڏهن پتو پيو، هو ته اُتي پڪو ملازم آهي.

هاڻي هتي هيءُ ڳالهه، ته ڪوبه راڳي جي هارمونيم جي آخري سبقت تائين ڳائي ويندو آهي جيئن محمد رفي يا مسعود رعنا...ته ڇئبو اهو ٽيپ جي سُرن تي ٿو ڳائي، ائين براڊڪاسٽنگ ۾ هيرو نڪر، ڇاڪاڻ ته هاءِ پچ نيوزڪاسٽر، اُن ڪري اوچ ڪوٽيءَ جو براڊڪاسٽر سمجهي، مون ته سدائين هن کي سڏيو ’’با آواز بُلند



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نيوز ڪاسٽر'' بلڪل ائين، جيئن پنهنجي همعصر شاعر دوست، نياز پنهور کي ماهر نيوز ايڊيٽر واري ڪوالٽي سبب، سدائين مون سڏيو، نياز پنهور عرف نيوز پنهور. هيري ٺڪر جي خبرن پڙهڻ جو جادو اجان سر تي سوار ئي هو جو سنڌ ۾ اوچتو ته ماهي مهراڻ رسالي کان وٺي، هر اهم مئگزن ۾ سندس پاران سهيڙيل ''قاضي قادن واري رسالي جي چوڦيرو مون پڙهي. تڏهن هر طرف کان آواز اچڻ لڳا ''قاضي قادن هيرو ٺڪر...هيرو ٺڪر قاضي قادن. اهو رسالو اَڪين سان پوءِ ڏٺم ته پتو پيو هيري کي قاضي قادن جي اڻلڀ بيتن جي اها پوٿلي هرياڻي صوبي جي راٺيلا نالي ڳوٺ مان، هڪ مٺ (مڙهيءَ) مان ميسر ٿي هئي، جنهن ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ اهي سارا بيت لکيل هئا.

هاڻ جنهن به ساڏوءَ اهو پُستڪ تيار ڪيو هو. اُن ۾ قاضي قادن سان گڏ، بقول هيري صاحب جي سورداس، ڪبيرداس جون ٻاٽيون، دادو ديال ۽ ماڌو لال حسين جو ڪلام به ان اَندر ديوناگري لپيءَ ۾ موجود ۽ محفوظ پيو هو. هاڻي هيري کي هيءَ ڳڙ چا هٿ چڙهي؟ ڪارون جو جڻ خزانو ملي ويو. ديوناگري لپي پڙهي وڃڻ سبب، هيري قاضي قادن جا بيت صاف سڃاتا. اُنهن جي نندڙن نيڻن تي، پنهنجي جاچنا جا ٽڏا چنڊا هنيائين، جن سان نه فقط هي سارو ڪلام جاچي پيو، پر اُن کي جاچائيندي جاچائيندي خود هيري ٺڪر جا ستل ڀاڳ به جاڳي پيا، جنهن سبب، هو نه فقط سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سدائين جيئندڙ ٿي ويو پر پڪ ڄاڻو هاڻي ته آدجڳاد تائين هو جاڳندو جيئندو ئي رهندو.

هيري صاحب جي نيوزڪاسٽر ۽ براڊڪاسٽر واري اُها سڃاڻپ ۽ شهرت به بي شڪ پنهنجي جاءِ تي پر قاضي قادن واري هن عظيم تحقيق بعد هاڻي هو محيل محقق به هو. تڏهن پتو پيو. پاڪستان ريلوي جو هيءُ جيڪو باالعملدار اهل دل ۽ ادب ذوق، سائين محمد يعقوب زرداري صاحب اهو ڪراچيءَ جي تاج محل هوٽل ۾ ڪا ''ڪلهوڙا ڪانفرنس'' سڏائي رهيو آهي. جنهن جي هڪڙي سيشن جو مُک مقرر ۽ مقالانگار هو. شري هيرو ٺڪر. هاڻي قسم پاڪ پروردگار جو، هي جيڪو آئون ناچيز نه سيمينارن جو شوقين، نه خشڪ مقالن واري ڪنهن ادبي ڪانفرنس ۾ وڃڻ جو شائق، پر ڪلهوڙا ڪانفرنس ۾ ڊوڙي پهچڻ لاءِ مون وٽ اگرڪشش جو ڪارڻ...ته اهو صرف ۽ صرف هيري ٺڪر صاحب کي روبرو ڏسڻ ۽ ڪيس ٻڌڻ جو اشتياق. هاڻي طويل انتظار بعد هيري صاحب کي مائيڪ تي اچي جڏهن مقالو پيش ڪرڻ جو سڏ ٿيو ته منهنجو ته سارو وجود سراپا ڪَن، يعني ته ''همه تن گوش.''



اڙي واه...هيري ٺڪر، پنهنجي اسٽائيل مطابق ٽِپ جي سُرسان مقالي جو پهريون لفظ ئي باآواز بُلند اُچاريو : 'ڪلهورا...'

هاءِ هاءِ...ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد جي پائيبندن واري سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو دلبر اُچار...هيري جي واتان ٻڌي منهنجو ته هياءُ ئي ٺري پيو. عمومن مقالا خشڪ ٻوليءَ ۾ ٿين، پر هيري سائين جي مقالي ۾ چا ته هيرن جواهرن جهڙا لفظ ۽ مثان باغ بهارهن جو منو لهجو...مقالي پوري ٿيڻ بعد حُب سڪ مان کيس، ڊوڙي ڀاڪر جو وجي پاتم، ته جاتم ورهاڱي کان اڳ وارو منهنجو سارو حيدرآباد شهر منهنجيءَ ٻانهن ۾ پرجي آيو هو. پوءِ مون کي ياد آيو. حيدرآباد واسي دادي ليلاوتي هرچنداڻي، بمبئي بيڪريءَ وارو مالڪ سيٺ ڪمارتڏاڻي يا پوني مان ڪهي آيل دادا جشن واسواڻي جڏهن آيو هو ته اُن به اهڙي ئي حيدرآبادي لهجي ۾ ڳالهايو هو. ''پائي هو هيڙاآباد ۾ اسان جو گهرماري (ماڙي) وارو هو. تڏهن ياد آيم حيدرآباد واسي مشهور موسيقار بلوسي راڻيءَ وينا شرنگي کي ڪنهن وقت آل اِنڊيا ريڊيو تي اِنٽرويو ڏيندي ٻڌايو پئي ته اُن به، اِن ئي اَنداز ۾ پئي ڳالهايو. ''پائي...گيتا دت کي مون هڪ گيت ڳارايو هو ماري پہ آجا (ماڙي پہ آجا) سيرهي پہ چره جا (سيڙهي پہ چڙه جا) خير، اهو قصو اُتي ختم....

هيرو سائين، سنڌ ثقافت کاتي جي دعوت تي ٿورا ورهيه اڳ شاهه لطيف ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڀٽ شاهه پهتو هو يا شايد....اُن کان اَڳ ''امن ياترا'' لاءِ، جڏهن واڳا واگها بارڊر، لاهور مان هو ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي وفد سان گڏ اچي لٿو هو ته، سندس مداحن جي ڊمبلي ۾ هي آئون به تہ شامل هوس، تڏهن الائي ڪنهن اڳتي وڏي امن جا پہ آچا آجرا ڪبوترهن کي هٿن ۾ ڏنا جيڪي هُن کليل آسمان جي وسعتن ۾ اُڏاري ڇڏيا هئا. مون کي لڳو اُنهن اڇن اُجرن ڪبوترن منجهان هڪڙو ته هيرو ٺڪر هو ۽ ٻيو آئون هئس. جيڪي مٿي آڪاشواڻيءَ ۾ وڃي ملي هڪ ٿي ويا هئا. تڏهن امجد قليچ بيگ جو هي شعر به ته مون کي ياد پيو هو.

هندو ۽ مسلمان دِلا ساڳي ڪُنير جا،
سڏجن ٿا جُدا ٿانوَ، مگر آهي مٽي هڪ

اجهو جنهن شاهه لطيف ڪانفرنس ۾ هيرو ٺڪر مقالا نگار ٿي آيو هو، آئون اُن ڪانفرنس جو اسٽيج سيڪريٽري هوس، تڏهن ڀٽ شاهه ۾ ڪيڏو نه هجائتو ۽ جهٽ ۾ گهرگهلو ٿي ويو هوس هن سان، پوءِ شام جو ڀٽ شاهه ريسٽ هائوس جي لان ۾ جيڪو مشاعرو ٿيو، ته هيري صاحب سان ملڻ وقت پيار ۾ مون هن کي هڪ چُمي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏني هئي، مون کي ياد آهي هيري جڏهن پنهنجي وائي جنهن ۾ ’ڏيندو ويو، ڏيندو ويو‘ ڪافين جو ورجاءُ هو، ۽ اُها وائي هُن جڏهن پڙهي پوري ڪئي تہ منهنجي مزاج جي رڳ ڦڙڪي اٿي، مون تڏي تي ئي اُن سيٽ جي پٺڀرائي هن ريت ناهي پڙهي:

مون تہ ڏني هئي هيري کي بس هڪ چُمي،
هو پر مون کي ڏيندو ويو....ڏيندو ويو....ڏيندو ويو....

تڏهن اُن مشاعري ۾ مون هيري، نند چڱائي ۽ هري موٽوائيءَ جي مان ۾ هي ٽيڙو ناهي بہ تہ پڙهيا هئا.

هيرو هري نند
جئن جو پهتا سنڌ ۾
سڳنڌ ئي سڳنڌ
---
هي هيرو نڪر
متي حيدرآباد جي
دهلي ۾ تس گهر.

هيري صاحب تحفي طور کي ڪتاب بہ تہ مون کي عنايت ڪيا هئا...تحقيق ۽ تنقيد. ’روشن منار‘ ۽ ’انڊلٽ‘ جن ۾ سندس نثرچا تہ وڻندڙ اسلوب وارو هو. جن ۾ موجود هر مقالي، مضمون ۽ هر لکيل اڀياس ۾ سنڌي ٻولي، ڪلاسيڪل شاعرن ۽ جديد دؤر جي تخليقي ادب جو هو محافظ نقاد مون کي نظر آيو. سنڌ جا اڪثر محقق، نقاد خشڪ اسلوب جا قلمڪار آهن، پر آئون پانيان ٿو تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب جي تسلسل ۾ هيري نڪر جو نثري اسلوب بہ هلڪو سليس وڻندڙ ۽ تخليقي ڏانءُ جو پيو معلوم ٿيندو آهي. جنهن کي پڙهندي دماغ تي بوجهہ بدران روح کي راحت پئي ملندي آهي.

سنڌ ياترا تي پوئين ڀيري جڏهن هيرو سائين حيدرآباد پهتو تہ آئون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر هوس ۽ عجب اتفاق هيري صاحب ۽ ڊاڪٽر جيني للواڻيءَ کي شايد ريڊيو اسٽيشن جي ويجهو ئي ڪٿي رهائش ميسر ٿي هئي. تڏهن صبح جو، آئون آفيس اجان پهتو ئي نہ هوس جو پيارو سائين هيرو ۽ ڊاڪٽر جينو، پڇائيندا پڇائيندا آفيس ۾ اڳي ئي اچي ويا هئا. ياالله! منهنجي لاءِ چا تہ سرپرائيز؟ آل انڊيا ريڊيو جي نيوز ڪاسٽر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي اسڪالر کي ريڊيو پاڪستان جي آفيس ۾ ڏِسڻ تہ خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپيس، يا منهنجا موليٰ! هاڻي ڪهڙي اهڙي خدمت هنن املهہ انسانن جي ڪيان جو



منهنجي لاءِ سدا يادگار رهي، تڏهن حيدرآباد جي بهترين نرسريءَ تان ”سنڌڙي انبن“ جون بہ چڪيون مون گهرايون ۽ ٻنهي جي هٿان ريڊيو حيدرآباد جي مسجد پاڪ واري احاطي ۾ پوکرائي ڇڏيون. جيڪي هاڻ وڏا وڻ بڻجي چڪيون آهن ۽ سال بہ سال اهي وڻ هاڻي انبڙين سان لبا لب ڀريل نظر ايندا آهن. شايد اُن ڦيري کان اڳ ، جڏهن هيرو حيدرآباد آيو هو تہ ادا مدد علي سنڌي، تاج جويي سان گڏجي، اڳوڻي فوجداري روڊ پرسان ڪنهن گهٽيءَ ۾، هن جي جنم گهر جي ڳولها ۾ بہ تہ نڪتا هئاسين. اجهو ادا مدد ۽ هي آئون جيڪي پنهنجي هن شهر جا اُداس روح...جيڪي جنم جنم کان هن ديار ۾ ڀٽڪي رهيا آهيون. هيري صاحب سان هڪ هڪ گهر کي ڏسندا پئي وياسين. ڪيترائي ڍهاڪا هئا جي گذري چڪا هئا، سو گهرن ۽ گهٽين جا نقشا ئي اور هئا...جڏهن اسين اجنبي ڇهرن وارا...هڪ هڪ گهر کي ڪنڌ متي کڻي ڪٽي نهاري جو رهيا هئاسين تہ پاڙن جا ماڻهو پريشان! تہ هي ڪير هتي اچي نازل ٿيا آهن، باالخر ”شيران واري“ بلڊنگ جي آسپاس هيري نڪر پنهنجي گهر کي سڃاتو. جنهن ۾ هاڻي ڪو گجراتي راجستاني پريوار آباد هو. هيري جي اکين ۾ آلاڻ ۽ ان گهر جا ماڻهو پريشان. ڪين ٻڌايو ويو...هي گهر جنهن ۾ هن وقت اوهين آباد ۽ آسودا آهيو، ڪنهن وقت اِهو هن سنڌي ٻوليءَ جي وڏي اسڪالر جو گهر هئو، جنهن مان ڪتابن جو بچڪو کڻي، ماءُ کان ٽڪو پئسو خرچي وٺي، هي اِسڪول پڙهڻ ويندو هو. اباڻي پنهنجي ان گهر کي ڏسي، مون ڏٺو هيرو نڪر ائين گد گد...جڻ هن پنهنجي پياري سرڳواسي ماءُ جو اتي درشن ڪري ورتو هجي.

هاڻي هي، هيري نڪر صاحب جي جيڪا پوئين سنڌ ياترا هئي ۽ پنهنجي ان پوين سنڌ ياترا وقت هي آئون ڪيڏو نہ ڀاڳ وند، هيري صاحب چانديءَ جي ورقن چڙهيل دهليءَ جي الائچين (ڦوٽن) جو هڪ وڏو شاهي پيڪيٽ تحفي طور مون کي ڏنو هو، جن ۾ دهليءَ جي مغل بادشاهن جي باغن جي چا تہ سرهي سرهي سڳنڌ....هاڻي ڪابہ تحرير لکڻ وقت، انهن الائچين مان ڪنهن هڪ الائچي مان ٿورا داڻا ڪڍي آئون ضرورتہ وات ۾ وجهندو رهندو آهيان، اجهو انهن الائچين بابت هاڻي هي ٻي ڳالهہ جيڪا آئون هتي هيٺ لکندس ڪوئي ان کي پاڻ پڏائڻ نہ سمجهي تہ چوان.

پنهنجي نثر مان، ٻين ڪن خوشبوئن سان گڏوگڏ، ڪڏهن ڪڏهن دهليءَ وارين انهي الائچين جي خوشبو جو هٻڪارو بہ تہ اچڻ لڳندو اٿم. تڏهن دل گواهي ڏيندي آهي ۽ سواس سرگوشيءَ ۾ ٻڌائڻ لڳندا اٿم.

نہ وسار نصيرا! تنهنجي نثر ۾، اِها تنهنجي پنهنجي نہ، شريمان هيري نڪر پاران ڏنل انهن الائچين جي ئي خوشبو اٿئي: ”بادشاهي خوشبو“!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# خاموش ڪوجناڪار- دادو هيرو

- ڊاڪٽر مخمور بخاري

زندگيءَ جي وٽ پڪڙ ۾ اسان خبر نہ آهي ڪهڙي گهڙي پنهنجي لاءِ جيئڻ لاءِ چڏي ڏيندا آهيون، بس هر وقت اجان اڳتي...اجان اڳتي... جي چڪر ۾ پاڻ کي ئي وساري ويهندا آهيون، حياتي ان انيريل پاٽي جيان پڻجي ويندي آهي، جنهن ۾ ڪو اوچتو داخل ٿي تحرڪ پئدا ئي نہ ڪندو آهي، بس هڻ هٽان جو جهان پيو پاڻ سان ساهہ کڻندو آهي، ان جو بار ايڏو تہ وڏي ويندو آهي جو ڪنهن ٻئي پار ڏانهن ماڻهوءَ سوچي ئي نہ سگهندو آهي، گذري ويل ڪالهہ ۾ سانڍڻ جهڙا پل ائين سار اوسار جي ورچڙهي ويندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو سفر ڪندي ڪنهن لمحي ۾ پوئتي مڙي نهارڻ سان لمحي ير جي خوشي پلئہ پوندي آهي، جيڪا گهڻن لمحن تي حاوي ٿي ويندي آهي.

زندگيءَ جي سفر ۾ خوبصورت رشتن ساڻ مخلص دوستن جو هجڻ بہ قدرت واري جي طرفان هڪ وڏو تحفو هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙن دوستن معرفت ڪن ٻين بہ انمول اِنسانن جو سات نصيب ٿيندو آهي، سار-اوسار جي پاڻ سان جڙيل هي ڪٿا ڊگهي بہ آهي، تہ بنهہ مختصر بہ، پر انهن ۾ ڪا ياد اهڙي بہ آهي جيڪا وساري بہ نہ ٿي وسري!

پنهنجي بابا پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز بخاري جي ذاتي ڪتب خاني ۾ ادب، شاعري، تحقيق، تصوف، لوڪ ادب، لغت، اساسي شاعري سان گڏ هفتيوار آزاد، ماهوار نئين زندگي، پيغام، تماهي مهراڻ، ماهوار گل ڦل، هفتيوار سنڌو، ارچڪ مرچڪ، ماهوار ميثاق (اردو) ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون موجود هونديون هيون. اتي سنڌن مهربان دوستن ۽ ڪوجناڪار ۽ مهاڏاهن خاڪي جويي، تاج جويي جي معرفت ٿورو گهڻو سرحد پار جو ادب اسان جي هٿ تائين پيو پهچندو هو، اهڙي ساهتيڪ وايو منڊل ۾ جتي ڪيترائي اديب، شاعر ۽ قلمڪار پيا بابا وٽ ايندا هئا اُتي انهن ڪتابن جي تخليقڪارن جا نالا پيا زبان تي ڳائبا هئا، اهڙن ۾ جتي ٻيا ڪيترائي نالا پيا ٻڌبا ۽ ڪٽبا هئا اتي سچ تہ هن پار جا بہ نالا خاص طور پيا پنهنجو ڌيان ڇڪائيندا هئا، جنهن ۾ هڪ دادا هري موٽوائي، ڪونج سبب ۽ ٻيو اسان جو هڪ دادا هيرو نڪر. عجب اتفاق جو هنن ٻنهي سان آئون پنهنجي ئي گهر جي نندڙي بينڪ-لائبرريءَ ۾ مليس، يقين نہ ايندو اٿم تہ هي ٻئي مهان ساهتيڪار هزارن ميلن جو سفر طئہ



ڪري شايد پٽائي کي سلام ڪري ٿوري اڳتي حضرت مخدوم نوح رحہ جي نگريءَ ۾ شايد آيا ئي منهنجي ان خواهش کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ۽ هنن ٻنهي سان ملاقات بہ انتهائي محترم ۽ جاکوڙي ڪوجناڪار ۽ ڏاهي تاج جويي جي ئي معرفت ٿي، سوچيندو آهيان ڇا اهو سڀ حقيقت آهي يا ڪو خواب!

دادا هري سان ملاقات ۹۸-۱۹۹۷ سال ۾ ٿي، ٿڌي صبح جو اجان ننڊ مان اجان سجاڳ ئي مس ٿيو هيس تہ گهر جي دروازي تان سائين تاج جو آواز ٻڌم...ٻاهر نڪري ڏسان تہ...سامهون تاج سان گڏ عبدالله جيسر ۽ دادا هري بيٺل هجن، دادا هري پٽائي کي سلام ڪري هالا مخدوم طالب المولي جو عذر سنڌس پٽن کي ڏيڻ لاءِ اچي نڪتو هو، ساڻس انسيت رهي هئي، مخدوم صاحب سچ تہ جيڏو وڏو سياستڪار هو، اديب هو، شاعر هو، ان کان گهڻا پيرا وڌيڪ مٽياردار مڙس هو، دادا اُهو عذر سنڌن وارثن کي نہ ڏئي سگهيو. اهو سڀ ڪجهہ هن پنهنجي سفرنامي ”ماٽي منجهہ مهي“ ۾ وچي ڪيو.

ساڳيءَ طرح دادا هيري جو نالو منهنجي ذهن تي گهڻي وقت کان موجود هو، سنڌي اساسي شاعريءَ جي سڀ کان اهم ۽ بنيادي شاعر قاضي قادن جي ڪلام جي سهيڙ سبب، جيڪو ڪم اسان جي مانائتي سائين سڀ کان اول ڪيو ۽ قاضي قادن جا هڪ سوَ کان وڌيڪ سنڌ بيت هريانا رياست جي ڪنهن مندر ۾ رکيل ڪنهن پوٿيءَ مان هٿ ڪري چندي ڇاڻي اسان تائين پهچايا.

سو اُن مهان ڪوجناڪار سان ملڻ بہ دادا هري وانگر اتفاق ئي تہ هو، سنہ ۲۰۱۳ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي عرس تي ثقافت کاتي حڪومت سنڌ سائين جي فڪر، فن ۽ شخصيت متعلق عالمي ڪانفرنس ڪوٺائي، ڏيهہ پرڏيهہ جا عالم، اديب، دانشور اچي پٽ تي سهيڙيا. ڇا ڏسان تہ ان رنگ بہ رنگي گلدستي ۾ دادا هيرو بہ پيو چمڪي، اجا نويڪلائي ڪچهري جو مانداڻ مچائڻ جو سوچيان تاج اچي ڪن ۾ سُرٻات ڪيو، ڏانهس نهاري خاموشيءَ سان چيم يار! تو تہ سالن پراڻا خواهش کي سچ ڪري ڇڏيو، نما شام سرڪاري تقريب پڄاڻي پهتي، سرڪار لاريءَ ۾ دادا هيرو، ڊاڪٽر جڳديش، تاج، جهانگير عباسي ۽ آئون اچي هالا پهتاسين، ائين دادا هيري سان سالن کان ملاقات جي سڌ ان طرح پوري ٿي.

وري ان سال ئي ٻولي اختياري ”ڪافي ڪانفرنس“ ڪوٺائي جنهن ۾ دادا هيري ڪافي جي مجموعي فن ۽ فڪر تي مقالو پيش ڪيو، اتي بہ گڏياسين ۽



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پهرئين ملاقات کان پوءِ هو جڏهن به سنڌ آيو ته ٿورو يا وڌيڪ ته ٿوري يا گهڻي وقت لاءِ گڏيا هونداسين.

هو بنيادي طور ڪوجناڪار آهي، سدائين پيو نوان نوان موضوع ڳولهيندو، آل انڊيا ريڊيو تي به مهان پترڪار خبرن لاءِ ڪيترن ئي فني لفظن لاءِ نوان سنڌي لفظ جوڙيا.

ذڪر ڪيو مهان ڪوجناڪار جو، سو ان نظر کان ته جڏهن هت اسان وٽ توڙي هُت سنڌو پار قاضي قادن جي ڪجهه بيتن ڪانسواءِ ٻيو ڪين به هو ان دور ۾ هيءَ ڏاهي خبر ناهي ڪيئن سنڌي اساسي ادب جو هي شاهڪار خزانو ڳولهي هٿ ڪيو ۽ ويهي انهن کي سوڌي سنواري ”قاضي قادن جو رسالو“ ڪري اسان کي آڏي ڏنو، جنهن کان پوءِ سنڌ جي هڪ ٻئي ڏاهي، عالم ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڌيڪ ڳولها ڦولا ۽ دادا هيري جي ساڳين ماخذن کي پاڻ پرکي پر جي قاضي قادن جو رسالو ترتيب ڏنو ۽ قاضي جي زندگيءَ جا حالات به لکيا ۽ بيتن جي پڙهڻين کان ويندي ان جي سولي سمجهاڻي به لکي، يقين ڊاڪٽر بلوچ جو ڪم اعليٰ پر ان جو بنياد دادا هيري کي ئي چئبو، جنهن پهريون ڀيرو قديم مذهبي پستڪن مان سنڌي ٻوليءَ جو هي اثاثو هٿ ڪيو، دادا هيري جو هي ڪوجناڪاري جي مهم اجا ماٺ نه ٿي آهي ٻڌو آهي ته هن دادو ديال بابت پڻ ڪم مڪمل ڪري ورتو آهي، جيڪو يقينن قاضي قادن بابت ڪيل ڪم وانگر ئي هوندو. ساڳي وقت مون کي به دادو ديال جا ڪجهه بيت پنهنجي ڳوٺائي ويدانتي شاعر ”صوفي آسورام“ جي قلمي بياض مان هٿ آيا آهن.

سندس ان ادبي سفر ۾ ڪوڙ سارا مقالا، مضمون، تاثر ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه اهي جيڪو سندس تحقيق ۽ تخليق جو نچوڙ آهي.

دادا هيرو خاموشي سان ڪم ڪندڙ شخص آهي، جيڪو ڏاڍو ڏيرج ۽ ڌيان سان پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو رهي ٿو، سندس شخصيت جا ڪيترائي پهلو آهن، جن ۾ هو پنهنجو پاڻ موڪيندو رهي ٿو ۽ اهو سڀ کان وڏي حاصلات آهي ته اوهان جي سڃاڻپ اوهان جو ڪم هجي، اوهان جي تحقيق هجي، اوهان جي تخليق هجي ۽ اهو ئي تڏهن ممڪن ٿيندو آهي جڏهن اها تخليق - تحقيق اوهان جي اندر جي آهي مان پچي راس ٿي نڪري.

سهڻو سمجهه نه ستَ کي، نور نچوئي لک،
ستَ هڏي جي مِک، ريا تنهنجي رت جا.

(اياز)



سو اسان جو دادا هيرو توڙي جو حياتي جي هڪ نئين حصي ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جتي اڪثر مالڪ جو نانءُ ڳنهڻ تي ئي زور رهندو آهي پر اڄ به هي شخص سوشل ميڊيا تي جوان جماڻ لڳو پيو آهي، ڪڏهن فطرت کي پيو پرکي، ڪڏهن دنيا جا ماڊرن شهر پيو گهمي، ڪڏهن تخليق لاءِ پيو ڪجهه نه ڪجهه ڪوجنا ڪري ۽ ڪڏهن ڪنهن ڪوجنا کي پورو ڪرڻ لاءِ پيو تخليق جي پرک ڪري، مطلب ته سفر آهي جيڪو ڪٿي مانو نه ٿو ٿئي، ڪٿي رڪجي نه ٿو، پنڌ آهي جيڪو پيو ٿئي ۽ اها سوچيندڙ دماغ ۽ حساس دل جي علامت آهي ته سدائين سفر ۾ اهو سفر نصير سائين جي ”من اندر جو سفر“ ... ”سفر من اندر“...من اندر جو سفر ڏکو ۽ ٿڪائيندڙ هوندو آهي، پر ان جي حاصلات جي لمحي ۽ ملندڙ مسرت ورهين جا ٿڪ لاهي ڇڏيندي آهي ۽ يقينن اهڙيون حسرتون ۽ حسين لمحا اسان جي هن مهان ڪوجناڪار ۽ ڏاهي دادا هيري جي حصي ۾ پڻ آيا هوندا.

رنڊا جني رهڙيا، محبت پائي من،
تني سنڌي سُٽ کي، صراف ئي سڪن،
سي ڪٽي هَٽِ نه وڃن، اُن جو گهرويني ئي گهڻو.

(شاهه عنايت رضوي)



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# سنڌي ادب جو هيرو، شري هيرو ٺڪر

- ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

دنيا جي تاريخ ۾ قوم جي زنده رهڻ ۽ پنهنجي انفرادي سڃاڻپ جي بقا جو وسيلو ٻولي ۽ ادب ئي آهي، ادبي ۽ فڪري، سياسي، سماجي ثقافتي روايتون ادب جي ذريعي محفوظ به ٿين ٿيون ته نسل در نسل منتقل به ٿينديون رهن ٿيون. سنڌي ادب کي ڪلاسيڪل شاعرن فڪري حوالي سان عروج تي پهچايو، بلڪ سماجي معاشي حالتن جي عڪاسي، ثقافتي قدرن ۽ سماجي سڄاڳي جو پيغام به عام ڪيو اهڙن ڪلاسيڪل ورثي جي سنڀال تحقيق ترتيب نه صرف سنڌ جي اديبن ڪئي آهي، بلڪ هند جي اديبن به ان ڏس ۾ پاڻ ملهايو آهي، ان ڏس ۾ جيڪو حيرت جهڙو ڪلاسيڪي اَدب جي بنياد کي مضبوط ڪرڻ وارو ڪم شري هيري ٺڪر ڪري ڏيکاريو آهي، سو لاثاني آهي. شري هيري صاحب جو ڪم لسانيات سوانحي ادب، ڪلاسيڪل ادب ۽ ٻين موضوعن تي رهيو آهي، سنڌ ۾ شاهه سائين جي ساليانو عرس تي هند مان جيڪي مهربان محقق پاٻوهه مان سفر ڪري پنهنجي ماتر ڀومي پهچن ٿا انُهن ۾ اڪثر هيرو صاحب پهچندو آهي.

ورهاڱي جو سڀ کان وڏيڪ نقصان سنڌ کي ٿيو. اڃا تائين سنڌ پوئتي رهي آهي، علمي ادبي، تاريخي ۽ معاشي لحاظ کان جڻ سنڌ جو ورهاڱو ٿيو، پر هند جي سنڌي اديبن جيڪا جاکوڙ ڪئي، ٻولي لاءِ ڪم ڪيو، ان سبب سنڌي ٻوليءَ کي واڌو ويجهه لاءِ ٻه ديس مليا، ٻنهي طرف مخلص ۽ ٻوليءَ سان پيار ڪرڻ وارن ٿيل نقصان جو پورائو ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو، ان حوالي سان تاجل بيوس لکي ٿو: ورهاڱي ڪري سنڌي ادب جا ٻه ماڳ مڪان ٿي ويا، هڪ سنڌ ۽ ٻيو هند ۽ ٻنهي هنڌن تي سنڌي ادب هڪ نئين صورت اختيار ڪري ورتي، يعني حسن و عشق، گل ۽ بلبلن جا قصا ڇڏي معاشي ۽ معاشرتي موضوعن اچي فرسوده اسلوب جي جاءِ ورتي، (ص ٢٣) اهڙي طرح هند جي اديبن ۽ نه صرف ڪلاسيڪل ادب ۽ شاعري ۾ مضمون نويس ۽ صحافت ۾ به پاڻ ملهايو، بلڪل سنڌي ٻولي کي پنهنجي جاکوڙ ذريعي اتُي جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪرايو، توڙي جو هند جي سنڌي اديب ورهاڱي ۾ تمام گهڻين تڪليفن کي منهن ڏنو، پر جنهن انداز ۾ هو پنهنجي ٻولي ۽ ثقافتن سان جڙيل رهيا ان جو سنڌي ادب کي تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيو. ان جو سڀ کان وڏو مثال هيري ٺڪر جو قاضي قادن جي ڪلام جو ڏس پتو ملڻ کان پوءِ خوشي ۽ فخر



جي احساس مان ملي ٿو، جيئن لکي ٿو ”ائين لڳم ڄڻ منهنجن ابن ڏاڏن طرفان پوريل ڪنهن هيرن موتين جي صندوق ليڃڻ جي خبر ملي هجيم“ اهو احساس سنڌ جي اصلوڪي ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان عشق ڪندڙ اِنسان جي اندرئي پيدا ٿي سگهي ٿو، اتُي جيڪڏهن شري هيرو نه هجي ها ته شايد اها خبر اتُي ئي رهجي وڃي ها. پر هيري جي موجودگي پندرهين صدي جي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين ڪلاسيڪل شاعر جي ١١٢ بيتن جو ذخيرو اسان جي سامهون آندو. اها پڻ ڄاڻ ملي ته سنتون کي واڻي ۾ ٻين اوڀتهر سنت ڪوين ۾ اسان جو قاضي قادن پڻ شامل هو.

هيري جي اهڙي اهم ڪم جي اهميت بيان ڪندي شري ڄئرامداس لکي ٿو ”هيري ٺڪر کي هي املهه ادبي هيرو هٿ آيو آهي، جنهن کي پڌرو ڪرڻ ڪري سنڌين لاءِ هت ڀارت ۾ ان کان پڻ وڌ پاڪستان ۾، سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس ڪاتر، سنڌن ان ڪم لاءِ چڱو قدر ٿيندو ۽ سنڌي سدا سندس شڪرگذار رهندا.“

سندس اهڙي خدمت جو اعتراف رام پنجواڻي صاحب ڪندي لکي ٿو: تنهنجا ڀاڳ آهن جو توکي ستن موتين جي بدران سڄي ساري موتين جي دٻلي هٿ اچي وئي آهي، هاڻي فقط اهي ست موتي سنڌڙيءَ جي سونهن جو باعث نه ٿيندا، پر هاڻي جڏهن موتين جي لڙه سندن ڳلي ۾ پوندي ته ساڀيا صراف عش عش ڪري اٿُندا.“ (ص-٤٨) قاضي قادن تي تحقيق کان علاوه شري هيرو ٺڪر صاحب جيڪو اڀياس سنڌي ٻولي ١٥٠٠ع کان ١٨٤٣ع تائين ۾ پيش ڪيو آهي، اهو به نهايت ئي اهم ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تاريخ ۽ لساني پهلوئن کي بهتر انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هيري جو ڪم هر طرح سان تمام گهڻي محنت، جفاڪشي ۽ محبت سان ٿيل آهي، هوُ هن وقت هند سنڌ جي انهن عالمن مان آهي جن جو ڪم مثالي آهي. نون پڙهندڙن ۽ محققن لاءِ سندن ڪم مشعل راهه آهي. اسان کي اُميد آهي شري هيرو ٺڪر سنڌي ٻولي ۽ ادب جي لاءِ سدائين اهڙا اهم ڪارناما ڪندو رهندو. ڌڻي پاڪ کين صحتمند، خوش سلامت رکي ۽ ڊگهي ڄمار عطا ڪري.

مددي ڪتاب:

١. قاضي قادن جو رسالو، مرتب هيرو ٺڪر، سنڌي تحقيقي بورڊ حيدرآباد ١٩٩٦ع
٢. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون، سنڌي لئنگويج اَٿارٽي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# هند ۾ سنڌي هيرو: هيرو ٺڪر

- مسرور پيرزادو

ڪنهن به ٻوليءَ جي سونهن، وسعت ۽ عظمت ۾ ان ٻوليءَ جي شاعرن جو وڏو اهم ڪردار هوندو آهي، ڇوته شاعر پنهنجي فن سان ٻوليءَ ۾ نکار آڻي ان کي وڏيڪ سهڻو ۽ وسيع بڻائيندا آهن. سنڌي ٻوليءَ کي جيئن شاهه لطيف وڏيڪ حسين، وسيع ۽ عظيم بڻايو آهي، تهڙيءَ ريت هنديءَ کي ڪبير ڀڳت، انگريزيءَ کي شيڪسپيئر، پنجابيءَ کي بُلهي شاهه، وارث شاهه، بنگاليءَ کي ٽئگور وڏيڪ حسين بڻايو آهي. اهڙن عظيم شاعرن پنهنجي ٻولين کي امرتا به بخشي ڇڏي آهي، ڇوته اهي ٻوليون پوءِ ايتريون مضبوط ٿي وڃن ٿيون جو انهن جي ختم ٿيڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي. اڄ به دنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ جڏهن شاهه لطيف جي واڻي ڳائي وڃي ٿي ته اها سنڌي ٻوليءَ جي زنده هجڻ جو ثبوت آهي.

سنڌي ٻولي انڪري پڻ شاهوڪار آهي ڇوته ان ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين ڪيترائي خوبصورت ڪوي ڪويتائون لکندا رهيا آهن، جديد سنڌي شاعرن پڻ سنڌي ٻوليءَ کي وڏيڪ حسين بڻايو آهي. اهڙن شاعرن ۾ شيخ اياز، امداد حسيني، نارائڻ شيام، هري دلگير، ايم ڪمل، شمشير الحيدري، تاجل بيوس، ارجن شاد، موتي پرڪاش، ارجن حاسد، واسديو موهي، حسن درس، آڪاش انصاري، گوپ ڪمل، هيرو ٺڪر ۽ ٻيا شامل آهن. انهن سڀني شاعرن جا شعر دراصل سنڌي ٻوليءَ جي شاهڪار محل نما عمارت ۾ سِرن جهڙا آهن، جن سِرن سان اها عمارت جڙيل آهي.

سنڌ، ان جي ٻولي، ادب، ثقافت، تجارت، ترقي مطلب ته مڙني شعبن کي ان وقت وڏو ڌڪ رسيو جڏهن ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌ مان هتان جا اصلوڪا ماڻهو يعني سنڌي هندو لڏي ويا. اهي سنڌي هندو جيڪي سنڌ جي سڀني شعبن جي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا، ورهاڱي وارن ڏينهن ۾ ان کان پوءِ ڪجهه سالن ۾ خراب حالتن جي ڪري پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا ۽ هتان هليا ويا. انهن جي وڃڻ کان پوءِ هن وقت تائين نه صرف انهن جي دلين ۾ درد آهي پر سنڌ جي دل ۾ به انهن جي وڃڻ جو اڃا تائين درد آهي. ڌرتيءَ کان دور هجڻ جو درد انهن جي شاعري، ڪلامن ۽ ٻين ڪمن مان ظاهر ٿئي ٿو.

هندوستان ۾ اچڻ کانپوءِ جن سنڌين پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ، سنوارڻ ۽ وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن ۾ هيرو ٺڪر جو نالو هميشه ياد ڪيو ويندو.



ڇوته هن پنهنجي شاعريءَ ۽ ٻين لکڻين، ريڊيو تي سنڌي پروگرامن جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت ڪري ان کي بچائڻ، سنوارڻ ۽ وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو ته هوُ هندستان ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي حوالي سان هڪ قيمتي هيرو آهي. جنهن جو قدر ڪرڻ اسان سڀني تي فرض آهي.

مون کي اِهو ڄاڻي ڏاڍي خوشي ٿي ته هيرو ٺڪر جو جنم ٢ مارچ تي ٿيو آهي. ان ئي تاريخ تي سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جوڻ پڻ جنم ٿيو هو ۽ ١٠ مارچ تي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻئي سهڻي شاعر امداد حسينيءَ جو جنم ٿيو آهي. اهڙي طرح مارچ مهني ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهي اهم ۽ خوبصورت شاعر پيدا ٿيا آهن.

هيرو ٺڪر هڪ گهڻ طرفي شخصيت آهي. هن شاعري صحافت، ريسرچ، براڊڪاسٽنگ وغيره جهڙا اهم ڪم ڪيا آهن پر منهنجي نظر ۾ هو بنيادي طور تي هڪ شاعر آهي. هن جي هر ڪم ۾ ڄڻ ته شاعري آهي. حُسن آهي، ۽ نفاست آهي. هن جا ريسرچ پيپر پڻ شاعرائي خوبصورتيءَ سان پُريل آهن، هن جي صحافت ۾ به ڪويتا وارو احساس آهي. اهو انڪري آهي ڇوته هن جي اندر ۾ هڪ شاعر هر وقت دل وانگر ڌڙڪندو رهي ٿو. اهو شاعر جيڪو صوفي آهي، درويش آهي ۽ سڀ جو ڀلو ۽ خير گهرندو آهي. اهڙو درويش جيڪو پنهنجي پالڻهارڪان ڪا شڪايت ناهي ڪندو پر هو حال ۾ رکي ان حال ۾ ئي خوش رهي آنند حاصل ڪندو آهي. هيري ٺڪر جي غزل جا هي خوبصورت شعر ته ڏسو:

ڏڌ تي جو ڏاڻ گُهريم هُن کان، هوُ ڏيندو ڏيندو ويو،  
جيڪي ڪجهه مون کي کپندو هو، سو ايندو ايندو ويو.  
ڇپ جيڏو منهنجو دامن هو، اُپ جيڏي هن جي مهر ميا،  
مان وٺندي وٺندي ٿڪجي پيس، هو ڏيندو ڏيندو ويو.  
هئي پيار جي راهه اڻانگي پر، منزل تي پُهچي وياسين آخر،  
هو عشق جو مون ۾ ڏانءُ ڪٿي، پر ايندو ايندو ويو.

مان سمجهان ٿو ته ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي شاعري ڏاڍي سهڻي ٿي آهي، خاص طور انهن سنڌي شاعرن وٽ خيال ۽ فڪر جي گهرائي ۽ وسعت حيران ڪري ڇڏيندڙ آهي. هند جي سنڌي شاعرن جي ان خوبيءَ جا ڪجهه مثال مان هيٺ ڏيان ٿو.

- هوا آزاد تو لئه بيقرار آهه



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

پکي! پڇري منجهان اڏري ڏسين ها. (هري دلگير)

- ڇا شاندار آهي مندر جي هوءَ عمارت،
اندران ٿي جو ته آيو ڇو پڙڪندو ئي آيو. (نارائڻ شيام)

- فقط ڦڪڙط ڪونهي اٿي ۽ لٿي جو،
ڪو ورلي ڏسون ٿا ڪٿي قرب وارو. (موتي پرڪاش)

- شهر سڄو ئي پٿر پٿر،
ته به مون جوڙيا شيشي جا گهر.
ڪڪر نه ڇانوَ نه بوند برن ۾
ته به ٻانهون ڦهلايون ٿو هر. (گوورڌن ڀارتي)

- ٿڪ جي ماپ وٺي سگهجي ٿي،
صرف لڙڪن جي اجهي ۾ رويهي،
ڪونه خوشبو کي ڇُهڻ مشڪل هو،
جي توهان جي به هجي ها مرضي. (ارجن حاسد)

-خواهشون پنهنجون سڀ ننڍيون ٿي ويو
ٻارهاٽي وڏا ٿيا آهن،
اي خدا! آدمي ٿي پئه هاٽي،
آدمي سڀ خدا ٿيا آهن. (ايم. ڪمل)

- رات گذري اهو ئي سوچيندي،
مون کي تنهنجي بدن جو ڪين سڏيو. (گوپ ڪمل)

سو اهڙا ڪيترائي شعراڇا ٻيا به ڳڻائي سگهجن ٿا جن ۾ هند جي سنڌي شاعرن خيال جي ندرت بيان ڪري پڙهندڙ کي حيرت جي دنيا ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

هيرو ٺڪر به انهن ئي هند جي سنڌي شاعرن جي سلسلي جي ڪڙي آهي. هن جا شعر پڻ احساس ۽ خيال جي بلنديءَ تي نظر اچن ٿا. سندس هڪ غزل جو هي شعر ڏسو:

هڪ ته خوديءَ جو ٻوجھ مٿي تي،
۽ ٻيو رستا سوڙها سوڙها.

جيون اُن وقت ڪيڏو نه ڪٺن ٿي وڃي ٿو جڏهن اِنسان پنهنجي مٿي تي خوديءَ جو ٻوجھ کڻي ٿو ۽ هلڻ لاءِ هن جي اڳيان وري جڏهن رستا به سوڙها هجن



ته پوءِ ويتر مشڪل ٿي وڃي ٿو. خوديءَ جي ٻوجھ کي فقط سٻوجھ ماڻهوءَ ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. اُن ڪيفيت کي ڪو اٻوجھ ماڻهو محسوس ڪري ئي نٿو سگهي.

تصوف، صوفي ازم، خدا اهي موضوع هيري ٺڪر جي دل وڻان آهن ۽ انهن موضوعن تي هو اڪثر لکي چڪو آهي. ڇاڪاڻ ته هو پاڻ به صوفي آهي ۽ سندس صوفياڻي دل مان سدائين صوفيائي صدا ئي نڪرندي آهي. هو خدا جي خلق ۾ ئي خدا کي ڏسڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، عشق کي عبادت سمجهي ٿو ۽ هن ڌرتيءَ کي ئي سُرڳ سمجهي ٿو، انهن خوبصورت ڳالهين کي هن سهڻي نموني شعر ۾ هيئن اظهاريو آهي.

خلق ۾ جنهن ڏٺو خدا هوندو،
ماڻهو ڇاجو، سو ديوتا هوندو.
عشق کي ئي ٿا عبادت سمجهون،
ڪو اسان جهڙو پارسا هوندو!
مون کي ڌرتي ئي سرڳ ٿي ڀاسي،
سرڳ ۾ هن کان وڌ ٻيو ڇا هوندو!

سو جڏهن ماڻهوءَ جي اندر ۾ درد ۽ وجدان هوندو آهي ته پوءِ اهو درد ۽ وجدان ماڻهوءَ مان ڪنهن نه ڪنهن نموني اظهار ڪندو آهي. ڪڏهن شاعريءَ جي روپ ۾ ته ڪڏهن موسيقيءَ جي روپ ۾. درد جي اظهار جا انيڪ رستا آهن. انهن انيڪ رستن مان هيرو ٺڪر پنهنجي اظهار لاءِ شاعريءَ جو رستو چونڊيو آهي. پنهنجي هڪ گيت ۾ هو اهو ئي چوي ٿو ته هن کي گيت ڳائڻ ڪونهي ايندو پر فقط درد هن مان دانهون ڪري ٿو ۽ اهي دانهون شاعري بڻجي وڃن ٿيون. شاعر جي دل ۾ پنهنجي انفرادي درد کان سواءِ سموري سنسار جا اجتماعي درد به هوندا آهن، پنهنجي دل جي چوٽ کان وٺي، ڪنهن معصوم ٻار جي روئندڙ اکين تائين ۽ ڪنهن ڇيپاٽيل گل وانگي ڪنهن ملڪ سان ٿيل ناانصافين تائين هر درد شاعر جي دل ۾ دڪندو رهي ٿو ۽ دکي دکي نيٺ ان مان شاعري سرجي ٿي. هو چوي ٿو ته:

درد ٿو دانهون ڪرائي، مان نه ڄاڻان گيت ڳائي.
منهنجو هرهڪ گيت منهنجي درد جي تصوير آهي،
منهنجو هرهڪ گيت منهنجي دل مان نڪتل پيڙ آهي،
منهنجو هرهڪ گيت هڪڙي درد واري دانهن آهي.

اهڙن ئي دردن ۽ سمورن جي ڳالهه لطيف سائينءَ پڻ ڪئي آهي. جنهن



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چيو آهي تہ سوُرن پڳس ھڏ، سي پڻ سيڪي سوُر سين'' سو هيرو ٺڪر پڻ انهن صوفين جي سلسلي جي ڪڙي آهي. جن جا جڏهن هڏ سوُرپچي چڏيندا آهن تہ پوءِ هو انهن پڳل هڏن کي پڻ سوُرن سان ئي سيڪي پنهنجو علاج ڪندا آهن.

توڙي جو هيرو ٺڪر جي انداز ۾ ڪلاسيڪيت آهي، پر پوءِ بہ هو هميشهہ نواڻ ۽ جديديت کي همٿائي ٿو ۽ نئين زماني ۾ نين شين جي ڳالهہ ڪري ٿو. مان سمجهان ٿو تہ جديديت اها ئي خوبصورت آهي، جنهن جون پاڙون پنهنجي قدامت ۽ ڪلاسيڪيت ۾ مضبوط ڪتل هجن. هو پڻ اهڙي نواڻ ۽ جديديت جون ڳالهيون ڪري ٿو.

بدلجي ويئون فضائون، خوشيءَ جي ڳالهہ ڪريو!
نئين صبح جي، نئين روشنيءَ جي ڳالهہ ڪريو!
ڪريو نہ ڳالهہ ڪا اچ بغض، وير، نفرت جي،
ڪريو تہ ڀائپيءَ جي دوستيءَ جي ڳالهہ ڪريو!
پراڻا نقش پيا مٽجن، آ نئون دور آيو،
نئين سمي ۾ نئين زندگيءَ جي ڳالهہ ڪريو!

هن دنيا ۾ جيڪو بہ ٻوُر رچيو آهي، سو نيٺ ڇڻي ويندو آهي. هر اِنسان جيڪو پئدا ٿيو آهي اهو هڪ ڏينهن مري بہ ويندو آهي. پر، ان پيدا ٿيڻ ۽ مرڻ جي وچ واري جيڪا مهلت آهي، جنهن کي زندگي-جيون چئجي ٿو ان ۾ اهو ماڻهو ڪيئن آهي ۽ ڇاٿو ڪري وڃي، اهو تمام گهڻو اهم آهي، جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي چڱاين سان ٻين ماڻهن کي وڻي وڃي ٿو تہ سندس زندگي سڦل آهي، هيرو ٺڪر جي حياتي پڻ هڪ سڦل ۽ ڪامياب حياتي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي خيالن، لکڻين ۽ ڪمن جي ڪري تمام گهڻن ماڻهن کي وڻي ويو آهي ۽ ان محبت هن کي امر بڻائي ڇڏيو آهي. دعا آهي تہ هو سدائين خوش هجي، تندرست هجي ۽ وڏي ڄمار ماڻي، اچو تہ آخر ۾ سندس هي شعر پڙهي هن کي ڀرپور راءِ ڏيون.

جيڪڏهن تنهنجا ٻڻي ويندا سين،
ساري دنيا کي وڻي ويندا سين.
ٻوُر وانگر اچا تہ پيا ٿا رچون،
وقت آيندو تہ ڇڻي ويندا سين.



# سنڌوءَ جي ڌارائن کي سانديندڙ هيرو ٺڪر

**- ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**

مان ننڍپڻ ۾ ريڊيو تمام گهڻو ٻڌندو هئس. ريڊيي ٻڌڻ جو شوق مون کي ريڊيو پاڪستان خيرپوروني آيو. مان نہ رڳو ريڊيو پاڪستان ٻڌندو هئس، پر آل اِنڊيا ريڊيي جا سنڌي پروگرام بہ شوق سان ٻڌندو هئس، آل اِنڊيا ريڊيي جي سنڌي سروس تي خاص ڪري محترم وينا شرنگيءَ ۽ سائين هيري ٺڪر جي آواز ۾ مختلف پروگرام ۽ خبرون ٻڌندو رهندو هئس.

اَهڙيءَ ريت آواز ۽ اَدب جي دنيا جي وڏن نالن هيري ٺڪر صاحب ۽ وينا صاحب سان منهنجي واقفيت شروع ٿي. اسڪول جي زماني کان ئي مان ريڊيو پاڪستان خيرپور تي ٻارڙن جي ٻاريءَ ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ لڳ ڀڳ پنجويهہ سال ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ ڪراچيءَ تي ميزبان، پروڊيوسر ۽ مختلف حيثيتن ۾ لڳاتار ڪم ڪيو. ان لحاظ سان هيرو ٺڪر صاحب ۽ مان ساڳي پيشي يعني براڊڪاسٽنگ سان تعلق بہ رکون ٿا.

هيرو ٺڪر صاحب اسان جو بزرگ ۽ رهبر بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ مون سندس پروگرام، خبرون ٻڌي ڪيترن ئي لفظن جو اُچار ضرور سکيو هوندو. ساڳيءَ ريت هيرو صاحب ادب خاص ڪري ڪلاسيڪي ادب ۾ بہ رهنماءُ آهي. سنڌ ۾ جيڪي بہ سنڌي ادب جا شاگرد آهن، خاص ڪري ايم.اي.، ايم فل، پي.ايڇ.ڊيءَ جا شاگرد آهن، انهن ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ قاضي قادن کي لازمي پڙهيو آهي. قاضي قادن جي ڪلام واري سندس ان ڪتاب جو نالو آهي ''قاضي قادن جو ڪلام (سنڌ ۾ ان جو اڀياس).

ان ڪتاب جا ڇاپا مختلف ادارن شايع ڪرايا آهن. اهو ڪتاب سنڌ جي يونيورسٽين جي سنڌي شعبن جي نصاب ۾ شامل آهي. نصاب ۾ گهڻي ڀاڱي اعليٰ معيار جي ڪتابن کي شامل ڪيو ويندو آهي.

هيري ٺڪر کي شري راجا رام شاستريءَ هرياڻا جي هڪ مَٺ مان قاضي قادن جا جيڪي بيت ڏنا هئا، سي رڳو چار صفحا هئا. انهن چئن صفحن تي هيري صاحب لڳاتار ڏيڍ بہ سال تحقيق ڪري نہ رڳو انهن جون پڙهڻيون مقرر ڪيون پر ڏکين لفظن جون معنائون ۽ وضاحتون بہ لکيون. هن ايترو تہ ڪم ڪيو جو اهي چار صفحا وڃي ٽن سون صفحن تائين پهچايا. اهو ڪو سولو ڪم ناهي. تمام وڏو ڪم آهي. ان ڪم وسيلي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ کي هڪ نئون موڙي ملي ويو. ان تحقيق



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

وسيلي قاضي قادن کي پنهنجو اصل مقام ملي ويو. اسان جي ادبي تاريخ ۾ هن کان اڳ ۾ قاضي قادن جا فقط ست بيت سامهون آيل هئا.

سنڌي شاعري تہ تمام گهڻي آڳاٽي آهي پر ان ۾ گهڻائي لوڪ شاعريءَ جي آهي. شاعريءَ جي محورن معيارن تي پورو لهڻ وارو پهريون سنڌي شاعر قاضي قادن کي ئي مڃيو وڃي ٿو. ان مڃتا ۾ هيري ٺڪر جي هن کوجنا جو مُک ڪردار آهي. آغا سليم صاحب جي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شاعر بابا فريد گنج شڪر آهي، جيڪو بنيادي طور پنجابي ۽ سرائڪي ٻوليءَ جو شاعر آهي، پر ان تي اڃا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

قاضي قادن تي هيري ٺڪر جو ڪيل ڪم نہ رڳو اعليٰ معيار جو آهي پر تاريخي بہ آهي. جڏهن بہ قاضي قادن جو ذڪر ايندو تہ هيري ٺڪر جو نالو بہ لازمي طور سامهون ايندو. قاضي قادن ۽ هيرو ٺڪر سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿي ويا آهن. هيري صاحب پنهنجي ان تحقيقي ڪتاب ۾ قاضي قادن جي نالي بابت صفائي، سندس زندگيءَ جو احوال شاعريءَ وغيره بابت تمام گهڻو تفصيل سان لکيو آهي.

روشني پبليڪيشن ڪنڊياري پاران ١٩٩٦ ع ۾ ڇپرايل هيري ٺڪر جي ڪتاب ۾ ضميمو الف، ب ۽ ج بہ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ قاضي قادن جي اڳ لڌل ستن بيتن ۽ ڏارين بيتن تي بہ لکيو ويو آهي. ان کانسواءِ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ جا تبصرا ۽ سراج الحق ميمڻ ’’سراج‘‘ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جا خط بہ شامل ڪيا ويا آهن.

مان هڪ پاسي هيري ٺڪر جو ٻڌندڙ تہ ٻئي پاسي پڙهندڙ بہ ٿيس. مون جڏهن ١٩٩١ ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ بي.اي. آنرس ۾ داخلا ورتي تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ واري مضمون ۾ هيري ٺڪر جو ذڪر بہ پڙهيم. سندس لکڻين کان بہ واقف ٿيس. ١٩٩٦ ع ۾ جڏهن قاضي قادن جي ڪلام وارو ڪتاب سنڌ ۾ ڇپيو تہ اهو بہ تفصيل سان پڙهيم ۽ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي پڻ پڙهائيندو آهيان. ساڻس ملڻ جي بہ خواهش پيدا ٿي. نيٺ اها خواهش پٽائي سرڪار جي ميلي تي پوري ٿي. مان بہ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران ٿيندڙ عرس جي عالمي ادبي ڪانفرنس جي آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهندو آيو آهيان. هڪ ڪانفرنس ۾ هيري صاحب سان ملڻ واري آس پوري ٿي پر ساڻس تفصيلي ڪچهري نہ ٿي سگهي، جنهن جي



شديد خواهش آهي.

مان ٢٠١۴ع ۾ سارڪ جي ايپيڪس باڊي فوسوال پاران ٿيل عالمي صوفي ڪانفرنس ۾ اِنڊيا ويو هيس، جيڪا اجمير ۾ ٿي هئي، پر افسوس جو اُن ڪانفرنس ۾ اِنڊيا جو ڪوبہ سنڌي اديب شريڪ نہ هو. ساڻن ملڻ واري سڪ سيني ۾ ئي رهجي وئي.

هيرو ٺڪر هند ۽ سنڌ جي سنڌي اديبن کي ڳنڍڻ لاءِ پُل جو ڪردار بہ اَدا ڪري پيو. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي صاحب، ڊاڪٽر روشن گولاڻي ۽ ٻيا اَديب ۽ شاعر بہ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان نياپائيندا پيا اچن ڪين جس هُجي.

ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جي خاص مهرباني، جنهن هيري ٺڪر صاحب تي لکڻ لاءِ تمام گهڻو زور ڀريو.

هيري ٺڪر صاحب جون مختلف لکڻيون خاص ڪري شاهہ لطيف ۽ ٻين موضوعن تي بہ پڙهندڙ رهندو آهيان. آخر ۾ هتي مان تاجل بيوس بابت سندس لکيل مهاڳ جو ذڪر پڻ ڪندس، جيڪو هُن تاجل جي ڪتاب ’’ڪنڌيءَ اَڪ ڦُلاريا‘‘ لاءِ لکيو آهي، هو اُلهاسنگر جي اسٽيشن تي تاجل جي آذرياءُ بابت لکي ٿو تہ، تاجل هند جي سنڌين خاص ڪري سنڌو نگروارن جو قُرب سِڪ ۽ محبت ڏسي خوشيءَ ۾ ڳوڙها ڳاڙي وينو هو.

اِهو ڏسي هيري کان بہ سُڏڪو نڪري ويو هو. ’’مون کان بہ سُڏڪو نڪري ويو ۽ اکُ ڇُلي پئي ۽ ٻئي پل ترت رومال ڪڍي تاجل جا ۽ پنهنجا ڳوڙها اُگهي ورتم. سنڌوءَ جي ٻن گهڻو الڳ رهيل ڌارائن کي پاڻ ۾ سمائيندڙ اِهو رومال مون پاڻ وٽ سانڍي رکيو آهي. (ڌوريان ڌوريان مَ لهان، تاجل بيوس، ص: ٣٢٦).

سنڌوءَ جي ڌارائن کي سانڍيندڙ هيري ٺڪر کي سلام.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# هيري نکرکي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن جي گولڊن جُبلي مبارڪ

- رکيل مورائي

هي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو محقق، اَديب، شاعر ۽ سنڌ ۾ براڊ ڪاسٽر طور سڃاتو ويندڙ هيرو نکر آهي. جنهن آڪاشوائيءَ تان ٻڌو ويندڙ آواز معرفت سنڌ ۾ ايتري سڃاڻ ماڻي جو جڏهن هو پهريون ڀيرو ١٩٩٦ع ۾ سنڌ آيو ته ڄڻ ڪيس ڪابه اوپرائپ محسوس نه ٿي.

اَدب ۾ هيري نکر هڪ شاعر طور پيرپاتو ۽ پوءِ اڳتي هلي هو هڪ اهڙي اسڪالر طور سڃاتو ويو، جنهن سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اسان جي اوائلي شاعر قاضي قادن کي اسان آڏو ظاهر ڪيو، سنڌ ۾ قاضي قادن جي سٺن بيتن کي ڪٺي ڪيس سنڌيءَ جو لکت ۾ پهريون شاعر قبول ڪيو ويو هئو، پر هيري نکر جو اِهو ڪارنامو سنڌي ادب ياد رکندو ته هن هندستان جي هرياڻا صوبي جي هڪ مٺ مان قاضي قادن جا ادائي سئوکن بيت هٿ ڪري سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو مرتبو وڌايو. جنهن ڪانپوءِ لڳاتار هيرو نکر تحقيق ۽ تخليق سان جڙيو رهيو ۽ ڪيترائي ڀيرا سنڌ ڏسڻ جو ڪيس موقعو به مليو.

سنڌ جي علمي اَدبي شهر حيدرآباد جو ڄاول هيرو نکر ورهاڱي جي واءَ ۾ اُڏامي هند ۾ وڃي هڪ چٽيل پن جيان ڪريو ۽ آهستي آهستي جڏهن هن اُٿڻ شروع ڪيو ته اُٿندو ئي ويو ۽ ڏسندي ڏسندي سنڌي اَدب جي اُڀ تي هڪ جرڪندڙ ستاري جيان چمڪڻ لڳو. پوءِ به جيستائين ياد ٿو اچيم ته مون جيان سنڌ جا اڻ ڳڻيا ماڻهو کيس آل اِنڊيا ريڊيو دهليءَ جي معرفت به سڃاڻندا آهن، سندس منفرد آواز اسان ڪان اڄ به نه وسريو آهي. جيڪو آهي. آل اِنڊيا ريڊيو تان هيري نکر جي آواز ۾ خبرون ٻڌندي.

اڄ ٢٠١٦ جي ٢ آڪٽوبر تي، هيري نکر جي ريڊيو تي وڃڻ جا پنجاهه سال پورا ٿيا. پورا پنجاهه سال اڳ ٢ آڪٽوبر ١٩٦٧ع تي آل اِنڊيا ريڊيو جي دهليءَ واري آفيس ۾ پير پائيندڙ هيرو نکر جيتوڻيڪ پنهنجي عمر جا سٺ سال پورا ڪري پنهنجي نوڪري ريڊيو مان ڇڏي آيو پر آل اِنڊيا ريڊيو کيس اڄ تائين نه ڇڏيو آهي ۽ اڄ به هن وقت ٻن ڪلاڪن لاءِ آل اِنڊيا ريڊيو جي آفيس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهيو آهي.

٢ آڪٽوبر ١٩٦٧ع تي جڏهن هو ريڊيو جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو هو تڏهن ساڻس گڏ سنڌي ٻوليءَ جا ٻه نهايت اهم شاعر ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ هريڪانت



books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ ٻه ساڻس نوڪري ڪندڙ هئا هو سُتت ئي هو ٻئي ريڊيو ڇڏي هليا ويا. پر هيري نکر پنهنجو مستقبل ريڊيو سان واڳي ڇڏيو. پنهنجي نوڪري پوري ڪرڻ ڪانپوءِ به ريڊيو کيس نه ڇڏيو. سندس ريڊيو ۾ موجودگيءَ سبب ئي اڳتي هلي وينا شرنگي ريڊيو ۾ آئي ۽ پوءِ سندس ننڍي ڀيڻ شالني ساگر ريڊيو تي آئي. ائين آل اِنڊيا ريڊيو تان سنڌي خبرن سان گڏ ڪيترائي سنڌي سلسليوار پروگرام شروع ٿيا، جيڪي اڄ تائين نت نيم نموني جاري آهن، انهن سڀني جي پويان دراصل هيري نکر جون محنتون ئي آهن، جو آل اِنڊيا ريڊيو تي سنڌي ٻولي مناسب جڳهه والاري سگهي.

گذريل ٥٠ سالن ۾ آل اِنڊيا معرفت هيري نکر جيڪي سنڌي پروگرام ڪيا هوندا، ڇا اهو ممڪن آهي ته اُهي سڀ محفو ٿي وڃن، اهو ڪم ڪيس يا ويناکي ڪرڻ کپي! ڪيئن به هيري نکر جا ريڊيو جا پنجاهه سال اڄ سندس نوڪري جي گولڊن جُبليءَ جو مرتبو ماڻي چُڪا آهن ۽ اڄ به هيرو نکر پنهنجي سموري توانائيءَ سان آل اِنڊيا تان سنڌي ٻوليءَ کي ڦهلاءَ ڏئي رهيو آهي، پر هاڻ هو ائين نه چوندو آهي ته : آل اِنڊيا ريڊيو تان هيري نکر جي آواز ۾ خبرون ٻڌندا.

ڇاڪاڻ ته هن ڪيترائي سنڌي نوجوان ريڊيو تي آندا آهن اڄ انهن جي ذميواري آهي ته اهي سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڌيڪ ڪجهه ڪن. پوءِ به هيري نکر جي انهن خدمتن کي ياد رکيو ويندو ۽ جيڪڏهن هيرو پاڻ انهيءَ پنجاهه سالن جي عرصي کي پنهنجي لکڻ طور محفوظ ڪري ته سنڌي ادب لاءِ سندس اهي يادگيريون ايندڙ نسلن جي رهنمائي ڪنديون ۽ پوءِ شايد اسان هتان جي ڪنهن به ريڊيو اسٽيشن تان اهو اعلان ڪريون ته! هيءَ آهي هيرو نکر، جيڪو پنهنجون ريڊيو سان لاڳاپيل يادگيريون لکي رهيو آهي ۽ شايد اِهو ڏينهن جلد ئي اَچي وڃي.

هيري نکر کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل هنن خدمتن جي گولڊن جُبلي مبارڪ! ٻيءَ طرح هيري جو ادب ۾ ڪيل ڪم اسان جي سموري سنڌ جي آڏو آهي، جنهن کي سرحد جي ٻنهي پاسي هڪ خاص مرتبو حاصل آهي ۽ اهو سنڌي ادب جي اهڙي ميراث آهي، جيڪا هر دور ۾ سنڌين کي ڪم ايندي ۽ کُٽائي نه کٽندي.



www.sindhsalamat.com

# تون تہ جهڙي ڪينجهر!

- موهن مدهوش

اهو ۱۹۸۰ جو زمانو هو، بابا سائين رتن مل جو اهو روز جو معمول هوندو هو تہ صبح جو سويل هو، ريڊيو سيلون تان اُردو ۾ نشر ٿيندڙ سنگيت جا پروگرام ٻڌندو هو ۽ پوءِ ڪم تي هليو ويندو هو. وري شام جو پنجين وڳي ڪم تان موٽندو هو تہ اچڻ سان ئي اڱڻ تي کٽ رکي ويهندو هو ۽ وري آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس ٻڌندو هو. اسان ٻہ پنهنجي اسڪول جي ڪم ۾ مشغول هوندا هئاسين پر ريڊيو جو آواز بہ پيو ٻڌبو هو.

”هي آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس آهي ۽ هاڻ توهان سنت ڪنوررام جو ڪلام ٻڌندا.“

ٿوري دير کان پوءِ پروگرام هلندي هلندي وري ٻڌبو هو:

”هاڻ توهان هيري ٺڪر کان خبرون ٻڌندا.“

’هيرو ٺڪر‘...اهو نالو اسان لاءِ پهرين سڃاڻپ هئي، ريڊيو ٻڌڻ اسان جو روز جو معمول هوندو هو، پر اها خبر نہ هئي تہ ڪو هيرو ٺڪر حيدرآباد سنڌ کان لڏي ويل دهليءَ جو رهواسي آهي.

۱۶ سيپٽمبر ۱۹۹۶ع تي آواري ٽاور هوٽل ڪراچيءَ ۾ ”انٽرنئشنل ڪلهوڙا ڪانفرنس“ منعقد ٿي هئي تہ ان ۾ سائين هيرو ٺڪر ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي بہ خاص هندوستاني وفد طور شرڪت ڪئي هئي. ان ڪانفرنس کان پوءِ هو حيدرآباد ۾ بہ آيا هئا. انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ انهن جي آجيان لاءِ پروگرام رکيل هو. ٺٽدي ڄام مان مشهور آرٽسٽ عبدال رسول عباسي ۽ مصطفيٰ نانگراج بہ ان پروگرام ۾ شرڪت لاءِ سنبري آيا هئا. ان وقت آءٌ ڪونڊرا اڪيڊمي تي وينل هئس. عبدالرسول عباسي چوڻ لڳو:

”موهن، هل تہ هلون هيري ٺڪر جو ليڪچر ٻڌڻ!“

”هيرو ٺڪر....“

مون کيس چيو، ”نہ يار، آئون نہ هلي سگهندس، ڪجهہ ڪم ڪار آهن، مون کي اتي رات ٿي ويندي.“ پوءِ اهي ٻئي دوست هلي ويا ان پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ ۾ آئون پنهنجي ڪم کي لڳي ويس.

ان وچ ۾ ممبئي مان نڪرندڙ رسالي ’ڪونج‘ يا ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ سندس ليک پيا پڙهبا هئا ۽ ’قاضي قادن جي ڪلام‘ بابت سندس ذڪر پيو ٻڌبو هو. هن آل انڊيا ريڊيو جي آڪاشوائيءَ ۾ ۳۷ سالن تائين سنڌي نيوز ريڊر طور ڪم ڪيو ۽ آخر ۾



هن اتي ئي سنڌي يونٽ جي اِنچارج طور سال ۲۰۰۳ع ۾ رٽائر ڪيو.

----

۲۰۰۵ع ۾ هيرو ٺڪر، نند ڇٻاڻي ۽ هري موٽواڻي گڏجي سنڌ آيا هئا تہ سنڌالاجيءَ پاران کيس آجياڻو ڏنو ويو هو، تہ اتي ئي هن سان غير رسمي مُڪاميلو ٿي ويو هو. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ چيئر پاران انٽرنئشنل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران بہ سندن مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو هو تہ اتي بہ ساڻس مختصر ملاقات ٿي هئي.

ان کانپوءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس مبارڪ تي ثقافت کاتي پاران گهرايو ويو هو تہ هنن کي حيدرآباد جي ويزا نہ هئي. تاج جويي فون ڪيو تہ، ”اسان هالا مان نڪرون پيا، تون ٻاءِ پاس تي پهچ تہ گڏجي رات جي ماني کائون.“ آئون اتي تڙ تڪڙ ۾ پهتس تہ اهي اڳ ئي پهچي چڪا هئا ۽ گاڏي جهليو راجپوتانا اسپتال وٽ روڊ تي منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. اتي اسان ملياسين ۽ نيرون ڪوٽ ريسٽورينٽ ۾ رات جي ماني کاڌيسين ۽ وري اتان ئي رات جو ڪراچي نڪري وياسين. مون گهڻو ئي زور پريو تہ آئون ڪراچي ڪونہ ٿو هلان، پر نہ ها ها ڪندي نڪري وياسين. چوتہ ساڳي ئي گاڏي ۾ واپس تاج ۽ مون کي بہ ضرور واپس پهچڻو هو. اسان سفر ۾ ڏاڍي کِل ڀوڳ، ڪچهري ڪئي ۽ ثقافت تي ڳالهائيندا رهياسين. ان مان خبر پئي تہ هو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو اِسڪالر آهي ۽ هُن کي سنڌي ادب جي وڏي ڄاڻ آهي. بهرحال اسان رات جو هُنن کي ڪراچيءَ جي مهراڻ هوٽل تي ڇڏي وري واپس حيدرآباد ورياسين.

ٻئي سال وري هيرو ٺڪر ۽ ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ تي آيل هئا. واپس ورڻ تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ٻولين جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پروگرام رکيل هو. مون اڳ ۾ ئي سائين هيري ٺڪر کي فون تي چيو هو تہ، ”سائين اڄ جي دال ماني منهنجي طرفان ٿيندي.“

تنهن تي هيري ٺڪر چيو، ”توهان سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۾ اچو تہ پوءِ ڏسون ٿا.“

اَٿارٽي ويس تہ پروگرام آخري مرحلي ۾ هو. پروگرام ختم ٿيڻ تي هيري کي چيم، ”سائين، هاڻي هلون.“

تنهن تي چوڻ لڳو ”نہ، اڄ تون اسان سان گڏ هلندين ۽ اسان جي ڊنر ڪندين!“



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

آئون حيران ٿيس، سوچيم شايد هنن جو اڳ ۾ ئي ڪنهن سان پروگرام طئہ ٿيل هو. مدد علي سنڌي جي مون تي نظرپئي تہ چوڻ لڳو:

”موهن! توهان اسان سان گڏ هلو.“

بهرحال هل هلان واري صورتحال ۾ اسان سيئي گڏجي انور هاليپوٽي جي بنگلي تي پهتاسين، تہ اتي شوڪت حسين شورو، رفيق جعفري ۽ منو ڪڇي اڳ ۾ ئي ويٺل هئا. سائين انور هاليپوٽي اسان سيني جو آدرڀاءُ ڪيو ۽ خوب ڪچهري ڪئي. هيرو تہ ڳالهين جي کاڻ نڪتو. هن کي هر ڳالهہ مان لطف اندوز ڪرڻ ۽ ٿيڻ اچي ٿو. مون دل ۾ محسوس ڪيو تہ آئون اهڙي دعوت نہ ڪري سگهان ها، جهڙي انور هاليپوٽي ڪئي هئي. انور صاحب تہ سنڌي مهمان نوازيءَ جو هڪ اهڃاڻ آهي ۽ کُلي دل سان مهمان جو هر لحاظ کان خيال رکي ٿو. واپسي تي هن مهمانن لاءِ اِنڊس هوٽل ۾ وي.وي.آءِ.پي. ڪمرو بُڪ ڪرائي ڇڏيو هو آخر ۾ آئون ۽ مدد صاحب هنن کي انڊس هوٽل ڇڏڻ وياسين تہ ڪين ڪمرن تائين ڇڏي، هنن کان موڪلايوسين ۽ مدد علي سنڌي مون کي گهر ڇڏي ڪراچي لاءِ روانو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير فون تي هيري سائين کي ٻڌايم تہ ”هيرآباد جي بهترين مٺائي ۽ مارڪيٽ جون حلوه پوريون بہ وٺي ٿو اچان.“

هيرو نڪر چوڻ لڳو، ”نہ موهن، تون صرف مٺائي وٺي اچ، باقي هتي ناشتو اسان کي هوٽل بہ ڪمپليمينٽري ملندو، بي تڪليف نہ ڪجانءِ ۽ جلدي اچ.“

پوءِ آئون ۽ منهنجو دوست ائڊووڪيٽ شيوڪ راٺوڙ انڊس هوٽل پهتاسين تہ اهي تيار ٿي رهيا هئا. جڏهن هو تيار ٿي ويا تہ شيوڪ بہ هنن لاءِ ڪپڙن جا تعفا وٺي آيو هو، اهي بہ کين ڏنا ۽ اسان هيٺ ريسٽورينٽ ۾ ناستو ڪرڻ وياسين. واپس ڪمري ۾ موٽياسين تہ اتي حميد سنڌي صاحب بہ اچي ويو ۽ اسان پوءِ هنن کان موڪلائي ورتي.

----

فيبروري ٢٠١٢ع تي هيرو نڪر، ومي سدارنگاڻيءَ ۽ اندرا پوناوالا شبنم شاهہ عبداللطيف ڪانفرنس لاءِ آيل هئا ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ رهيل هئا. آئون بہ ڪراچيءَ ۾ ڪم سانگي ويل هئس تہ رکيل موراڻيءَ جو رستي ۾ فون اچي ويو. چوڻ لڳو، ”موهن، ڪراچي اچين ٿو تہ هل تہ هيري نڪر سان ملايان!“

آئون سهراءِ ڳوٺ ڪراچيءَ پهتس تہ اتي لهي پيس ۽ رکيل سان گڏجي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس پهتس. هيري نڪر ڏسڻ سان ئي وڏو ٻاڪرپاتو ۽ چيائين،



”اڙي يار موهن موهن، ڪٿي آهين، پٽ شاهہ بہ ڪونہ آئين!؟“

چيم، ”سائين، ڪم ڪار هئا انهيءَ ڪري اچي نہ سگهيس ۽ اڄ ئي هندوستان وڃي رهيو آهيان.“

”يار ڏاڍو سنو، اسان جي واپسي ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ ٿيندي.“

اندرا پوناوالا جي ڪمري ۾ وياسين تہ هن کي رکيل چيو ”هي اسان جو دوست موهن مدهوش آهي!“

اندرا پوناوالا ڏسندي ئي چوڻ لڳي. ”اڙي موهن، ائين ملبو آهي!؟“ هن حيرانيءَ مان چيو ۽ آئون بہ حيران هئس تہ هُن سان ڪيئن ملبو!؟ بهرحال پوءِ پروفيسر اعجاز قريشي بہ اچي ويو ۽ مهمانن جي رش بہ وڌي ويئي هئي ۽ اسان هنن کان موڪلائي اُتان نڪري وياسين. ڪراچيءَ جا ڪم ڪار لاهي شام جو حيدرآباد پهچي ويس ۽ هندستان اُسهڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون ۽ خير سان واپس بہ وري آيس ۽ پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي ويس.

---

١٥ سيپٽمبر ٢٠١٣ع تي ريٽا شهاڻيءَ جو ديهانت ٿيو هو. هن جي ڌيءَ لليتا ۽ پٽ ڪمار شهاڻيءَ سان پرچاڻي ڪرڻي هئي، جنهن لاءِ لليتا بار بار اچڻ لاءِ چئي رهي هئي. ويزا بہ ملي ويئي هئي ۽ ڊسمبر ٢٠١٣ع تي آئون سڌو ممبئي ايئرپورٽ تي لٿس تہ نيڪ انهيءَ واپسيءَ واري فلائيٽ ۾ لکمي کِلاڻي کي بہ سنڌ وڃڻو هو ۽ دهلي مان هيرو نڪر ۽ جگديش لڇاڻيءَ کي بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي عرس ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. اهي سنڌ پهتا ۽ آئون هندستان. آئون هيري نڪر ۽ جگديش لڇاڻيءَ لاءِ ريٽا شهاڻيءَ تي منهنجو مرتب ڪيل ڪتاب ”ريٽا شهاڻي: سنڌ هند جي ڪهاڻي“ ڇڏي ويو هئس جيڪو هنن کي باامانت مليو.

----

سال ٢٠١٤ع جي فيبروري مهني ۾ ايس.ايم.آءِ. يونيورسٽيءَ پاران انٽرنئشنل ڪانفرنس سڏائي وئي هئي تہ هندستان مان هيري سان گڏ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر جينو لالواڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ڊاڪٽر ونود آسوداڻي، ڪئلاش شاداب ۽ ساز اگروال شرڪت ڪئي هئي. ساز اگروال منهنجي لاءِ لليتا پاران موڪليل ڪتاب ۽ ريٽا شهاڻيءَ ڏانهن مختلف ليکڪن پاران لکيل خطن جو ٿهو بہ کڻي آئي هئي. جنهن لاءِ مون کي ڪراچي وڃڻو پيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سينئر پروڊيوسر



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عرفان علي انصاري کي به ڪراچي وڃڻو هو، سو هو به مونکي ميريئٽ هوٽل وٺي هليو ۽ پنهنجي ڪينن ڪيميرا به کڻي هليو. منجهند جو جڏهن اتي پهتاسين ته سائين شوڪت حسين شورو اسان کي رسيپشن تي وٺڻ آيو ۽ هيري نڪر، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر جينو للواڻي ۽ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ سان ملائڻ هنن جي ڪمري ۾ وٺي هليو. اُتي مسرور پيرزادو به اچي ويو. امداد حسيني به اچي ويو، اچي ويو ته محفل مچي ويئي. مون به هنن لاءِ ڪتاب آندا هئا ۽ هنن به مونکي پنهنجن ڪتابن جا تحفا ڏنا. مانجهاندي مهل سپريم ڪورٽ جي رٽائرڊ چيف جسٽس راڻا ڀڳوان داس سان به ملاقات ٿي ته ڊاڪٽر حميده کهڙو سان به ميل جول رهي. ان کانپوءِ آئون لليتا ۽ تارا ميرچندڻيءَ لاءِ ڪجهه ڪتاب کڻڻ ويس جيڪي ڪراچي ۾ ئي پيل هئا ۽ ساز اگروال کي پوني کڻي وڃڻا هئا. شام جو ميريٽ هوٽل پهتس ته اهي سيئي سي.ايم هائوس ۾ ڊنر لاءِ ويل هئا. ڪتاب رسيپشن تي ڇڏي واپس حيدرآباد روانو ٿي ويس.

---

۲۰۱۵ع تي هيرو نڪر ۽ جينو للواڻي وري به شاهه عبداللطيف ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيا اهي ڪراچيءَ ۾ هڪ ڏينهن پهرين پهتل هئا. آئون به هر جمعي ڏينهن وانگر هن ڀيري به ڪراچيءَ ۾ ئي هئس. تاج جويو به اتي وينل هو. هيري نڪر سان فون تي سنڌ اچڻ تي ڀليڪار ڪيس چيم، ”سائين آئون جوس واري وٽ بيٺو آهيان، توهان لاءِ گِري فروٽ جو جوس وٺي ٿو اچان!“

هيري چيو، ”ها پيارا، ڀلي وٺي اچ.“

مهراڻ هوٽل تي سنڌس ڪمري ۾ پهتس ته سڳا جو چيئرمن محترم ولي محمد روشن به اتي وينل هو. سڀني جوس پيتو ۽ ڪجهه ئي دير ۾ آئون اتان هنن کان موڪلائي حيدرآباد هليو آيس.

اسان جي ملاقات وري حيدرآباد ۾ سائين انور هاليپوٽي جي بنگلي تي ٿي، جتي شوڪت شورو، رفيق احمد جعفري، تاج جويو ۽ آئون به موجود هئس. انور صاحب ان ڏينهن به هنن جي وڏي خاطر تواضع ڪئي هئي ۽ چئي رهيو هو ته ”هيرا سائين! ڪٿي به رهندا، منهنجي هن گهر ۾ ئي رهندا.“

ٿوري دير ڪچهري کان پوءِ مون هنن کان موڪلايو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ملڻ لاءِ چئي موٽيس. صبح جو هيري نڪر جو فون آيو ته، ”يار موهن! ڪٿي آهين، جلدي اچ. اسان ته سويل اُٿڻ جا عادي آهيون.“



ڪيس چيم، ”ها سائين، آئون اچان ٿو.“ اتي ويس ته اهي اڃ ئي سنيريل هئا.

هيرو نڪر چوڻ لڳو، ”موهن! سائين ابراهيم جويي ۽ نواب بشير لغاريءَ سان ملاقات ڪرڻي آهي، هل ته انهن سان ملي اچون.“

”ها سائين، ڀلي هلو، جويو صاحب به بستري تي پيل آهي. هوءَ به توهان کي ڏسي خوش ٿيندو.“ ۽ پوءِ اسان ٽيئي انور هاليپوٽي پاران ڏنل نئين ڪرولا ڪار ۾ سوار ٿي سڌو پهرين نواب بشير لغاريءَ سان ملڻ وياسين. نواب بشير جي در تي پهتاسين ته گهنٽي وڄائيسين، اندران ڪُتي جي ڀؤنڪڻ جو آواز آيو، ان کانپوءِ نواب بشير پاڻ نڪري آيو ۽ ڪُتي کي هڪل ڪري پري ڪيو. هو وڏي اُڪير سان هيري نڪر ۽ جيني للواڻيءَ سان مليو. اندر ڊرائينگ روم ۾ ويناسين ته ڪچهري شروع ڪري ڏني ۽ پراڻن دوستن کي پيئي ياد ڪيائون، نواب بشير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اسان کي ڇڏي ئي نه پيو. هيري نڪر چيو:

”بشير صاحب، وقت ٿورو آهي، سائين ابراهيم جويي سان به ملاقات ڪرڻي آهي، ھُن جي طبيعت به ٺيڪ نه آهي، اُتي وڃڻ ضروري آهي ۽ اڄ ئي واپس ڪراچي وڃڻو آهي.“

وڏي مشڪل کانپوءِ نواب بشير صاحب اجازت ڏني پر هن جي دل جهڙوڪ اڌوري رهجي وئي هجي ۽ اسان اتان هليا وياسين. رستي تي هيري نڪر پنهنجي ڳوٺ ”ٿري مان هڪ ڪاڄو جو پڪيٽ، سنڌس لکيل ڪتاب ”انڊلٺ“ ۽ ڊاڪٽر جيني للواڻيءَ به احمدآباد مان آندل ”ڦوٽا“ هڪ ٿيلهيءَ ۾ وجهي منهنجي حوالي ڪيا. اهو هنن جو پيار، قرب ۽ حجت هئي جو ائين ڪري رهيا هئا، هو پنهنجائپ جو احساس ڏياري رهيا هئا. هاڻي ڪار جي رفتار جهڪي ٿي ۽ سائين محمد ابراهيم جويي جي گهر اڳيان اچي بيهي رهي. گهنٽي وڄائي ته چوڪيدار اندران ئي پيو ڳالهائي ۽ دروازو کولي ئي نه پيو، محسن جويي کي فون ڪيا، تاج جويي سان ڳالهايو پر همراهه اسان جي هڪ به نه پيو ٻڌي، نيٺ هيري نڪر ھُن کي چيو:

”يار، اسين دهلي پارت کان آيا آهيون، صرف هڪ منٽ ملاقات ڪنداسين ۽ وڌيڪ نه ويهنداسون.“

چوڪيدار چيون، ”سائين، مون کي ملاقات لاءِ صفا منع ٿيل آهي، سائينءَ هينئر دوا کاڌي آهي، صاحب چون ٿا ته ڪير به اچي، اُن کي نه ملايو.“

هيرو نڪر چوڻ لڳو، ”منهنجا پيارا، منهنجا دلبرا! اسان هڪ منٽ کان مٿي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ويهون تہ پوءِ تون پلي اسان کي چئجانءِ.‘‘

نيٺ همراهہ ٿورو ڍرو ٿيو ۽ اسان کي وڏي مشڪلات سان اندر اچڻ ڏنو. اندر ڪمري ۾ وڃون تہ سائين ابراهيم جويو آرام ڪري رهيو هو، ٿورو آواز ٿيو تہ جاڳي پيو. ھُن اسان کي ڏسي يڪدم سڃاڻي ورتو:

’’اڙي يار هيرا، ڀلي ڪري آيا، ڀلي ڪري آيا.‘‘

سائين ابراهيم جويي جي ٿوري ڏاڙهي بہ وڌيل نظر اچي رهي هئي، ائين مون هن کي ڪڏهن بہ ائين نہ ڏٺو هو. هاڻ هيري نڪرکي ڏسان تہ هن سائين ابراهيم جي پيرن تي هٿ رکي ڇڏيا ۽ پوءِ ٻانهون ٻڌي احترام منجهان سامهون بيهي روئڻهارڪي انداز ۾ چيو:

’’سائين توهان اسان جا وڏا آهيون، زندگيءَ جا ميلا آهن، وري ملون يا نہ ملون، هاڻ توهان اسان کي آشيرواد ڏيو تہ واپس وڃون ٿا.‘‘

تنهن تي سائين ابراهيم جويو چوڻ لڳو، ’’هيرا، تون ڪٿي ٿو وڃين، ٿوري دير ويهہ. تہ ڪريون ڪچهري.‘‘

هيري نڪرچيو، ’’سائين ٻاهرئين همراهہ سان واعدو ڪري آيا آهيون، انهيءَ کي بہ پاڙڻو آهي ۽ هاڻ توهان ڀلي آرام ڪريو.‘‘

سائين ابراهيم ڏسڻ لڳو ۽ هن سان سيئي هٿ ٻڌي موڪلائڻ لڳاسين ۽ ان وقت آئون ائين ڀاسڻ لڳس چڻ:

’’دوستي ايسا ناتا، جو سوني سي بهي مهنگا، ڪبهي ڍونڍي نهين پاتا.‘‘ ۽ پوءِ اسان سڌو پنهنجي ڪويتا پبليڪشن جي آفيس آياسين. سنڌي ادب جو نوجوان ڪهاڻيڪار عباس ڪوريجو بہ ملي ويو تہ ھُن بہ پنهنجو نئون ڪهاڻيءَ جو ڪتاب تحفي طور ڏنو. هيري نڪرکي ڪرنسي تبديل ڪرائڻي هئي، سو هو ۽ عباس ڪوريجو موٽرسائيڪل تي چڙهي مني چينجروٽ چوڪي گهٽي ڏانهن هليا ويا. آئون ۽ ڊاڪٽر جينو لالواڻي آفيس ۾ ويٺا رهياسين. هيرو نڪر ۽ عباس ڪوريجو واپس وريا تہ هنن منهنجي پٽ روهن سان فوٽو ڪڍرايا ۽ چانهہ جو دؤر بہ هليو، هوڏانهن انور هاليپوٽو صاحب بہ انتظار ڪري رهيو هو. اتي وياسين تہ ھُن چيو تہ، ’’هتي ويجهو ئي انڊس هوٽل وٽ پِزا هٽ آهي، اچ هلو تہ پِزا ٿا کائون.‘‘

سيني گڏجي پِزا سان لنچ ڪئي ۽ مون هنن کان اُتان ئي موڪلايو، ڇوجو هنن کي ڪراچيءَ وڃڻو هو ۽ ٻئي ڏينهن جي فلائيٽ هئي.



books.sindhsalamat.com

اسان اڪثر هيري نڪرکي ياد پيا ڪندا رهندا آهيون، هن جو ريڊيو تي خبرون پڙهڻ وارو انداز تہ بلڪل الڳ ڍنگ جو آهي. ھُن جا سنڌ ۾ ان انوکي آواز جا ڪيترائي مداح آهن.

----

هڪڙي ڏينهن مون فون تي سائين هيري نڪرکي چيو:

’’سائين! هاڻ توهان پنهنجي آتم ڪٿا ڇونہ ٿا لکو!؟‘‘

هيرو نڪرچوڻ لڳو، ’’ها پيارا ضرور لکندس. منهنجي ماءُ جون يادگيريون آهن جيڪي اڪثر ياد ايندیون آهن، منهنجي وڏي ڀيڻ جيڪا هاڻ ئي مُمبئي ۾ ديهانت ڪري ويئي آهي، ھُن بہ جهڙوڪ اسان کي ماءُ وانگر پاليو هو. ها آئون پنهنجون يادگيريون ضرور لکندس.‘‘

چيم، ’’سائين اها ڪيڏي نہ اسان جي خوشنصيبي ٿيندي، جو توهان ان وقت جون حيدرآباد ۾ گهاريل گهڙيون ۽ وڏڙن جون ڳالهيون شيئر ڪندا تہ اهو اسان لاءِ اهم رهندو، ڇوتہ ان کان پوءِ واري ٽهيءَ تہ اهي ڏينهن ڏٺا بہ ڪونہ آهن ۽ نہ وري اهو ساڳيو وقت ايندو.‘‘

۽ پوءِ فون تي ھُن جو آواز ٿورو جهڪو ٿي ويو ۽ هوُ روئي پيو هو. ائين هن جي من جو پاڻي ٽِم ٽِم ٿي ڪِرڻ لڳو هو ۽ وري هن جي دل کي آٿت ڏني هئي تہ وري اڌ روئڻهارڪي آواز ۾ چوڻ لڳو:

’’آئون اسڪول ۾ پڙهندو هئس تہ ڪلاس ۾ ڊرائينگ جا رنگين چاڪ وٺڻ لاءِ پئسا نہ هئا. ڇوتہ هر شاگرد پهنجي واري اچڻ تي چاڪ وٺي ايندو هو، اها اُن وقت ڪلاس ۾ ذميواري رکيل هئي. چاڪ نہ وٺي اچڻ جي صورت ۾ اُستاد جي مار جو ايڏو ڊپ هئو، جو آئون جيستائين چاڪ نہ وٺي ويس تيستائين اِسڪول نہ ويس. نيٺ منهنجي ماءُ پنهنجا سونا ڪنگڻ وڪڻڻ لاءِ سوناري وٽ کڻي ويئي. انهن پئسن مان سڀ کان پهرين مون کي چاڪن جو باڪس وٺي ڏنو، تڏهن ئي آئون اسڪول ويس. ورهاڱي کان پوءِ بہ اسان ڪئين للها چاڙها ڏٺا. جنهن کي ياد ڪريون ٿا تہ دل ڏري ٿي پوي.‘‘

پاڻ کي سنڀالي وري چوڻ لڳو، ’’جيئن ريٽا شهاڻي، لڇمڻ ڪومل کان پنهنجي آتم ڪٿا جا پنا لکرايا آهن. تيئن تون بہ مون کان آتم ڪٿا لکرائيندين ۽ آئون ضرور لکندس.‘‘

ڪيس چيم، ’’سائين اها تہ اسان جي خوشنصيبي هوندي.‘‘

---

هڪ دفعي حشو ڪيولراماڻي ۽ ريٽا شهاڻيءَ تي مضمون لکڻ لاءِ چيم تہ هن



www.sindhsalamat.com

اهي بہ جلدي لکي ڏنا، جيڪي لاڳاپيل ڪتابن ۾ ڇپجي چڪا آهن.

٢٠١٩ع ۾ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي پاران هيري ٺڪر جي شخصيت تي لکيل ڪتاب ”هيرو ٺڪر“ ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي ان ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي چيو هو، ”يار موهن، هيري ٺڪر جي ڪتاب جو ٽائيٽل تون ناهي ڏي.“

چيم: ”ها سائين، ضرور.“

پوءِ جڏهن ٽائيٽل ناهي ان جو اميج هيري ٺڪر ڏانهن موڪليم تہ چوڻ لڳو، ”يار ٽائيٽل تہ واهہ جو آهي!“

چيم: ”سائين توهان کي سٺو لڳو تہ ٻيو اسان کي ڇا کپي! ڀلا، توهان کي اها خبر آهي تہ ان جو بئڪ گرائونڊ ڪهڙي هنڌ جو آهي!؟“

هو يڪدم چوڻ لڳو: ”ها، اهو ڪينجهر ڍنڍ جو آهي.“

آئون حيران ٿيس تہ انهيءَ هنڌ جو نظارو يا تہ هو پاڻ ڏسي چڪو آهي يا ھُن اهڙو فوٽو ڪٿي ڏٺو آهي. پوءِ اها ڳالهہ تڏهن صحيح ثابت ٿي، جڏهن ياد آيو تہ آئون شوڪت حسين شوري، مدد علي سنڌي، نصير مرزا، قاضي خادم، نفيس احمد ناشاد، حافظ انڊڙ ۽ ٻين دوستن سان انهيءَ ڪينجهڙ ريسورٽ تي ويا هئاسين تہ بلڪل اهو ئي ساڳيو هنڌ هو، اها ڳالهہ مون سائين شوڪت حسين شوري سان ڪئي تہ هو چوڻ لڳ: ”ها، هي اهوئي ساڳيو هنڌ آهي، جتي هيري ٺڪر جگديش لڇاڻيءَ کي وٺي آيا هئاسين. موهن! تون بہ هتي ويهہ تہ آئون تنهنجو بہ هتي فوٽو ڪڍي وٺان.“ اهو يادگار فوٽو مون وٽ اڃا بہ سنڀاليل آهي.

ٽائيٽل بابت ڪينجهر تي ڳالهہ پئي هلي تہ هيري ٺڪر مون کي فون تي ٻڌائڻ لڳو:

”يار موهن! منهنجي ماءُ لڇمي ٻائي جڏهن بہ ڪا سهڻي نوجوان ڇوڪري ڏسندي هئي تہ کيس چوندي هئي. ”تون تہ ڪا صفا ڪينجهر پئي لڳين ڪينجهر!“

ھُن وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ وري چوڻ لڳو، ”هاڻ اهو ٽائيٽل بہ مون کي ماءُ جي ياد ڏياريندو رهندو.“

----

سال ٢٠١٨ع جي ڳالهہ آهي. ٽنڊي محمد خان مان قاضي فدا حسين ميمڻ، روٽري ڪلب پاران مرضن جي علاج خاطر بينگلور وڃي رهيو هو. هن کي چيم، ”يار فدا،



دهلي وڃين تہ ٻہ ٽي ڪتاب آهن، جيڪي هيري ٺڪر صاحب کي پهچائڻا آهن!“

قاضي فدا چوڻ لڳو: ”ها ڀلي ڏيئي ڇڏ، پر آئون هتي ٽي چار ڪلاڪ هوندس.“

مون هن کي ڪجهہ ڪتاب ڏنا ۽ هو وڃي دهلي پهتو. صبح جو اٺيس تہ هيرو ٺڪر صاحب جون ٽي چار مسڊ ڪالون لڳيون پيون هيون. سمجهيم تہ هن کي ڪتاب ملي ويا هوندا. پر ان کان اڳ قاضي فدا کي ڪال ڪيم تہ خبر پئي تہ هو تہ رات جو ٣ وڳي ٺي دهلي مان بئنگلور نڪري ويو هو ۽ پوءِ فون بند ڪري اچي سمهي رهيو هو. پوءِ هيري ٺڪر صاحب کي فون ڪيم تہ ”سائين! قاضي صاحب بئنگلور لاءِ رات ٺي نڪري چڪا آهن ۽ هاڻ هو واپسيءَ تي توهان سان ملندا.“

هيرو چوڻ لڳو: ”يار، آئون صبح ساڍ ٺي اٿي، هن لاءِ ڇپو ڇوڙو ۽ منائي کڻي ويو هئس پر هاڻ واپس گهر اچي ويو آهيان، موبائيل فون پنهنجي پير ۾ رکي اٿم تہ متان هن جي ڪال اچي وڃي.“

چيم: ”سائين خير آهي، واپسيءَ ۾ هو توهان سان ضرور ملندو.“

قاضي فدا جڏهن ڏهن ٻارهن ڏينهن ڪانپوءِ واپسيءَ تي دهلي پهتو تہ هن جي هيري ٺڪر سان ملاقات ٿي ۽ هن پنهنجا ڪجهہ ڪتاب بہ مون کي ڏياري موڪليا ۽ ڏياري جي موقعي تي منائي بہ تحفي طور موڪلي ڏني. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ قاضي فدا جو صبح ساڻ فون آيو تہ ”آئون حيدرآباد پهچي ويو آهيان.“ آئون هن سان مليس تہ هن مونکي ڪتاب ۽ منائي صحيح سلامت پهچائي اهو ڏياريءَ جو ڏينهن هو. سوچيم تہ اڄ ڏياريءَ جي ڏينهن هيري ٺڪر جون واڌايون ۽ شڀ ڪامنائون بہ واٽس ايپ ذريعي ملي چڪيون هيون. منهن منو ڪرڻ لاءِ منائي بہ پهتي هئي. ڊائبيٽڪ هئڻ جي باوجود بہ منائي کي چکيم ۽ خبر پئي تہ اُن ۾ کيڏي نہ مناس هئي. پنهنجي گهر وارن، ٻارن ۽ ملازمن کي بہ اها منائي کائڻ نصيب ٿي. اها کيڏي نہ اُڪير مان موڪليل منائي هئي. هن جا موڪليل ڪتاب وقفي سان پڙهندو رهندو آهيان.

سائين هيرو ٺڪر هڪ وڏو اسڪالر، نقاد، شاعر، ترجمي نگار، مقرر ۽ نيوز ريڊر طور مشهور آهي. آئون سندس وڏي ڄمار ماڻڻ لاءِ دعاگو آهيان تہ هو اسان سڀني لاءِ خوشيون وکيريندو رهي ۽ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ پنهنجو يوگدان نِروار ڪندو رهي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# هيري وانگر هند ۽ سنڌ ۾ چمڪندڙ - هيرو ٺڪر

**- سرواڻ سنڌي**

نج تخليقڪار جي لاءِ اها ڳالهه آڏو ناهي ايندي ته ٻيو تخليقڪار ڪي پاڻ جهڙو سمجهي ٿو، پاڻ جيڏو سمجهي ٿو ۽ ان کي پيارڏي ٿو ۽ مان سمان ڏئي ٿو، سائين هيرو ٺڪر کي آئون سدائين هند ۽ سنڌ جو هيرو ڪري لکندو ۽ پڪاريندو آهيان، توڻي جو سائين ۽ منهنجي عمر ۾ الائي ته ڪيترن سالن جو فرق آهي؟؟ سائين هيري ٺڪر جو ادبي سفر منهنجي پوري ڄمارکان وڏيڪ آهي. هن جڏهن

روز نه ايندين هڙيون راتيون
رحم اسان تي ڪاءِ
سڄڻ ! تون هاڻ ته موٽي آءُ

وائي لکي هئي ته ان وقت شايد منهنجي والد جو جنم ٿيو هو ۽ اسان جو پري پري تائين ڪو نالو نشان به نه هو پر جڏهن مون لکڻ شروع ڪيو ۽ شيون سائين هيري ٺڪر تائين پهتيون ته هن جيڪو پيار، مان ۽ مرتبو ڏنو اهو شايد ڪنهن نج تخليقڪار کان ئي ملي سگهي ٿو جيڪو ايڏو وڏو سفر ڪري آيو هجي ۽ جنهن جي جهول ڏات سان ڀريل هجي ۽ جيڪو پاڻ پنهنجي ذات ۾ ايڏو ته قداور هجي جو ڪوڙ سارا سندس ڇانوَ ۾ ساهي پٽڻ جا خواهشمند هجن. مون کي خوشي آهي ته آئون سائين جي ڇانو سدائين محسوس ڪندو آهيان ۽ هو ڀلي ڪٽي سرحد جي هن پار آهي پر مون کان پري نه آهي.

هيرو ٺڪر صاحب جڏهن سرحد جي هن پار اسان ڏي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي لاءِ ڪيترائي سال اڳ آيو هو ته مون ريڊيو پاڪستان اسلام آباد تان سندس انٽرويو ڪيو هو ۽ جڏهن هوا جي ذريعي اهو انٽرويو ڪيترن ئي ماڻهن تائين پهتو هو ته ماڻهن فون ڪري سائين کان سوال ڪيا هئا ۽ سندس زندگي ۽ ادبي حوالي سان ڪوڙ سارا سوال پڇيا هئا ۽ منهنجي زندگي جو سيني کان اهو هڪ يادگار انٽرويو هو جنهن ۾ اسان سرحد جي ٻنهي طرفن جي ادب تي کليءَ طرح ڳالهايو هو ۽ سائين پنهنجي تجربي سان ڳچ ساريون شيون شيئر ڪيون هيون. لڇمڻ ڪومل کان ويندي ايم. ڪمل، واسديو موهي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز، تاجل بيوس، تاج بلوچ سميت ڪيترن ئي اديبن جي زندگي ۽ ادب جي حوالي سان ڳالهايو هو. اها رڪارڊنگ شايد اڄ به مون وٽ موجود آهي. زندگي ۽ وقت ساٿ ڏنو ته ضرور اُن کي شڪل ۾ ئي ڪتي ڇپرايندس.



هيرو ٺڪر نه رڳو قداور شخصيت آهي پر هو قداور شاعر به آهي. آئون جڏهن به سنسدس هي غزل :

حوالو منهنجو هر تنهنجي حوالي سان جڙيل آهي.
چون ٿا منهنجو نالو تنهنجي نالي سان جڙيل آهي
مان گم ٿيل ڪنجي آهيان ڪٽ چڙهيل ڪنهن ڪنڌ ۾ پيو آهيان
۽ نسبت پوءِ به منهنجي پنهنجي تالي سان جڙيل آهي
سڦلتائن سان منهنجي رشڪ جي ڪن ٿا سي ڇا ڄاڻن
ته منهنجي هر سڦلتا ڪنهن ڪشالي سان جڙيل آهي
زمانو جيئن ڪري ٽوڙڻ جي تيئن مضبوط بڻجي ٿو
جو رشتو پنهنجي ڪنهن اهڙي مصالحي سان جڙيل آهي
پياريو پريم سان ساقيءَ ڀري ڪو ان طرح پيالو
جو پنهنجو لب اڃا تائين به پيالي سان جڙيل آهي
جي منهنجي اشڪ ۾ ڏسندين ته پنهنجو عڪس ئي ڏسندين
جو تنهنجو عڪس ئي هن اشڪ آلي سان جڙيل آهي
مون در در تان ڌڪا کائي اتي آرام پاتو آهي
سڪون اهڙو ڀٽائيءَ جي رسالي سان جڙيل آهي

منهنجي خيال ۾ هڪ شاعر جي هڪ تخليق ئي گهڻن ديوانن ۽ ڪتابن تي ڀاري هوندي آهي ۽ هيري ٺڪر صاحب جو هي غزل جنهن ۾ سڄي زندگي جي ڪٿ پيش ڪيل آهي، گهڻن جي تخليقن تي ايترو ته ڀاري آهي جو ڪير ڪيتري به ڪوشش ڪري هن غزل جي هر بند کان اڳ ڪڏي نه سگهندو. تڪليفن، مشڪلاتن ۽ مڇتائن کان منهن موڙيندڙن ۽ مڇتاء نه ڏيندڙن جي ڪيڏي نه خوبصورت انداز ۾ منظر ڪشي ڪئي وئي آهي. هي غزل به اسان جي ڄمار کان اللهي سال وڏو آهي پر ڇا ڪير هن کي پڙهندي ائين محسوس ڪندو ته هي غزل هيئنر تازو ناهي لکيو ويو. سدا بهار شاعري ۽ تخليقن جي اها ئي خوبصورتي هوندي آهي جو اهي ڪڏهن به جهونيون ناهن ٿينديون ۽ اهي جنهن وقت به توهان پڙهندوَ ته اُهي نئين نسل جي وارتا ۽ قصو محسوس ٿينديون. مون مٿي جنهن وائي جو حوالو ڏنو آهي اها وائي به جڻ ته اڄ جي ڳالهه آهي اڄ جو موضوع آهي ۽ اڄ جي تانگهه آهي ۽ اهو اسلوب صفا جديد آهي ۽ جنهن دور ۾ اها وائي لکي وئي اُن دور ۾ ته اهو ڊڪشن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هو ٿي نہ ان وقت تہ الائي تہ ڪهڙا ڪهڙا هٿوڙا هنيا ويندا هئا جيڪي پڙهڻ وقت مٿي ۾ لڳندا هئا پر ڪيڏو نہ خوبصورت احساس آهي جو هڪ وائي جڏهن لکي وئي هوندي تہ اُن وقت ڪيس ڪيتري نہ موٽ ملي هوندي ۽ هيري نڪر جي هر طرف واهہ واهہ ٿي هوندي جو هن ايڏي خوبصورت وائي لکي آهي.

شايد اها ئي ڳالهہ آهي جو ڪيس اڄ بہ جدت سان پيار آهي. هو جڏهن بہ ڪا خوبصورت جديد شيءِ ڏسندو آهي تہ فوري طور تي پنهنجي راءِ ڏيندو آهي ۽ اها راءِ ايتري تہ پيرائتي ۽ پياري هوندي آهي جو هر تخليقڪارُن راءِ تي فخر محسوس ڪندو آهي. منهنجي سائين هيري نڪر سان ڪابہ ملاقات نہ آهي پر سندس پيار ايترو تہ گهرو آهي جو ائين لڳندو آهي تہ اسان جڻ ازل کان هڪ ٻئي سان گڏ آهيون بس اهو پيارُ تخليق جو رشتو اهي ۽ تخليقڪار ڪڏهن بہ ذات پات جي دائرن ۽ قلعن ڪوٺن ۾ قيد ٿي هڪ ٻئي کان پري نٿا رهي سگهن پلي کڻي اسان سرحد جي آرپار آهيون پر احساس هر وقت گڏ آهن. تخليق سرحدن کي ناهي ڏسندي پيار سرحدن جو محتاج ناهي، بس ڌرتي تي ليڪ ڏيڻ سان ڪير بہ ڪنهن کي جدا نٿو ڪري سگهي ۽ شايد اسان جو پيار بہ ائين ئي آهي جيڪو ڪڏهن بہ ڪنهن رنڊڪ ۽ ڪنهن بہ ٽئين ڌر جي ڪوشش سان گهٽ ٿيڻ جهڙو ناهي ۽ هي پيار زندگي جي آخر تائين ائين جو ائين هلڻو آهي.

منهنجي ٻنهي شاعريءَ جي ڪتابن ”هنج نہ آيا هيل“ ۽ ”مُند بنا موتيا“ ڀارت جي سنڌي اديبن وٽ سائين هيرو نڪر پنهنجي هٿن سان ڏنا ۽ پهرئين ڪتاب جي مهورت بہ سائين پاڻ نئين دهليءَ ۾ ڪئي، اهو مٿس سندس نالي جو اثر آهي جو هو اندران ۽ ٻاهران هيري وانگر چڪندڙ آهي ۽ ان لاءِ ئي نہ تہ سندس دل ۾ ڪو ڪٽ آهي ۽ نہ وري ڪو ڪنهن سان ساڙ آهي ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ هوُ مونکان وڌيڪ روميسا سان پيار ٿو ڪري ۽ سدائين پهريون سوال روميسا لاءِ ئي ڪندو آهي، اهو سندس اڻ ميو پيار آهي، جو هوُ اسان جي دلين ۾ وسي ٿو ۽ دلين مان ڪڏهن نڪري بہ نہ سگهندو، هند جا دوست خوشنصيب آهن جو انهن وٽ اڄ بہ سائين هيرو نڪر جهڙا ناياب هيرا موجود آهن، انهن نوجوان دوستن کي گهر جي تہ اهي جيترو ٿي سگهي اوترو گهڻو لاڀ پرائين، ٻوليءَ جي لاءِ جاکوڙين، ادب جي آبياري لاءِ سائين وارن کان رهنمائي حاصل ڪن، وقت گذرندي ويرم ٿي ناهي لڳندي پر جي ڪنهن سڪڻ ۾ دير ڪئي تہ پوءِ هوُ هٿ ملندو رهجي ويندو، اسان جي دعا آهي تہ سائين هيرو نڪر جي ڇانوَ اسان جي مٿان ائين ئي قائم رهي!!!



# هيرو نڪرءِ سندس ادبي سفر

- ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي

ساهتيہ اَڪادميءَ طرفان رابيندرڀون، نئي دهليءَ ۾ ٻارهين فيبروري ۲۰۱۱ تي، جمعي ڏينهن شام جو هڪ پروگرام رکيو ويو هو. اُن جو نالو هو. ”منهنجيءَ دريءَ مان“ اُنهيءَ ۾ سنڌيءَ جي مشهور مُحقق ۽ نقاد شري هيري نُڪر جي زندگيءَ ۽ سندس اَدبي رچنائن تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي روشني وڌي. اُنهيءَ جو سارُ هتي پيش ڪجي ٿو.)

اَدب جي کيتر ۾ پنهنجي ساٿيءَ هيري نُڪر جي جڏهن ڪابہ نئين رچنا ڏسندو آهيان، تہ هڪدم منهنجو ڌيان ماضيءَ طرف ڇڪجي ويندو آهي. ساهتيہ جي کيتر ۾ هُن چڱو ڊگهو فاصلو طئہ ڪيو آهي. گهڻيئي منزلون ڪاميابيءَ سان پار ڪيون آهن. هر هڪ منزل تي هو وڌيڪ ۽ وڌيڪ آب ۽ تاب سان چمڪندو رهيو آهي. واقعي جهڙو اَٿس نالو، تهڙا اَٿس گڻ، هيءُ هڪ اَهڙو مٽيادار هيرو آهي، جنهن جي چمڪ دمڪ هند-سنڌ ۽ ٻين مُلڪن ۾ دور دور تائين ڦهلجي چڪي آهي، هُن جي اَدبي خدمتن جي قدرشناسي ڪريُ ڪيس گهڻيئي اِنعام-اِڪرام عطا ڪيا ويا آهن.

هيري جو جنم ۲ مارچ ۱۹۴۳ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. زندگيءَ جا چار سال ڪِلندي-ڪُڏندي مس پورا ڪيا هئائين تہ مُلڪ جو ورهاڱو ٿيو. وچولي طبقي واري ڪٽنب تي مصيبتن جا پهاڙ ٽُٽي پيا. اَنَ ڀاتين جو ڪٽنب، هڙ ۾ ناڻو نالي ماتر، هيري جو پتا صاحب جيناللال نُڪراُ وقت جي حالتن کان مجبور ٿي، مارچ ۱۹۴۸ع ڌاري سنڌ مان پنهنجي پريوار سميت اُٿڙجي نڪتو. هڪ اَجنبي ڀونءِ تي جوڌپور، جئپور وغيره شهرن ۾ ڀٽڪندو، نيٺ ۱۹۵۰ع ڌاري، مُمبئيءَ ويجهو، پناهگيرن کي وري وسائڻ لاءِ برپا ڪيل ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اَچي ٽاٽو نڪاٽو ڪيائين. اُتي تسلي بخش ڪوبہ روزگار نہ مليس تہ ٻارن کي ڪلياڻ ۾ ڇڏي، پاڻ ناگپور ويجهو ’چاندا‘ نالي شهر ۾ چاليهہ روپيا ماهياني پگهار تي وڃي نوڪري ڪرڻ لڳو.

ڪلياڻ ڪئمپ ۾ هيري کي هڪ سنڌي اِسڪول ۾ داخلا ملي ويئي. ماڻس گهر خرچ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪپڙن جي سِلائيءَ جو ڪم شروع ڪيو. هوڏانهن هيرو بہ اِسڪول مان ٿي، ڏهن-ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪجهہ ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ ٽرماس ۾ ڪلفيون وجهي اُهي ۽ ڪٽمنڙا ۽ جواهري گوليون وڪڻڻ لڳو. اَچانڪ اُنهن ڏينهن ۾ سندس ننڍي ڀيڻ ليلان ڪاليرا جي بيماريءَ وگهي ساسين سُڪالي ٿي. اِن جو هيري



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪي ايترو تہ ڏڪو رسيو، جو هو گُم سُم رهڻ لڳو. ڪجھہ بہ مِنو نہ لڳندو هوس. هيرو اُهي ڏينهن ياد ڪندي لکي ٿو، ”ليلان سان گڏ منهنجيون خوشيون بہ مري ويون. هُن جو موت مون کان منهنجون ساڊارڻ ۽ غريباڻيون رانديون، اِٽي ڏڪر، گولين (بلورن) جي راند ۽ ڦيٿو جنهن کي ڦيرائيندي مان ڊوڙندو هوس، سي بہ کسي ويو. هاڻي مان بي-مَنو اِسڪول تہ پيو ويندو هوس، پر اُتي خالي خالي نگاهن سان هيڏانهن هوڏانهن پيو واجهائيندو هوس، ۽ اِسڪول مان واپس گھر اَچڻ تي گهٽو ڪري کُنڊ وٺي پيو هوندو هوس. موت جي اُداسي دماغ تي ڇانئجي ويئي هئي ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ موت بابت، بيمارين بابت، زندگيءَ ۽ پاڻ بابت ۽ آس پاس جي حالتن بابت سوچيندو رهندو هوس. رات جو بہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ آسمان ۾ تارن ۾ پنهنجي پيڻ ليلان کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هوس. آخرڪار اَهڙين پريشان ڪندڙ حالتن کان تنگ ٿي مون ڪتابن جو سهارو ورتو.“

اِنڊلٺ، ”فنا ٿيڻ کان بچائي ورتو ساهتيہ...ص.٩)

اُن زماني ۾ سنڌيءَ ۾ بال-ساهتيہ چڱو ئي شايع ٿيندو هو. هيرو اِسڪول جي لائبريءَ مان ڪتاب وٺي ايندو هو ۽ هڪ ڏينهن ۾ ئي ڪتاب پڙهي پورو ڪندو هو. هو اڳتي لکي ٿو تہ ”ڌيري ڌيري منهنجي اُداسائيءَ ۽ اَڪيلائپ کي ڪتابن ڇڻ مات ڪري ڇڏيو. هاڻي منهنجو اِسڪول ۾ ۽ ٻين ڪمن ۾ بہ نئين سِر من لڳڻ لڳو. ورهاڱي سبب ڏنل مصيبتن ۽ ليلان جي مرتيوءَ سبب پيدا ٿيل درد ۽ پيڙا سبب منهنجو من چڻ تہ ڪجھہ اِظهار پائڻ، مُک مان ڪجھہ ٻولڻ لاءِ وياڪل ٿي پيو هو. مان ڪجھہ چوڻ، پنهنجي من جي اَرمانن ۽ اُڌمن کي اِظهار ڏيڻ لاءِ آتر ٿي پيس. پنهنجن احساسن ۽ اُڌمن کي اظهار ڏيڻ لاءِ مون ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون لکڻ جو سهارو ورتو.“ (اِنڊلٺ، ص. ١٠)

اِن طرح ڏسجي تہ پندرهن کن سالن جي عمر ۾ ئي هيري سنڌي ساهتيہ جو ايتري قدر تہ مطالعو ڪيو، جو ڪيس پختي ٻوليءَ ۽ سهڻي عبارت ۾ لکڻ تي چڱي دسترس حاصل ٿي ويئي. سال ١٩٥٨ع ۾ سندس لکيل ڪجھہ ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون، ممبئيءَ مان شايع ٿيندڙ مشهور هفتيوار مخزن ’هندواسي‘ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيون. اُن عمر ۾ هيري جي هوشياريءَ ۽ ذهانت جي گواهي، سندس اُستاد نارايڻ پارتيءَ بہ پنهنجي يادگيرين ۾ ڏني آهي. ”منهنجو وديارٿي....منهنجو دوست....منهنجو پيارو“ مضمون ۾ پارتي لکي ٿو، ”سال ١٩٥٨. مان درجي ڏهين ۾ سنڌيءَ جو پيرڊ



ونڻ ويس. اُهو ڏينهن اُن اِسڪول ۾ نوڪريءَ جو منهنجو پهريون ڏينهن هو. هڪ ٻن ماسترن کان سواءِ ڪوبہ واقف ڪونہ هو. مان بہ فقط ايس.ايس.سي. پاس هوس، ڪلاس ۾ هڪ وديارٿي ننڍي قد جو سنهڙو سيپڪ، ڪٽڪ رنگ، خاڪي نڪر ۽ سفيد قميس پاتل (اِها اسڪول يونيفارن هئي) هڪ سوال پڇيو، پهرين تہ مان سوال ٻڌي وائڙو ٿي ويس. هيڏڙو پتڪڙو ڇوڪرو ۽ هيڏو وڏو سوال، سو بہ اسڪولي ڪتابي ڪورس کان ٻاهر جو، پر عزت رهجي آئي، جو ننڍي کان ئي وٺي پڙهڻ جي عادت اٿم ۽ جو سوال هُن ڇوڪري پڇيو سو سنڌي اَدب جي تاريخ سان واسطو رکندڙ هو. مون جواب ڏنو، ڇوڪرو چپ ٿي ويو.

بس اُهو ڏينهن، اُهو شينهن. اُهو ڇوڪرو منهنجو پيارو وديارٿي بڻجي ويو ۽ اُهو ڇوڪرو هو هيرو ٺڪر، مان هُن ڇوڪري جي ڪري ئي ڪلاس ۾ جيڪي پڙهائڻو هوندو هو، اُن جي پوري پوري تياري ڪري ويندو هوس تہ متان ڪو وديارٿي هيري ٺڪر جيان ڪو ٻيو سوال اَهڙو نہ ڪري، جنهن جو جواب ڏيڻ ۾ لاچار ٿي پوان.“
(ڪوُنج، هيرو ٺڪر خاص پرچو. سيپٽيمبر ٢٠٠١)

هيري ٺڪر ١٩٦٠ع سيڪنڊري اِسڪول سرٽيفڪيٽ اِمتحان پاس ڪري، اُنهيءَ سنڌي اِسڪول ۾ ئي پرائميري سيڪشن ۾ ماستري شروع ڪئي، جتي پاڻ پڙهيو هو. پنهنجي ڪٽنب ۾ هيرو پهريون ۽ وڏو پُٽ آهي. اِنڪري پڙهائي جاري رکڻ سان گڏ، گھر جو گاڏو هلائڻ ۾ بہ مدد ڪرڻ لاءِ ڪجھہ ڪمائڻ بہ هن لاءِ لازمي ٿي پيو. اِسڪول جو ٽائيم صبوح جو هوندو هو. اِنڪري اُتان فارغ ٿيڻ بعد، باقي وقت هُن آمدنيءَ جا ٻيا وسيلا هٿ ڪرڻ ۾ لڳايو. هو لکي ٿو، ”اُن دؤران مون ڪئين نوڪريون ڏنڌا ڪيا. جنهن اِسڪول ۾ پڙهندو هوس، اُن اِسڪول ۾ ماستر بہ ٿيُس. سيلسمئن بڻجي شهر-شهر ۾ مال بہ وڪيم. زالن جي بريزيئرن (باڊيز) جي فئڪٽري بہ لڳايم. هڪ ئي وقت تي ٽي-ٽي ڏنڌا بہ ڪندو هوس، تڏهن بہ ڪتابن پڙهڻ ۽ ڪجھہ لکي وٺڻ سان منهنجو ناتو جڙيل رهيو. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ بعد، رات جو جڏهن مان ڪجھہ لکي پورو ڪندو هوس، تہ هڪ اَنوکو آنند ۽ ترپتي (سُڪون) محسوس ڪندو هو. اُنهن ئي ڏينهن ۾ مون اَهڙي ڪيفيت محسوس ڪئي، جنهن کي سرجڻ جو سُک سڏي سگھجي ٿو. اُنهن ئي ڏينهن ۾ مون گهڻي ۾ گهڻيون ڪويتائون لکيون.“ (اِنڊلٺ، ص.١١).

اُن دؤر ۾ اُلهاسنگر (ڪلياڻ ڪئمپ) سنڌي اَدبي سرگرمين جو مکيہ مرڪز



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هو. گهڻيئي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار اُتي رهندا هئا، جن جون هر هفتي اَدبي گڏجاڻيون به ٿيندڙيون هيون. هيرو به اُهڙن ميڙن ۾ چستيءَ سان حصو وٺڻ لڳو ۽ پنهنجيون لکيل ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون پيش ڪرڻ لڳو. پوءِ هُن ڏٺو ته ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ سندس ڪويتائون وڌيڪ پسند ڪيون ويون. اِن تي هُن شاعريءَ طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو. هيري لکيو آهي ته پرسڌ ڪوي ۽ نقاد. شري سڳن آهوجا اَڪثر منهنجي واقفيت ڏيندي چوندو هو ته ”هيءُ نئين پيڙهيءَ جي ڪوين ۾ سڀ کان سينئر ڪوي آهي.“ نه فقط ايترو، پر نارايڻ پارٽيءَ جي اَخبار ”سنڌي ٽائيمس“ لاءِ هيرو ٺڪر خبرون هٿ ڪرڻ، اِنٽرويو وٺڻ ۽ اِشتهار ڪٺا ڪرڻ جو به ڪم ڪرڻ لڳو. مان هيري ٺڪر کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، جو پيٽ گذران لاءِ جدا جدا ڌنڌا ڪندي، اَدبي محفلن ۾ حصو وٺندي پڻ هُن پنهنجي اَڀني پڙهائي جاري رکي. مڌيه پرديش جي بورڊ مان خانگي اُميدوار طور انٽرميڊئيٽ جو اِمتحان پاس ڪيائين، ٻئي طرف راتري پاٺشالائن ۾ هنديءَ جو اَڀياس ڪري، راشٽر ڀاشا پرچار سمتي، وردا جا سڀ اِمتحان ڏيئي، راشٽرڀاشا جو آخري وڏو امتحان ”ساهتيه رتن“ به پاس ڪيائين. اِن طرح هندي ڪاويه شاستر ۽ ڇند شاستر جي اُصولن جو ڪيس سنو گيان حاصل ٿيو. شاعريءَ ۾ خاص شوق هئڻ سببان هُن هنديءَ ۾ اَنگريزيءَ جي گهڻن ئي شاعرن جو گهرائيءَ سان اَڀياس ڪيو. آخر ۾ ١٩٦٦ ۾ پونا يونيورسٽيءَ مان هندي آنرس ۾ بي.اي. جو اِمتحان به پاس ڪيائين.

**هيري سان پهرين ملاقات**

هيري ٺڪر سان سندس ڪويتائن ۽ ٻين رچنائن ذريعي مان ١٩٥٨ع ڌاري ئي واقف ٿي چڪو هوس. اُن زماني ۾ مان نوين هند هاءِ اِسڪول پوني ۾ سنسڪرت ۽ هندي پاڙهيندو هوس. ’هندواسي‘ مخزن اُن اِسڪول ۾ باقاعدي ايندي هئي، جنهن ۾ منهنجا به ليک شايع ٿيندا هئا، ته هيري جون رچنائون به ڇپيون هيون. پر هُن سان منهنجي پهرين ملاقات ١٩٦٢ع ۾ پوني ۾ ٿي. اُن سال ڀارت جي اُتر-اوڀر واري سرحدي ايراضيءَ تي چين جي فوجن حملو ڪيو هو. پنڊت جواهرلال نهرو اُن وقت ڀارت جو پرڌان منتري هو. چين جي حملي سڄي ديش ۾ نئين سِري سان ديش ڀڳتيءَ جي لهر ڦهلائي ڇڏي. فوجن هٿيارڪٽي سرحد تي پهچي، چيني حملاورن فوجن کي اَڳتي وڌڻ کان روڪيو، ته ٻئي طرف شاعرن ۽ ساهتيڪارن پنهنجي قلم کان ڪم ورتو. نوين هند هاءِ اِسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ هڪ سنڌي مشاعرو رکيو



ويو، جتي شاعرن کي قومي جذبات سان ڀرپور سنڌي شعرن پڙهڻ لاءِ نينڊ ڏني ويئي. اُنهن ۾ نوجوان شاعر هيرو ٺڪر به شامل هو. اُڻويهن کن سالن جي عمر جو ۽ قد-بُت ۾ هڪ ٻار لڳندڙ شاعر هيرو ٺڪر جڏهن اسٽيج تي اَچي، بلند آواز ۾ پنهنجا قومي گيت پڙهڻ لڳو ته سيني حاضرين جي وات مان ’واهه واهه‘ نڪري ويئي. گهڻن ئي ڪيس داد ڏنو. پوءِ ته هيري اُن زماني ۾ قومي جذبات ۽ ديش ڀڳتيءَ سان ڀرپور ٻيون به ڪجهه ڪويتائون لکيون. هُن سال ١٩٦٤ع ۾ پنهنجن لکيل قومي گيتن جو هڪ ننڍڙو مجموعو شايع ڪيو، جنهن جو نالو رکيائين ”گوليون.“ سرورق تي ڀارتي سپاهيءَ جو چتر ڏنل هو، جنهن جي هٿ ۾ بندوق هئي. هو پنهنجي ديش جي حفاظت لاءِ ۽ دشمنن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اَڳتي ۽ اَڳتي وڌي رهيو هو. جيتري قدر ڄاڻ اُتم ته سنڌي ساهت جي کيتر ۾ هيري ٺڪر جو شايع ٿيل اِهو پهريون ڪتاب آهي.

**هيري سان ٻين ملاقات**

هيري ٺڪر سان منهنجي ٻين ملاقات ٻن کن سالن بعد اُلهاسنگر ۾ ٿي. چٽيءَ طرح ياد اَٿم ته آگسٽ ١٩٦٤ع ۾ مان اُلهاسنگر جي آر.ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ هنديءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس. اِن ڪري پوني جا وڻ ڇڏي، وڃي اُلهاسنگر ۾ ٽاٽو ٽڪاٽو ڪيم. اُن سال هيري ٺڪر اُن ڪاليج ۾ بي.اي. هندي آنرس ڪورس ۾ داخلا ورتي هئي. اِن ڪورس جا ڪجهه پيپر مان پاڙهيندو هوس. اُن ساڳئي سال ۾ هڪ ڪمار اُن ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي. اُنهن ٻنهي سان منهنجي گهري دوستي ٿي ويئي. اُن زماني ۾ پڻ هيرو روزي - روٽيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڌنڌو به ڪندو هو ته گڏوگڏ بي.اي. جي پڙهائي به ڪندو هو. اِن سان گڏوگڏ سنڌيءَ جي اَدبي سرگرمين ۾ به چستيءَ سان حصو وٺندو هو. هيري مارچ ١٩٦٦ع ۾ بي.اي. جو اِمتحان ڏنو ۽ سٺين مارڪن سان پاس ٿيو. ٻئي طرف مان فيبروري ١٩٦٦ع جي پهرئين هفتي ۾ دهلي يونيورسٽيءَ جي ڀارتيه ڀاشائن واري ڀاڱي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس. اِن ڪري اُلهاسنگر جا وڻ-ٽڻ ڇڏي اَچي دهليءَ ٽاٽو ٽڪاٽو ڪيو.

قسمت کي منهنجي ۽ هيري جي جدائي ڀاءِ نه پيئي. ڏٺيءَ اَهڙو چرخو ڦيرايو، جو ڏيڍ کن سال بعد هيرو به دائمي طور اَچي دهليءَ پهتو. اِنهيءَ جي ڪهاڻي هن ريت آهي.

**هيري سان ٽين ملاقات ۽ دائمي دوستي**

ڏهين اَپريل ١٩٦٧ع تي، چيٽي چنڊ جي شُڀ ڏِڻ تي، ڀارت سرڪار سنڌي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ کي سنوڌان (جوڙجڪ) ۾ تسليم ڪيو. جيئن ته ڀارت ۾ سنڌي ٻولي، ڪنهن خاص صوبي جي ٻولي نه آهي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ ديش جي ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ ڦهليا پيا آهن، تنهن ڪري مرڪزي سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري جي ذميواري پاڻ تي کنئي. اُن جي وڪاس لاءِ جدا جدا يوجنائون شروع ڪيون ويون. اُنهن ۾ هڪ رِٿا اِها هئي ته ٻين ٻولين وانگر، آل اِنڊيا ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ به خبرون نشر ڪيون وڃن. اِن فيصلي مطابق، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندڙن ۽ خبرون پڙهندڙن جي مقرريءَ لاءِ درخواستون گهرايون ويون. ٻين آڪٽوبر ١٩٦٧ع جو ڏينهن (مهاتما گانڌيءَ جو جنم ڏينهن) سنڌيءَ ۾ خبرون نشر ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. اِنٽرويو لاءِ اَٽڪل سترڪن اُميدوار آيا هئا. اُنهن مان چند چاڻ ڪري، ٽن اُميدوارن کي سنڌي نيوز يونٽ لاءِ چونڊيو ويو. اُهي هئا- موتي پرڪاش، هريڪانت ۽ هيرو ٺڪر. موتي پرڪاش اِن يونٽ جو انچارج مقرر ٿيو، پر هو ٻن ڪن مهنن بعد استعفا ڏيئي، واپس ممبئيءَ هليو ويو. اُن بعد سنڌي نيوز يونٽ جي انچارج جي ذميواري هريڪانت کي ڏني ويئي. سنڌيءَ ۾ خبرن جو ترجمو ڪرڻ لاءِ ۽ نشر ڪرڻ لاءِ پوءِ وقت به وقت ٻيا ٻه وقتي ساٿي چونڊي تسليم ڪيا ويا.

هيري ٺڪر کي لکڻ-پڙهڻ جو شوق ته اڳيئي هو. اِن ڪري هُن آڪاش واڻيءَ ۾ نوڪري ڪندي، دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ايم.اي. هندي ڪورس ۾ داخلا ورتي. هو ڪجهه وقت بعد، سنڌي نيوز يونٽ جو انچارج به بڻيو. آخر اِن عهدي تان ٢٠٠٣ع ۾ رٽائرڊ ٿيو. اِن ڊگهي عرصي ۾ هُن مونکي به چڪي، سنڌي نيوز يونٽ ۾ ڪزيوئل آرٽسٽ طور آندو. اِن دؤر ۾ مان آڪاش واڻيءَ جي پرڏيهي وڀاڳ جي سنڌي يونٽ ۾ پڻ اَڪثر تبصرا ترجمو ڪري نشر ڪرڻ جو ڪم ڪندو هوس. دهليءَ ۾ منهنجي ۽ هيري ٺڪر جي سهڻي سات کي ٽيتاليهه کن سال ٿي چڪا آهن. اِنهيءَ ڊگهي سفر ۾ اسان ٻنهي، جدا جدا اَدبي ۽ تهذيبي ڪيترن ۾ گڏجي ڪم پئي ڪيو آهي. ڪي ساٿي دائمي وڇوڙو ڏيئي، پرماتما جي چرنن ۾ وڃي آرامي ٿيا آهن، ته ڪي ٻيا وري پنهنجا پنهنجا مطلب برثواب ٿيندا نه ڏسي، اسان کان ڪنارو ڪري ويا آهن. مان ڌڻيءَ جو شڪرگذار آهيان، جو منهنجي ۽ هيري جي دوستيءَ کي ڏُجڻن جي ٻُري نظر دهرم رسائي نه سگهي آهي.

دهليءَ ۾ دائمي طور رهائش واري اِنهيءَ ٽيتاليهن سالن جي عرصي ۾، هيري جي شخصي زندگيءَ ۾ به وڏو ڦيرو اَچي ويو آهي. سندس پتا شري جينالال ٺڪر جو



سال ١٩٧٢ع ۾ سرڳواس ٿيو ته ماتا لڇمي ٻائي به سال ٢٠٠٢ع ۾ وڃي پرماتما جي چرنن ۾ آرامي ٿي. ننڍو ڀاءُ ونود ۽ ڀينرون پنهنجي پنهنجي پريوار سان الڳ الڳ شهرن ۾ پيا رهن. هيري ١٩٧٣ع ۾ شادي ڪئي پوجا (مئنا) سان، اولاد فقط هڪ ڌيءَ پوروي، جيڪا سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي. سندس گهوٽ وڪرم جئسنگهاڻي هڪ ڪمپنيءَ ۾ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ آهي. کين ٻه پُٽ آهن. پُوراج ۽ اڏيين سنڌيت جو جذبو جيڪو هيري ۾ ننڍي هوندي کان وٺي سمايل آهي، اُهو سندس ڌيءَ ۽ ڏوهٽن کي به ورهاست ۾ مليو آهي. ڪجهه ڏينهن ٿيا ته هيري جي گهروڃڻ ٿيو. ڏنم ته هن پنهنجي ڏوهٽي کي عربي سنڌي لکاوت پئي سيکاري. اِهو جهڙا سُهڻا هيري جا آهن، تهڙائي اُن ننڍي ٻارڙي جا به آهن. پوجا جو به پنهنجي ٻوليءَ ۾ اَدب سان گهرو ناتو آهي. هوءَ وقت به وقت آڪاشواڻي نئي دهليءَ جي سنڌي ايڪسٽرنل سروس ۾ ڪئزيوئل آرٽسٽ طور ڪم به ڪندي آهي. هيرو ۽ سندس جيون ساٿڻ مهمان نوازيءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سنڌ مان جڏهن به سنڌي سڄڻ وٽن گڏجڻ ويندا آهن ته سندن آدرياءُ ڪرڻ ۾ هو ٻئي ڪا به ڪمي رهڻ نه ڏيندا آهن، بس، ڇوٽا پريوار، سکي پريوار. ڌڻيءَ در دعاگو آهيان ته شال سدائين سکي رهن ۽ وڌندا ويجهندا رهن.

دهليءَ ۾ اَچڻ بعد هيري جي اَدبي پسندگيءَ ۾ به وڏي تبديل اَچي ويئي آهي. هُن جي من ۾ لاڙو تحقيق ۽ تنقيد طرف وڌيڪ ٿي ويو آهي. اِن ۾ شڪ نه آهي ته وقت به وقت ڪوتائون به لکندو رهي ٿو، پر اُنهن جي ڀيٽ ۾ سندس لکيل تحقيقي مقالن جو معيار گهڻو مٿي آهي. سنڌي ادب جي ڪيترن ۾ هن جو مکيه حاصلاتون هن ريت آهن :

**هيري ٺڪر جون اَدبي رچنائون**

**١. قاضي قادن جو ڪلام (معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان گڏ)**

سن ١٩٧٥-١٩٧٦ع وارو زمانو هو. هرياڻا لوڪ منچ جي برپا ڪندڙ پنڊت راجارام شاستريءَ کي، هرياڻوي لوڪ اَدب جي تلاش ڪندي، راڻيلا نالي ڳوٺ جي هڪ دادو پنٿي مٺ مان هڪ گرنٿ هٿ لڳو، جنهنجو نالو هو ”سنتون ڪي واڻي“ اُنهيءَ پُراڻي هٿ لکيل پوٿيءَ ۾ ٻين سنتن جي واڻيءَ سان گڏ، ”قاضي قادن ڪي سنڌي واڻي“ سِري سان، سنڌ جي مشهور اَوائلي صوفي شاعر قاضي قادن جا هڪ سؤ ٻارهن دوها به درج ٿيل هئا. اِهي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئا. سنڌي اَدبي جڳت



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لاءِ اِها ڪوچ نهايت ئي اِنقلابي ثابت ٿي، ڇاڪاڻ جو اُن ڪان اڳ، سنڌي اَدب جي ڪيتر ۾ اَسان ڪي قاضي قادن جي فقط سٽن دوهن جي ڄاڻ هئي. اُهي به ''بيان العارفين'' نالي ڪتاب ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي بيتن سان گڏ ڏنل هئا.

پنڊت راڄارام شاستريءَ اِن باري ۾ سنڌي عالمن سان رابطو قائم ڪيو. هُن قاضي قادن جي واڻي سمجھڻ لاءِ ۽ اُنهيءَ جي معنيٰ لکڻ لاءِ سنڌي عالمن ڪان مدد گُهري. ڪن ڪيس سنئون منهن نه ڏنو ته ڪن ٻين وري وقت نه هئڻ جو بهانو پيش ڪيو. نيٺ اُنهيءَ پُراڻي پوٿيءَ تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جو سهرو هيري ٺڪرجي سِر تي سنهيو. هن پنڊت راڄارام شاستريءَ ڪان اُن واڻيءَ جو فوٽو ڪاپي حاصل ڪري اُنهيءَ جو گهرائيءَ سان اَڀياس ڪيو. دوهن جون پڙهڻيون مقرر ڪرڻ، هڪ ليڪ هينان ديوناگريءَ ۾ لکيل اکرن کي جدا جدا لفظن جي صورت ۾ پيش ڪرڻ، دوهن جي معنيٰ ۽ سمجھاڻي لکڻ، قاضي قادن جي حياتيءَ جو سربستو احوال ڪٺو ڪرڻ، اِهو سمورو ڪم نهايت ئي اَڪائيو هو، پر هيرو ٺڪر سنڌرو ٻڌي جو اِن ڪوڄنا ڪاريه ۾ گهڙيو هو، سو اِن کي اَڌ ۾ ڇڏڻ وارو نه هو. هوُ اِن ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات لڳو رهيو. آخر آگسٽ ١٩٧٨ع ۾ 'قاضي قادن جو ڪلام' نالي سان پنهنجي تحقيقي ڪتاب کي ڇپائي پڌرو ڪيائين. ڀارت جي اُن وقت جي راشٽرپتيءَ شري نيلم سنجيو ريڊيءَ اُن جو مهورت راشٽرپتي ڀون ۾ ڪيو. هن تحقيقي ڪتاب جو هند ڪان وڌيڪ سنڌ ۾ قدر ٿيو. 'مهراڻ' اَدبي ٽماهي رسالي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ڊاڪٽر غلام علي اَلانا، اِمداد حسينيءَ، تنوير عباسيءَ وغيره عالمن تنقيدي نظر سان اِن تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا.

هيري ٺڪر جي تحقيق جي اِتي پڄاڻي نه ٿي. هو پاڻ گهڻيئي دفعا هرياڻا ۽ راجستان جي دادو پنٿي مٺن ۾ وڃي اُتي رکيل پراڻا دستخط جاچيندو رهيو. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو جو کيس قاضي قادن جا لکيل ٻيا به ٻه سوَکن بيت هٿ لڳا. هيري ٺڪر کي گهرجي ته اِهو اَدبي سرمايو جلد به جلد ڇپائي ظاهر ڪري. هيري ٺڪر جو لکيل ''قاضي قادن جو ڪلام'' سنڌ ۾ به ٻه دفعا ڇپجي چڪو آهي. اسان جي بزرگ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اِنهيءَ ڏِس ۾ جاکوڙ ڪري، ديوناگري لکاوت ۾ ٻيا به پُراڻا دستخط هٿ ڪري، اُنهن مان بيتن جو نئون ذخيرو روشنيءَ ۾ آندو آهي، جيڪو ''ققاضي قادن جو رسالو'' نالي سان هُن ١٩٩٩ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هِن اَوائلي سنڌي شاعر جي ڪلام تي اَڃا به وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.



**٢. پيرومل مهرچند (جيون ۽ رچنائون)**

هيري ٺڪر جو ٻيون تحقيقي ڪتاب آهي ''پيرومل مهرچند''، جيڪو ساهتيه اَڪادميءَ ''ڀارتي ساهت جا اَڏيندڙ'' ڪتابن جي سلسلي هيٺ سن ١٩٩٠ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. پيرومل مهرچند ١٨٧٦ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو هئو ۽ ورهاڱي بعد سٺين جولاءِ ١٩٥٠ع تي پوني (مهاراشٽر) ۾ گذاري ويو. هو سنڌي نثر جي مکيه ٿنڀن مان هڪ هئو. هن جي وفات کي سٺ کن سال مس ٿيا آهن، پر سندس جيون ۽ اَدبي رچنائن جي اَسان کي پوري معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي. جس آهي هيري ٺڪر کيْ جنهن گهڻي جاکوڙ ڪري، پيرومل جي پوٽين سان ملاقات ڪري، هن عالم بابت گهڻي ۾ گهڻي معلومات هٿ ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ هُن پيرومل جا لکيل گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب هٿ ڪري، اُنهن جو تنقيدي نگاهه سان جائزو به پيش ڪيو آهي.

**٣. تحقيق ۽ تنقيد (اَدبي مضمون) - ١٩٩٧**

هيري ٺڪر جي هن ڪتاب ۾ ٻارهن اَدبي مضمون ڏنل آهن، جن جو گهڻي قدر واسطو تحقيق ۽ تنقيد سان آهي. اِنهن ۾ ڪجھه مضمون اُهي آهن، جيڪي جدا جدا مخزنن يا ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن يا ڪن سيمينارن ۾ پيش ڪيل آهن. مضمونن جا سِرا آهن : ١. سنڌي ڪافي : اَڄ ۽ هاڻي ٢. پُراڻن دستخطن جي پڙهائيءَ جا مسئلا ٣. شاهه لطيف جو پيغام ٤. شاهه سائينءَ جون اُلٽ باسيون ٥. ڀارتي سنت ڪاويه ۾ ساميءَ جو استان ٦. قاضي قادن : هڪ مهان يوڳي ٧. قاضي قادن جي ٻولي ٨. درويش روحل ٩. ڀارت ۾ سنڌي لوڪ اَدب تي ٿيل ڪاريه ١٠. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ اَدبي تحقيق جي اوسر ١١. مضمون ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي اوسر. سنڌ جي بزرگ عالم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي هيءُ ڪتاب پڙهي، اِها راءِ ظاهر ڪئي ته ''هيري ٺڪر هي مضمون پنهنجي مغز جي مِک سان لکيا آهن.'' چوته للشڪ، ڪتاب جو هرهڪ مضمون هيري جي ڳوڙهي اَڀياس جي ساک ڏئي ٿو. هن ڪتاب تي هيري ٺڪر کي ساهتيه اَڪادميءَ سال ٢٠٠٣ع ۾ اِنعام عطا ڪيو.

**٤. اِنڊلٽ (مختلف مضمون)-٢٠٠٨**

هن ڪتاب ۾ نوَ (٩) مضمون شامل ڪيل آهن، جن مان گهڻا اڳيئي مخزنن يا ڪتابن ۾ شايل ٿيل آهن. پهريون مضمون ''فنا ٿيڻ ڪان بچائي ورتو ساهتيه'' آتم ڪٿا جي طرز جو آهي، جنهن ۾ هيري پنهنجي ننڍپڻ ۽ اُن بعد اَدبي سفر جو



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دلچسپ نموني بيان ڪيو آهي. ٻيا مضمون آهن : ٢. برطانوي حڪومت دؤران، بندش هيٺ آندل سنڌي ساهتيہ ٣. برطانوي دؤر ۾ سنڌي مضمون نويسي ۴. سنڌي ريڊيو نيوز ۽ تبصري جي ٻولي ۵. ڀارت مان نڪرندڙ سنڌي اخبارن جو معيار ٦. گذريل پنجاهہ سالن دؤران سنڌي مضمون جي ترقي ٧. سنت ڪبير ٨. پرسرام ضيا، عوام جو شاعر ٩. چڻ اوپرمان سچ اُڀري رهيو آهي (ساميءَ مَٽ اُپٽيا ڪتاب جو مهاڳ).
هيءُ ڪتاب پڻ هيري جي تحقيقي ۽ تنقيدي پرک جي گواهي ڏئي ٿو.

**۵. سڳن آهوجا (جيون ۽ رچنائون)- ٢٠١٠ع (هنديءَ ۾)**

هيءُ ڪتاب سنڌي جي مشهور شاعر ۽ نقاد سڳن آهوجا تي هيري ٺڪر هنديءَ ۾ لکيو آهي، جيڪو ساهتيہ اَڪادميءَ تي ساهتيہ جا اَڏيندڙ سلسلي هيٺ شايع ڪيو آهي. هن ۾ هيري ٺڪر گهڻي جاکوڙ ڪري، سڳن آهوجا جي حياتيءَ جو اَحوال ڪٺو ڪري ڏنو آهي. اُن بعد هن جي شاعري، ڪهاڻين ۽ تنقيدي رچنائن جي ڪٽ ڪئي آهي. هيءُ ڪتاب جيترو جلد سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪجي اوترو بهتر.

**٦. سمپادن (ايڊٽ) ڪيل سنڌي ڪتاب**

گجرات سنڌي اڪادميءَ هيري ٺڪر کي ”بهترين سنڌي مضمون“ چونڊي، هڪ ڪتاب تيار ڪرڻ جو ڪم سونپيو، جيڪو هن سال ١٩٩٠ع ۾ مڪمل ڪيو. اُن سال ۾ ئي هُن جو مرتب ڪيل اُهو ڪتاب اَڪادميءَ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ ڪل ٻاويهہ مضمون هيري چونڊي ڏنا آهن. اُن ڪانسواءِ مضمون نويسيءَ جي فن ۽ سنڌي مضمون جي اِرتقيتي بہ عالماڻو مهاڳ لکيو آهي.

هيري ٺڪر کي سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سنڌي يونٽ طرفان ٢۴-٢۵ آگسٽ ١٩٩٠ع تي، سنڌي اخبار نويسيءَ جا هڪ سؤ پنجويهہ سال ملهائڻ جي موقعي تي رکيل هڪ سيمينار جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. اُن جو مهورت شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ ڪيو. اِهو سيمينار نهايت ئي شاندار نموني هيري ٺڪر ڪري ڏيکاريو. اُن ۾ پيش ڪيل مقالا پوءِ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا، جنهن کي ”سنڌي اخبارنويسيءَ جا ١٢۵ سال“ عنوان سان نارائڻ پارتيءَ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان ١٩٩٣ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. سنڌي اخبار نويسيءَ جي اِرتقا تي اِهو هڪ سَنَدي ڪتاب آهي.

سنڌيءَ جو مشهور اَخبارنويس هيرانند ڪرمچند پهرين آڪٽوبر ١٨٩٩ تي ڄائو هئو ۽ هو ٢۵ آڪٽوبر ١٩٧٦ع تي بمبئيءَ ۾ گذاري ويو. هن جي جنم جا هڪ سؤ سال ملهائڻ جي موقعي تي سنڌي اَڪادمي دهليءَ طرفان هڪ سيمينار رکيو ويو. اُن جو ڊائريڪٽر بہ هيرو ٺڪر هو. اُن سيمينار ۾ پڙهيل مقالا پوءِ هن مرتب ڪري ڪتابي صورت ۾ آندا، جن کي نارائڻ پارتيءَ سال ٢٠٠٠ع ۾ ”قلم جو سپاهي : هيرانند



ڪرمچند“ عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو. هيرانند ڪرمچند جي جيون جي معلومات ڏيندڙ هيءُ هڪ نهايت ئي لاثاني ڪتاب آهي. اِنهن ٻنهي سيمينارن ۾ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل جهونيون اَخبارون ۽ مخزنون هٿ ڪري، اُهي نمائش ۾ رکيون ويون. دوردرشن جي خبرن ۾ اُنهن جا فوٽا ۽ ٽائيٽل پيج بہ ڏيکاريا ويا، اِنهيءَ جو اِهو اثر ٿيو جو انگريزي، هندي، گجراتي، مراٺي وغيره ٻولين جي اَخبارن ۾ سانده هفتو کن سنڌي اخبارن ۽ اَخبارنويس بابت مضمون شايع ٿيندا رهيا. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ’هندو‘،’هندستان‘ ۽ ٻين کن سنڌي اخبارن جيڪو شاندار رول اَدا ڪيو. تنهن جي گهڻن ئي غير-سنڌين کي ڄاڻ ڪانہ هئي.

اِنهيءَ سلسلي ۾ هيري ٺڪر آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سنڌين جي يوگدان جي باري ۾ وڌيڪ کوجنا ڪرڻ جي رِٿا کي جاري رکيو. هُن کي ڏس مليو تہ نئي دهليءَ جي نئشنل آرڪائيز ۾ برطانيہ حڪومت واري دؤر ۾ سنڌيءَ ۾ شايل ٿيل ڪجهہ اَهڙا آٻاٽا ڪتاب موجود آهن، جيڪي انگريز سرڪار ضبط ڪيا هئا. اِن قسم جا ڪتاب لنڊن جي برٽش ميوزم ۽ اِنڊيا آفيس لائبررين ۾ بہ حفاظت سان سانڍي رکيا ويا آهن. بس، پوءِ هو اُنهن جو فوٽو ڪاپيون هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. آخر هن ويهارو کن ضبط ٿيل سنڌي ڪتابن جون فوٽو ڪاپيون لنڊن مان هٿ ڪيون. اُنهن مان چار ڪتاب (قومي گيتن، ڪهاڻين ۽ مضمونن جا) سنڌي اَڪادمي، دهليءَ طرفان ديوناگري سنڌيءَ ۾ ”دٻايل آواز“ عنوان سان فيبروري ٢٠٠٩ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. اِنهيءَ ڏِس ۾ وڌيڪ قومي گيتن ۽ ڪهاڻين وغيره جو ذخيرو بہ جلد ڇپائي پڌرو ڪرڻ گهرجي.

سنڌي اَڪادمي دهليءَ طرفان ١٣-١۴-١۵ فيبروري ٢٠٠٩ع تي، قومي سطح تي هڪ سيمينار رکيو ويو هو. اِنهيءَ سلسلي ۾ سنڌين جي نيتا شري جيرامداس دولترام جي جيون ۽ قومي هلچل ۾ سندس يوگدان بابت پڻ هڪ الڳ نمائش ڪرڻ جي رِٿا عمل ۾ آندي ويئي. اِنهيءَ لاءِ جئرامداس دولترام جا لکيل خط پٽ، ناياب فوٽا ۽ ٻيون لکٽيون هٿ ڪرڻ جو ڪم هيري ٺڪر کي سونپيو ويو. هُن مهيش چاٻڙيا جي مدد سان نهرو ميوزم لائبرري ۽ ٻين لئبررين مان اِن قسم جو ذخيرو ايتري تہ جهجهي اَنداز ۾ ڪٺو ڪيو، جو اُن سان هڪ وڏو ڪتاب ۽ اَلبم ڇپجي سگهي ٿو. شري جيرامداس دولترام جي باري ۾ گانڌي سمرتي، نئي دهليءَ ۾ هڪ نمائش سنڌي اَڪادميءَ رکي، جنهن جو مهورت، دهليءَ جي مکيہ منتري آدرڻيہ شريمتي شيلا دکشت ڪيو. اِها نمائش سانده هفتو جاري رهي. اِنهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ هيري ٺڪر کي جيڪو بہ ڪم سونپيو وڃي ٿو، اُنهيءَ کي سهڻي نموني مڪمل ڪرڻ لاءِ هو ڏينهن رات



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هڪ ڪري ڇڏي ٿو.

مونکي بخوبي ياد آهي تہ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سنڌي يونٽ طرفان، دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ١٩٨٦ع ۾ هڪ ورڪشاپ رکي ويئي هئي، اُن ۾ ٽيهارو کن سنڌي ماستر، ساهتيڪار ۽ شاگرد شريڪ ٿيا هئا. اُن ورڪشاپ جو مقصد هو عربي سنڌي ۽ ديوناگريءَ ۾ لکيل ڏيڍ-ٻہ سؤ کن سال آڳاٽيون هٿ لکيل پوٿيون پڙهڻ جو علم نوجوانن کي ڏجي. ورڪشاپ جو ڊائريڪٽر هو هيرو ٺڪر جنهن تازو ديوناگري-سنڌيءَ ۾ لکيل قاضي قادن جي ڪلام کي پڙهڻ ۽ اُن کي سمجهڻ جو ڪم ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو هو. هُن اُنهيءَ ورڪشاپ ۾ سانده هڪ هفتو پراڻن دستخطن کي پڙهڻ جي علم جي ڄاڻ نوجوانن کي ڏني. اَهڙن دستخطن پڙهڻ ۾ ڪهڙا مسئلا پيدا ٿين ٿا ۽ اُنهن کي ڪهڙيءَ طرح حل ڪرڻ گهرجي، اُن تي هُن سهڻي نموني روشني وڌي.

**٧. ترجما (اَنواد)**

هيرو ٺڪر ترجمن ڪرڻ جي ڪلا ۾ گهڻو ماهر آهي. هن لڳاتار ستٽيهہ کن سال آل اِنڊيا ريڊيو ۾ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ خبرون ترجمو ڪرڻ جو ڪم ڪيو آهي. اَنواد-ڪلا جي مکيہ ڪسوٽي اِها آهي تہ اَنواد اَصل يا مول پاٺ جي ويجهو هجي ۽ ساڳئي وقت اُهو جنهن ٻوليءَ ۾ اَنواد ڪيو ويو آهي، اُنهيءَ جي محاوري ۽ عبارت جي خيال کان سياويڪ هجي. تازو ٢٠١٠ ۾ هيري ٺڪر جو ترجمو ڪيل ڪتاب ”ڪرشن چندرجون چونڊ ڪهاڻيون“ ساهتيہ اَڪادميءَ شايع ڪيو آهي. اُن جي سياويڪ ۽ محاوريدار سنڌي ٻولي پڙهڻ وٽان آهي. ائين محسوس ٿي نٿو ٿئي تہ اُها ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو ترجمو آهي. هِن وقت هيرو ٺڪر، پوسٽ ماڊرنزم تي لکيل گوپيچند نارنگ جي هڪ ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي. اُن ۾ گهڻيئي اَنهڙا ٽڪنيڪي لفظ آهن، جن لاءِ سنڌيءَ ۾ اَسان وٽ لفظ موجود نہ آهن. اَهڙيءَ حالت ۾ هو سنڌيءَ ۾ نوان ٽيڪنيڪي لفظ پاڻ جوڙي رهيو آهي.

هيري ٺڪر جي اَدبي خذمتن جي قدر شناسي ڪري، هن کي گهڻين ئي سنسٿائن اِنعام-اِڪرام عطا ڪيا آهن ۽ سندس سنمان ڪيو آهي. قاضي قادن جي ڪلام تي ڪيل تحقيق جي تعريف ڪندي، ١٩٩٦ ۾ ڪراچيءَ ۾ رکيل ڪلهوڙا ڪانفرنس جي موقعي تي هن جي دستاربندي ڪري، سندس سنمان ڪيو ويو. اُن موقعي تي مان بہ ساڻس گڏ اُتي حاضر هوس. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ هيري ٺڪر شاعريءَ سان شروعات ڪئي. پر اَڳتي هلي سندس هن جو لاڙو ڪوجنا، تحقيق ۽ تنقيد طرف ٿي ويو. اُميد تہ هيرو ٺڪر پنهنجي قلم ذريعي سنڌيءَ اَدب کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ مالامال ڪندو رهندو.



# هڪ آبرودار نالو - جناب هيرو ٺڪر

**- چينو لالواڻي**

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو هڪ شعر آهي :

”هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
هرڪا دل، هيرن جي کاڻ
ڄاڻي ڏس، تون سمي اڻ ڄاڻ.“

سچ بہ آهي تہ حقيقت بہ تہ اسانجي سنڌ موتيءَ جي داڻي مثل خوبين ۽ خصوصيتن وارا انيڪ سهڻا، سلوڻا مفڪر، دانشور ۽ اديب پئدا ڪيا آهن. جن تي سنڌي جاتي سدائين فخر ڪندي پئي رهندي آهي. اهڙن ئي فخرلائق تخليقڪارن ۾ شري هيرو ٺڪر پڻ سنڌي جاتيءَ جو هڪ مٽيادار، انمول موتي آهي. شري هيرو ٺڪر هڪ سڄاڻ شاعر، نقاد، مضمونگار، محقق، اخبار نويس، سنڌيت جو شيدائي، نوجوانن جو رهبر ۽ ميڊيا سان جڙيل ڀوڳٽي شخصيت آهي. هيري کي حسن جي پرک جي قوت آهي. ڄاڪاڻ تہ هر ادبي چيز ۽ قدرت جو هر چٽ هن لاءِ بيحد پيارو آهي. هن جي مشاهدي جي قوت تيز آهي. هيرو جنهن جو نالو آهي اُهو هر هڪ منزل تي تجلا ڏيندڙ هر ساهت سيمينار، ساهت گڏجاڻين جو مور آهي، هن جي ساک ۽ ناماچار ڪافي دور دور تائين ڦهليل آهي. تاجل بيوس شري هيري ٺڪر کي تحقيقاتي دنيا جو ”وهائو تارو“ سڏيو آهي.

شري هيري ٺڪر، دهلي رهواسي هڪ نماڻو، نهٺو، خاموش طبع، حسن جو پوڄاري، اپياسو، هرڪنهن جو ڀلو چاهيندڙ، اعليٰ مهمانواز، هرڪنهن جو دلبر دوست آهي. هيري پنهنجي زندگي سنڌيءَ ۾ جدا-جدا موضوعن تي تحقيق ڪرڻ ۽ اپياس ۾ بسر ڪئي آهي. هن هند چاهي سنڌ ۾ اِن ڏس ۾ هڪ اهم، عزت ڀريو ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ مقام حاصل ڪيو آهي. هيري جو جنم ٢ مارچ ١٩٤٣ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيل آهي. هن جي رڳن ۾ سونهاري سنڌ جي آبهوا، ماحول سنڌو نديءَ جو پوتر جل وهي رهيو آهي. سنڌ سان پيار، محبت، لڳاءَ، ڀاونا هن جو صادق جذبو رهيو آهي. هيري شروعاتي تعليم سنڌونگر (اُلهاسنگر) ۾ ۽ گرئجيويشن پڻ اُتان ئي حاصل ڪئي آهي. سنڌي ادب پڙهڻ جو شونق هن کي ننڍپڻ کان ئي پئي رهيو آهي ۽ اِسڪولي جيون ۾، اسڪول جي پستڪاليہ مان جدا-جدا ڪتاب وٺي هو گهر ۾ پڙهندو هو. بہ قوَل هيرو ٺڪر ”مان هر روز اسڪول مان ڪتاب وٺي ايندو هئس ۽ پڙهڻ جو چاهہ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ايترو هو جو شام ٽيڻ کان اڳ (ڏينهن پورو ٿيڻ) ئي ڪتاب پڙهي پورو ڪندو هئس. شروعات ۾ سنڌي ٻال ساهت، ديو-پرين جون ڪٿائون-ٻال رامايڻ، ٻال مهاڀارت سان گڏ جاسوسي، طلسمي ساهتيه، سماجڪ، ناول ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون پڙهڻ شروع ڪيم ۽ اِهو نشو لڳ ڀڳ پنج-ڇهه سال هليو.''

آرٿڪ مشڪلاتن، منجهيل حالتن ۽ اڪيلائپ کي دور ڪرڻ لاءِ هيري ڪتابن جو سهارو ورتو.

آخر هو گنڀير اپياس طرف مڙيو ۽ هن جي گهري اپياس جي ساک اڄ هن جا شايع ٿيل ڪتاب پرين ٿا.

ڪتاب پڙهندي-پڙهندي، ساهتيڪارن جي سنگ ۽ آسپاس جي سنڌيت جي ماحول هيري نڪر کي لکڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ ١٩٥٨ کان وٺي هن جون ڪوتائون ۽ ڪهاڻيون ''هندواسي'' ۽ ٻين رسالن-مخزنن ۾ شايع ٿينديون رهيون.

١٩٥٨ کان هيرو لکندو پئي رهيو آهي ۽ لڳاتار اڄ ڏينهن تائين هو صاحب لکندو پيو اچي ۽ اونهي اپياس ڏانهن هن جو لاڙو جڻن جو تڻن قائل آهي.

هيري نڪر جي ساهتيڪ سفر جون منزلون هن ريت آهن.

- گوليون (قومي ڪوتائون) ١٩٦٢
- قاضي قادن جو ڪلام ١٩٧٨

هن ڪتاب جا به ڇاپا هڪ- سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد مان ۽ تازو روشني پبليڪيشن-ڪنڊياري مان به شايع ٿيل آهن. هيءُ ڪتاب ديوناگريءَ ۾ پڻ شايع ٿيل آهي.

- پيرومل مهرچند (مونوگرام) ١٩٩٠
- بهترين سنڌي مضمون (سمپادن) ١٩٩١
- تحقيق ۽ تنقيد (ڪوجناتمڪ مقالا) ١٩٩٧

تحقيق ۽ تنقيد (٢٠٠٣، مرڪزي ساهت اڪادمي انعام حاصل ڪيل)

- قلم جو سپاهي (پترڪار هيرانند ڪرمچند) (سمپادن) ١٩٩٩
- چوند سنڌي ڪلام-ڏوهيڙا (پارو چاولا) ديوناگري-هيرو نڪر
- اِنڊلٽ (مختلف مضمون) ٢٠٠٨
- سڳن آهوجا (مونوگرام هنديءَ ۾)
- سنرچناواد، بعد سنرچناواد ۽ پوربي ڪاويه شاستر ٢٠٠٣ مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جو انواد پرسڪار حاصل ڪيل.



- انيڪ مقالا-تبصرا-رپورٽون (اخبارون ۽ ميڊيا)
- روشن منار ٢٠١٨
- جدا جدا ڪتابن جا مهاڳ
- ريڊيو-ٽيليويزن ڊاڪيومينٽري وغيره. جنهن جو تعداد سوَ کان مٿي آهي.

هي ڪتابن جا نالا ۽ وشيه ئي هيري نڪر جي اونهي اپياس، ساهتيڪ لاڙن-سوچ ۽ فڪر جي جاڻ ڏين ٿا ۽ تنقيد نظرئي کي اظهارين ٿا.

هيري نڪر جو جڏهن جنم ٿيو تڏهن ڀارت جي آزاديءَ جو تحرڪ زورن تي هو. ١٩٤٢ ۾ ڪئٽ انڊيا جو نعرو هنيو ويو. ١٩٤٧ ۾ ديش جو بدنصيب ورهاڱو ٿيو. اسانکي پياري جنم ڀومي سنڌ ڇڏڻي پيئي.

هر سنڌيءَ کي آرٿڪ مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پيو، روزي-روٽي، اجهي جي تلاش ڪرڻي پيئي. اُن وقت سنڌين لاءِ وري وسجڻ جو مسئلو سامهون هو ته ديش کي اڏڻ، سجائڻ ۽ سنوارڻ جو سوال به هو. راشٽرڀاونا اجان به ديش ۾ ڇانيل هئي جو اچانڪ چين پنچ شيل سي سڌانتن کي ٽوڙي، 'هندي چيني ڀائي ڀائي' جي اوٽ ۾ ڀنيءَ ۾ ڇرو هنيو ۽ ١٩٦٢ ۾ ڀارت چين لڙائي لڳي. لڙائيءَ کان متاثر ٿي هيري نڪر راشٽريه ڀاونا سان ڀرپور قومي ڪوتائون لکيون جي جدا جدا اخبارن رسالن جي سونهن ته بڻيون پر ''گوليون'' نالي ڪوتائن جو مجموعو به هيري نڪر جو شايع ٿيو. نه صرف ايترو پر ''سپاهي'' ڪوتا کي آڪاشوائي چٽاپيٽيءَ ۾ هيري کي ٻيون انعام حاصل ٿيو. هن ئي عرصي ۾ هيري ڪهاڻيون به لکيون. جن ۾ ورهاڱي جو چٽر ۽ درد چٽيل هو، پر ڪهاڻين کان هيري جون ڪوتائون وڌيڪ پسند ڪيون ويئون. اُهي ادبي ڪلاس ۾ پڙهيون وينديون هيون، تڏهن شري سڳن آهوجا چيو ته ''هيرو نڪر جو نيٺر شاعرن ۾ سينئر شاعر آهي.''

هيري سنڌي گيت، غزل، ڪنڊليون سنڌي ادب کي ڏنيون آهن ته گڏوگڏ ٻال ڪوتائون به رچيون آهن. هيري ساهتيه جي شاخ ڪوتا کي هڪ شاخ جي روپ ۾ اپنائي نه رکيو آهي. پر هو نثر طرف به مڙيو آهي. پر گڏوگڏ شاعري به ڪندو رهي ٿو. هن انيڪ مشاعرن، آڪاشوائي، دوردرشن مشاعرن ۾ شرڪت ڪئي آهي ۽ پنهنجي شاعريءَ لاءِ واهه-واهه ۽ تاڙيون حاصل ڪيون آهن.

''قاضي قادن جو ڪلام'' سنڌي ٻوليءَ ۽ اِتهاس جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. هيري نڪر راجارام شاستريءَ وٽان قاضي قادن جي بيتن واري دستخط جي فوٽو



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪاپي حاصل ڪري لڳاتار ٻه سال اڀياس، محنت ڪري، نور نچوئي هڪ ناياب ڪتاب سنڌي ادب کي ڏنو جنهن هند-سنڌ جي ادبي، تواريخي کيتر ۾ تهلڪو مچائي ڇڏيو. هن ڪتاب تحقيق جي ڏس ۾ نوان موڙ آندا.

قاضي قادن جي ١١٢ بيتن کي جيڪي ديوناگري لپيءَ ۾ هئا انُهن کي هيري سهيڙي، سنواري، ترتيب ڏيئي، پڙهٽيون مقرر ڪري معنيٰ سميت هڪ معياري مهاڳ لکي اديبن اڳيان پيش ڪيو آهي. انُهن بيتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاص نزاڪت، اظهار جي صلاحيت ۽ اعليٰ فڪر جي وڏي قوّت سمايل آهي، جن ۾ تصوف جي ڳوڙهي فلسفي کي پڻ آسانيءَ سان بيان ڪيل آهي، قاضي قادن سمن واري دؤر جي آخرين سمي جو شاعر هو.

قاضي قادن جو ڪتاب شايع ٿيڻ سان ئي سنڌ ۽ هند جي ادب ۾ هلچل شروع ٿي ويئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شايع ٿيل ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ۾“ پهرين ايڊيشن ۾ قاضي قادن جي ستن بيتن جو ذڪر ڪيو جن کي ”سنڌي ساهتيہ جا ست انمول موتي سڏيو ويندو هو.“ پر هيري ٺڪر جي کوج اِتهاس کي ئي بدلي ڇڏيو. جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ١٩٩٠ ۾ شايع ٿيل ڪتاب ۾ شري هيري ٺڪر جي کوجنا مدي نظر لکيو تہ ”موجوده ڄاڻ موجب قاضي قادن اسانجي سنڌي شاعريءَ جي عمارت جو باني مباني آهي. هو سنڌيءَ جو پهريون وڏو شاعر ۽ اساسي شاعريءَ جو اَبو آهي.“ بہ قوّل شري بلوچ ”وڏو جس ۽ شاباس هيري ٺڪر کي، جنهن هن ذخيري جي علمي طور ڇنڊڇاڻ ڪري، خاص طرح قاضي قادن جي بيتن کي سمجهڻ، انُهن جي صحيح پڙهٽين قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پڻ انُهن جي معنيٰ ۽ شرح لکي. جنهن محنت ۽ محبت سان هن سڄڻ اِهو ڪشالو ڪڍيو آهي، سو قابل قدر ۽ قابل تعريف آهي.“

شري جيرامداس دولترام ڪتاب ”قاضي قادن“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ ”هيري کي هيءُ املہ ادبي هيرو هٿ آيو آهي. هيري ٺڪر جي هن کوج-ڪشالي مان هڪ ڪان وڏيڪ ڦل مليا آهن جو سنڌ هند جا سنڌي عالم نہ رڳو سندس پورهئي جو نتيجو ماڻيندا پر منجهائن جن کي اِن قسم جي کوج جي سڪ ۽ چِڪ آهي سي سندس ڪتاب مان سنڌي ٻوليءَ جي اؤسر ۽ وڪاس جي اِتهاس تي چڱي روشني وجهندا.“ پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جهڙن انيڪ عالمن قاضي



قادن کي ڪٽي پنهنجا عمدا ويچار پيش ڪيا آهن. جيڪڏهن اهُي سڀ ڪٺا ڪري، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا وڃن تہ اهُو هڪ مهاگرنٿ ٿي پوندو.

تاجل بيوس هيري ٺڪر جو ڪوجنائي ڪارنامو' عنوان سان هڪ عمدو ليک لکيو آهي.

هيري ٺڪر جي هن تحقيق سنڌي لغت لاءِ پڻ قيمتي مواد ميسر ڪيو آهي.

هيري وٽ اڃان بہ قاضي قادن جا ڪجهہ اڻ ڇپيل بيت آهن. اهُي جڏهن سڄ جي روشنيءَ ۾ ايندا تڏهن اهُي سنڌي ادب جو سينگار بڻجندا اِن ڳالهہ ۾ ڪوبہ مبالغو ٿي نٿو سگهي.

پيرومل مهرچند مونوگرام پارتيہ ساهتيہ جا نرماتا (اڏيندڙ) سيريز هيٺ مرڪزي ساهتيہ اڪادمي، دهليءَ جو شايع ڪيل ڪتاب آهي. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم اديب، تاريخدان جي جيون، فن، ڪاريہ کوجنا جي هرهڪ پهلوءَ جي ڄاڻ ڏنل آهي. انُ ۾ ايترا تہ تفصيل ڏنل آهن جو پيرومل جي سنبنڌ ۾ لکيل ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ميسر ٿيل ڪونهن اهڙا تفصيل درج ڪرڻ لاءِ اڀياس ۽ محنت جي سخت ضرورت پوي ٿي. هيري ڪڏهن بہ محنت ڪرڻ کان آر نہ ڪيو آهي ۽ حقيقتون درج ڪرڻ جي سدائين ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي.

”بهترين سنڌي مضمون“ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي اشاعت آهي. هيءُ ڪتاب اعليٰ درجي جو بهترين سنڌي مضمونن جو سهڻو ڳٽڪو آهي. جهڙو نالو اٿس اهڙا مضمون انُ ۾ شامل آهن. جملي ٢١ ساهتيڪارن جا مضمون درج ڪيل آهن. جن ۾ داخلي ۽ کوجناتمڪ مضمون آهن. سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، سڀيتا، سنسڪرتي، ٻولي ۽ ساهتيہ جي جدا جدا پهلن ۽ مسئلن سان ڀرپور مضمون آهن. هن ۾ نون چاهي پراڻن مضمون نويسن کي چونڊيو ويو آهي. هيءُ مضمون صرف معلوماتي ڄاڻ ڏيندڙ نہ آهن پر آلوچڪن ۽ کوجنا ڪندڙن لاءِ رهبر-سونهو ۽ قيمتي دستاويز آهن. هيري مهاڳ ۾ مضمونن جي وصف-جدا جدا قسم تہ ڄاڻايا آهن پر سنڌي مضمون نويسيءَ جي اؤسر پڻ شامل ڪئي آهي. مهاڳ پڻ سنو، معلوماتي، معياري ۽ عالماڻو آهي.

”سنڌي اخبار نويسي“ سنڌي ٽائيمس پاران شايع ٿيل ڪتاب آهن. ٢٥-٢٤ آگسٽ ١٩٩٠ ۾ دهليءَ ۾ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ-مرڪزي سرڪار طرفان آل ڀارت سطح جو ”سنڌي اخبار نويسيءَ جا هڪ سؤ پنجويهہ سال“ وشيہ تي سيمينار ڪوٺايو ويو هو. هي پهريون ڀيرو هو جو اخبار نويسيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ هي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سيمينار ٿيل هو، جنهن جو ڊائريڪٽر خود شري هيرو ٺڪر هو. هن سيمينار ۾ سنڌي اخبارنويسيءَ جي جدا جدا پهلن تي جيڪي عالماڻا مقالا لکيا ۽ پڙهيا ويا هئا اُنهن کي چونڊي-سنواري سهيڙي ڪتاب هيري جي سمپادن ۾ شايع ڪيو ويو. سنڌي اخبارنويسيءَ جي اِتهاس جي ڏس ۾ هيءُ هڪ اهم، قيمتي ۽ ڄاڻ ڏيندڙ ريفرنس بوڪ آهي. هيري هن ڪتاب جو معياري مهاڳ پڻ لکيو آهي.

سنڌي اخبارن جي نمائش پڻ هن موقعي تي رکي ويئي هئي جنهن ۾ هند-سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ هروشيه جون اخبارون رکيل هيون نه صرف ايترو پر هيري پنهنجي سوجهه ٻوجهه سان ”سنڌي اخبارن جي شاندار اِتهاس“ تي ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڊاڪيومينٽري به تيار ڪئي هئي. جيڪا سنڌي چاهي غيرسنڌي درشڪن-ٻڌندڙن خوب ساراهي هئي.

”تحقيق ۽ تنقيد“ هيري جو ساهت اڪادمي انعام حاصل ڪيل ڪتاب آهي. اِها به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي ڀيٽ ۾ ادبي تنقيد ۽ تحقيقي سرمايو هتي هند ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترو ملي ٿو ۽ اُن لحاظ کان هيري جي هيءَ اَملهه، بي بها سوکڙي، سنڌيءَ ۾ هڪ مبارڪ، آجيان لائق ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ قدم آهي.

تحقيق کي گورک ڌنڌو شايد اِنڪري چيو ويندو آهي جو اُن ۾ اِهو ۽ اَهڙو مواد پڻ ڏسڻو، پرکڻو ۽ جاچڻو پوندو آهي جيڪو ڪن سببن ڪري دز ۾ دٻجي ويندو آهي، اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويندو آهي يا ته دؤرن جي نظرن کان اوجهل ٿي ويندو آهي. تحقيق هڪ فطري عمل پڻ آهي. هيري اُن کي اپنايو آهي. نين نين شين، وشين متعلق ڄاڻ حاصل ڪئي آهي اُن جو نتيجو به اسان جي سامهون آهي. ڪتاب ”تحقيق ۽ تنقيد“ :

هيري جي هن ذهني سڪوُن آسودگي ڏيندڙ ڪتاب ۾ جملي ٻارهان مضمون جدا جدا وشين تي شامل آهن. جن ۾ ڪي وشيه پراڻا پر نئين نظرئي سان پيش ڪيل ۽ ڪي بلڪل نوان ۽ ڪي بلڪل اَڇوتا آهن. مضمون خشڪ هئڻ جي باوجود به اُن جي ٻولي، پيشڪش، ورتي ۽ ورتڻ بلڪل نوان آهن جيڪي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ کي قائم رکڻ ۾ مدد روپ ٿين ٿا.

هن مجموعي جو پهريون قدم آهي. ”سنڌي ڪافي اڳي ۽ هاڻي“ هن وشيه تي شري ليلارام رُچنداڻيءَ پڻ لکيو آهي پر هيري ڪافيءَ جو ذڪر هر ڪنڊ کان سلسليوار، تفصيلوار ڪيو آهي. جيڪو هن جي گهري اڀياس، ڄاڻ ۽ پارکو نظر جي



شاهدي ڀري ٿو. ڪافيءَ جي سونهن، لوڪپريتا جي ساک به ڀري ٿو. پراڻن دستخطن جي پڙهڻيءَ جا مسئلا، شاهه سائينءَ جون الُٽ باسيون، ڀارتي سنت ڪاويه ۾ ساميءَ جو آستان مضمون معياري، اڇوتا، نوان آهن. جن تي اڳ ۾ سنڌيءَ ۾ منهنجي ڄاڻ مطابق ڪنهن به قلم آزمائي نه ڪئي آهي.

شاهه لطيف جو پيغام، قاصي قادن-هڪ مهان يوگي، قاصي قادن جي ٻولي، درويش روحل، ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ادبي تحقيق جي اوُسر، مضمون ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي اوُسر ۽ ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل ڪاريه ادبي مضمون آهن پر هيري جي لکڻ جو ڍنگ انوکو ۽ نئون آهي. جن مان اديب جي گهري سوچ اڀياس جي نمائندگي ٿئي ٿي. هي ادبي مقالا هيري جي سوچ ۽ فڪر کي صاف ۽ چٽو ڪن ٿا. هيري جو سوچ شفاف ۽ تازو توانو آهي.

”تحقيق ۽ تنقيد“ ڪتاب تي شري لڇمڻ ڀاٽيا ”ڪومل“، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وغيره اديبن، ڀاشا وگيانين تبصرا پڻ ڪيا آهن.

”قلم جو سپاهي“ سنڌيءَ جي نڊر پترڪار هيرانند ڪرمچند جي جيون ڪاريه ۽ فن تي جوڙيل هڪ اعليٰ پستڪ آهي. جو پڻ ”سنڌي ٽائيمس“ طرفان شايع ٿيل آهي. سنڌي اڪادميءَ دهليءَ پاران برک اخبارنويس هيرانند ڪرمچند تي اکل ڀارت سطح جو سيمينار ڪوٺايو ويو هو جنهن جو ڊائريڪٽر پڻ شري هيرو ٺڪر هو. اُن سيمينار ۾ جن ودوانن مقالا پيش ڪيا هئا. اُهي سڀ هن ڪتاب ۾ شامل آهن. هيري ڪتاب جو مهاڳ پڻ لکيو آهي. اخبارنويسي ۽ اخبارنويس جي ٻي باک لکڻين، ويچارن، عمدن سمپادڪيه وغيره کي پيش ڪندڙ هي پنهنجي قسم جو پهريون ڪتاب آهي.

”چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا“ سهريندڙ-گڏ ڪندڙ شريمتي پارو چاولا آهي ۽ پستڪ سنڌيءَ لپيءَ ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن کي ديوناگري روپ هيري ٺڪر ڏنو آهي. هيءُ ڪتاب ديوناگريءَ ۾ شايع ٿيڻ ڪري انيڪ نوجوان گايڪ ڪلاڪارن کي مدد ملي آهي. هن ڪتاب جي گهراڄ ڏينهن ڏينهن تائين جئن جو تئن قائل آهي.

هيري ٺڪر جو تحقيقي مقالن جي ڪتاب ”اِندلٺ“ (٢٠٠٨) ۾ سنڌي ادب جا جدا جدا وشين آذارت کوجناتمڪ نورتن آهن. نالا هن ريت آهن : فنا ٿيڻ کان بچائي ورتو ساهتيه برطانوي حڪومت دوران بندش هيٺ آندل سنڌي ساهتيه، برطانوي دؤر ۾ سنڌي مضمون نويسي، سنڌي ريڊيو نيوز تبصري جي ٻولي، ڀارت



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

مان نڪرندڙ سنڌي اخبارن جو معيارگذريل پنجاهہ سالن دوران، مضمون جي ترقي، سنت ڪبير، پرسرام ضيا، عوام جو شاعر ۽ ڇڻ اولهہ مان سج اُڀري رهيو آهي. عنوان خود بہ خود مقالن جي وشيہ طرف اِشارو ڪن ٿا. هنن مقالن مان ڪجهہ مقالا وقت بہ وقت رسالن، مخزنن هند چاهي سنڌ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ڪجهہ ذڪر هيٺ بہ آيل آهن.

”ڇڻ اولهہ مان سج اُڀري رهيو آهي“ سنڌ جي نئين ٿهيءَ جي نوجوانن طرفان ساميءَ ڪٽي ان تي سڄو سارو ڪتاب لکيو آهي اُن تي تبصرو آهي. زبير سومري جي ڪتاب جو جيڪو عالماڻو مهاڳ (ساميءَ مٿ اُپٽيا) هيري لکيو آهي اُهو ثابت ٿو ڪري تہ سنڌ ۾ خاص ڪري نئين ٿهيءَ وارا ليکڪ ساميءَ جو مطالعو ڪري، ساميءَ جي شاعريءَ فلسفي ۽ زندگيءَ بابت قلم آزمائي ڪندا رهن ٿا جيڪو ڪم هند جي نئين ٿهيءَ جي ڪنهن بہ ليکڪ نہ ڪيو آهي نہ ڪري رهيا آهن.

جناب هيري ٺڪر گوپيچند نارنگ جو ڪتاب ”سنرچناواد بعد سنرچناواد ۽ پوربي ڪاويہ شاستر“ ٢٠١٣ انواد ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ هند چاهي سنڌ ۾ پهرين اهڙي قسم جو معياري ڄاڻ سان ڀرپور ڪتاب آهي. ڪتاب مرڪزي ساهتيہ اڪاديميءَ طرفان شايع ڪيل آهي. ساختيات، پس ساختيات ۽ مشرقي شعريات انهن سيني پوربي ۽ پڇمي مفڪرن، ماهرن، مصنفن ۽ فلاسفرن کي ارپڻ ڪيل آهي جن بولي ۽ معنيٰ جي روپ، سياءَ تي سوچ ويچار ڪيو آهي. ادبي ڏاڙئون جيڪي هن ڪتاب جو مول موضوع ۽ سُر آهن سي شامل ڪيل آهن.

ڪتاب ۾ چار ڀاڱا آهن. هرهڪ ڀاڱي ۾ وري جدا جدا موضوعن ۾ باب جوڙي وشيہ کي سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ تهہ ۾ اونهو وڃڻ جي لاثاني ڪوشش ڪيل آهي. ڀاڱي پهرين ۾ سنرچناواد ساختيات جنهن ۾ وري بابن ۾ سنرچناواد، ساختيات ۽ ساهتيہ، سنرچناواد-ساختيات جا لسانياتي (ڀاشا وگيانڪ) بنيادي، روسي، حئيت پسندگي فڪشن جي شعريات ۽ ساختيات شامل آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ سنرچناواد-پس ساختيات ۾ رولان بارٿ، بعد سنرچناواد، زاڪ، ديريدا ۽ اُڻيڙواد، مارڪسواد، سنرچناواد ۽ بعد سنرچناواد، پانڪ وادي تنقيد ائنگلو سئڪن پانڪوادي تنقيد، پانڪوادي تنقدي ۽ منووگيان وشيہ بابت درج ڪيل آهن. ڀاڱو ٽيون مشرقي، شعريات (پوربي ڪاويہ شاستر) ۽ سنرچناوادي (ساختياتي) سوچ ۾ وري سنسڪرت، ساهتيہ فلسوف ۽ سنرچناوادي سوچ تي غور ۽ بحث مباحثو ڪيل آهي. ساڻ گڏ عربي، فارسي ڪاويہ



شاستر ۽ سنرچناوادي سوچ شامل آهن. ڀاڱي چوٿين ۾ موجود حالت، مسئلا ۽ امڪانن تي گنيبر ايپاسي مواد ميسر ڪيل آهي. ان ۾ بعد سنرچناواد-نوان ماڻ، بعد جديديت عالمي پسمنظر ۾ مهابيانيہ جو ڳم ٿيڻ ۽ ڳڏيل سماجي لاشعور بعد جديت ڀارتي پسمنظر ۾، ديريدا ۽ مارڪسواد تاريخيت ۽ نئين تاريخيت ۽ تنقيد جي نئين ماڊل ڏانهن درج آهي. هيري ٺڪر هئڙي ڏکئي تنقيدي لفظن سان ڀرپور ڪتابن جو سهڻو تز معياري ٻوليءَ ۾ سمجهہ سان ڀرپور ترجمو ڪيو آهي. لغت شبداولي ڏني آهي. هيري ڪيترا تنقيدي لفظ سمجهائڻ لاءِ خود جوڙيا آهن. جيڪي هيري جي ٻوليءَ جي ماهريت، وشال شبد ڀنڊار جي ڄاڻ جي شاهدي تہ ڀرين ٿي ٿا پر سنڌي شبد ڀنڊار ۾ اِضافو پڻ ڪندڙ آهن.

شري گوپيچند نارنگ هڪ برک ودوان، آلوچڪ اديب ڀاشا وگياني آهي جنهن کي راشٽرپتي ”پدم شري“ خطاب سان نوازيو آهي. اهڙي ودوان محقق اديب ڀاشا ماهر هيري ٺڪر جو نالو انواد لاءِ تجويز ڪيو. جنهن کي سندس ڪوجناتمڪ ڪتاب قاضي قادن جو ڪلام تي سنڌ حڪومت (پاڪستان سرڪار) هن کي پڳڙي پهرائي سندس دستاربندي ڪئي ويئي هئي. اِهو عزت بخش اوارڊ حاصل ڪرڻ جو شرف صرف هيري ٺڪر کي حاصل ٿيل آهي. شاهہ لطيف ايڪزيلنسي اوارڊ“ ٢٠٠٥ ۾ عطا ڪيل آهي. ٻن عظيم ودوانن مانوارن جي تخليق معياري انواد جو ڳڏيل روپ آهي. هيءُ ڪتاب جنهن ۾ معنيٰ واري علم سان گڏ پوري ڪاويہ شاستر جي صدين کان هلندڙ روايتن تي نئين سر ملہ ڪٿڻ جي نئين ٿيئري ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل آهي هن ڪتاب تي هيري ٺڪر کي مرڪزي ساهتيہ اڪادمي جو انواد انعام پڻ حاصل ٿيل آهي.

هتي اهو بہ غور طلب آهي تہ هيري ٺڪر سنڌ جي پهرين زيارت ١٩٩١ ۾ ”ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ موضوع تي ٿيل بين ال قوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ سان ڪئي، اُن بعد هيري ٺڪر سنڌ جي انيڪ ڀيرا زيارت ڪئي آهي. شاهد ئي ٻئي ڪنهن ڀارت جي سنڌي اديب کي اهو شرف حاصل ٿيو هجي. سنڌ ۾ هيري جو نالو مان، شان، عالماڻي علميت جو مان خود شاهہ آهيان جو مون بہ هن سان گڏ ڇهہ دفعا سنڌ ياترا ۽ سنڌ درشن ڪيو آهي. عالمي ادبي ٻوليائي، ثقافتي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي آهي. سنڌ ڪانسواءِ هيري آمريڪا، برٽن، ڪئناڊا، يو.اي.ئي. ۾ ڪيترين بين القوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري ناماچار حاصل ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

هيري ٺڪر ۽ مون سنڌ جو اڻ ميو پيار، محبتون، مان-سنمان حاصل ڪيو آهي.دانشور هيري ٺڪر جي علمي ادبي خدمتن سنڌ ۾ اهم مڃتا حاصل ڪئي آهي. 'قاضي قادن جو ڪلام'، 'تحقيق ۽ تنقيد'، 'انڊلٺ' ڪتابي سنڌي ادب، ٻوليءَ جا ساهتيڪ شاهوڪاريءَ جا سرچشما آهن.

پيرومل مهرچند (سنڌي) ۽ سڳن آهوجا (هندي) ۾ مونوگرام پڻ پارتيه ساهتيه جا نرماتا مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جا شايع ٿيل ڪتاب آهن جن ۾ هيري ٻنهي اديبن جي جيون ڪاريه فن سان گڏ ادبي ڪاوشن تي ڀرپور روشني وڌي آهي. هيءَ ٻئي ڪتاب هيري ٺڪر جي ڪوجو نظربي تنقيدي سوچ جي نمائندگي ڪندڙ بهترين ڪتاب آهن.

شري هيري ٺڪر انيڪ ڪوجناتمڪ مقالا ۽ تبصرا به لکيا آهن جيڪي جدا جدا رسالن-مخزنن ۾ شايع ته ٿيا آهن. جن مان ڪجهه مقالا سندس ڪتاب ''تحقيق ۽ تنقيد'' ۾ درج آهن ته ڪجهه مقالا ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ دوارا شايع ٿيل ڪتابن ۾ شامل آهن. هيءُ مقالا راشٽريه-انتر راشٽريه سطح جي ادبي سيمينارن ۾ پيش ڪيل آهن : مقالا محنت مشڪت، اڀياس سان قلمبند ڪيل وڳيانڪ نقط نظر ۽ اعتماد سان ڀريل آهن. ذڪر لائق ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ گوناگون وشين جي ڄاڻ ڏيندڙ مقالا هن ريت آهن. سنڌي ٻولي ١٥٠٠ ع کان ١٨٤٣ ع تائين جيڪو ''سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال'' ڪتاب ۾ درج آهي. ١٦ صديءَ کان ١٩ صديءَ تائين سنڌي ٻوليءَ جي منزل به منزل ترقي پيش ڪيل آهي. ١٩٩٦ ۾ ''سنڌ ۾ ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ'' موضوع تي انٽرنئشنل سيمينار ۾ هيري سنڌ جي ڌرتيءَ تي عالماڻو مقالو پيش ڪيو. جتي سنڌ گرئجويٽ سنڌي ائسوسيئيشن طرفان هيري کي پڳ پارائي-اجرڪ ڏيئي سنڌي ڍنگ سان ''دستاربندي'' ڪئي ويئي. هيءُ پهريون دفعو آهي جو ڪنهن هندو سنڌيءَ کي هن قسم جو شاندار ۽ مرحبا لائق سنمان ڏنو ويو هجي. سنڌ ۽ هيرو هڪ ٻئي کي بيحد پيار ڪندڙ آهن.

''اساسي شاعريءَ جي هڪ اهم ڪڙي لُطف الله قادري''، سنڌ ۾ تصوف ۽ صوفيا نه شاعريءَ جي شڪل-صورت کي سمجهڻ لاءِ ۽ اُن جو وڪاس، وستار ۽ اونهائيءَ جو جائزو پيش ڪندڙ مقالو آهي. هن ۾ قادريءَ جي شاعريءَ جي روح، تصوف ۽ صوفيانه فلسفي جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن جو مطلب آهي ''همه اوست'' - سڀ ڪجهه اُهو ئي آهي. ''برطانوي دؤر ۾ سنڌي مضمون نويسي''، ڀارت ۾ سنڌي لوڪ



books.sindhsalamat.com

ادب ۾ ٿيل تحقيق، ''سنڌي مضمون ايڪويهين صديءَ ۾'' وغيره.

''سنڌي ريڊيو نيوز جي سماچارن ۽ تبصرن جي ٻولي'' وشيه تي پهريون ڀيرو عمدو، ڪارائتو، ماڌيم جي ٻوليءَ-لفظن تي روشني وجهندڙ پنهنجي قسم جو مقالو آهي. شري ٺڪر ١٩٦٧ کان وٺي آڪاشواڻي دهليءَ ۾ سنڌي نيوز ريڊر ۽ انوادڪ طور شيوائون ڏنيون آهن ۽ تازو ئي رٽائرڊ ڪيو آهي. هن جي پيشي-جيون جا جيڪي به سنڌي نيوز-انواد جا مسئلا آهن اُنهن جو ذڪر شدت سان هن مقالو ۾ ڪيل آهي.

هيري کي سنڌي، انگريزي، هندي، اُردو ٻوليءَ ۾ ماهريت آهي. هن نه صرف انگريزي، هنديءَ مان تز سنڌيءَ ۾ انواد ڪيو آهي. پر ضرورت مطابق نوان لفظ خاص ڪري تحقيقي لفظ جوڙي سنڌي لغت کي وشال بڻايو آهي پراُن ۾ به ''سنڌي ريڊيو نيوز'' لغت جوڙڻ ۾ مددروپ ٿين اهڙا انيڪ ٽڪنيڪي لفظ سنڌي ٻوليءَ کي ڏنا آهن.

هيري جو اتهاسڪ ڪارنامو آهي، هنديءَ ۾ لکيل ۽ اُتر پرديش سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان-شايع ٿيل ڪتاب ''سوتنترتا سنگرام ۾ سنڌي ساهتيڪارون ڪا يوگدان'' ڪتاب ۾ درج ڪيل مقالو ''انگريزي شاسن ڪال ۾ پرتيبندت ساهتيه'' انگريزن جي سنڌ تي راڄ واري دؤر ۾، سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل زور هئي. انگريزن تحرڪ کي دٻائڻ ۽ ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ انيڪ ظلم-زور زبردستيون ڪيون هيون. ايتري قدر جو سنڌي ساهتيه جي انيڪ ڪتابن-اخبارن تي بندش لڳو ڪئي هئي اِهو بندش پيل سنڌي ساهتيه جيڪو هن وقت ڀارت ۾ صرف هيري ٺڪروٽ موجود آهي. اُهو ڪافي تڪليفون وٺي، خرچ ڪري، لک پڙهه ڪري هيري برٽش ميوزيم مان حاصل ڪيو. جنهن ۾ ٢٢ ڪتاب ۽ پوسٽر شامل آهن. جيڪڏهن اُن جي اشاعت ڪجي ته اندازي ٢٥٠٠ کن پيج ٿيندو. بندش پيل دستاويزي ادب هيري گڏ ڪري سنڌي جاتيءَ مٿان هڪ وڏو احسان ڪيو آهي. سنڌين جو آزادي تحريڪ ۾ يوگدان کي قائم ۽ محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُن جي ڄاڻ مقالي ۾ ڏنل آهي. سنڌي اڪادمي، دهليءَ اُن جي اشاعت ۽ نمائش جي رٿا رٿي هئي. پر عمل ۾ نه اچي سگهي. هيري اُهو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. جيڪو سنڌ جي سرزمين تي به نه ٿيو آهي. اهڙو اڻ ڪانيو ڪم جنهن ۾ وقت ۽ پئسي جي ضرورت پوي ٿي اُهو جنوُني شخص ئي ڪري سگهي ٿو. جيڪو اسڪالر، اديب، محقق شري هيري ٺڪر ڪيو آهي. شري هيري جدا جدا ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن، جيڪي خود ۾



www.sindhsalamat.com

بهترين، چاڻ سان ڀرپور مضمون آهن. شري هيري ٺڪر دوردرشن، ٽيليويزن تي انيڪ تبصرا، فيچر، ڊاڪيومينٽريون به پيش ڪيون آهن. جن ۾ ذڪر لائق آهي. ”جهوليلال“، اسانجي اشٽ ديو جي جيون جهانڪي، ڀهراڻي، ڇيڄ ۽ پنجڙن جي اهميت-ضرورت اظهاريندڙ فيچر فلم.

هيري جي تنقيد ڪي عملي تنقيد ۾ شماري سگهجي ٿو. هن جا تبصرا اخباري، آڪاشواڻي يا اِشتهاري نه آهن پر جديد ادب جي تنقيدي قدرن-ملهن سان ڀرپور آهن، ادب ۽ اديب ڪي ئي موضوع بڻايو ويو آهي. هيري پنهنجو فيصلو، رايو ڏنو آهي ۽ پنهنجو مقصد به چٽو ۽ واضع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ هيري ٺڪر کي ”ادب جو عميق-خزانو“، رام امرلال پنجواڻيءَ هيري کي ”ڳوڙهو اڀياسي“، ممتاز مهر هيري کي ”هرهڪ منزل تي تجلا ڏيندڙ هڪ مٺيادار هيرو“ سڏيو آهي.

در حقيقت هو صرف مواد نئو سهيڙي پر اُن تي تنقيدي نظر به رکي ٿو. هو بيان ۽ اصلوڪي پيچيدگين کان ڪنارا ڪشي ڪري پنهنجا خيال صاف چٽا، عام فهم ٻوليءَ ۾ بي باڪيءَ سان جاچڻ ۾ اِضافو ڪندڙ ۽ گيان جي ڀنڊار سان ڀرپور هوندا آهن.

هيري جي ساک-لوڪپريتا (تعريف) دور دور تائين ڦهليل آهي. هيري جي خبرن پڙهڻ جو خاص انداز ماڻهن کي اڄ به ياد آهي. ماڻهو هن جي انداز ڪري ئي خبرون ٻڌندا هئا. جيتري لوڪپريتا، مقبوليت هيري سنڌي خبرون پڙهڻ جي انداز سان حاصل ڪئي آهي. اهڙي مڃتا ٻئي ڪنهن حاصل نه ڪئي آهي. گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان ٻني-ڪڇ ۾ ”سنڌي-ڪڇي لوڪ ادب“ تي رکيل سيمينار سان گڏ ٻنيءَ جو دؤرو پڻ رکيل هو. جڏهن ٻنيءَ جي سنڌي لوڪن هيري ٺڪر جو نالو ٻڌو تڏهن پوڙهن کان زالون-ٻار، ٻڍا، نوجوان هيري کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري ٽي بيٺا، هرهڪ ڳوٺ ۾ هيري جي خوب آجيان ڪئي ويئي. مونکي ۽ اسان سان گڏ اديبن کي اِهو محسوس ٿيو ته ٻنيءَ ۾ سياسي اڳوان، منتري به ايترا لوڪپريه نه رهيا آهن، جيتري لوڪپريتا هيري ٺڪر جي هئي. ”هيري ٺڪر کان خبرون ٻڌو“ آواز اڄ به فضا ۾ گونججي رهيو آهي آفرين...

شري هيرو هڪ جاکوڙي شاهاڻي شخصيت جو مالڪ آهي. خوددار، بي باڪ، صاف دل بي انصافيءَ سان ٽڪرائيندڙ، لڳاتار اڀياس ڪندڙ شخص آهي. هيري



جو سڄو گهر ۽ ڪمرو ڪتابن سان ڀرپور آهي. هن کي پنهنجي نجي لئبرري آهي جنهن ۾ هر قسم جا، هر وشيه جا ڪتاب موجوده آهن. جيڪي هو اڀياسو شخص کي ڏيڻ ۾ هچڪندو به نه آهي. ”ڪتاب اڪيلائپ جا ساڻن آهن.“، ”ڪتاب سچا وفادار دوست آهن.“ اِها ڳالهه هيري شدت سان محسوس ڪئي آهي، جيون عمل ۾ آندي آهي. هيري ٺڪر جي فطرت ۽ چاهه گهڻا-گهڻا ڪتاب پڙهڻ ان ۾ خاص معياري، اڀياسي، گنڀير، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتابن پڙهڻ رهيو آهي.

به قؤل هيري ٺڪر، ”ڪتابن ۽ ادب مونکي جيون ۾ ٽُٽڻ کان بچايو آهي، ڪتاب-ساهتيه منهنجين مشڪلاتن، ڏکين ڏينهن جو سهارو، اڪيلائپ جا ساڻن رهيا آهن.“

هيرو سنڌي ساهتيه جي مڌيه ڪالين وچولي دؤر جي تواريخ جي خاص ڄاڻ رکندڙ، شاعر، پترڪار، ريڊيو پرسارڻ، هندستان - هندواسي ۽ ٻين اخبارن سان جڙيل شخص آهي. جنهن جي ساهتيڪ شيوائن جو قدر ڪندي هن کي انيڪ انعام، اوارڊ، سنمانن سان نوازيو ويو آهي. ١٩٧٩ ۾ ڀارت سرڪار طرفان ٻن سالن لاءِ سينير ريسرچ فيلوشپ عطا ٿي آهي. هن جا شاهڪا ڪتاب راجستان، ممبئي، پونا، گجرات يونيورسٽين ۾ بي.اي.ايم.اي. ڊگرين لاءِ اڀياس ڪرم ۾ رکيا ويا آهن. شري ٺڪر صاحب نئشنل بوڪ ٽرسٽ، اين.سي.اي.آر.ٽي. مرڪزي سرڪار جي صلاحڪر ڪاميٽي، مرڪزي سنڌي ساهتيه ۽ سنڌي اڪادمي دهليءَ تي ميمبر طور ۽ راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد نيو دهليءَ تي ميمبر رهي انيڪ ساهتيڪ خذمتون ڪيون آهن.

هيرو واقع ئي هيرو آهي. هن جي ادبي ڪاوشن کي سؤ سلام...!

هيري جو هند-سنڌ ۾ بيحد لوڪپريه غزل آهي :

ڏڏُ تي جو ڏاڻ ڳُهريم هُن کان
هوُ ڏيندو، ڏيندو، ڏيندو ويو.
جيڪي ڪُجهه مونکي کپندو هو،
سو ايندو، ايندو،ايندو ويو.
ڇپ جيڏو منهنجو دامن هو.
اُپ جيڏي هُن جي مهر ميا،
مان وٺندي وٺندي ٿڪجي پيس
هوُ ڏيندو، ڏيندو، ڏيندو ويو.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# مخصوص اؤرا (Aura) جو وارث : هيرو نڪر

## - پيگوان اٽلاڻي

ديوي ديوتائن ۽ اوتارن، پيرن، پيغمبرن جي تصويرن ۾ سندن منهاندن پٺيان روشنيءَ جو هڪ گهيرو چٽڻ جي پرمپرا آهي. روماني ڀاشا ۾ اِن چڪر کي اورا يا پرڀامنڊل جو لقب ڏنو ويندو هي. هرهڪ اِنسان ۾ پرڀامنڊل مؤجود هوندو آهي. ڪنهن ۾ گهٽ تہ ڪنهن ۾ وڌيڪ روحاني سطح تي اُڀرين شخصيتن ۾ چڪر کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ ممڪن هوندو آهي. عام اِنسان جي اورا کي محسوس ڪرڻ ٻنهہ ڏکيو هوندو آهي. شڪل - شبيهہ، قد-ڪاٺي، چمڙيءَ جي رنگ، ڪپڙن-لٽن، وارن جي ڏگهي-ننڍي يا غائب هئڻ سان روشنيءَ جي گهيري جو ڪنهن قسم جو واسطو نہ هوندو آهي. چهري ۽ اَکين مان ڪلندڙ تيج سڀ محسوس ڪن اهو بہ ضروري نہ آهي. هڪ خاص طرح جي ٽيوننگ، ڊيولپمينٽ ۽ سنسڪارجن وٽ آهي، تن لاءِ اورا کي محسوس ڪرڻ يا ڏسڻ اڪثر سولو ٿي ويندو آهي. روشنيءَ جي اِن گهيري پرڀامنڊل يا اورا کي هيري نڪر جي شخصيت جو اَهڙو پاسو چئي سگهجي ٿو، جيڪو گهڻو ڪجهہ ٻڌائيندو آهي.

تيز فهم شخص ڪيترا دفعا وهنوار ڏنگا هوندا آهن. تجربو جيئن وڌندو، عقل ڪين تير ڦير ۾ ماهر بڻائيندو ويندو آهي. هيرو ٻڌيمان آهي تنهنڪري اُهاسنگرڪان شروعات ڪرڻ جي باوجود هوُ دهليءَ کي پنهنجو گهر بڻائي سگهيو. آڪاشوائيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ خبرون پڙهڻ ڪان وٺي سنڌي خبرن جي وڀاڳ جي اِنچارج جي ناتي هيري وٽ اُلجهيل پيچرن تي هلڻ ۽ هلائڻ جا اَڪيچار وجهہ هئا، پر شايد فطرت جي دٻاءُ، سنسڪارن جي سگهہ ۽ سوچ جي سلسلي کيس سرلتا ۽ سهجتا جي راهہ تان هيٺ لهڻ نہ ڏنو. آسرا ڏيئي، اُميدون جاڳائي، رنگين خواب ڏيکاري هن ڪنهنکي نہ گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نہ ناجائز يا غلط فائدا ورتا. جنهن دؤر ۾ آڪاشوائي اليڪٽرانڪ ميڊيا جو اَڪيلو عيوضي هو، هيرو چاهي ها تہ پئسي خواہ جنس جي سطح تي اَجوڳ فائدا وٺڻ جا رستا کليل هئا، پر پنهنجي اَندر کي بچائي، هن خواهشمندن کي رهبري تہ ڏني، کين اِستعمال نہ ڪيو. سرلتا ۽ سهجتا کي برقرار رکندي هيري ننڍن، سيڪرائن توڙي اُسرندڙن کي هميشهہ اِهو احساس ڏنو تہ هو هنن لاءِ اُپ جو تارو نہ، هروقت فقط هٿ وڌائڻ جيتري فاصلي تي مؤجود آهي. ڪنهن بہ سُڃاڻ شخص لاءِ هيري جي شخصيت جي اِن ڪنڊ کي سندس مُک منڊل مان پڙهڻ ڏکيو نہ هو. هوُ اڄ بہ اوترو ئي سرل، اوترو ئي سهج آهي. زندگيءَ جون



هينايون ۽ مٿايون سندس روش ۾ تبديلي آڻي نہ سگهيون آهن، پنهنجي هن گُڻ کي سلامت رکڻ لاءِ ظاهر آهي، هيري کي سڄاڳ ڪوششون ڪرڻيون پيون هونديون.

ملڪ جي هڪ ڪنڊ ٻنيءَ ۾ رهڻ وارا ڳوڻاٽا سنڌي هجن چاهي دهلي، ممبئي، ڪولڪاتا دُبئي وغيره جا سنڌي هجن هيري جو نالو ٻڌندي ئي ’هينئر توهان هيري نڪر ڪان خبرون ٻڌو‘ اَعلان کي ياد ڪندا آهن. خاص طرح جي عزت جي ڀاونا سندن چهرن تي پرواز ڪرڻ لڳندي آهي. هڪ سليبرٽي سندن وچ ۾ آهي، اِهو غرور ڀريو احساس سندن وهنوار مان نظر اَچڻ لڳندو آهي. ٻيو ڪو هجي تہ شايد ڦونڊ جي وڃي پر اِنهن موقعن تي هيري جي هاو-ڀاوَ ڳالهائڻ-ٻولهائڻ، گڏجڻ-مسڄڻ ۽ ٻدني ٻوليءَ مان جڻ تہ حليمائي ٽمڻ لڳندي آهي. هنن جي وچ ۾ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ئي هوُ هنن جهڙو ٿي ويندو آهي. خاص هئڻ جو ڏيکاءُ همت ئي نہ ڪندو آهي، سندس ويجهو اَچڻ جي، اِنهن موقعن تي ڦلداروڻ وانگر هيرو وڌيڪ جهڪيل نظر ايندو آهي، هٿن کي جوڙي جهڙي نموني هو سيني جي پاسي گهمائيندو آهي، اُن مان لڳندو آهي تہ هرهڪ کي پرڻام ڪري رهيو آهي.

ليڪڪ هئڻ سبب، آڪاشوائيءَ، اُتساهہ جي مؤجودگيءَ يا وفاداريءَ جو جذبو سياءَ جو حليم هئڻ سبب هيري کي راجنيتيءَ ۾ بُلندين جي نظر ايندڙ اڳوانن جي ويجهو هئڻ جو شرف حاصل آهي. جئرامداس دؤلترام جو تہ هوُ پُٽ جيان هو. پارليامينٽ جي ڪئنٽين ۾ هن سان گهاريل ڪلاڪن جا ڪلاڪ، اُن وقت اَٽل بهاري واجپائي سميت ڪيترن ئي مشهور اڳوانن سان اُٿڻ ويهڻ جا سونهارا پل کيس اڄ بہ ياد آهن. ڳالهہ نڪرندي آهي تہ سندس يادن جو سمنڊ ڇوليون ڏيڻ لڳندو آهي. لعل ڪرشن آڏوائيءَ کيس هميشهہ سنڌي ساهتيڪارن ۾ پنهنجي هڪ نمائندي جي روپ ۾ عزت ڏيندو رهيو آهي. خاص ڳالهہ اِها آهي تہ تعلقن جي اِنهن اونچائُن ڪان پوءِ بہ اهنڪار بانوريا تڪبر نہ سندس ڳالهہ-ٻولهہ ۾ نظر ايندو آهي ۽ نہ وهنوار ۾ اُنجا پاڇا سڃاڻي سگهبا آهن.

هيرو راجا هريش چندر تہ نہ آهي پر هوُ ڪوڙ ڪان ڪنارو ڪرڻ ۽ سچ جي پڪش ۾ بيهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو آهي. نتيجي طور ملق جلڻ وارن، دوستن ۽ مائٽن ۾ سندس ڇبي ڀروسيمند شخص جي آهي. ڪو واعدو هيري ڪيو آهي تہ ضرور نڀائيندو، اِهو وشواس هر ڪنهن جي من ۾ هوندو آهي. راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد ۽ ٻين اِدارن ۾ اِختلاف وارن مُدن تي هوُ هميشهہ سچ جي پاسي بيٺل نظر ايندو آهي. ڀلي اِهو سچ اختياريءَ وارن جي برخلاف ڇونہ هجي پر هيرو مضبوطيءَ



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

سان مخالفت جو آواز بُلند ڪندو نظر ايندو ڪنهن محل جيڪڏهن اهڙي موڙ تي هجي جتي ڪوڙ کان ڪم وٺڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هجي تڏهن به هو خاموش رهي پاسيرو ٿي ويندو. ڪوڙ تي ٻڌل دليلون کيس متاثر نه ڪنديون. عمر وڌڻ کان پوءِ سچ جي پڪش ۾ مخالفت جو سندس جذبو ڍلي اڳ جي مقابلي اوترو اڳرو نه هجي پر اڄ به سندس ساٿ ڪوڙ کي نه، سچ کي ئي ملندو.

سچ جي پوئواري ڪندي هيري جو نقصان-فائدي جو ڊپ ڇڻ ته غائب ٿي ويندو آهي. حدون نه اورانگهي زوردار نموني زور لڳائي اَندر جي آواز کي اونائڻ سبب موقعا پرستن جي ميڙ ۾ ڪڏهن ڪڏهن هو اَڪيلو ٿي ويندو آهي. تنهن هوندي به سمجهوتو ڪري سچ کي پٺي ڏيئي ڪوڙ سان گڏ نه بيهندو. يا ته اڳرو ٿي ويندو يا خاموش ٿي ويندو پر غلط شخص جي گروهه ۾ شامل نه ٿيندو هيري جي اِن خوبيءَ جا نشان سندس چهري تي نمايان هوندا آهن.

سنڌي ساهت جي پهرئين درجي جي ذاهن ۽ ودوانن کوجنيڪن ۾ شماريل هيري کي سنڌ ۾ پڻ هند جيتري عزت ملندي آهي. ڀارت ۾ ته هو سيمينارن جو شان هوندو ئي آهي، سنڌ جا اِدارا پڻ کيس نينڊ ڏيئي گهرائيندا رهندا آهن. سنڌ جي ڪنهن ڪانفرنس ۾ جيڪڏهن ڀارت مان فقط هڪ اديب کي گهرائڻو هجي ته هيري نڪر کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه هوندو. شاهه عبدل لطيف جي عرس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ته کيس هر سال نينڊ ملندي آهي. ويزا نه ملڻ سبب يا ٻين ڪارڻن سان جيڪڏهن نه وڃي سگهي ته سنڌ وارن کي وڏي ڪمي محسوس ٿيندي آهي.

هيري نڪر پنهنجيءَ سڄي ڄمار ۾ جن سان دوستي ڪئي آهي، جن سان ناتا ڳنڍيا آهن، سموري شدت ۽ ايمانداريءَ سان اُنهن کي نڀايو آهي. ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏيڻ، صالح مصلحت ۾ گڏ بيهڻ ۽ ڪلئي تو ڙي پوشيده نموني سندن فائدي جي چنتا ڪرڻ سبب جن سان هن جا ناتا جڙيا، قائم رهندا آيا آهن. ڪٿي به وڃي، هيري جي پيڳ پاٽيءَ جو ڏيان رکڻ وارا ملي ويندا. جنهن ايماندار جذبي سان هو ناتا نڀائيندو آهي. تهنجو جوڳو جواب کيس ملندو رهيو آهي.

هيري نڪر جي سرلتا، سهجتا، حليمائي، اهنڪار جي جاءِ ۾ نه ڦاسڻ جي ڪامياب ڪوشش، بي ڊپائيءَ سان سچ جو ساٿ ڏيڻ جي قوت، ناتا نڀائڻ جو ايماندار جذبو سندس کوجنيڪ ۽ ڪوي، ساهتيڪار سان گڏجي هڪ وٽندڙ شخصيت جي روپ ۾ سامهون ٿا اَچن. اِهي خصوصيتن هيري جي مک منڊل جي اِرد گرد روشنيءَ جو اَهڙو چڪر ٺيون ٿاهن، اَهڙو پرڀا منڊل، اهڙو اورا ٺيون خلقين جنهنکي درگذر ڪرڻ شايد ناممڪن آهي.



# سڳن آهوجا تي مونوگراف - ليکڪ : هيرو نڪر

- ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان ڀارتيه ساهتيه جا اڏيندڙ جي رڻا هيٺ سڳن آهوجا تي هيءُ مونوگراف هنديءَ ۾ سنه ۲۰۱۰ع ۾ شايع ٿيل آهي. مونوگراف جو رچناڪار سنڌيءَ جو ناميارو تخليقڪار هيرو نڪر آهي. هيرو نڪر سنڌيءَ جو هڪ جاکوڙي محقق آهي. قاضي قادن جي بيتن تي ڪيل هيري نڪر جي تحقيقي عالماڻي عمل کيس هند سنڌ ۾ بيحد شهرت ۽ مقبوليت عطا ڪئي.

هتي مونکي هيري نڪر جي ''سڳن آهوجا'' مونوگراف تي ڳالهائڻو آهي. هيءُ مونوگراف سڳن آهوجا جي قداور ادبي شخصيت ۽ ان جي فن فڪر کي ساڻ ڪري هلندڙ، هنديءَ ۾ لکيل هڪ اعليٰ علمي ڪارنامو آهي. سڳن آهوجا پنهنجي نرالي ذات ۽ ڏانو ڪري، پنهنجي همعصر اديبن ۾ هڪ نمايان حيثيت ماڻي، هڪ وڏو رتبو حاصل ڪيو.

سڳن آهوجا هڪ جينئس هو، پر وقت ان سان وفا نه ڪئي، قدرت نامعلوم ڇو هن سان بي وفائي ڪري، وقت کان اڳ ئي کيس پاڻ وٽ گهرائي ورتو. شيليءَ جو موت ٻيڙيءَ جي ٻڏي وڃڻ ڪري ٿيو. ٻڏي مرڻ وقت شيليءَ جي عمر ٽيهه سال هئي. ڪيٽس کي کنگهه سان گڏ رت اچڻ لڳو هو. هن جو چالاڻو ۲۳ فيبروري ۱۸۲۱ع ۾ ٿيو. اُن وقت ڪيٽس ۲۶ سالن جو مس هو. اسان جي عزيز همدم سڳن آهوجا سان به ساڳي ڪار هئي. ۱۴ ڊسمبر ۱۹۶۴ع ۾ هن کي اڏرنگ ۽ رت جي داٻ جي چپيٽ آئي، جنهن جو سڳن هڪ سال، هڪ مهنو ۽ ستاويهن ڏينهن مقابلو ڪيو. موت جو مقابلو ڪندي هن ۱۰ فيبروري ۱۹۶۶ع ۾ پنهنجو چولو ڇڏيو. ان وقت هن فنڪار ۽ فيلسوف جي ڄمار فقط پنجيتاليهه سال هئي. اُن مختصر حياتيءَ ۾ ئي سڳن فن جي بلندين کي ڇُهي ورتو هو. هو اڄ به اسان جي ادب جي هڪ معتبر شخصيت آهي. هيءُ ڪتاب انهيءَ مان واري شخصيت سڳن آهوجا جي شاعري، شخصيت، فن ۽ فڪر کي سمجهڻ لاءِ تخليق ٿيل آهي. سڳن آهوجا جي حياتي، شخصيت، فن ۽ فڪر تي هن تخليق ۾ جيترو مواد شامل آهي، اوترو ٻئي ڪنهن به هڪ هنڌ نٿو ملي.

هن مونوگراف ۾ هينيان باب آهن :

۱. سڳن آهوجا



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

٢. حياتي ۽ شخصيت

٣. جيون درشن ۽ ادبي نظريو

۴. سڳن : پيار محبت، ترقي ۽ انقلاب جو شاعر

۵. هڪ شعوري ڪهاڻي نويس

٦. نئين سجاڳي آڻيندڙ ناول

٧. شاعريءَ جي فن جو ماهر

پهرين بابن ۾ هيري، سڳن آهوجا جي حياتيءَ جا ڪيترا پوشيده پهلو ذڪر هيٺ آندا آهن. سڳن آهوجا ترقي پسند لڏي ۾ پنهنجو وارو وجائي ويو آهي. هيري، سڳن آهوجا جي فلسفا نہ رجحانن بابت ادبي پس منظر ۾ وڏي سنجيدگيءَ ۽ تفقيلن سان لکيو آهي. سڳن جي تخليقي تجربن تي هيلتائين ايترو علميت ۽ تفصيلن سان ٻئي ڪنهن بہ اَديب نہ لکيو آهي.

شاهوڪار گهراڻي ۾ جاول سڳن آهوجا کي ڀارت جي ورهاڱي کانپوءِ ڪيترين ئي مالي مشڪلاتن مان گذرڻو پيو.

هن ڊي.جي. ڪاليج، ڪراچيءَ مان سنہ ١٩۴١ع ۾ بي.اي.جي. ڊگري حاصل ڪئي هئي. ڪاليج ۾ سڳن کي چرندڙ پرندڙ لائبرري ۽ انسائيڪلوپيڊيا ڪري چوندا هئا. هو سنڌي، انگريزي ۽ اُردو ادب جو عالم هو. پرپوءِ بہ هن کي ڀارت ۾ ڪا ڍنگ جي نوڪري حاصل نہ ٿي. هن ڪيترائي ڌنڌا ۽ نوڪريون ڪيون، پر لڪشميءَ جي عنايت پڇاڙيءَ تائين هن تي نہ ٿي. انهن ڏينهن ۾ زندگيءَ جي ڏاڍاين هيٺ سڳن هيئنيون غزل لکيو :

زندگي، تنهنجي ادائن مان ٿيو بر آهيان،
غم جا پهلو تہ بدل، نيٺ بہ شاعر آهيان.

بيشمار مشڪلاتن ۽ بيمارين جي اسهيہ پيڙا سهندي بہ هن جي چپن تي سدا مشڪ نمودار رهي. هيرو نڪر هن مونوگراف ۾ انهن تمام ڳالهين کي اُجاگر ڪندي، فڪري پس منظر ۾، سڳن جي شاعريءَ جي گهري پرک ڪري ٿو، ان جون عظمتون ۽ بلنديون ڏيکاري ٿو ۽ سڳن جي ٻوليءَ جي ڪرشمن جي بہ ڪٿ ڪري ٿو. هيرو نڪر، سڳن آهوجا جي شاعريءَ جي فن جي نزاڪتن ۽ باريڪبينين کي اُجاگر ڪرڻ ۾ ڪامياب ان ڪري ويو آهي جو هو شاعريءَ جي فن، علم عروض توڙي چند وديا جي علم جي شناس رکي ٿو.



سڳن آهوجا جو جيئري ايترو قدر نہ ٿيو، جيترو ٿيڻ کپندو هو. سڳن جي جيئري، سندس ڪوبہ ڪتاب نہ ڇپيو. سڳن جي موت کانپوءِ ئي سندس تخليقون ڇپجي شايع ٿيون. هيري نڪر، سڳن آهوجا جي مونوگراف ۾ سڳن جي هيٺين ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي :

١. ناول : ڪنول جاڳي اُٿيا (ميءِ ١٩٦٦)

٢. گڏيل رچنائون : پياري چيز (١٩٦٦)

٣. ڪهاڻيون : بي آگ جلن تا پروانا (جون ١٩٦٦)

۴. ڪوتا : ارمان (١٩٦٨)

هيري نڪر، سڳن آهوجا تي لکيل مونوگراف جي پوين بابن ۾ سڳن جي شاعري، ڪهاڻين ۽ ناول جي عالماڻي پرک ڪئي آهي. هو پنهنجي تخليقي فهم ۽ ماهرت سبب، سڳن آهوجا جي اديبا نہ ٻڌايو آهي تہ سڳن آهوجا ڀن ڀن صنف-سخنن تي قلم آزمائي ڪري، منجهن گهريل تاثير اُجاگر ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، پوءِ چاهي اِهو نظم هجي، آزاد نظم هجي، قطع هجي، رباعي هجي چاهي سانيٽ هجي. پر سڳن آهوجا پنهنجي نرالي اسلوب سبب، غزل ۾ مٿاهون مقام حاصل ڪيو. هيرو، سڳن جي ڪهاڻين لاءِ لکي ٿو. ”سڳن آهوجا، جيتوڻيڪ ڪهاڻيون تمام ٿوريون لکيون آهن، پر اُهي پنهنجي فن-فڪر، عبارتي وصفن ۽ پڪي پختي ٻوليءَ سبب، سنڌي ڪهاڻي ادب ۾ نمايان حاصلات ٿي رهنديون.“ ’بسڪيٽ‘، ’رعب‘، ’پاڙيسري‘، ۽ ’مان سوچيندو آهيان‘ سڳن آهوجا جون سنڌيءَ جي سٺين ڪهاڻين ۾ شمار ٿيل آهن. سڳن آهوجا هڪ ئي ناول لکيو : ”ڪنول جاڳي اُٿيا.“ هيري نڪر هن ناول جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي آهي. هن ناول جو نائڪ آدرش سماجوادي آهي. هو سپنو ٿو ڏسي تہ دنيا ۾ ڪوبہ غريب نہ هجي. جڏهن ڳوٺ ۾ ڏڪار ٿو پوي تہ هو تحرڪ ٿو هلائي : ”مان ڳوٺ جي ماڻهن کي جيئڻ سيکاريندس. مرڻ تہ اچي ٿو، مان کين جيئڻ سيکاريندس.“ هيري نڪر هن ناول کي ١٩۵٠ واري ڏهاڪي جو هڪ غير رواجي ناول سڏيو آهي. سڳن اهوجا جي شاعرانہ علميت جو اندازو سنہ ١٩٦٢ع ۾ نارايڻ شيام جي ”روشن چانورو“ لاءِ لکيل چاليهن صفحن جي طويل مهاڳ مان لڳائي سگهجي ٿو. ”روشن چانورو“ جي مهاڳ، نہ صرف شيام جي شاعريءَ کي چمڪايو پر سڳن بہ شاعرانہ قوتن سبب اَدبي دنيا جو مرڪز بڻجي پيو. ساڳيو عمل سنڌ ۾ شيخ اياز لاءِ محمد ابراهيم جويي جي مهاڳن ڪيو آهي. اهو ئي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سبب آهي جو هيري نڪر، سڳن آهوجا تي لکيل مونوگراف جي آخرين باب ”شاعريءَ جي فن جو ماهر“ ۾ ”روشن چانورو“ لاءِ لکيل مهاڳ کي سنڌي ادب جي هڪ شاهڪار تخليق مڃيو آهي.

سنڌي ادب ۾ معياري تنقيد ۽ تحقيقي ادب جي سخت اڻاٺ آهي، ان لحاظ کان به تخليقڪار جي هيءَ ڪوشش داد جي مستحق آهي. علميت، گهرائي، وسعت ۽ فني نزاڪتن جي پرک جي حوالي ۾ هيرو نڪر جو ’سڳن آهوجا‘ مونوگراف هڪ اهم حيثيت رکي ٿو.

بسنست هيءَ رچنا فني فڪري طور سوچ جي وشال ڪائنات کي اُجاگر ڪري ٿي. هن ۾ مواد جي چونڊ هڪ خاص رٿا ۽ سوچ هيٺ ڪيل آهي. مان اها ڳالهه وڏي اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته آئينده ۾ سڳن آهوجا جي فن ۽ فڪر تي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ڪندڙ محقق يا نقاد هيري نڪر جي هن ڪتاب جي مدد بنا پنهنجو عمل ڪاميابيءَ سان سرانجام ڪري نه سگهندا. ايندڙ زماني ۾ سڳن آهوجا جي شخص، شخصيت، فن ۽ فڪر تي ٿيندڙ تحقيقي عمل لاءِ هيري نڪر جو هيءُ مونوگراف هڪ سنگ بنياد تي نمايان حيثيت ماڻيندو.



# هيرو نڪر- ادب جو عميق خزانو

- ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي.

هڪڙا اُهي ماڻهو آهن، جي دنيا ۾ پير پائيندي ئي خوش قسمتيءَ سان وڏا ماڻهو ٿي جنم وٺندا آهن. ٻيا وري پنهنجو نالو ڪڍڻ لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي مشهوريءَ لاءِ ڪجهه به ڪندا آهن ۽ آخر وڏا ماڻهو ٿي ويندا آهن. پر اُهي تمام ٿورا شخص هوندا آهن جي صرف پنهنجي لياقت، محنت ۽ خلوص سان ڪم ڪندي وڏي عزت جا مالڪ بڻيا آهن. اُها عزت دائمي هوندي آهي ۽ اُنهن جي شخصيت هر ماڻهوءَ جي دل تي نقش هوندي آهي. اهڙي ئي شفقت ڀري ۽ پُروقار شخصيت جو مالڪ، جنهن کي سونهاري سنڌ جي هڪ چيڙي کان ٻئين چيڙي تائين بهترين هندوستاني محقق طور سڃاتو وڃي ٿو، انهن ۾ پاڻُ هيرو نڪر سر فهرست آهي.

آئون ١٩٧٧ع ۾ جيجل سنڌ کان جدا ٿي هند آيس. ١٩٧٨ ۾ اُلهاسنگر جي هڪ بوڪ سيلر وٽ هڪ قيمتي نسخو ”قاضي قادن جو ڪلام“ ڏٺم. ڏسندي ئي خوشي ۽ حيرت جي حد ئي نه رهي. هڪ ڪاپي سنڌ ۾ پنهنجي اُستاد محترم سائين ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“ ڏانهن موڪليم. شايد هڪ ڪاپي اُستاد، پروفيسر غلام حسين جوڻيجو ”فقير“ صاحب کي به موڪليم ۽ هڪ ڪاپي پاڻ وٽ سانڍي رکيم. ڪتاب جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪندي، اُن تحقيق جي مالڪ هيرو نڪر سان اڻ ڏٺي محبت ۽ صدق ٿيندو رهيو.

١٩٨٠ ڌاري آل اِنڊيا ريڊيو دهلي، ٽي.ايس.ڊي. سروسز ۾ سنڌي انائونسر جي جاءِ خالي ٿي، جنهن لاءِ آئون به اُميدوار ٿي هزارها ميلن جو سفر طئه ڪندي جڏهن دهليءَ آيس ته ادا نڪر صاحب جي قربت ۽ صحبت جو فيض ماڻي سگهيس. هن سان ڪيل پهرين ملاقات اڄ به منهنجي دل تي اُڪريل آهي. لارينس ڪالوني، دهليءَ واري گهر ۾ ڪليل دروازي مان داخل ٿيندي ئي هن کي سنڌي علم ادب جي معمار، قاضي قادن جي ڪلام واري اوائلي ديوناگري قلمي نسخي تي وڏيڪ ڪم ڪندي ڏٺم. هيءُ پاڻُ به اهڙي عميق قرب، پيار ۽ پاٻوهه سان مليو، جو پانءِ ته سڄي پاڻُ سان مليو هجان!

اُن ڏينهن کان اَڄ تائين رفاقت جو اِهو سلسلو وڌندو ئي رهيو آهي. هاڻ ته ممبئي يونيورسٽي اندر سنڌي وڀاڳ ۾ ڪم ڪندي ڪيترن ئي مرحلن ۾ سائين



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ادا هيري ٺڪر صاحب جي رهنمائي ۽ پرپور ساٿ ملندو رهيو آهي. انهن کان مليل شفقت جي نتيجي ۾ رب پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدهه ريز ٿيندو آهيان ته هن ناچيز کي اهڙين بهترين شخصيتن جو ساٿ بخشيو آهي.

ڀارت ۾ سنڌي ادب ۾ تحقيق جي ميدان ۾ پاءُ هيري ٺڪر جو اهم مقام آهي. ”قاضي قادن جو ڪلام“ سندس محققاڻي جاکوڙ ۽ علمي لياقت جو ثبوت آهي. اِن هڪ ئي تصنيف هيري ٺڪر کي پوري سنڌي علم ادب جي تاريخ ۾ حيات جاوداني بخشي ڇڏي آهي. صديون گذري وينديون، تمام اِنسان جي پيرن جا نشان مٽجي ويندا، پر هيري ٺڪر جو نالو سنڌي ادب ۾ سونهري اکرن سان لکيل قائم رهندو.

”قاضي قادن جو ڪلام“ ته يگاني مقبوليت جو حامل آهي ئي، پر ان سان گڏوگڏ ١٩٩٠ع ۾ ساهتيه اڪاڊميءَ جي ڇپايل ”پيرومل مهرچند“ مونوگراف به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. مان سمجهان ٿو ته هيءُ تحقيقي ڪتاب، نه صرف پيرومل جي شخصيت، زندگي ۽ سندس اعليٰ ادبي تصنيفات جي ڄاڻ ڏئي ٿو، پر ائين ڪٿي ڇئجي ته پيرومل آڏواڻيءَ بابت سنڌي ادب جو هيءُ ريڊي ريڪون آهي، جنهن مان ڪنهن به وقت گهرج موجب مواد حاصل ڪري سگهجي ٿو. وڏي ڳالهه ته پيرومل بابت ايترو سارو مواد هن لائق محقق ڪيئن هٿ ڪيو! ڪٿان ڪٿان هٿ ڪيو! ڪيئن ويهي اُن مواد کي موضوع موافق الڳ الڳ دفعن ۾ ورهائي، ههڙو شاندار مونوگراف ادب دوست حضرات آڏو پيش ڪيو! ان لاءِ سندس علم، چاهه ۽ محنت ٿنهي کي داد ڏيڻ ضروري آهي.

هيري ٺڪر جو ادبي ذوق ۽ علمي لياقت ان مان ظاهر آهي ته هن جي شرڪت، ڀارت ۾ ڪنهن ادبي سيمينار وغيره لاءِ معنيٰ خيز ۽ عزت افزائيءَ جي ضامن هوندي آهي، جتي هو پنهنجي پرپور علمي صلاحيت ۽ گهري ڄاڻ جو مظاهرو ڪري سگهندو آهي. ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ راقم الحروف جي دور ۾ هن پاءُ ڪيترائي گوهر افشان مقالا شائقين ادب آڏو پيش ڪيا آهن. هن ١٩٩٧ع ۾ پنهنجي ڪجهه مقالن کي گڏ ڪري ”تحقيق ۽ تنقيد“ جي عنوان سان هڪ بهترين تصنيف، سنڌ ادب کي ڏيندي هندستان سان گڏوگڏ سنڌ جي اعليٰ علمي حلقي کي به مسرت افروز ڪري ڇڏيو. مون کي شخصي طور تي خوشيءَ سان گڏوگڏ ڪجهه روحاني تسڪين پڻ ملندي آهي، جو هن قابل محقق ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل مقالا به اُن ڪتاب ۾ داخل ڪيا آهن.



هيري ٺڪر صاحب، هڪ ٻي به ڏاڍي وڏي تحقيق پنهنجي گهر ۾ سوڌي ۽ سنواري رکي آهي. آئون جڏهن به دهليءَ ويندو آهيان ته اُن مسودي بابت ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن. هيري جي محبت ۾ علم ادب تي بحث ڪندي خبر ئي نه پوندي آهي ۽ ڏينهن جا ڏينهن نڪري ويندا آهن. تازو هينئر ئي ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنهن سرڪاري ڪم سان دهليءَ وڃڻ ٿيو. سائين ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ هيري ٺڪر جو اِسرار هيو ته هردوار ۽ مسوريءَ مان ٿي اچجي، ڇوته مسوري هل اِسٽيشن مون ڪونه ڏٺي آهي. پر مون چيو مان ته مونکي هنن محفلن مان ئي اجا پوري ترپتي ڪونه ٿي ملي، ته ان مان به شخصي تسڪين لاءِ وقت ڪٿان آڻجي.

هيري ٺڪر جي گهر جي وشال لائبرريءَ ۾ ضرورت موجب هر ڪتاب ملي سگهي ٿو. نه صرف ڪتاب، پر وابسط ڪهڙي به موضوع تي هن سان ڳالهاءِ ته پنهنجي عميق ڄاڻ جو خزانو ڦهلائي ڇڏيندو آهي. وقت ۽ حال جون سيمائون اورانگهي اسين ڄڻ الائي ڪاٿي پهچي ويندا آهيون. ٺڪر صاحب جي نه صرف پنهنجي شخصيت، پر هن جي پوري گهر ۾ مون کي جنهن پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي. اُن لاءِ آئون ايشور در پرارٿنا ڪريان ٿو، جو اِها اُن جي ئي مهر آهي ته ڦُن مون ناچيز کي ههڙن پيارن پائرن جي رفاقت ۽ محبت بخشي آهي!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# هيرو ٺڪر: پنهنجو پاڻ مان، پنهنجو پاڻ سان

**- نندلال جويري**

اِنسان هڪ علم پنهنجو پاڻ جي ٻاهرمان، حواسن ذريعي پائي ٿو. اِهو علم هن جي دماغ جي هارڊ ڊسڪ ۾ جمع ٿئي ٿو. ٺيڪ جيئن ڪامپيوٽر ۾ ٿيندو آهي. ان علم کي خبري علم چئبو آهي.

اِنسان پنهنجي چيتا سبب هڪ شعوري وجود آهي. نئين جاول ٻارکي ٻڪ لڳي ٿي ۽ جيئن ئي ماءُ جي ڇاتي هن جي سامهون اچي ٿي، اُن ڏانهن چڪجي ٻڪ مٽائي ٿو. هن جو ائين ڪرڻ هن جي دماغ ۾ درج ڪيل نٿو هجي، پر اِهو ڪرم هن جي شعورسان هجي ٿو. اِها هن جي 'نجتا' آهي. ان نجتا جو واسطو ٻاهرئين ڪنهن بہ علم سان نٿو هجي. اِنسان جو اِهو شعور اِنسان جي شڪتي آهي، جنهن کي پرماتما جو انش آتما چيو ويو آهي. چيتنا شڪتي آهي ۽ شڪتي پنهنجي سياويڪتا سبب سدا ڦهلجندي رهندي آهي. آتما ڦهلجي مهاتما ۽ مهاتما ڦهلي پرماتما ٿئي ٿو اِن کي مُڪتي چئجي ٿو.

رچنا ڪو اَکرن جو جوڙ ناهي، اِنڪري ئي اِسڪول جو ماستر جنهن وٽ اکرن جو خزانو هجي ٿو، هسو رچناڪار نٿو هجي، ڪويتا، ڪهاڻي نٿو لکي سگهي، ڇوجو اکرن کي فقط معنيٰ نہ هوندي آهي، انُهن کي احساس بہ ٿيندو آهي. اِنڪري ٿورڙائي اَديب هجن ٿا، جن جون رچنائون پنهنجو پاڻ مان ۽ پنهنجو ساڻ سان هجن ٿيون.

هڪ وقت هيرو ٺڪر اِسڪول ۾ ماستر هو، جتي هن جي سامهون شاهہ عبداللطيف جو هي بيت آيو :

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، ٻيا پنا پڙهندين ڪيترا!

لطيف سائينءَ جون هي بہ سٽون هيري ٺڪر کي ڇڪي پنهنجو پاڻ ڏانهن ڳِهلي ويون، حقيقي علم ڏانهن ڳِهلي ويون.

اشٽ وڪرگيتا، مانڊوڪ اُپنشد ۾ صاف صاف چيل آهي تہ ''رگويد يجرويد، اٿرووِيد سام ويد، گرامر ڇند وديا سڀ هينيان گيان آهن، آتم گيان ئي مٿاهون گيان آهي.''

هيري ٺڪر بہ اکرن جي معنيٰ کي پنيان ڇڏي، اکرجي آتما کي پڪڙڻ جو جتن



books.sindhsalamat.com

ڪيو. اِن ڏس ۾ هيري ويدن جو اپياس ڪيو، اپياس ڪندي، هن جي اندر جو شعور جاڳي اُٿيو. هن جو شعور گيان ۾ ڦهلجندو ويو. انُهن ئي ڏينهن ۾ هيري کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٥٠٠ سال اڳ جا لکيل بيت هٿ اچي ويا، جيڪي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئا، جنهن ۾ اکر اکرن کان الڳ ڪونہ هئا، پرپوري سِٽ هِڪ ئي لڪير هيٺ، هڪ اکر جي روپ ۾ هئي، انُهن ۾ هِڪ بيت هو :

ज़ेरा जबरा आयतां अखर अन्तनपार
हेकड़ियो ईमान में लहंद सभनी सार

هيري ٺڪر نون لڌل بيتن تي بہ سال ڪم ويهي ڪيو ۽ انُهن جون پڙهڻيون، معنائون، سمجهاڻيون ظئہ ڪري، ''قاضي قادن جو ڪلام'' نالي ڪتاب ڇپايو. اُن ۾ هُن اِن بيت جي صورت هئين ڪري بيهاري.

زيران زبران آيتان، اکر انت نہ پار
هيڪڙو ايمان ۾ لهندين سيني سار

ڪتاب ۾ ڪل ١١٩ بيت آهن، جيڪي مذڪور سچي شعورکي ظاهر ڪن ٿا. وڏي ڳالهہ تہ اِن سان سنڌي ساهتيہ جي پهرئين شاعر قاضي قادن جو وڏي مقدار ۾ لکل ڪلام ظاهر ٿي بينو هونئن تہ سنڌي سماج کان ٻاهر 'ٺاڪر' لفظ وڏيڪ وهنور ۾ آهي ۽ جنهن جي معنيٰ 'مکي' بہ ٿيندي آهي. پر هيرو هڪ صوفي آهي، هو سالڪ آهي، اِن سبب ئي هوڪوجنيڪ آهي.

هيرو ٺڪر قاضي قادن جا بيت ڳولهي لهڻ بعد چپ ڪري نہ وينو آهي ۽ اجا بہ ڪيترن ئي کوجنا ڪارين ۾ لڳل آهي. منهنجون هيري ٺڪر لاءِ دل سان شُڀ ڪامنائون.



www.sindhsalamat.com

# سترنگي ''اِندلت'' جو ڏٽي - هيرو ٺڪر

- ڪيمن يوُ. مولائي

هيءُ سنسار هڪ اهڙو عجوبو آهي، جنهن جو اَنت ڪنهن نہ پاتو آهي، ان ۾ بہ وري اِنسان جي زندگي هڪ اهڙي ٻجھارت آهي، جنهن کي اَڄ تائين ڪوبہ سلي نہ سگھيو آهي، اِنسان جي زندگي ڪهڙي هنڌ تان ٿي ڪهڙي هنڌ ختم ٿيندي ان جي ڪنهن کي بہ ڪا خبر ڪانهي، ايندڙ پل جو ڪو پتو ڪونہ ٿو پوي. آد جُڳاد کان وٺي انهن ٻجھارتن کي سلڻ لاءِ اِنسان اُدم ڪندو رهيو آهي، پر اڃا تائين اها ۽ ان جهڙيون ٻيون ڪيئين ٻجھارتون ائين جو ائين قائم آهن، شايد ان ڪري ئي آخري مغل بادشاہ بهادرشاہ ظفر جي اُستاد ۽ سندس دربار جي راڄ ڪوي شيخ اِبراهيم ذوق لکيو هوندو :

لائي حيات آئي قضا لي چلي چلي،
اَپني خوشي نہ آئي اَپني خوشي چلي.

هندن جي پوتر گرنٿ ڀڳوت گيتا جي اَڌياءَ پندرهين جي سلوڪ اٺين ۾ رشي ويدوياس ڀڳوان سري ڪرشن جي واتان چوايو آهي تہ جهڙيءَ طرح هوا ڳنڌ کي هڪ جڳہ تان ٻئي جڳہ تي کڻي ويندي آهي، تهڙيءَ طرح سرير ڌارڻ ڪندڙ جيون جي مالڪ جيو آتما جڏهن پهريئين سرير کي ڇڏيندي آهي تڏهن اِن مان من ۽ اِندرين کي کڻي وڃي ٻئي سرير ۾ داخل ٿيندي آهي.

هيرو ٺڪر اسان سنڌين جي اشٽ ديو ورڻ اوتار شري اَمر اُڏيرلال جي خاندان مان آهي. ان ڪري هو گھر ۾ نت نيم سان وڏن جي روايت موجب پنهنجي اِشٽ ديو جي پوڄا ڪندو آهي. سندس جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٢ مارچ ١٩۴٣ع تي شري ڄيٺالعل ٺڪر ۽ ماتا لڇمي ٻائيءَ جي گھر ۾ ٿيو، اهو اتفاق ئي ليکبو تہ منهنجي ماتا جو نالو بہ لڇمي ٻائي آهي. ڀلي هو مون کان لڳ ڀڳ سوا سال وڏو آهي ۽ ورهاڱي وقت حيدرآباد سنڌ جي پرائيمري اِسڪول ۾ ٻئي درجي ۾ پڙهندو هو، تنهن هوندي بہ اسان ٻنهي ٻالپڻ ۾ ورهاڱي جا ساڳيائي سور ڏٺا ۽ سَٺا. جڏهن بہ ڪٿي ورهاڱي جي ڳالهہ نڪرندي آهي تہ زمين کان وڇڙڻ جو درد اسان ٻنهي جي دلين مان جوالامُکي جبل جي لاوا وانگر ڦٽي نڪرندو آهي. اکيون آليون ٿي وينديون آهن.

سنڌ جا ڪي سنڌي ڀائر چوندا آهن تہ ورهاڱي وقت سنڌ جا هندو پنهنجي من مرضيءَ سان پنهنجو وطن ڇڏي هليا ويا هئا. اها ڳالهہ اُن ڦٽ تي لوڻ ٻُرڪڻ



جهڙي آهي، جيڪو اڄ بہ ڇٽو ڪونهي. اهو ناسور سنڌي هندن جي روح جو ناسور آهي. جيڪي ورهاڱي وقت هندن جون مال ملڪيتون قبائڻ جا سپنا سانڍي چپ چاپ پنهنجن گھرن ۾ لڪا ويٺا رهيا ۽ ڌارين کي لوڌڻ بدران انهن کي مکڻ مانيون کارائي سندن سواگت ڪندا رهيا، انهن کي ڪوئي سمجھائي بہ ڪيئن ٿو سگھي تہ ڪوبہ اِنسان خوشيءَ سان پنهنجو اجهو، مال ملڪيت ڇڏي، گھر وارن کي وٺي هتين خالي وطن ڪونہ ڇڏيندو آهي. سنڌي هندو سنڌ ڌرتيءَ جا اصل وارث آهن، سنڌ انهن جي روح ۾ سمايل آهي. خير.

ورهاڱي جي ماريل سنڌي هندن وانگر سنڌ ۾ ڄاول هيري ٺڪر جو ننڍپڻ بہ شرنارٿي ڪئمپن ۾ گھاريل دردن جو داستان آهي، جياپي جي جنگ جي ڪهاڻي آهي. هو ٻاڌ لکي ٿو ''سنہ ١٩۴٧ع ۾ ورهاڱي وقت لوٽ مار ۽ خونريزيءَ واري ماحول سبب، اسان پنهنجي ماترڀومي سنڌ مان لوڏجي، مصيبتن جي طوفان ۾ سڪل پنن وانگر اُڏامندا، وڪرندا، جهرندا، جوڌپور، جئپور، اسولي (ليڪ بيل) جي شرڻارٿي ڪئمبن ۾، 'فري راشن' لاءِ لائينن ۾ انتظار ڪندي، ٺوڪرون کائيندي، سياست جي راند جون چوٽون سهندا رهياسين ۽ آخرڪار ممبئيءَ جي ويجھو ڪلياڻ ڪئمپ ۾ وڃي آباد ٿياسين. منهنجو بابا جيڪو سنڌ ۾ گيهہ ۽ صابڻ جي فئڪٽري سَنئي نموني هلائي رهيو هو، سو ورهاڱي واري گردش ۾ پنهنجي جمع پونجي سانده وڃائيندو رهيو ۽ پارت ۾ نئين سر آباد ٿيڻ لاءِ، هر طرح جون ڪوششون ڪرڻ جي باوجود، ڪامياب نہ ويو، گھٽن ئي ڏنڌن ذريعي قسمت آزمائڻ ۽ اسڦل ٿيڻ بعد، اٺن ڀاتين جي گذر بسر لاءِ آخرڪار هن چاليهہ روپيا ماهوار واري نوڪري بہ قبولي ورتي، جنهن لاءِ هن کي ڪلياڻ ڪئمپ جا وڻ ڇڏي، ناگپور جي ويجھو چاندا نالي هڪ ننڍڙي بستيءَ ۾، پريوار کان دور رهڻو پيو اسين اڪيلا ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهندا هئاسين، پريوار ۾ منهنجي ڏاڏي، منهنجي ماءُ، ٻہ وڏيون ڀينر، ٻہ ننڍيون ڀينر ۽ مان شامل هئاسين.''

هيرو ٺڪر ٻڌائيندو آهي تہ هن ننڍي هوندي ئي پيٽ جي ٻک مٽائڻ خاطر گليءَ گليءَ ۾ چڪر لڳائي ڪڏهن ڪٽمنڙا ۽ جواهري گولا، تہ ڪڏهن وري ڪلفيون ۽ چولا وڪيا، سنڌ مان لڏڻ وقت ڪوبہ لوهي سامان، مشين وغيره کڻي اچڻ تي بندش پيل هئي، پر سندس امان پنهنجي جرمنيءَ جي سينگر ڪمپنيءَ واري سلائي مشين هندن ۾ ويڙهي لڪائي کڻي آئي هئي، ان وقت الُهاسنگر ۾ ١٢ بريزرون سبي ڏيڻ



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

تي اٺ آنا ۽ ١٢ قميصون سبي ڏيڻ تي ڏيڍ روپيو ملندو هئو. هو ڪنهن دڪاندار کان ڪپڙو وٺي ايندو هو، سندس ڏاڏي، ماءُ ڀينرون ڪپڙي مان زالن لاءِ به هيون. بريزرون ۽ قميصون سبي ڏينديون هيون، اهي دڪاندار کي ڏيئي پئسا وٺي ايندو هو، پوءِ به بريزرين جو پنهنجو ڪارخانو به کوليائين. اهڙين ڏکين حالتن ۾ به هيري الُهاسنگر ڪئمپ نمبر هڪ جي ٢٤ سي پرائيمري اِسڪول ۾ داخلا وٺي پڙهائي ڪئي. پوءِ ايس.اي.ايس. هاءِ اِسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي. حالانڪ گهرون حالتن سبب وچ ۾ ڪجهه وقت سندس پڙهائيءَ ۾ رخنو به پيو هن خانگي نوڪريون به ڪيون ۽ سيلسمئن ٿي شهر شهر ۾ مال به وڪيو، تنهن هوندي به هنديءَ ۾ راشٽرڀاشا پرچار سمتي وارڌا جو ’ساهتيه رتن‘ اِمتحان پاس ڪيو، اهي سڀ اِمتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ کيس الُهاسنگر جي ان ساڳي پرائيمري اِسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ملي ويئي، جتي هو پڙهيو هو، ان وقت هو اڌ ڏينهن نوڪري ڪندو هو ۽ اڌ ڏينهن پنهنجي ڪپڙي مان گهر ۾ بريزرون ٺهرائي بازار ۾ دڪاندارن کي وڪڻي ايندو هو.

پرائيمري اِسڪول ۾ پڙهڻ وقت ٿيل هڪ واقعو ٻڌائيندي هيري ٺڪر جي اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا آهن. ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن ماستر سيني شاگردن کي چيو ته سڀاڻي ڊرائنگ سيکاري ويندي، ان ڪري سڀ پنهنجو-پنهنجو رنگين چاڪن جو پئڪيٽ کڻي اَچجو، هيري گهر وڃي ماءُ سان ڳالهه ڪئي. غربت سبب ماڻس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو، ٻئي ڏينهن ماستر انهن سيني شاگردن کي سڄو ڏينهن بئنچ تي بيهاري ڇڏيو، جيڪي رنگين چاڪن جو پئڪيٽ ڪونه کڻي آيا. ائين هيري کي پنج ڏينهن لاڳيتو سڄو سڄو ڏينهن بئنچ تي بيهڻو پيو، جيڪا ڳالهه هُن روئي ماءُ کي ٻڌائي. آخر پنجين ڏينهن مجبور ٿي ماءُ پيءُ سونو چوڙو وڪڻي کيس رنگين چاڪن جو پئڪيٽ وٺي ڏنو، اها ڳالهه ٻڌائيندي هيرو جذباتي ٿي ويندو آهي ۽ چوندو آهي- ’يار، اڄ مان جيڪي ڪجهه آهيان، اهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڪري آهيان، جن انهن رنگين چاڪن ذريعي منهنجي زندگيءَ ۾ رنگ ڀريا.

سنڌ جا ڪي ماڻهو چوندا آهن ته ڀارت ۾ هندو ڏاڍا ڌنوان آهن ۽ سنڌ جا ڏاڍا غريب آهن. کين فاقا ڪڍڻا ٿا پون، ڀارت جي باري ۾ اها ڳالهه حقيقت تي ٻڌل ڪانهي. هتي به ستر سيڪڙو سنڌي غريب آهن. ويهه سيڪڙو وچولي درجي جا ۽ باقي ڏهه سيڪڙو شاهوڪار آهن. اها ڳالهه ضرور آهي ته ڀارت جا غريب سنڌي به مشقت ڪري پنهنجو پيٽ ڀرين ٿا. ها باقي کين لنگهڻ ڪڍڻا ڪونه ٿا پون. ڀلي



books.sindhsalamat.com

سنڌ جي جدائيءَ جو درد دل ۾ سانڍي اندرئي اندر ڳوڙها ڳاڙي جيئندا هجن. پراڻا ئي سهين پر ڌوتل ڪپڙا پائي رهندا هجن، پر شان سان جيئڻ ۽ خوش رهڻ ٿا. هتي ڪو سرمائيدار، پاٽاريدار، وڏيرو، زميندار ۽ پير وغيره ڪونهي جو ظلم ڪري کين ستائيندو هجي. هو پنهنجي مادري ٻولي ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهن ٿا.

هڪڙي ڏينهن هيري ٺڪر ٻڌايو ته جڏهن هو ماستر هو تڏهن هن پنهنجي دوست سرڳواسي ڪمار هگوراڻيءَ جي زور ڀرڻ تي ان سان گڏ اَڳتي جي پڙهائي شروع ڪئي. سڀ کان پهرين ڀوپال وڃي اِنٽرميڊئيٽ جو اِمتحان پاس ڪيو، پوءِ الُهاسنگر جي آر.ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ داخلا وٺي پونا يونيورسٽيءَ مان گريجيوئيشن جي ڊگري حاصل ڪئي. ان ڊگريءَ سندس زندگيءَ ۾ بهارون آڻي ڇڏيون. ان ڊگريءَ بدولت ١٩٦٧ع ۾ هو دهليءَ ۾ آل اِنڊيا ريڊيو نيوز سروس جي سنڌي نيوز يونٽ ۾ نيوز ريڊر ۽ مترجم مقرر ٿيو. ان کان پوءِ هن الُهاسنگر ڇڏي دهلي وڃي وسائي. جتي اڄ به رهي ٿو، هن ساڍهه ستٽيهه سال آڪاشواڻيءَ ۾ پنهنجون خدمتون ڏيئي سال ٢٠٠٣ع ۾ سيڪشن اِنچاج جي عهدي تان رٽائر ڪيو، آڪاشواڻيءَ جي پرڏيهي نشريات ۾ نيوز ريڊر هوندي هيرو ٺڪر هند سنڌ ۾ ايترو ته مشهور ٿيو جو هيءُ جملو سندس سڃاڻپ بڻجي پيو ۽ هر سنڌي ٻار ٻچي جي زبان تي هوندو هو ”هيءَ آڪاشواڻي آهي، هاڻي توهين هيري ٺڪر کان خبرون ٻڌندا“ ان وقت سنڌي خبرون سنڌي گهرن ۾ ٻڌيون وينديون هيون، بزرگ جيئرا هوندا هئا. هاڻي نئين ٽهي سنڌيت کان پري ٿيندي پئي وڃي. هيري ٺڪر کي آڪاشواڻيءَ جي نيوز سيڪشن ۾ ڪم ڪندي گهڻي تڪليف ڪانه ٿي. ڇاڪاڻ ته هو اڳئي الُهاسنگر جي ’سنڌي ٽائيمس‘ کي خاطوءَ طور خبرون ۽ انٽرويو وٺي موڪليندو هو، ان ڪري ان کيتر ۾ سندس نالو هو، ان وقت سندس عمر سترهن سال مس هئي.

آڪاشواڻيءَ تي ڪم ڪرڻ دوران هيرو ٺڪر ١٩٧٠ع کان ٢٠٠٥ تائين ساڍهه ٣٦ سال ممبئيءَ مان نڪرندڙ ’هندستان‘ سنڌي روزاني اخبار کي ڀارتيه پارليامينٽ جون خبرون به موڪليندو رهندو هو، ڇاڪاڻ ته ’هندستان‘ اخبار جي چيئرمن جئرامداس دولترام کيس اخبار جو عيوضي مقرر ڪري راجيه سڀا جي پريس گئلريءَ ۾ کيس ڪرسي الاٽ ڪرائي ڏني هئي.

ساهتيه من جي اُڌمن، اُمنگن ۽ ويچارن جو اِظهار آهي، هيري ٺڪر جو ننڍپڻ ۾ سڀ کان پهرين لاڙو شاعريءَ طرف هو، شاعريءَ جي باري ۾ ائين چيو ويندو آهي ته



www.sindhsalamat.com

اها درد جي پيدائش آهي، ان جي باري ۾ هڪ ڪهاڻي مشهور آهي. سنسڪرت ۾ پهريون والميڪي رامايڻ رچيندڙ رشي والميڪ هڪ ڏينهن نديءَ جي ڪناري تي ويٺو هو. سندس نظر اُڏامندڙ هنس ۽ هنسڻيءَ جي جوڙي تي وڃي پيئي، ٿوري دير ۾ هڪ ماري آيو ۽ ان تير هڻي هنس کي ماري وڌو، هنس تير سوڌو ڌرتيءَ تي اچي ڪريو، هنسڻي هيٺ اچي ان جي لاش مٿان ورلاپ ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ وڇوڙي ۾ پنهنجي جان ڏنائين. اهو واقعو ڏسي رشي والميڪ جي دل رِجي ويئي ان وقت درد وچان سندس مُک مان جيڪي لفظ نڪتا انهن کي دنيا جي پهرين ڪوتا مڃيو ويندو آهي.

هيري ٺڪر ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪيئن آيو، اهو بہ هڪ دردناڪ داستان آهي، ورهاڱي کان پوءِ نئين سر پاڻ کي آباد ڪرڻ ۽ پڙهائيءَ جي دؤران سائنس هڪ اهڙو واقعو درپيش آيو، جنهن سندس وجود کي لوڏي ڇڏيو، ٿيو هيئن تہ هو پنهنجي وڏي ڀيڻ سان گڏ ڪجهہ ڏينهن لاءِ الُهاسنگر مان ممبئيءَ پنهنجي ماسيءَ جي گهر گهمڻ ويو، اجا ڪجهہ ڏينهن ئي گذريا جو پنيان سندس ننڍي ڀيڻ ليلان ڪالرا جي بيماريءَ ۾ اوچتو گذاري ويئي. ليلان کيس ڏاڍو پيائيندي هئي. هو بہ کيس ڏاڍو پيار ڪندو هو، ليلان سان گڏ هيري جون خوشيون مري ويون. ان صدمي ڪانئس سندس غريباڻيون ٻاراڻيون رانديون کسي ڇڏيون. هو بي‌منو پنهنجي اِسڪول ۾ تہ ويندو هو، پر خالي خالي نگاهن سان واڻڙن وانگر هيڏي هوڏي پيو واجهائيندو هو، اسڪول مان گهر اچي ڪا ڪنڊ وٺي ويٺو رهندو هو، موت جي اُداسي سندس من مٿان ڇانئجي ويئي. سندس ٻاراڻو من ڪالڪن جا ڪالڪ موت، بيماري، زندگي، پنهنجي وجود ۽ آس پاس جي حالتن بابت سوچيندو رهندو هو، رات جو ڪالڪن جا ڪالڪ آسمان جي تارن ۾ پنهنجي ڀيڻ ليلان کي ڳولهيندو رهندو هو، آخر هيرو مايوسيءَ مان ڪڪ تي پيو ۽ ان وقت سنڌيءَ ۾ جهجهو ٻال ساهتيہ - ديون پرين جون ڪهاڻيون، ٻال رامايڻ، ٻال مهاڀارت، نصيحت آميز ڪهاڻيون، ٻال ڪوتائون وغيره ميسر هونديون هيون. هو هر روز هڪ ڪتاب پڙهي پورو ڪندو هو. ڏيري ڏيري هن جو چاهہ جاسوسي ناولن طرف وڌيو، پوءِ سماجڪ ناولن، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جي ڪتابن سان جڙيو، انهن ڪتابن ڇڻ سندس اُداسي ۽ اَڪيلائيءَ کي مات ڪري ڇڏيو، سندس من ۾ پوڳيل ڏکن ڏاڍن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ وياڪل ٿيڻ لڳو. ان ڪري احساسن ۽ اڌمن کي اِظهار ڏيڻ لاءِ ڪوتائون ۽ ڪهاڻيون لکڻ لڳو.

هيري ٺڪر ١٩٥٨ع ۾ اُن وقت اَدبي کيتر ۾ پير پاتو، جنهن وقت سندس عمر



books.sindhsalamat.com

١٦ سال مس هئي. سندس پهرين ڪهاڻي ممبئيءَ جي مشهور هفتيوار اخبار ’هندواسي‘ ۾ ڇپي. حالانڪ هيري جي دلچسپي شروع کان وٺي شاعريءَ سان هئي. هن شاعريءَ جي تربيت شاعر پرسرام ضيا کان ورتي، جيڪو ٢٤ سي اِسڪول ۾ جتي هيرو پڙهندو هو اُتي شاگردن کي شاعري سيکارڻ ويندو هو، هيري کي بہ ان جي رهنمائي ملي. هن کيس شاعريءَ جو شعور، علم عروض وغيره جي ڄاڻ ڏني.

٢٠ آڪٽوبر ١٩٦٢ع تي چين ڀارت تي حملو ڪيو، ڀارت ۾ هرهنڌ ديش ڀڳتي ۽ قومي ترانن جي ٻوڏ اَچي ويئي. ان وقت هيري جي عمر ١٩ سال مس هئي، پر هن ديس ڀڳتي ۽ قوم پرستيءَ جي جذبي سان سرشار جيڪي ڪوتائون لکيون اهي سچ پچ داد جي لائق آهن. ١٩٦٢ع ۾ ئي هيري پنهنجي قومي گيتن جي ڪتابڙي ”گوليون“ نالي سان ڇپائي پڌري ڪئي. ان جي پهرين ڪوتا جو عنوان هو ’للڪار‘. ڪوتا جون ڪجهہ سٽون مثال طور پيش آهن. جن مان سندس جوش ۽ جذبو عيان آهي:

نہ هٽبو، قدم کي وڌائي ئي رهبو،
وڌيا آهيون منزل کي پائي ئي رهبو،
پنهنجي حد کي پنهنجو بڻائي ئي رهبو،
وڃايو اٿئون ڪجهہ تہ پائي ئي رهبو،
چڙهي آهي چينين تي نازين جي مستي،
انهن کي سنئين دڳ لڳائي ئي رهبو.

مٿين ڪوتا ڪنهن نئين شاعر جي نئي لڳي. قافيہ-رديف ان جي تائيد ڪن ٿا. انڪري هڪ ٻي ڪوتا بہ ڏسون ٿا:

ڪلي چين جو اڄ پيو پول آهي.
لڙاڪو اجان پيي لڙايون ٿو چاهي،
اجان پنهنجي سرحد وڌائڻ گهري ٿو،
هماليہ تي فوجن سان آيو آ ڪاهي،
اهنسا-امن سڀ جا ليڪا لتاڙي،
وطن ٿو پڪاري، وطن ٿو پڪاري.

هيرو ٺڪر منهنجو هڪ سچو دوست تہ آهي ئي آهي، پر هو بيحد پريمي بہ آهي. من جو صاف پاڪ، جيڪا دل ۾ سا منهن تي، صاف گوءِ آهي، سچ چوندي ڪڏهن ڪونہ هٻڪي، پنهنجو چيل سچ کي دليلن ۽ ڪتابن جي حوالن سان



www.sindhsalamat.com

ثابت ڪري ڏيکاريندو، جڏهن به دهلي وڃڻ ٿئي ته اوس چوي- ’يار، گهر هل، ڪچهري ڪنداسين، مان نٿايان، يار منهنجي موٽڻ جي ٽڪيٽ ورتل آهي، ڪيئن رهي پوان؟‘ پوءِ بي منو ٿي چوندو- ’چڱو، وري جڏهن اچين، تڏهن هڪ ڏينهن منهنجي لاءِ ڪڍي اچجانءِ.‘ مون هامي ڀري ۽ هن کان موڪلايو، هيري جو مون ۾ نه ڪم هو نه ڪار، سندس دل ۾ هو بس سڪ ۽ پيار. هو هڪ نمبر جو مهمان نواز ۽ يارويس آهي. ڪئين سندس مهمان نوازيءَ جو مزو ماڻي چڪا آهن، هو يارن جو يار ته آهي ئي پر دشمنن لاءِ ڪٽار به آهي.

ان ڳالهه کان سال اڌ گذري ويو، وري ڪنهن سيمينار جي سلسلي ۾ دهليءَ وڃڻو هو، هيري جو فون آيو، سيمينار ۾ اچين ته هڪ رات ضرور مون وٽ رهجانءِ. مان هڪ رات هيري نڪر جي گهر ۾ رهيس. سدا حيات سائين ڪرشن راهي ۽ سندس ڌرمپتني مايا راهي به اُن وقت سندس گهر جا مهمان هئا. خوب ڪچهري ٿي. مزو اچي ويو. ڳالهين ڪندي مون ڪرشن راهيءَ کان سوال ڪيو- ”سائين، ڪئين سالن کان پوءِ ايم. ڪمل جي توهان جي پراڻي ڪوتا ’سنڌ ۽ سنڌي‘ تي ڪيل تنقيد ’ڪونج‘ رسالي ۾ ڇپي آهي، توهان جواب ڇونه ڏنو آهي؟“ هن اُمالڪ چيو- ’ان جو تز جواب ڪنهن ڪونج ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي. مون وٽ چوڻ لاءِ باقي ڪجهه بچيو ئي ڪونهي.“ مون پڇيو- ”سائين، ڪنهن جواب ڏنو اٿس؟“ چيائين- ”نالو ياد ڪونهي.“ مون هڪدم چيو- ”سائين، اها مون پنهنجي دوست کي ڊڪٽيشن ڏيئي لکائي هئي ۽ ان جي نالي سان ئي موڪلي هئي.“ ڪرشن راهي عجب ۾ پئجي ويو، منهنجو منهن تڪڻ لڳو کن کان پوءِ چيائين-”زوراور، تو ائين ڇو ڪيو؟“ مون وراڻيو- ”سائين، مونکي سندس تنقيد صحيح ڪونه لڳي ان ڪري مون جواب ڏنو، مون توهان ٻنهي جي وچ ۾ پوڻ نٿي چاهيو، ان ڪري پنهنجي دوست کان لکائي ان جي نالي سان موڪلي ڏني.“ ڪرشن راهيءَ چيو- ”تنهنجو نالو هجي ها ته منهنجو طرف مضبوط ٿئي ها.“ مان ماٺ ٿي ويس، اڄ سنڌي ساهتيه جون اهي ٻئي مهان هستيون اَسان جي وچ ۾ ڪونه آهن. پر يادگيريون من تي چٽيل آهن.

هيرو نڪر مون وانگر ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شوقين آهي. سندس گهر ۾ چوطرف ڪتاب ئي ڪتاب نظر ايندا آهن. سندس سڄو بيڊروم ڪتابن سان ڀريل آهي، ڊرائنگ روم، رائيٽنگ ٽيبل، پلنگ سيني هنڌ ڪتاب ئي ڪتاب آهن. ڪتاب



وري اهڙي ترتيب سان رکندو آهي، جو توهان صرف حڪم ڪريو، ڪتاب توهان جي هٿ ۾ هوندو، ڀارت جي ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جا هند خواه سنڌ ۾ شايع ٿيل گهڻيئي ناياب ڪتاب هن جي لائبريريءَ ۾ ملي ويندا. ساڻس اَدب جي ڪهڙي به موضوع تي بحث ڪريو، توهان کي تز جواب ملندو، جي ڪا شنڪا هوندي ته ڪنهن ڪتاب جو صفحو ڪڍي هٿ ۾ ڏيندو.

هيرو نڪر ٻهوڀڱو ساهتيڪار آهي. هو شاعر، محقق ۽ مضمون نگار سان گڏوگڏ ترجمان، به آهي. هيري ننڍپڻ ۾ جڏهن شاعريءَ رستي ادب ۾ پير پاتو ته ان وقت جي ڪن مشهور شاعرن کيس همٿايو به هو، پر پوءِ سندس لاڙو تحقيق ۽ تنقيد طرف وڌيڪ ٿيو، حالانڪ هو اڄ به شاعري ڪندو آهي. مان سندس شاعري پڙهندو ۽ مشاعرن ۾ پيش ڪندي ٻڌندو رهندو آهيان.

اهو ڦيرو ڪيئن آيو، ان جي وضاحت خود هيري نڪر ڪجهه هن طرح ڪئي آهي. لکي ٿو- ”ممبئيءَ مان دهليءَ اَچي آباد ٿيڻ تي، نين حالتن، نون سنٻنڌن، نين ڪششن به پنهنجي حصي جو وقت ونڻ شروع ڪيو، ورهين جي ٿڪاوت ۽ محنت به شايد اهڙي ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ هئي، ان ڪري منهنجي دهليءَ ۾ اچي رهڻ بعد، منهنجي ڪويتا-ليکن ۾ ڪجهه مانائي اَچي ويئي. بهرحال ساهتيه جو اپياس جيئن جو تيئن جاري رهيو، ان ۾ ٿوري تبديل فقط اها ٿي، جو اڳ ۾ مان جو ڪويتائن ۽ ڪهاڻين جو ديوانو هوندو هوس، سو هاڻي منهنجو گهڻو ڌيان آلوچناتمڪ گرنٿن، فلاسافي، اتهاس، سماج شاستر وغيره طرف ڇڪجندو رهيو.“

١٩٧٦ع ۾ سنجوڳ سان کيس هرياڻا جي شري راجارام شاستريءَ جي هٿان قاضي قادن جي بيتن واري ٽي سؤ سال پراڻي ’سنتون ڪي واڻي‘ نالي دستخط جي فوٽو ڪاپي ملي ويئي. جنهن تي سانده ٻه سال نور نچوئيندو رهيو، تحقيق ڪري انهن بيتن جون پڙهڻيون مقرر ڪائين، معنائون ڪڍي، قاضي قادن جي زندگي ۽ شاعريءَ تي وستار سان ليک لکي، ”قاضي قادن جو ڪلام“ نالي سان ڪتاب ڇپايائين. اهڙيءَ طرح پنجن صدين تائين غيب جي اوڙاهه ۾ لڪل سنڌي ڪلام منظر عام تي آيو، ان ڪم جي هند کان وڌيڪ سنڌ ۾ ساراهه ٿي. سندس اهو ڪم سنڌي ادب جي تواريخ ۾ سدائين امر رهندو.

مضمون لکڻ کي جيترو سولو ليکيو ويندو آهي آهي، اهو ڪم اوترو سؤلو ڪم ڪونهي. اهو ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم آهي، هر مضمون نويس کي ڪو موضوع کڻي ان تي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پنھنجا ويچار ظاھر ڪرڻا پون ٿا. سٺو مضمون نويس اھو ليکيو ويندو آھي، جيڪو اھو نہ لکي جيڪو ھو سوچي ٿو پر اھو لکي جيڪو ھو محسوس ڪري ٿو، ان لاءِ کيس ان موضوع جو وسيع مطلع ھئڻ تمام لازمي آھي. ڪامياب مضمون نويس لاءِ ايپاس جي گھرائي، ويچار شڪتي ۽ ٻوليءَ تي دسترس ھئڻ لازمي آھي. کيس پنھنجي لکڻيءَ سولي ٻوليءَ ۾ پاٺڪ تائين پھچائڻي پوندي آھي. ان ڪري جيڪڏھن سندس عبارت جاندار ھوندي تہ پاٺڪ جي ان ۾ دلچسپي قائم رھندي. ھيري نکر جي مضمونن ۾ اِھي سڀ خوبيون آھن.

ھيرو نکر مضمون نگار تہ آھي ئي آھي، پر ھن ڪويتا ۽ تحقيق سان گڏ تنقيد تي بہ قلم ھلايو آھي. اجا بہ ھن وٽ پنھنجو جھجھو مواد رکيل آھي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ اچڻ جو انتظار ڪري رھيو آھي، ھيرو نکر پنھنجي لکيتن کي ڇپائڻ ۾ ٿورو سُست آھي. ان ڪري سندس ڇپيل ڪتابن جي لسٽ وڏي ڪانھي، تنھن ھوندي بہ سندس اٽڪل ارڙھان ڪتاب ڇپيل آھن، جن ۾ ترجمو ڪيل، مرتب ڪيل ۽ سھيڙيل ڪتاب بہ شامل آھن.

کيس ڪئين انعام اڪرام ملي چڪا آھن. سندس پھرئين ڪتاب ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جو راشٽرپتي نيلم سنجيو ريڊيءَ راشٽرپتي ڀون ۾ وِموچن ڪيو ھو. سنڌي اڪادمي دھلي ٢٠٠٢ع ۽ ٢٠٠٧ع ۾ کيس ميرٽ پرسڪار ۽ ٢٠١٨ع ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ ڏنا. مرڪزي ساھتيہ اڪادميءَ سندس مضمونن جي ڪتاب ’تحقيق ۽ تنقيد‘ تي ٢٠٠٣ع ۾ مکيہ پرائيز ۽ سنڌيءَ ۾ انواد ڪيل ’ڪرشن چندر جون چونڊ ڪھاڻيون‘ ڪتاب تي ٢٠١٢ع انواد پرسڪار ڏنا. ڀارت سرڪار جي ھيومن رسورز منسٽريءَ بہ کيس ٽن ڪتابن تي انعام ڏنا. ١٩٨٣ع ۾ ڀارت جي اڳوڻي راشٽرپتي گياني زئلسنگھہ ھٿان ورلڊ سنڌي ڪانفرنس ڀاران شيلڊ ڏني. ٢٠٠۵ع ۾ سنڌ جي ڪراچي شھر ۾ سنڌ جي گورنر ’شاھہ لطيف ايڪسلينسي اوارڊ‘ عطا ڪيو، ان کان سواءِ ڪئين ادبي ۽ سماجڪ ادارن سندس سنمان ڪيا آھن. ھن ڪئين نئشنل ۽ اِنٽرنئشنل سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ حصو ورتو آھي، اُميد آھي تہ ھيرو نکر اڃا بہ تحقيق، تنقيد ۽ کوجنائي ڪمن ۾ پاڻ موکيندو جنھن جي سنڌي قوم کي گھڻي ضرورت آھي.



books.sindhsalamat.com

# ھيرو نکر- تحقيق ۽ تنقيد جي حوالي ۾

**- موھن گيھاڻي**

١٩٥٠ جي ڏھاڪي يا ١٩٠٠ جي شروعات ۾ ھڪ ننڍڙو ڇوڪر مشاعري ۾ شعر پڙھي داد حاصل ڪري ھيٺ لٿو. اُھو ئي ڇتر آھي منھنجي ذھن ۾ ھيري نکر لاءِ. دستوري ڏيٺ ويٺ ڪيئن ھڪ پياري دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي تنھن جي ڪل ئي نہ پيئي، ھاڻي بہ سالن جا سال نہ گڏجون پر جڏھن گڏجون تہ ائين لڳي ڪڏھن جدا ئي نہ ٿيا ھئاسين. ھيري جو پيار ۽ ذھني بلاغت جو مثال تڏھن مليو جڏھن مان سنڌي لپي (عربي لپي) سڀا جي سيڪريٽري طور کي ڏينھن پرچار ڪرڻ لاءِ اُلھاسنگر رھڻ ويس، اُن وقت ھيرو نکر ديوناگري لپيءَ جو حمايتي ھو، پر اُنھن ذھني ويڇن جي باوجود مان ھيري جي گھر رھڻ لڳس. ايماندار ذھني ويچارن جي ويڇن اسان جي شفي رشتن ۾ ڪنھن بہ قسم جي تلخي ۽ ڏار پئدا نہ ڪيو. اِھو ئي گڻ ھيري جي شخصيت ظاھر ٿو ڪري. (اڳي ڪيترن ئي من پيدن ھوندي اسان پاڻ کي ھڪ ئي گھر جا ڀاتي ليکيندا ھئاسين. اَھڙي منورتي ھاڻي شايد ڳولھڻ سان بہ نہ ملي.)

اَٽڪل ١٩٦٧ ۾ ھيرو ممبئي ڇڏي اچي دھليءَ پھتو ۽ اُتي آل اِنڊيا ريڊيو جي سنڌي ويڀاڳ ۾ ترجمان ۽ خبرون نشر ڪندڙ طور نوڪري شروع ڪيائين. ھُن ھتي پڻ پنھنجي سڀاءَ سان نباھيو ۽ ائين ڪنھن اجائي لالچ ۾ ڦاسي، ھِت ھُت ھٿ پير نہ ھنيائين ۽ آل اِنڊيا ريڊيو مان ئي رٽائر ڪيائين. پر جڏھن دھلي اچڻ ٿيندو ھو تہ اسان جو ساٿي ۽ سونھن ھيرو ئي ھوندو ھو. ڪيترا دفعا تہ سندس گھر دھليءَ ۾ اسان جي رھائش پڻ ھوندي ھئي، ريڊيو سان وابست ھريڪانت ۽ لڇمڻ ڀاٽيہ ’ڪومل‘ پڻ ھوندا ھئا. ڪجھہ وقت تہ سندر اگناڻي پڻ ساڻ شامل ٿي ويو ھو. خبرون نشر ڪرڻ بعد سڀ واندا، پوءِ دھليءَ جا رستا اسان ۽ اسان جون ڳالھيون. ٽڪ پڄڻ لاءِ ڪئنات پليس جي وچ واري ميدان ۾ ڪافي ھائوس ھوندو ھو (ھاڻي مارڪيٽ آھي).

مان ٢۵ سال دبئي ۾ رھيس، پر پيار ۽ عزت جي تند کي ڪا لھس نہ آئي. ھن جون ادبي سرگرميون ۽ ادبي کيتر ۾ اھم ڪردار قائم رھيو جن جي ڄاڻ وقت بہ وقت پوندي رھندي ھئي ۽ جڏھن دھليءَ اچڻ ٿيندو ھو تہ شخصي طور تي ڄاڻ ملندي ھئي. اَھڙيءَ طرح اسان جو ڳنڍ جاري رھيو.



www.sindhsalamat.com

سنه ۱۹۷۸ ۾ هن هڪ وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو. اُها خبر ڪنهن خوشنما چمتڪار کان گهٽ نه هئي. هن سنڌي ۽ اوائلي دور جي شاعر ’قاضي قادن‘ جي ڪلام جو ڪتاب ظاهر ڪيو ۽ اُن هڪ ئي ڪتاب مان هن پنهنجي لاءِ هڪ ڪوجنيڪ طور هميشه لاءِ جاءِ ناهي ڇڏي. هن ڪتاب ذريعي سندس هاڪ سنڌ ۾ پڻ پکڙجي ويئي ۽ اُتي پڻ هيري ٺڪر ”هڪ مانائتو“ نالو ٻُٽپ ۾ اچڻ لڳو.

ادبي تحقيق جو ڪم البت ڪافي ڏکيو ٿيندو آهي. اڄڪلهه يونيورسٽين ۾ ’ڪوجنا جو طريقو‘ هڪ جدا شاخ آهي پر اڳي پاڻ اپياس ڪري، نور نچوئي پنهنجو رستو پاڻ طئه ڪرڻو پوندو هو. ادبي ڪوجنا لاءِ گهرو اپياس، جدا جدا ادب جي شاخن جو اپياس ۽ تنهن جي تنقيد جي لفظن ۽ محاوري جي ڄاڻ، وسيع شبد ڪوش، ڇيد ڪندڙ ذهن ۽ ساڳئي وقت جدا جدا حوالن کي سلسلي ۾ پوئڻ جي هنر جي ضرورت ٿيندي آهي. جنهن لاءِ ڪلپنا شڪتي جي ضرورت پڻ رهندي آهي. ائين قاضي قادن تي ڪوجنا ڪندي هيري ٺڪر جو لاڙو شاعريءَ جي مرڪز مان ڦري ”تحقيق ۽ تنقيد“ طرف مڙيو ۽ هن ئي عنوان سان سندس ڪتاب ۱۹۹۸ ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب کي ۲۰۰۳ جو ساهتيه اڪادميءَ جو انعام حاصل ٿيو. ساهت اڪادميءَ مذڪور ڪتاب ۾ ڪُل ۱۱ مضمون شامل آهن. اُنهن ۾ ٻه مضمون شاهه لطيف تي آهن ۽ ٻه قاضي قادن تي آهن ۽ هڪ ساميءَ تي آهي. ٻيا پڻ ڪن اهم موضوعن تي آهن، جيئن سنڌي ڪافي، پراڻن دستخطن جي پڙهڻ جا مسئلا، درويش روحل ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل ڪاريه، ورهاڱي بعد ڀارت ۾ اديب تحقيق جي اوسر، مضمون ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي اوسر. ظاهر آهي ته هن ان کي مقالا ڪن سيمينار جي موقعن تي پيش ڪيل آهن پر سراسري طور ڏسجي ته اهي مضمون اڪيڊمڪ اسڪالر جي ڏانو جا آهن.

ظاهر آهي ته قاضي قادن بابت ڪوجنا ڪندي سندس شاعريءَ جا ۽ شخصيت جا ڪيترا پهلو هن جي نظر مان نڪتا هجن جن کي ڪتاب ۾ جاءِ ڏيڻ جي گُنجائش نه سمجهي ويئي، پر جنهن حالت ۾ آهي اهم پهلو هئا اُنهن کي رڪارڊ تي آڻڻ ضروري سمجهيو ويو ۽ اُهي هن ڪتاب ۾ ڏنل آهن.

سنڌي ڪافيءَ تي مضمون معلومات تي آهي ۽ ڪافي ڪوجنا بعد لکيو ويو آهي. پر سنڌ جي ڪافي جو مرم سدا حيات پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ ڄاتو آهي جنهن جو حوالو مان هتي ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان.

’سنڌ ۾ ڪافيون چوندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ ريگستاني گُلن وانگر ٻاٽاٽي کان ٻاهر ٿي گُذريا آهن. جيئن ملهار جي مُند ۾ واريءَ تي ٽڙيل گُلن جي سندرتا تي هرڪو مست ۽ حيران ٿيندو آهي، تيئن سنڌ جي ڪافين جي حُسن تي به هرڪو فدا آهن.“

سندس مضمون پراڻن دستخطن جي پڙهائيءَ جا مسئلا ڪن خاص ادبي



books.sindhsalamat.com

ڪوجنيڪن لاءِ دلچسپيءَ جو مرڪز ٿي سگهي ٿو، پر ان مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته قاضي قادن تي ڪوجنا ڪندي هو مرحلن مان گذريو آهي.

هن ڪتاب جو مضمون ’ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل ڪاريه“ اڄ جي حوالي ۾ تمام اهم آهي، ڇاڪاڻ ته اهو موضوع هڪ تمام وڏي معنيٰ رکي ٿو. هن ڪيتر ۾ ڪم جي شروعات ناراڻ ڀارتي ڪئي ۽ ڪن ٻين پڻ جن جا نالا ذڪر هيٺ آيل آهن، پر اُنهن جيڪي سنڌ مان وڏڙا هتي لڏي آيل هئا اُنهن جي يادگيرين کي بنياد بڻائي لوڪ ادب کي محفوظ رکڻ جي لاثاني ڪوشش ڪئي، پر ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ هڪ نئون رستو اپنايو. هنن جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي ڪلچر جي هتي زمين آهي اُن کي ڦولڻ شروع ڪيو ۽ زميني ڪوجنا جي شروعات ڪئي.

هتي هڪ ڳالهه ڏانهن اِشارو ڪرڻ تمام ضروري ٿو ٿي پوي. ٻوليءَ سنسڪرتيءَ جون حدون جاگرافيائي طور قدرت طئه ڪندي آهي. ٻولي ۽ ڪلچر جون حدون بدلجنديون نه آهن، اُهي قدرتي طور قائم رهنديون آهن. هن جي برعڪس سياسي حدون ته تواريخ جي لحاظ کان ٽڪريون پئي بدليون آهن. ساڳئي ٻوليءَ ۽ سنسڪرتيءَ وارا ماڻهو پڻ ساڳيا ئي ٿا رهن، پوءِ ڀل ته سياسي حدون بدلجنديون رهن. هندستان جي ٻوليوار سروي هڪ صديءَ کان اڳ، پڻ صرف گريئرسن ڪئي هئي ۽ اُنهن جي بنياد تي ئي هندستان جا موجوده ٻوليوار راجيه ٺهيا آهن، جيڪڏهن ورهاڱو نه ٿئي ها ته ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪڇ، جئسلمير ۽ ٻاڙمير جا ضلع (ڊسٽرڪٽ) سنڌ راڄ جو حصو هُجن ها اُن حساب سان اسان وٽ هندستان ۾ پڻ تواريخي ٻيٻن ڪري سنڌ جا ڪي حصا رهيل آهن. ڪيترن ئي سببن ڪري اتي ايتري مالي ڏس ۽ آسودگي نه پهتي آهي ۽ شهري پٽي جي اثرن کان آزاد رهيا آهن. اُتي جي زمين ۾ سنڌ جي لوڪ ادب، لوڪ روايتن، زباني تواريخي جا سلسلا اڄ ڏينهن تائين مروج آهن. اُتي ’واڏاري‘ جي نالي ۾ رستن جو ڄار وڇائي سڀ ناس ٿئي، تنهن کان اڳ ئي اسان کي سڄاڳ ٿي اُتان جي بي بها خزاني کي بچاءُ جا اُپاءَ ڪرڻ کپن. اها سنڌي ’سُڄاڳ تعليمندانن، ڪوجنيڪن لاءِ للڪار پڻ آهي ۽ ساڳئي وقت تي هڪ بي بها موقعو پڻ آهي. جوڌپور ۾ ڪومل ڪوٺاريءَ وٽ سنڌي لوڪ گيتن جو ناياب خزانو آهي، ساڳئي وقت سنڌالاجيءَ ۾ پروفيسر ورياڻيءَ پاران گڏ ڪيل خزانو رڪارڊ ٿيل آهي، جنهن کي پڻ ترتيب ۽ سلسلو ڏيڻ جي ضرورت آهي.

ڇا اسان جا سنڌي دانشور هن ڏس ۾ ڪي قدم تُرت وڌائيندا؟ اهو سڀ ته وقت ئي ظاهر ڪري سگهندو.

’منهنجو ڪم واڪا....‘



www.sindhsalamat.com

# ڪامياب محقق - هيرو ٺڪر

## - ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

انگريزي لفظ ريسرچ جي لفظي معنيٰ آهي 'کوجنا' شوڌ، تحقيق يا انوسنڌان ۽ ريسرچر ٽيو ڪوجنيڪ، انوسنڌان ڪندڙ محقق، ادب جا محقق موجود ڇپيل ادب جي جدا جدا ڪنڌن ڪان اونهو اڀياس ڪندي چنڊ ڇاڻ ڪري تنقيدي اُصولن يا پنهنجي نقط نظر، کي حقيقتون پيش ڪن تہ اها تحقيق ليکبي. دنيا جي هر ٻوليءَ جي ادب ۾ کوجنا جو وياڀ ايترو وشال آهي جو مسلسل درپيش ايندڙ مسئلن تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي.

انجي درجي بندي ڪجي تہ ٻن قسمن جا محقق نظر اچن ٿا. هڪڙا جيڪي ڪنهن يونيورسٽيءَ مان ڳهربل تعليمي لياقتون حاصل ڪري پوءِ ايم.فل، پي.ايڇ.ڊي ڊگريون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن رهبر جي نظرثانيءَ هيٺ مقرر وشيہ تي تحقيق ڪن جيئن يارت جي مختلف يونيورسٽين مان ڊگريون حاصل ڪيل عالم ۽ ٻيا اونهو ادبي اڀياس ڪري پنهنجي ليکي يا ڪنهن اَداري لاءِ تحقيق ڪن. جيئن ساهتيہ اڪاڊمي (يارت سرڪار) ۽ سنسڪرتي وياڳ پاران ملندڙ سينئر جونيئر فيلوشپس لاءِ ڪيل تحقيق جو ڪم.

اها حقيقت آهي تہ هن ڳهيڙ ۾ جاکوڙي، جفاڪشي ڪندڙ سمرپت، ڳوڙهو اڀياس ڪندڙ، ياشا تي سٺي پڪڙ رکندڙ شخص ئي ڳهڙي سگهندا. جو تحقيق لاءِ حافظي، دليل بازي، ڪلپنا جي سگهہ ذهني سچائي، دلچسپي ۽ حوصلو تجسم (جڳياسا، ڪوشش، تلاش، ڳويشڻا، ڊڪ ڊوڙ، نهايت ضروري آهن. حقيقتون ڳڏ ڪري رٿائتي نموني پيش ڪندي مؤجوده اِنساني ڄاڻ جي ڀنڊ ۾ واڌارو ڪرڻ ئي محقق جو مقصد هوندو آهي. سوبہ دليلن تي ٻڌل وگيانڪ انداز ۾.

هيرو ٺڪر ٻئين قسم جي عالمن ۾ شامل آهي، هند سنڌ جي قومي ۽ عالمي سيمينارن ۾ پيش ٿيل سندس مقالن جو تعداد ايترو آهي جو ڪيس هڪ ڪان وڌيڪ يونيورسٽيون پي.ايڇ.ڊي. جي ڊگري عطا ڪن. اسانجي سنڌي يونيورسٽي هجي يا جتي سنڌي وياڳ مؤجود آهن اُتي جا پروفيسر سڄاڳ هجن تہ قدرشناسي ڪندي ماند (اعزازي) ڊگريون عطا ڪن ها تہ اڄ تائين ڏهاڪو عالمن کي تہ واهہ جو ملي سگهن ها. پر....؟ پرکين ڪن محدود شخصن جي واهہ واهيءَ تي صبر ڪرڻو ٿو پوي. خير هتي مان هيري جي سموري تحقيقي سرمائي کي تہ شامل نٿي ڪريان



جو هن ليک لاءِ صفحن جي محدودگي آهي. سندس ساهتيہ اڪاڊمي پاران اِنعام حاصل ڪيل ڪتاب تحقيق ۽ تنقيد تي مرڪوز رهندس. مون وٽ ڪتاب جو ديوناگري لپيءَ وارو ڇاپو مؤجود آهي، جنهن ۾ ١٦٥ صفحہ ۽ ٻارهن تحقيقي ليک مؤجود آهن. ڀهرين نوَ صفحہ ڊاڪٽر جيٽلي جو مهاڳ جنهن ۾ ٻنهي جا شخصي لاڳاپا، شخصيت، اَدبي خدمتون، قاضي قادن، سيمينارن جي ڊائريڪٽرشپ جي بابت آهن. ڊاڪٽر جيٽلي لکيو - ''هيري شروعات ڪويتا لکڻ سان ڪئي.'' باوجود گهڻن مشاعرن ۾ واهي واهي ماڻڻ جي سندس شعري مجموعي جو انتظار آهي. پر ڪويتا جو اِهو چاهہ ڪيس اڀياسي بڻائي ٿو. مجموعي جي ٻارهن مقالن مان ست مقالا شاعرن ۽ شاعريءَ سان واسطو رکن ٿا.

١. سنڌي ڪافي ٢. شاهہ جو پيغام ٣. شاهہ جون الٽ ٻايون ٤. ساميءَ جو استان ٥. قاضي قادن - ٻولي ٦. قاضي قادن يوگي ٧. درويش روحل باقي چار وري مختلف اهم موضوعن تي ١. پراڻهن دستخطن جي پڙهڻيءَ جا مسئلا ٢. يارت ۾ اَدبي تحقيق جي اوسر ٤. مضمون ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي اوُسر.

١. سنڌي ڪافي اَڳي ۽ هاڻي ١٧ صفحن جو وسيع مقالو آهي، جنهن ۾ ڪافيءَ جي وضاحت، لغوي هيسيت، آخوند رب ڏني جو رايو، عربي جو ڪفتو، الحاج الله بخش جو ڪاف، مؤلانا فصل احمد غصنوي ڪفي. عطا حسين، نارائڻ شيام نبي بخش بلوچ جا رايا ڏيندي پنهنجو بيحد عالماڻو رايو ڏنو اٿس، جنهن عربي سنسڪرت جو بنياد ٻڌائيندي ياشا وگيانڪ نموني وضاحت ڪري ٿو.

لغوي حيسيت بعد ڪافيءَ جي شاعرانا حيسيت، موسيقي ۽ شاعريءَ جي مشترڪ صنف هجڻ، نظم وارا بحر وزن، وائيءَ وانگر سٽائُ سمجهائيندي ست مثال بہ ڏنا اٿس.

ڪافي موسيقيءَ جي واسطيداري، سنگيت سان واسطيداري، عام ڪافي ۽ انجي برعڪس سنڌي ڪافيءَ جي ڳائڪيءَ جي ڄاڻ، سمن حاڪمن واري دؤر ۾ ڪافيءَ جي ڳائڪي مؤجود هجڻ. ابوال فصل جو بيان تہ ''سنڌ جو راڳ ڪافي آهي جنهن ۾ مهر ۽ محبت جو جادو سمايل آهي.''

آخر ۾ اهو نتيجو تہ ڪافي اصل ۾ سنڌ جو ئي راڳ آهي. ان بعد ڪافيءَ جي مضمون جي خيال ڪان وضاحت حسن، ناز وادا، يار جي زوراوري، محبوب جا ماڻا، منهن موڙڻ رسڻ پرچڻ جون ريتيون رمضون، وسل جي خوشي، هجر جو فڪر جنهن مان هڪ سوز جو تاثر پيدا ڪيو وڃي ٿو. روحاني لاڙي وارن شاعرن ۽ ڳائيندڙن جو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

نظريو تصوف جو رنگ شاهه جي وقت سورمين جو پس منظر وغيره.

ڪافيءَ جي سونهن انجي سادگيءَ ڪي مڃڻ، ڪافي رچيندڙ ۽ ڳائيندڙ فنڪارن جو ذڪر، ورهاڱي ڪان اڳ پوءِ جي حوالي سان ۽ آخر ۾ اڄ جي حالتن ۾ ڪافيءَ جي اهميت، سپيتڪ ورثي ڪان واقف ڪرائڻ، مطلب هي هڪ مڪمل مقالو آهي. منهنجي خيال ۾ هن سطح جو ڪافيءَ تي مقالو ڀارت ۾ شايد ئي ڪنهن لکيو هجي. نارائڻ شيام جو ليک ضرور پڙهيو اٿم.

شعر سان وابسته ٻيون مقالو آهي 'شاهه لطيف جو پيغام' هيرو ٺڪرشاهه جي عرس جي موقعي ته هڪ ڪان وڌيڪ دفعا سنڌ وڃي تحقيقي مقالا شاهه جي ڳڻڻ ڪندي شاعريءَ جي مرڪزي حيثيت، تصوف با وحدت الَ وجود وارو عقيدو آهي. انجي مثال سميت وضاحت، ڪائنات جي ذري ذري ۾ پرينءَ جو ديدار 'وحدتان ڪسرت تي، ڪسرت وحدت ڪل' جي اونهي معنيٰ سمجهائڻ هر سُر هر داستان، هر وائيءَ ۾ پيغام خاص آهن جدوجهد سچ تي رهي سنگهرش ڪري پنهنجي منزل طرف وڌندي رهڻ جو پيغام گيتا جي ''ڪرمڻي واڌڪار استي، ماقليتو ڪد اچت جي ترجماني ڪري ٿو. آخر ۾ هيرو عظيم شاعر جو پيغام زمان مڪان ڪان مٿي جي نقطي ڪي ساپيان ڪري ٿو. هن مقالي مان جتي شاهه جي ڪلام جو اڀياس ظاهر ٿئي ٿو ته، شاهه جون الٽ باسيون ۾ وري ڀارت جي هندي ڪويتا جو اڀياس نظر اچي ٿو. الٽ باسي لفظ جي معنيٰ- سمجهائي، اهميت، معرفت جو علم ربل چيل نه سچي ڳولهائو ۽ ساڌڪ ڪي بخشڻ لاءِ الٽ باسيءَ جو واهپو، ٻارهن مثال ڏيندي ثابت ڪيو اٿس. مونکي پاڻ هن ليک مان پريرڻا ملي ۽ ٻين سنت ڪوين جي الٽ باسين جو اڀياس ڪيم.

سنڌي شاعريءَ جي ٿمورتي شاهه-سچل ساميءَ مان ساميءَ تي گهٽ اڀياس ڪيو ويو آهي پر هيري ڀارتي سنت ڪوين جو اڀياس ڪري مثالن سان ساميءَ جو درجو مقرر ڪيو آهي. اول سنت لفظ ۽ سنت ڪاويه جي وضاحت، ڀڳتي ڌارا جو حوالو سنت لفظ جو بڻ بنياد، معنيٰ سمجهائي آهي. پوءِ اتهاس پس منظر آڏوار جا ١١٢ ڀڳت ويشڻو ڌرم، شنڪراچاريه راماند، گيانيشور، ايڪناٿ، تڪارام جا حوالا، پروفيسر آر.ڊي. رانا جي ڪي ڪوٽ ڪرڻ اُتر ڀارت ۾ ڀڳتي هلچل، ڀڳتي هلچل جون ٽي ڌارائون، سگڻ، نرگڻ ۽ پريم مارگي ڌارا جو سنگم سنت مت آهي. انجي وضاحت، رگويد ۾ مبهم شڪتيءَ ڏانهن اِشارو ڪرڻ جهڙا مثال ڏيکارڻ لاءِ هيري ڪيترو اڀياس



ڪري هن ليک جي ڪوزي ۾ درياه سمايو آهي، توهان پاڻ پڙهي امين ٿيو. سنت مت ۽ سنت ڪاويه جا سڌانت، ڇهن نقطن ۾ سمجهائڻ، ڀڳتي هلچل، سنت مت ۽ سنڌ جي واسطيداري ثابت ڪري ڪبير ڪان به اڳ ١٤ صديءَ جي سنت ڪوي سنڌ جي سڌني ڪاسائيءَ جو ذڪر ڪندي ساميءَ ڪي پورڻ سنت ڪوي ثابت ڪرڻ لاءِ تمام گهڻن سلوڪن جا مثال ڏنا آهن، جيڪي پهريون دفعو مونکي هن عالماڻي مقالي ۾ نظر آيا آهن. آفرين، نه رڳو ويدن جي وائي ۽ آتم گيان جا ٻين سنت ڪوين سان ڀيٽا ڪندي مثال موجود آهن، پر يوگ جو ذڪر ۽ ساميءَ جون الٽ باسيون به مثالن سان درج ڪيون اٿس. هنديءَ ۾ ايم.اي. ڪندي عالمن جا جنهن سطح جا تحقيقي مقالا پڙهيا هئم تن ڪان هيءَ ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهن. مجموعي ۾ شامل مقالن ۾ سڀ ڪان وڏو (٢٦ صفحا) به آهي ۽ هاڻي ذڪر ڪريان تي قاضي قادن جو، جيڪو هيري ٺڪر جو هم معنيٰ بڻجي پيو آهي جو هيري جاکوڙ ڪري جيڪو اتهاسڪ ڪم ڪيو انجي هند سنڌ ۾ خوب مرهبا ٿي آهي. 'قاضي قادن مهان يوگي'، 'قاضي قادن جي ٻولي' ٻه عالماڻا مقالا مجموعي ۾ شامل آهن. يوگ لفظ جي بڻ بنياد جي ڄاڻ يوگ مارگ جو اتهاس، گورکناٿ جو يوگ مارگ، هٺ يوگ انجون منزلون قاضي قادن جي بيتن ۾ ذڪر آخري منزل سماڌي، اُن جا ڇهه قسم ١. ڌيان يوگ ٢. سماڌي ناد يوگ ٣. رس آنند سماڌي ٤. ليه سِڌي سماڌي ٥. ڀڳتي يوگ سماڌي ٦. راڄ يوگ سماڌي، قاضي قادن جي بيتن ۾ ڌيان يوگ ۽ ليه سڌ سماڌين ڏانهن چٽا اِشارا ملن ٿا. هيري انهن بيتن جي وضاحت به ڪئي آهي. هٺ يوگ ۾ مها ڪنڊلني جاڳڻ جو ته ايترو ساپيان بيان آهي جو هو به هو تصوير ڏسي رهيا آهيون. مختلف چڪر، ڪمل، ناد جو آواز، الؤڪڪ روشني جڻ هيءَ ليک نه ڪنهن مهاتما جوستسنگ هجي آخر ۾ ان نتيجي تي پهچي ٿو ته قاضي قادن جي نظر ۾ ان نتيجي تي پهچي ٿو ته قاضي قادن جي نظر ۾ سچو جوڳي اهو آهي جيڪو جڳت ۾ رهي دنيا جا تمام ڪاروبار ڪندي پنهنجي من کي پريتم سان ڳنڍيل رکي ٿو.

ٻيو مقالو آهي قاضي قادن جي ٻولي، قاضي قادن جي ١١٩ بيتن ڪي روشنيءَ ۾ آڻڻ جو شرف هيري ٺڪر کي ئي آهي. هن جي اڀياس جي گهرائي بيتن جي معنيٰ مان ظاهر آهي. ايترو اڀياس ڪندي ٻوليءَ جون سموريون خوبيون جرڪي رهيون آهن. اول ڪجهه اتهاسڪ ڄاڻ ڏيندي هيرو لکي ٿو. بيتن جي ٻولي سرائڪي،



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ملتاني ۽ پنجابيءَ کان متاثر سنڌي ٻولي آهي. وياڪرڻي روپ ۾ جوڙجڪ تي اثر نمايان آهي، باقي ٻوليءَ جي لغت متاثر ناهي لفظ نيٺ سنڌي آهن، انهن جون جڙون سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ پختيون ڪتل ڏسجن ٿيون. هيري ٻوليءَ جي خاصيتن جي بخوبي مثالن سان واکاڻ ڪئي آهي، گڏوگڏ اسم، ضمير، ظرف، عدد، حرف جر، تتسم ۽ تديو لفظ ۽ آخر ۾ قاضي قادن ۽ اڄ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ نرق بابت به مثال ڏيئي هڪ مڪمل تصوير چٽي ڪئي آهي.

قاضي قادن تي هيري جو ڪتاب ١٩٧٨ ۾ ڇپيو جنهن سنڌي شاعريءَ جي اتهاس کي نوان آيام ڏنا. جنهنجي ساراهه نه رڳو هند پر سنڌ جي عالمن به دل کولي ڪئي.

ڪتاب ۾ شاعريءَ سان وابسته هيءُ آخري مقالو هندي ۽ سنڌيءَ جي شاعر روحل بابت آهي ”جنهن هندي ڀاشا ۾ هندي پرمپرائن موجب هندي ڪاويه روپن ۾ رچنا ڪري اهو پڪو پرماڻ ڇڏيو ته سنڌ جي ساهتڪ چيتنا جو باقي ڀارت جي ڪاويه چيتنا سان اٽوٽ لاڳاپو آهي.“ هيرو ٺڪر تحقيق ۽ تنقيد ص ١١٠)

روحل جي سنڌي واڻي گهٽ هوندي به اهم آهي اها ڳالهه هيري مثالن سان ثابت ڪئي آهي روحل جو صحي روپ صوفي شاعرڪان وڌيڪ ڀارتيه سنت ڪاويه جي نرگڻ وادي گيان مارگي سنت ڪوين وارو روپ آهي. برهم ان ورچنييه (بيان ڪان پري) انڊيڪسبريبل(Indescribable) آهي.

روحل ڪلهوڙن جي زماني ۾ ٿيو. درٻاري ٻولي فارسي پر روحل وڌيڪ ڪلام هنديءَ ۾ رچيو ۽ بيتن، قصيدن مداحن عيوض دوها چوپايون للت ڇند سوييا ۽ ڪويت ڇندن ۾ اظهار ڪيو. اهي جاچنائون ڪيس ٻين سنڌي ڪوين کان الڳ بيهارين ٿيون.

شاعريءَ وارا مٿيان مقالا پڙهي ان نتيجي تي پهچڻ سولو بڻجي ٿو ته هيرو ٺڪر نه رڳو سنڌي پر سنڌي ۽ ڀارتيه ڀاشائن جي ڪويتا جو اڀياس ڪري انجو استعمال تحقيقي مقالا لکڻ ۾ ڪاميابيءَ سان ڪري ٿو.

**هاڻي ڪتاب جا ٻيا مقالا :**

پراڻن دستخطن جي پڙهڻيءَ جا مسئلا، هيءَ هڪ اهم ۽ الڳ وديا آهي جنهنکي پراليک وديا چئجي ٿو. مندرن مٺن درٻارين ۾ اهڙا دستخط پکڙيا پيا آهن جي ادب جو وڏو سرمايو آهن. راجستان ۽ جوڌپور پاسي ”اجت پراچيه سنستان“ ۾ ست لک دستخط مؤجود آهن، جنکي سهيڙي مخصوص رکڻ جو اُڌم ڪيو ويو آهي،



ڪي جوان جاڳي جاکوڙ ڪن ته يقينن قاضي قادن ۽ پراڻ نات مثل ٻيا دستخط ملي سگهن ٿا. انهن کي پڙهڻ سمجهڻ جي فن بابت آهي هيءُ عالماڻو مضمون هيرو لکي ٿو، ”اسانجو مطلب هڪ اهڙي مقبول، قابليت ڀري ۽ وگيانڪ ڍنگ واري ڪوشش سان آهي، جنهن سان ڪنهن هٿ لکيل ليک يا گرنٿ ۾ مُهيا سامگريءَ جي چونڊ ڪري انکي ڪنهن دستور تي بيهاري مول (اصل) پراچين گرنٿ تائين پهچي.“ ليکڪ سنڌي ڀاشا، سنڌ، مٺن جو دڙو، جتادار ۽ غير جتادار شين تي رکڻ جي تفصيل، سنڌو ماتريءَ بابت سر جان مارشل جا ويچار لکڻ لاءِ ڪاغذ ڪم آڻڻ جي سڀ کان نئين روايت، شاهه لطيف جي ٣١ قلمي نسخن جو ذڪر، فهرستون ڪئٽالاگ جي ضرورت، دستخط ڏسڻ لاءِ وسيلا نه هجڻ، ڪارڻ ١. ڪو ادارو نه هجڻ ٢. گهڻا دستخط سنڌ ۾ رهجي وڃڻ جن وٽ آهن اهي شخصي ملڪيت سمجهن ٿا. فراخ دليءَ سان اڀياس لاءِ ڏين ڪونه ٿا. جدا جدا قسمن جي غلطين جي وچور، منووگيانڪ غلطيون ۽ انجا قسم ڀاشا وگيانڪ غلطيون سمجهائيندي ڪارگر عملي سجهاو به ڏنا آهن. سنڌيءَ ۾ مونکي هن قسم جو پهريون ليک نظر آيو.

ٻيون مقالو آهي ’ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل ڪارير‘ لوڪ ادب لفظ جي وضاحت، سنسڪرتي لفظ جي سمجهاڻي ورهاڱي جي نتيجي طور سنڌي لوڪ ادب جو ورهائجڻ ۽ لوڪ ادب تي ڪم ڪندڙن جي وچور خاص ڪري نارائڻ ڀارتي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڊاڪٽر جيتلي، ليلارام رچنداڻي سترامداس سائل جيوت گوگيا، پرسو گدواڻي گجرات سنڌي اڪادميءَ پاران ڪيل ڪم ذڪر هيٺ آندا آهن. ليک اڳ جو لکيل آهي نه ته جينو لالواڻي ۽ انجي لوڪ ساهتيه تي روشن گولاڻيءَ جي پي.ايڇ.ڊي. به اهم آهن. ٽيون ورهاڱي بعد سنڌي ادبي تحقيق جي اوُسر ۽ چوٿون ”مضمون ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي اوُسر تمام عالماڻا ۽ اهم معلومات ڏيندڙ ادبي مضمون آهن جنجي وچور نٿي ڏيان. توهان پاڻ پڙهي ساک ڏيو.

ڪل ملائي هيري ٺڪر جو هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. ڪڏهن موقعو مليو ته سندس ڪل تحقيقي مقالن تي لکندس جو بيشڪ چڱو ڪم ڪيل اٿس جنهن لاءِ ياءُ داد جو مستحق آهي، آخر ۾ جگديش لڇاڻي ڪتاب بابت لکيو آهي.

”هتي هيري ٺڪر جو گراف بطور محقق ۽ مضمون نگار ڪٿي به هيٺ نٿو ڪري. بهرحال هي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون سنڌ ادب جي تاريخ ۾ هڪ سنو اِضافو آهن.“



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ميري آواز هي ميري پهچان هئي

- ڪلاڌر مُتوا

اڄ کان ٽيهن چاليهن سالن جي اڳ جي ڳالهه ڪجي ته دنيا ۾ جيڪا اڄ ترقي جي رفتار آهي اها ايڏي تيز ڪونه هئي. ملڪ ته سچو ترقي ڪري رهيو هو پر مون منهنجي مادر يومي ٻنيءَ ته شايد اڪ ڪولي اچان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته مونکي به ترقي ڪرڻ گهرجي. پر ترقي جو ڪو اونو اهڃاڻ ڪو باب اسباب نظر نه پئي آيو. نه روڊ نه رستا نه ٽيليفون نه تار جهڙو رابطي جو ٻيو ڪو وسيلو. مالوند ماڻهو ڏکن ۽ اپاون واري زندگيءَ کي پنهنجي ليکي منهن پيا ڏيندا هئا. جتي جيئڻ جا وسيلا ئي گهٽ هجن اتي ذهني تفريح يعني منورنجن بابت ته سوچي ئي نٿو سگهجي. ها واندڪائيءَ ۾ ويهي ڪچهريون، رهاڻيون رچائي ڳجهارتن جي وٺ وٺان پيا ڪندا هئا. يا وري ملاکڙو ۽ ونجهوٽي جهڙيون ديسي رانديون کيڏي من وندرائيندا هئا. اهو سڀ به اگر برسات سٺي پوندي هئي ته ئي ممڪن هو. نه ته ته ماروئڙا پنهنجي اٺي لئي اجهي ۽ چوپائي مال جي چاري جي چنتا ۾ ئي منڊا پيا هوندا هئا. ڪهڙيون رهاڻيون ڪهڙيون ڪچهريون!؟ البت هاڻي اها حالت ناهي رهي. هاڻي ٻئي به ڪنهن حد تائين ترقي واري ڏس ۾ وکون وڌائي رهي آهي.

مان ٻنيءَ جي انهيءَ غير ترقي يافته ۽ ترقي يافته ٻني دورن جو ساکي رهيو آهيان. منهنجي ٻچپن ۾ صرف ريڊيو ئي منورنجن جو وسيلو هو. مونکي ياد آهي ته هتي جا ماڻهو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد يا ڪراچي تان نشر ٿيندڙ پروگرام ڏاڍي چاهه ۽ چوچ مان ٻڌندا هئا. نوربانو، مائي ڀاڳي، ذرينه، ربينا، جيوٽي ٻائي محمد جمن، حد يوسف، محمد ابراهيم، عبدالله پنور جهڙن فنڪارن کي من پري ماڻيندا هئا. ڳوٺ ۾ ڪنهن هڪڙي ماڻهو وٽ ريڊيو هوندو هو جتي گڏجي ٻڌبو هو. خاص ڪري ڏاڏي فتح خان جي ڪچهري ماڻهو گڏجي ڏاڍي چاهه مان ٻڌندا هئا. مان به انهن ٻڌندڙن ۾ شامل هوندو هوس. ڪن ڳوٺن ۾ ته ريڊيو ٻڌڻ کي به گناهه جو ڪم سمجهيو ويندو هو.

آل اِنڊيا ريڊيو تان به سنڌي پروگرام پيش ٿيندا هئا، جيڪي ٻني ايراضي ۾ بلڪل صاف ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. پر ماڻهو اڪثر حيدرآباد، ڪراچي يا خيرپور تان نشر ٿيندڙ ڪافين ڪلامن وارا پروگرام وڌيڪ ٻڌندا هئا. اڄ به ٻڌن ٿا پر هاڻي نئين پيڙهي جو لاڙو جديد ميڊيا طرف جهڪيل آهي. ريڊيو ٻڌڻ جو واهپو به گهٽجي ويو آهي. مان پاڻ به هاڻي ريڊيو گهٽ ٻڌندو آهيان.



books.sindhsalamat.com

ٻنيءَ ۾ هندستان جي فنڪارن ۾ ماستر چندر، سنت ڪنورام ۽ ڀڳونتي ناواڻي کان سواءِ ٻين فنڪارن کي تمام گهٽ ٻڌو ويندو هو. ماستر چندر ۽ ڀڳت ڪنورام جا چاهڪ اڄ به ٻنيءَ ۾ موجود آهن.

اها ته ٿي ريڊيو جي حوالي سان فنڪارن سان جُڙيل ڳالهه. پر فنڪارن کان سواءِ ٻيو به گهڻو ڪجهه ريڊيو تان نشر ٿيندو رهندو آهي. جنهن ۾ ادبي پروگرامن، ڊرامن، تقريرن ۽ تبصرن وغيره جهڙا پروگرام شامل آهن. ريڊيو پاڪستان ۽ آل آنڊيا ريڊيو تان خبرون به نشر ٿين ٿيون. ان زماني ۾ خبرن ڏيڻ وارن شخصن مان ٻن براڊڪاسٽرن پنهنجو نالو ڪيرايو. ائين کڻي چئجي هنن جو نالو ٻنيءَ جي ماڻهن ۾ پرچلت ٿيو. جنهن مان هڪڙو هو ريڊيو پاڪستان جو نيوز ڪاسٽر ڪامران پٽي ۽ ٻيو هو آل اِنڊيا ريڊيو تان خبرون ڏيندڙ هيرو نکر. ٻئي سڃڻ پنهنجي الڪدي انداز ۽ آواز جي ڪري مشهور ٿيا. ڪامران کي خبرون پڙهڻ جو پنهنجو انداز هو ته هت هندستان ۾ هيري نکر کي به پنهنجي اسٽائيل هئي. ٻنهي پنهنجي آوازن وسيلي ٻنيءَ جي مالوند ماڻهن ۾ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪئي. ٻنيءَ جي مٿين پيڙهيءَ جي سيني ماڻهن کي اهي آواز اڄ به ياد آهن. هيري نکر جو آواز ته خبرن سان اچان به هوائن آڏار آل اِنڊيا ريڊيو تان ٻنيءَ جي پٽن پوٽن تائين پهچي پيو. خبرن جو وقت ٿيڻ تي جڏهن هيرو نکر 'هيءَ آل اِنڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس آهي...' چئي خبرن جي شروعات ڪندو هو ته اڳيون جملو ريڊيو ٻڌندڙ پاڻ ان آواز سان آواز ملاءِ چوندو هو ته 'هاڻي اوهين هيري نکر کان خبرون ٻڌندا...' جن هيري نکر کي ٻڌو آهي آهي انهن کي خبر آهي سندن آواز ٿورو سنهو آهي ۽ خبرون پڙهڻ محل لفظن کي ٿورو چڪي ادا ڪندو آهي. ائين هيري نکر ٻنيءَ جي سامعين (شروتائن) کان پنهنجي انوکي آواز جي ڪري پيار ۽ پنهنجائپ پاتي.

مون جڏهن ادب جي ميدان ۾ پير پاتو ۽ ادبي سيمينارن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪڙي دفع سنڌالاجي آديپور ۾ ڪو ادبي پروگرام هو. جنهن ۾ ملڪ جا نامور اديب آيل هئا. منهنجي لکڻ جي اڃا شروعات ٿي هئي. انهيءَ ڪري ڪن اديبن جي نالن کان واقف ته ضرور هئس پر ايڏي ڪا سڃاڻپ ڪانه هئي. اتي ٻين ليکڪن سان گڏ هيري نکر صاحب سان ملاقات ٿي ته هڪ طرح جي خوشيءَ جو احساس ٿيو هو اهو اڄ به مونکي ياد آهي ۽ واپس ٻنيءَ اچي دوستن کي فخر سان ٻڌايو هئم ته آديپور ۾ هيرو نکر آيو هو ۽ آئون انهن سان ملي آيو آهيان ته دوست به خوش ٿيا هئا ۽ سائين جي صورت، قد بت، آواز بابت پڇڻ اچڻ لڳا هئا.

اسان جي ڳوٺ ۾ خضر خان نالي هڪڙو نوجوان شخص ته هميشه هيري



www.sindhsalamat.com

نڪر جي اهل ڪري خبرون ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ٢٠١٦ ۾ اسان جي سنسٿا ٻني سنڌو سيوا سنگهه پاران راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد جي مالي مدد سان ٻنيءَ ۾ سيمينار ڪوٺايو ته ان سيمينار ۾ بطور مقالا نگار هيرو ٺڪر کي به گهرايو ويو هو. هيرو ٺڪر، ڀڳوان اٺاڻي، جهمون ڇڄاڻي ۽ ڪجهه ٻيا اديب رتيل ڏينهن کان هڪ شام اڳ هوائي رستي پهچي آيا. ڀڄ ايئرپورٽ تي رسيو ڪري کين ٿورو ڀڄ شهر گهمائڻ جو پلان ڪيوسين. گهمي ڦري ڀڄ جي سرپٽ گيٽ وٽ ويهي چانهه پئي پيتيسين ته پرڀان کان مون ڏٺو ته هيري ٺڪر جي آواز جو پرستار خضر خان اچي رهيو هو. جنهن تي منهنجي ماسات محمد رفيق جي به نظر پئي. هو جهٽ پٽ هن وٽ ويو ۽ کيس ٻڌايائين ته ڪالاڏروت سنڌي ليکڪ آيا آهن جنهن ۾ هيرو ٺڪر به آهي. هل ته توکي هن سان ملايان. هو هيري ٺڪر سان ڀاڪر پائي مليو ۽ حال احوال پڇيائين ۽ هڪ فوٽو به ڪڍرايائين. حالانڪ هو مولوي ماڻهو آهي ۽ فوٽو ڪڍائڻ کان ڪيٻائيندو آهي. پر هيري ٺڪر سان فوٽو ڪڍرائڻ واري لالچ کان پاڻ کي روڪي ڪونه سگهيو.

ائين ريڊيو جي دنيا جي شخصيتن مان ٻنيءَ جي مالوند ماڻهن جي دل ۾ ماستر چندر، ڀڳت ڪنور رام، ڀڳونتي ناواڻيءَ ۽ ڪملا ڪيسواڻي جهڙن فنڪارن سان گڏ نيوز ڪاسٽر هيري ٺڪر کي پنهنجي منفرد آواز جي ڪري جڳهه والاري، ڳائڪ فنڪارن جا ڳايل رڪارڊ اڄان آل انڊيا ريڊيو تان هلندا رهن ٿا. ته خيرن سان هيرو ٺڪر به اڄ تائين آل انڊيا ريڊيو تان نشر ٿيندڙ ’اڄ جي ڳالهه‘ نالي تبصري واري پروگرام ۾ پنهنجي آواز سان نوازيندا رهندا آهن.

هيرو ٺڪر هندستان جي ادبي افق تي پنهنجي ليکي هڪ وڏو نانءُ آهي. هڪ محقق، مضمون نگار ۽ شاعر ته آهي ئي پر گڏوگڏ بهترين تبصره نگار ۽ ترجمه نگار به آهي. قاضي قادن جي ڪلام کي دريافت ڪري هن جڏهن منظر عام تي آندو ته سندن ادبي قد هند سنڌ ۾ اڃا به اوچو ۽ مان ڀريو ٿي ويو. قاضي قادن واري ڪلام ادبي دنيا ۾ هيري ٺڪر کي ڀلي اوچي درجي تي پهچايو هوندو پر ٻنيءَ جا مالوند مارواڙا ڇا ڄاڻن انهيءَ ادبي گٽ مان، هنن کي ان سان ڪو به فرق نه پيو. هو ته هيري جي آواز جا هيراڪ آهن، هيري جو آواز اڳي ئي هيري جهڙو ملهه رکي ٿو. سندن منفرد آواز ئي هنن جي سڃاڻپ آهي، پهچان آهي. جيڪا اڄ به ٻنيءَ جي مٿين پيڙهيءَ جي ماڻهن ۾ قائم دائم آهي ۽ اها ڳالهه ئي هيري لاءِ هيري مثل آهي جنهن جو نه ڪو ملهه نه ڪو مٽ آهي.



books.sindhsalamat.com

# منهنجو اُستاد : هيرو ٺڪر

**- موهن همٿاڻي**

آڪٽوبر ١٩٩٦ع جي هڪ فرحتي شام جو جڏهن آفيس ۾ ويٺي سنڌ مان آيل اخبارن ۽ رسالن کي نظر مان ڪڍيم ته ”ڪاوش“ اخبار جي هڪ هيڊنگ تي نظر اٽڪي پئي. اها هيڊنگ هئي : ”ڀارت کان آيل برک ساهتڪار ۽ ڪوجنيڪ هيري ٺڪر کي پڳ پهرائي وئي.“

سنڌ جي مايناز شاعر تاجل بيوس، قاضي قادن جي لڌل ١١٢ بيتن جي مڃتا ۾ هيري ٺڪر جي دستاربندي ڪئي ۽ سگا جي چيئرمين بخش علي لاکي ان ڪوجنائي ڪم تي هيري ٺڪر کي اعليٰ سند پيش ڪئي.

اها خبر پڙهي دل گد گد ٿي پئي ۽ من فخر سان ڀرجي ويو ته مان سچ پچ ڪيترو نه خوشنصيب آهيان جو مون کي هھڙي سُڄاڻ شخص جي سُرهي سات ۽ عالم اُستاد جي رهبري حاصل ٿيڻ جو فخر حاصل آهي. اُهو لمحو سموري، سنڌي جاتيءَ لاءِ باعث فخر ته هو ئي، پر منهنجي لاءِ شايد ان کان وڌيڪ ڇوجو پنهنجي زندگيءَ ۾ مون کيس وڏي ڀاءُ جو درجو ڏنو آهي ۽ هو ادبي حلقي ۾ هڪ اُستاد ۽ ڇُست رهبر جو رول بخوبي ادا ڪندو رهيو آهي ۽ اڄ تائين ڪندو پيو اچي ۽ پنهنجي ادبي زندگيءَ ۾ هن جي سات کان سواءِ شايد مان پاڻ کي اَڌورو محسوس ڪندس.

سنڌي ادب ۽ تحقيق جي کيتر ۾ هيري ٺڪر کي اڄ هڪ پنهنجو مقام حاصل آهي ۽ هند توڙي، سنڌ ۾ هن جون فني خواهه ادبي صلاحيتون تسليم يافته آهن. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اڀياسيءَ طور پنهنجو جيترو به لڳاپو آهي يا اڀياس آهي، مون ادنيٰ شخص هن ۾ ٻولي ۽ لسانيات جي ماهر، اُستاد، هڪ اڀياسي مضمون نگار مقالا نويس، تجربيڪار صحافي ۽ ترجماڪار جو درشن ڪيو آهي، باقي جيڪڏهن سچ چوان ته نه ئي پنهنجو ايترو اڀياس آهي ۽ نه ئي ايڏي مهارت حاصل آهي جو مان سندس طرفان انجام ڏنل ادب خواه تحقيقي ڪارنامن تي ڪو تبصرو ڪيان.

ها، ايترو ضرور چئي سگهان ٿو ته هن ٻهوگڻي شخص ۾ قوت جو ايڏو ته اڪٽ ڀنڊار آهي جو هو سنڌي ادب ۽ تحقيق جي حلقي ۾ ان کان وڏا ڪارناما ۽ خدمتون انجام ڏئي سگهي ٿو. ڇو جو هن شخص ۾ مات ڪري نه ويهڻ، ڪجهه نه ڪجهه تعميري خواهه تخليقي ڪندو رهڻ ۽ ٻيو نه ته مُسلسل مطالعي ۾ رهڻ سندس هڪ



www.sindhsalamat.com

وڏي خوبي آهي هن جي ان عادت مون کي پڻ پريرت پئي ڪيو آهي ته زندگيءَ ۾ جيترو اپياس ڪجي گهٽ آهي ۽ اِهو ان پريرڻا جو ئي نتيجو آهي جو مان اڄ جتي آهيان اُن پنيان سندس ڀوڳٽي رهبريءَ سان گڏ، اڪت ڪاوشن ۽ نيڪ تمنائن پئي ڪم ڪيو آهي. شايد سندس نالي ”هيري“ جو ئي گُڻ آهي جو هن کي پرکڻ ۽ تراشڻ بخوبي ايندو آهي. ڪنهن شيءِ يا شخص کي تراشڻ جي صفت ڪنهن سچي جوهريءَ يا ماهر ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. هن شخص ۾ ان سان ئي جڙيل هڪ ٻي اهم خاصيت آهي. حوصلا افزائي ڪرڻ جي اِها تمام گهٽ شخصن ۾ هوندي آهي، جيڪا ڪيس هڪ مُدبر جي به ڪِي قدر حيثيت پڻ عطا ڪري ٿي. ڪو ڪم ڪٿي جيڪڏهن وٽس وڃبو ته هو نه فقط سٺي علمي ادبي ڪم لاءِ اڪت حوصلا افزائي ڪندو بلڪ جيترو ٿي سگهندو پنهنجو سهڪار به ڏيندو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي موجوده صورتحال جي مد نظر اها خوبي هر ڪنهن فنڪار ۽ ساهتيڪار ۾ هئڻ لازمي آهي. جنهن ساهتيڪار کي پنهنجي زبان، ادب ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ چنتا ناهي خاص ڪري ان سنسڪرتيءَ جي غائب ٿي وڃڻ جو انديشو هوندو آهي.

مرڪز ۾ سنڌي وڪاس بورڊ ۽ دهليءَ ۾ دهلي سرڪار طرفان سنڌي اڪادمي برپا ڪرائڻ ۾ پڻ هن جو سرگرم رول رهيو آهي ۽ ڪيترا سال هن اڪادميءَ ۾ ائين ڪٿي چئجي ته دهليءَ ۾ سنڌيت جي هڪ نئين لهر پيدا ڪرڻ ۾ هيري نڪر جو هڪ سرگرم ۽ اهم رول رهيو آهي.



# هيري جهڙو هيرو....

## - هريش ڪرمچنداڻي

”هاڻي توهان هيري نڪر کان خبرون ٻڌو“. اها هئي منهنجي برک اديب ۽ براڊڪاسٽر هيري نڪر سان واقفيت جي شروعات سنڌي بُليٽن ذريعي. روبرو ملڻ جو موقعو ١٩٨٥ ۾ اسانجي ڪامن دوست ڪنعيي اگناڻيءَ معرفت بڻيو. مان يو.پي.ايس.سي. دواران منهنجي پروگرام ايگزيڪيوٽو جي پوسٽ تي جئپور آل اِنڊيا ريڊيو ۾ جوڌپور مان پنهنجي اِنڪم ٽئڪس ڊپارٽمينٽ جي نوڪري ڇڏي آيو هئس. هتي منهنجي ملاقات ٿي ڪنعيي اگناڻيءَ سان. ڪنعيو پي.آءِ.بي. ۾ هو ۽ هنديءَ جي تمام سُٺي مخزن ڌرم ڀُگ ۾ پڻ ڇپبو هو. تمام دلبر قسم جو اِنسان جيڪو پرائي کي به پنهنجو ڪري وٺي، ڪنعيي جي هيري نڪر سان پراڻي ياري هئي جو جڏهن هيرو نڪر جئپور ۾ ايندا هئا ته ڪنعيي ذريعي ملاقات ٿي ويندي هئي. مان به ريڊيو تي سنڌي پروگرام جو اِنچارج هئس سو سنڌي اديبن سان سنا ۽ ويجها رشتا ٿي ويندا هئا ۽ آهن. پر اسانجو پاڻ ۾ سچاٽپ جا سنبند ٿي هئا. هڪ ٻئي لاءِ آدر ۽ پريم جي پاونا سان گڏ شايد عمر ۾ فرق سبب هڪ قسم جي موڊيسٽ وِٿي قائم هئي. اسانجي ويجهائپ ١٩٨٧ ۾ منهنجي بدلي جئپور مان دهليءَ ۾ ٿي. مان دهليءَ جي آل اِنڊيا ريڊيو جي ايڪسٽرنل (خارجي) سروس ڊويزن جي سنڌي يونٽ جي انچارج جي حيثيت سان ڪم سنڀاليو. اِنهيءَ سان ئي سنڌي پروگرامن جو وقت وڌائي ڪري ساڍا ٽي ڪلاڪ ڪيا ويا هئا ۽ ٽن ٽرانسميشن ۾ پروگرام پرسارت ڪيا ويندا هئا، پروگرام ۾ سنڌي بُليٽن به شامل هئا. جڏهن دهلي آڪاشواڻي پون ۾ آيس ته هيري نڪر کانسواءِ ڪنهن سان به سچاٽپ نه هئي. بيشڪ سنڌي نيوز جي ٻئي ناشر ڪوي هريڪانت جيٺواڻي، جن جي آواز سان واقف هوس ۽ چوڻ جي ضرورت نه آهي ته پوءِ ته اسانجي وچ ۾ اُنهيءَ رسمي وچوٽو کي گهاٽائيءَ ۾ ٿيڻ ۾ گهڻو وقت نه لڳو، اڪثر ڏينهن ۾ هڪ ٻه ڀيرو ملاقات ٿي ويندي هئي ۽ لکڻ پڙهڻ جي شوق خاطر ويڃُ جي ڏي وٺ سان گڏ ئي هر پرڪار جون ڳالهيون به پاڻ ۾ ونڊڻ لڳاسين. بيشڪ هن دوست منهنجو هريڪانت ۽ ڪيترن سٺن اَديبن سان به گهرا رشتا ٿيا پر هنر جي هن نوٽ ۾ هت لکڻ وشيه جي دائري کان ٻاهر ٿي وڃڻ ٿي ويندو.

مون محسوس ڪيو ته هيرو نڪر جي شخصيت ۾ هڪ قسم جي پنهنجائپ، آتميتا آهي. هن سان دل جي ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪو حجاب نه آهي. هڪ سهڪار جو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

جذبو اندر ۾ سدائين موجود رهندو، مون پاتو، هنن کي جيڪس اِهو احساس ٿئي ته ڪو دوست پريشانيءَ ۾ آهي ته هو، پورو ساٿ ڏيندو، نڀائڻ وارو دوست.

دهليءَ ۾ رهڻ جي دؤران ۽ وري تبادلي ڪانپوءِ جئپور موٽي اچڻ بعد اسانجي وچ ۾ ويجهائپ وڌندي رهي آهي. دهليءَ وڃڻ تي اڪثر هيري نڪر جي گهر يا ڪڏهن موهن همٿاڻيءَ جي گهر رهڻ جا به ڪيترائي موقعا آيا. مونکي سدائين لڳندو رهيو ته جڻ پنهنجي ئي گهر ۾ آهيان. هيرو نڪر هڪ جنوني ليکڪ آهي. کيس پڙهڻ جو بيحد شوق آهي. سندس گهر ويندا ته ڏسندا ته پورو ڪمرو سندس بيڊ روم ته چوڏاري ڪتابن سان ڀريل آهي. ايتري قدر جو سندس سمهڻ جو پلنگ به پورو ڪتابن جي حوالي آهي، هيرو نڪر جڏهن سمهندو آهي ته جيتري جڳهه کيس سمهڻ لاءِ کپي، اوتري جڳهه تان ڪتاب هٽائي مٿيئي ننڊ جو دستوُر نڀائيندا آهن.

هيرو نڪر بيشڪ ڪوتائون ۽ گيت به لکندا آهن پر سندن خاص سڃاڻپ ڪوجنڪ طور آهي ۽ اها سندس پسند به آهي، ته انهيءَ ڪوجنا ۾ مان سمجهان ٿو ته ڪم ۾ سچ ڄاڻڻ جي ڪوشش ۽ بنياد تائين پهچڻ لاءِ ڪتابن جا ڪتاب اُٿلائڻ پوندا آهن ته باريڪ کان باريڪ نُڪتي کي به کولي پنهنجي قلم سان نياءُ ڪرڻو پوندو آهي. مونکي سدائين عجب لڳندو آهي ته هوُ گهر ۾ سڄو سڄو ڏينهن ڪتابن جي ڍِڳ ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهي پيو ڪتابن جا پنا اُٿلائيندو رهندو آهي. جڻ ته ڪو نشو هجي. پنهنجي انهيءَ ڪيفيت جي ڪري هوُ هند سنڌ جي دوستن کان پُڇا ڳاڇا ڪندو رهندو آهي. چيو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ هند جو جيڪر ڪو ليکڪ سيني کان وڌيڪ هن وقت ڄاتو سُڃاتو وڃي ٿو ته هوُ هيرو نڪر آهي. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو ورهاڱي کان پوءِ سيني کان وڌيڪ سنڌ وڃڻ جو جس به کيس ئي مليو آهي. چوڻ جي ضرورت نه آهي ته ”قاضي قادن جو قالم“ ذريعي نوَن بيتن جي کوج ڪري کيس هند ۽ سنڌ ۾ به وڏو مان مليو ۽ سندس ”دستاربندي“ نه ڪئي جهڙو اپُواد ئي چئبو. هيرو نڪر ديوناگري لپيءَ جو ڪٽر حامي رهيو هو. اَڄ به وقت جي ضرورت مڃي ٿو. اِهو سندس پنهنجو تجربو آهي، اِنهيءَ جي پيٺ ۾ مان سنڌي لپي (عربي) جو حمايتي آهيان. هند ۾ جنم وٺڻ ۽ هندي ماحول ۾ رهڻ ۽ پڙهڻ جي باوجود منهنجو اِهو مڃڻ آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي ساهت سان گڏجڻ لاءِ لپيءَ جو ڄاڻڻ ضروري آهي.

نڪر صاحب ڪڏهن به ڪنهن لپيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ جي بعد هڪ ڪُليل روَيو اپَنايو آهي ته سوال ٻوليءَ کي رکڻ جو آهي لپي بالاشڪ ڪهڙي به هجي.



هنن ۾ هڪ وڏي خاصيت اها به آهي ته هو سدائين نئين ٿهيءَ جي ليکڪن کي همٿائيندو رهيو آهي. هيرو نڪر هڪ نهايت ئي پيار ڪندڙ شخص آهي، سڀ کان وڌيڪ پنهنجي ڌيءُ پوُرويءَ کي ۽ هاڻي پنهنجي ڏوهٽن کي. هروقت ڪتابن ۾ ٻڏل هيري نڪر کي پنهنجن ڏوهٽن لاءِ وقت ئي وقت رهندو آهي ۽ هوُ هاڻي هنن سان گڏ ٻارڙي ويندو آهي، جڻ ته نئين سر پنهنجو ننڍپڻ وري پيو جيئي جو شايد ورهاڱي سبب ڪانئس جلد کسجي ويو هو. هيرو نڪر شخصيت ۾ تمام سرل ۽ سهج آهي. ڪنهن قسم جو ايمان يا ايگو ڪونه اَٿس پر ساڳئي وقت پورو غيرتمند. هن کي جيڪر اِهو محسوس ٿيو ته ڪير سندس حق ماري ٿو يا غير واجب ڳالهه رکندو ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ تائين شانت نه وهندو. عام طور سان سيني سان سندس سنا رشتا آهن ۽ دوست يارن جو ته هوُ خاص پنهنجو يار آهي. سندس گهر چوويهه ڪلاڪ هنن لاءِ کليل آهي. اڪثر سندس گهر ۾ ڪو نه ڪو دوست، خاص طور سان ڪو سنڌي ليکڪ ضرور رهيل هوندو. هيرو نڪر ئي پاڻ، سندس ڌرم پتني اسانجي پوڄا پاپي پنهنجي مهمان نوازيءَ لاءِ گهٽي آدر ۽ سڪ سان سدائين ياد ڪئي ويندي آهي. چوندا آهن ته هر ڪامياب اِنسان جي پٺيان ڪا نه ڪا اِستري ضرور هوندي آهي. مونکي لڳندو آهي ته نه فقط هيري نڪر جي ڪاميابي پر کيس صحيح معنيٰ ۾ ”هيرو“ بڻائڻ ۾ به سندس پوميڪا ضرور رهي آهي. گهر ۽ دنياداريءَ جي ٻوجهه کان آزاد هيرو پنهنجو سمورو وقت پنهنجي ڪم کي ڏيئي سگهڻ ۾ تڏهن ته سڦل ويو آهي جو سنڌ جي مشهور ڪوجنڪ سراج ميمڻ کيس لکي ته توهان پنهنجي نالي کي نهال ڪري واقع ئي پاڻ کي ”سنڌي اَدب جو هڪ هيرو“ ثابت ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# گهٽڪندڙ شخصيت : هيرو ٺڪر

- گورڌن شرما گهايل

سڀ کان پهرين اَچو تہ جناب هيري ٺڪر جي شاعريءَ جو مزو ماڻيون :

ڏڏ تي ڏاڙهُ گهريم هن کان،
هوءَ ڏيندو، ڏيندو، ڏيندو ويو،

جيڪي ڪجهہ مون کي کپندو هو، سو ايندو، ايندو، ايندو ويو.

جَپ جيڏو منهنجو دامَن هو،
اُپ جيڏي هُن جي مهر ميا :
مان وٺندي وٺندي ٿڪجي پيس،
هوءَ ڏيندو، ڏيندو، ڏيندو ويو.
مون مؤر بڻي جو واجهايو،
هوءَ بادل بڻجي برسي پيو،
ائن نينهن سندا نياپا مون ڏي،
هوءَ نيندو، نيندو، ٿيندو ويو.
هڪڙو ئي قدم اڳتي جو کنيم،
منزل کي ڏٺم پنهنجي سامهون،
هُت ڪم ۾ وجهڻ جي دير هئي،
ڪم ٿيندو، ٿيندو، ٿيندو ويو.

ٿورو اڳتي وڌون-

ايڏي ٻَہ ڊُک چاجي لاءِ؟
هيءَ ڏُکانءُ ڏُک چاجي لاءِ؟
هيرن-ڪاڻ تہ تنهنجو جهولُ،
واريءَ مان ٻُڪ چاجي لاءِ؟

يا

جيڪي مَن جي آسَ ٿين ٿا،
سي نيڻن لئہ پياس ٿين ٿا.



ماڻهو ماڻهو سڀ هِڪ جهڙا،
پر ڪي ماڻهو خاص ٿين ٿا.
ڪن جا ٻول تہ ماڻڪ موتي،
ڪي تہ فقط بڪواس ٿين ٿا.
روُح فقط ڪنهن ڪنهن ۾ ٿئي ٿو.
ٻيا تہ هڏيون ۽ ماس ٿين ٿا.
راڪاسن مان ماڻهو ٿين ڪي،
ڪي ماڻهو راڪاس ٿين ٿا.

(مٿيان مثال ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجي“ سمپادڪ : ارجن حاسد تان ورتل)

هيري ٺڪر کي بحر وزن، قافيہ رديف ۽ سنڌي ٻوليءَ تي سُٺي پڪڙ آهي، شاعريءَ جا پارکو اِن کان مُنڪر نہ ٿي سگهندا.

هڪ شاعر، ڪوجنيڪ، پترڪار، مضمون نگار ۽ نقاد طور هند سنڌ ۾ هاڪاري اَديب دوست هيري چينالال ٺڪُر جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٢ مارچ سنہ ١٩٤٣ع ۾ ٿيو. ننڍپڻ الُهاسنگر ۾ گهڻي محنت، اورچائي ۽ جفاڪشي واري حياتي ڪاٽيائين. همت نہ هاريائين مون کي پنهنجو هڪ چوِّسِتو ياد ٿو اَچي :

”اِنسان جي هٿ ۾ چا چا ناهي،
تدبير سان تقدير مٽائي سگهبي،
هيڪر جي ڪرين ڪر پو اُٿڻ جي ڪوشش،
اُٿبو تہ نيٺ ڊوڙ بہ پائي سگهجي.“

مونکي هيري ٺڪر جو الهاسنگر پهرئين ۾ هڪ ننڍي ٻئرڪ جي ڪُنڊ وارو گهر جنهن تي چاڪ سان ’ڪوي ڪُٽير‘ لکيو هئائين، اڄ بہ چڱيءَ طرح ياد آهي.

هٽپٽ ڪري هٽي وجي هنڌ ڪيائين. وقت بدلجندي ويرم ئي ڪانہ ٿي لڳي. جلد ئي اُدم ۽ اورچائيءَ سان بمبئيءَ مان شايع ٿيندڙ روزاني سنڌي اخبار ’هندستان‘ ۾ بطور پارليامينٽري خاطو، ڪالم لکندو رهيو.

سداحيات هري موٽوانيءَ شري نند ڇٻاڻيءَ سان گڏ هيري ٺڪر کي بہ ادبي رسالي ’ڪوُنج‘ جي ايڊيٽر بورڊ تي ٽاڪيو هو. هت اها ڳالهہ بہ ياد ٿي اچيم تہ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دهلي سنڌي اڪادميءَ جي ادبي رسالي ”سنڌو جوت“ جي پهرئين انڪ، جولاءِ، سيپٽمبر ۱۹۹۴ع ۾ سمپادڪ منڊل ۾ پاڻ هيري ٺڪر جو نالو به شامل آهي. اين.سي.پي.ايس.ايل. نئين دهليءَ جي ساليانے رسالي ’مهڪ‘ تي به ايڊيٽر بورڊ ۾ هيرو ٺڪر حاضر آهي.

آڪاشواڻي دهليءَ ۾ بطور نيوز ڪاسٽر، لڳيتو ۳۷ سال ڪاريه ڪري، اِنچارج سنڌي يونٽ جي حيثيت ۾ رٽاير ڪيائين. هن دوست ۲ آڪٽوبر سنه ۲۰۱۶ع تي آڪاشواڻيءَ جي سيوا جي گولڊن جُبلي سال (پنجاهه سال) پورا ڪيا پوءِ اڄ به خاص موقعن تي ڪمينٽري رائيٽر ۽ ريڊر طور هيري ٺڪر کي نينڊ ڏيئي گهرايو ويندو آهي.

پلجان نٺو ته سال ۱۹۶۹ع ۾ هڪ شام الُهاسنگر جي پئرامائونٽ ٿئيٽر ۾ ڪا هندي فلم ڏسڻ لاءِ هڪ اديب دوست سان گڏ ويو هوس. جيئن ئي پڙدو کڄيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ نيوز ٻڌي واڻڙو ٿي ويس ۽ بيحد خوشي محسوس ٿيم جو نيوز ريڊيو جو آواز ٻڌل سڃاتل پئي لڳم. نيوز هلندي ئي مون دوست کي چيو- ”اڙي يارا هي ته هيري ٺڪُر جو آواز آهي.“ هُن حامي ڀري. سچ پڇو ته ٻن نيوز ريڊر شخصيتن سدا حيات ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ منهنجي پياري پاڻ هيري ٺڪر جو آواز ڪنن ۾ پيو گونجندو اَٿم.

سنه ۱۹۶۲ع ۾ چين سان لڙائيءَ وقت ”گوليون“ قومي ڪوتائن جو مجموعو شاعر هيرو ٺڪر ۽ ساڳئي موضوع تي منهنجو ڪوتا-سنگرهه ”اُهي مائرپلي مُرڪن“ (مهاڳ سرڳواسي سائين هري دريائي ’دلگير‘) به اُن عرصي ۾ ئي ظاهر ٿيا هئا.

پيارو هيرو ٺڪر اَدبي ادارن ۾ ڪافي سرگرم رهيو آهي، ڪجهه مثال پيش ڪريان ٿو:

سروڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه ڪلا وڪاس سڀا، دهليءَ جو. چار سال سيڪريٽري ۽ آل اِنڊيا سنڌي رائيٽرس فورم جو ۲ سال بطور سيڪريٽري ڪاريه ڪيائين. گوورڌن شرما ’گهايل‘ به مٿين ٻنهي سنستائن سان جُڙيل رهيو، اِنڪري چڱيءَ طرح ياد اَٿم.

جناب هيري ٺڪر کي ڀارت سرڪار طرفان ٻن سالن لاءِ فيلوشپ ملي، جنهن دؤران هن پٽ ڏٺي شاهه عبداللطيف جي وقت کان به اَڳ وارن سنڌي بيتن جي ذخيري بابت کوجناتمڪ ڪاريه ڪيو.

هيري ٺڪر جو هند سنڌ ۾ مقبول ادبي تحفو ’قاضي قادن جو ڪلام‘ سنڌي



زبان جي پهرئين مقبول شاعر (۱۴۶۳ع- ۱۵۵۱ع) قاضي قادن جا شروع ۾ مليل ست بيت ۽ پوءِ هريانا جي هڪ مَٺ مان حاصل ڪيل ۱۱۲ بيت گڏ ڪري، ڏيان سان پڙهي، هِجي جي برابر اوڪ ڏوڪ ڪري صحي تلفظ ۽ اُن جو مطلب ڪڍڻ ڪو رواجي ڪاريه نه آهي. ايڏو جفاڪشيءَ وارو ڪم هيري ٺڪر ڪري ڏيکاريو، اِن لاءِ منهنجي ناقص عقل انوسار هند يا سنڌ جي ڪنهن يونيورسٽيءَ طرفان هن کي پي.ايڇ.ڊي. ڊگري عطا ٿيڻ کپندي هئي. سنڌي ٻوليءَ جي وڏن وڏن عالمن ۽ اديبن اِن ڪاريه کي انمول کوجناتمڪ اَجوُبو ڪوٺيو آهي. سدا حيات دادا جئرامداس دؤلترام عالمچندائيءَ جي رسوخ سبب، اُن وقت جي ڀارتي راشٽرپتي شريمان نيلم سنجيو ريڊيءَ اِن ڪتاب جي رونمائي ڪئي.

ڀارت جي اڳوڻي راشٽرپتي گياني زئل سنگهه سنه ۱۹۸۳ع ۾ ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي موقعي تي آچاريه ڀڳوان ديو ايم.پي. جي نامزد نالن ۾ هيري ٺڪر کي به هڪ يادگار مومينٽو ڏنو.

مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ پاران کوجنيڪ اديب هيري ٺڪر کي سنه ۲۰۰۳ع ۾ ”تحقيق ۽ تنقيد“ ڪتاب لاءِ انعام عطا ڪيو ويو. سنه ۲۰۱۲ع ۾ ساڳئي اِداري پاران ”ڪسشنچندر جون چونڊ ڪهاڻيون“ سنڌيءَ ۾ انواد ڪرڻ لاءِ (نامزد جوُري ميمبرس جن ۾ هڪ مان به هوس) انعام ڏنو.

سنه ۱۹۵۸ع کان وٺي هيري ٺڪر جا ارڙهن معياري ڪتاب ڌهين ڀانڪن جو ڏيان ڇڪائي چُڪا آهن. ”اِنڊلٽ“ به انُهن ۾ هڪ آهي.

سدا حيات هري موٽواڻي ’سنڌي‘ جنهن کي سڀ کان وڌيڪ ڀيرا سنڌ-ياترا جا موقعا نصيب ٿيا ۽ اڄ به اُتي جون ادبي هستيون ادب نواز ۽ نياڻيون ’چاچا‘ چئي نوازيندا آهن. مان سمجهان ٿو هريءَ کان پوءِ هيرو ٺڪر ۽ ڊاڪٽر جينو لالواڻي به ڀارتي اديب آهن جيڪي چڱائي ڀيرا سنڌ مان ٿي آيا آهن ۽ اُتي پنهنجي قابليت جو سِڪو جمائي آيا آهن، سنه ۲۰۰۵ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هيري کي ’شاهه لطيف ايڪسيلينسي اوارڊ‘ عطا ڪيو ويو. ’سي.ايڇ.ڊي.‘ ۽ ’اين.سي.پي.ايس.ايل.‘ دهليءَ پاران ’قاضي قادن جو ڪلام‘، ’تحقيق ۽ تنقيد‘ ۽ ’پيرومل مهرچند‘ ڪتابن تي، ٽي ڀيرا اِنعام مليل آهن.

يونين ڪلچر منسٽريءَ شري هيري ٺڪر کي سينئر اسڪالرشپ ڏني ته آزادي هلچل وقت انگريزن پاران ضبط ڪيل سنڌي ادب، تي کوجنا ڪاريه ڪري.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڪيترن ئي نئشنل ۽ انٽرنئشنل سيمينارن، ڪانفرنس ۽ مُشاعرن ۾ شرڪت ڪندڙ هيري ٺڪر کي وديشي ياترائن جا موقعا پڻ مليا آهن. هِن صاحب يو.ڪي.، ڪئناڊا، يو.ايس.اي.، گلف ڪنٽريز ۽ يو.اي.ئي. ۽ سنڌ پاڪستان جا سئر سپاٽا ڪيا آهن.

هيري ٺڪر جو ڪتاب ''بهترين سنڌي مضمون'' آءِ.اي.ايس. ڪورس لاءِ، بي.اي. ۽ ايم.اي. جي ڪورسن لاءِ ڪيترين يونيورسٽين ۾ بطور درسي ڪتاب مقرر ڪيل آهن.

'سنڌي سوشل ۽ ڪلچرل ڪائونسل نيو دهلي، پاران هيري کي ''سنڌي رتن اوارڊ'' سان نوازيو ويو آهي.

شري هيرو ٺڪر ڪيترن ئي ادارن ۾ بطور ايگزيڪيوٽو بورڊ ميمبر، پنهنجون سيوائون ڏنيون آهن، تن ۾ مکيہ آهن، سنڌي اڪادمي، دهلي سرڪار، اين.سي.پي.ايس.ايل ايچ.آر.ڊي.. منسٽري پارت سرڪار، ساهتيہ اڪادمي وغيره.

پاڻ هيرو ٺڪر هڪ سُٺو سنيوجڪ پڻ آهي. ''سنڌي پترڪارتا جا هڪ سؤ پنجويهہ سال'' عنوان سان هن جي ڊائريڪٽرشپ ۾ دهليءَ ۾ راشٽريہ سيمينار ٿيو هو. جنهن ۾ بطور مکيہ مهمان سنڌين جي لاڏلي نيتا شري لال ڪرشن آڏوائيءَ شرڪت ڪئي هئي. هن سيمينار ۾ مون سميت پنجونجاهہ-سٺ کن عالم اديب شريڪ ٿيا هئا.

اين.سي.پي.ايس.ايل. ۾ ٽي سال گڏ رهڻ ۽ ڪاريہ ڪرڻ وقت هيري کي ويجهڙائيءَ تان ڏسڻ جا انيڪ موقعا مليم. فصيح زبان تہ هوُ آهي ئي پر موقعي، وقت ۽ وَس موجب معياري مقالا لکڻ، پيش ڪرڻ ۾ پڻ ماهر آهي. اسان ٻنهي هڪ ٻئي جي زير صدارت پيپر پڙهيا آهن ۽ صحتمند تنقيد ڪئي آهي.

شروعات هيري جي شاعريءَ سان ڪئي اٿم تہ پڇاڙي بہ هيري جا ڪي شاعراڻا بند پيش آهن :

ڪير ويهي ڦولهي هي ڦوڙها،
هئہ هئہ جيوت ڳنڍيون ڳوڙهو.

هرڪو ماڻهو وڏندو آ ڇا؟
ڪي ڪي ماڻهو خاص ٿين ٿا.



مَرندي مئاسين تہ بہ نہ سکياسين،
جيِ سرڪارا ڪرڻ جي عادت.

سقلتائن سان منهنجي رَشڪُ، جي ڪَنِ ٿا سي جاڻن،
تہ منهنجي هر سقلتا ڪنهن ڪشالي سان جُڙيل آهي.

(مٿيان چارئي شعر سرڳواسي ٻلديو ساڌوائيءَ 'نرموهي' جي ڇپايل ''موتيءَ داڻا'' ڪتاب تان ڪنيل آهن)

ٺڪر صاحب 'پلئہ پائڻ' ۾ بہ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. پنجن ڏهاڪن جي ملهيئتي مترتا تي خوش آهيان.

مددي ڪتاب : درسني، 'ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر، 'ڪونج'، گولڊن جُبلي انڪ، سنڌي شعر جي تاريخ، سنڌو جوت انڪ- ا



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# شري هيرو ٺڪر

**- شوبا رام لعلچنداڻي**

سنڌيت تي جيءُ جان لٽائڻ وارو سنڌي
عمر سڄي سنڌيت جي جوت جلائڻ وارو سنڌي

شري هيرو ٺڪر سنڌيءَ جي انهن ڳاڻ ڳڻين اَديبن مان آهي جن کي هند توڙي سنڌ ۾ ڀرپور پيار ۽ عزت ملي آهي. هن صاحب شعر سان گڏوگڏ ڪهاڻيون، مضمون، مقالا، خاڪا، يادگيريون، سفرناما وغيره به ساڳيءَ ڪاميابيءَ سان لکيا آهن. هن جو جنم ۲ مارچ حيدرآباد (سنڌ) پاڪستان ۾ ٿيو. هوُ ذهين شاگرد هو. سنہ ۱۹۶۲ع ۾ ڌارين جي حملي وقت هن پياري ڪي ديش ڀڳتيءَ وارا گيت رچيا. سندس اهڙن گيتن جي بوڪ ليٽ 'گوليون' جي سِري سان شايع ٿي. اِنهن گيتن ۾ قومي جذبات هئي. هوُ مشاعرن ۾ پڻ شرڪت ڪندو رهيو. هوُ اپياسي اِنسان آهي. پنهنجي پرشارٿ پريشرم سان هِن بي.اي. جو اِمتحان پاس ڪيو. کيس آڪاشواڻي دهليءَ ۾ نوڪري ملي. هوُ اُتي سنڌي نيوز سيڪشن ۾ سانده ۳۷ سال رهي سنڌيءَ ۾ سماچار پرسارت ڪندو رهيو. هوُ پوءِ اِن سيڪشن جو پرمک به ٿي رهيو. هن پونا يونيورسٽيءَ مان بي.اي. آنرس جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ورڌا مان 'راشٽريہ ڀاشا رتن' جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي. کين انگريزي، اُردو، مرهٽي ۽ سنسڪرت ڀاشائن جو پڻ گيان آهي. هيري ٺڪر پنهنجي ڪريئر جي شروعات ممبئيءَ ۾ هڪ ماستر جي روپ ۾ ڪئي. ڪجهہ وقت تائين هوُ سنڌي روزاني 'هندستان' اخبار سان بطور سنسديہ سمپادڪ جڙيل رهيا. آڪاشواڻيءَ ۾ ۳۷ سالن تائين سماچار پڙهندڙ (نيوز ڪاسٽر) ۽ بطور ترجما ڪندڙ طور ڪم ڪرڻ بعد سال ۲۰۰۳ ۾ سنڌي سماچار يونٽ جي مئنيجر طور رٽائرمينٽ ورتي. سال ۱۹۵۸ع ۾ هنن ساهتہ جي کيتر ۾ قدم رکيو ۽ سندن پهرين ڪهاڻي 'هندواسي' ممبئيءَ ۾ شايع ڪئي ويئي. ۱۹۶۲ع ۾ ديش ڀڳتيءَ تي آڌارت هڪ گيتن جو هڪ پستڪ 'گوليون' شايع ڪرايو. ڪُل سندن ڇهہ ڪتاب (هاڻي ارڙهان) شايع ٿيا آهن جن ۾ مضمون سنگرهہ، جيوني ۽ ريسرچ جهڙا ڪتاب شامل آهن. کين سندن ساهتيڪ يوگدان لاءِ ڪيترن ئي اَوارڊن ۽ پُرسڪارن سان سنمانت ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ۱۹۸۳ع ۾ وشوَ سنڌي سميلن جي موقعي تي راشٽرپتيءَ دواران ساهتيڪ يوگدان لاءِ ڏنل ٽرافي، سنڌي اَڪادمي، دهليءَ جو اِسپيشل ميرٽ اَوارڊ، مرڪزي



هندي نشيداليہ پرسڪار، سنڌي سماجڪ ۽ سانسڪرت پريشد جو 'سنڌي رتن' پرسڪار پڻ شامل آهن.

هيرو ٺڪر سنڌ ۽ هند وچ ۾ هڪ پُل مثل آهن. هن ڪوجنا ڪري سنڌ جي ڪلاسيڪل اَڀاڻي شاعر 'قاضي قادن' جو ڪلام سهيڙي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي شايع ڪيو. سندس ان ڪوجنا ڪاريہ لاءِ کيس سنڌ چاهي هند ۾ داد مليو ۽ هوُ عالم ڪوجنيڪن جي صف ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن قاضي قادن جي ڪلام تي چٽي روشني وجهي مقبوليت حاصل ڪئي. اِن ڪوجناتمڪ تصنيف تي کيس راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد اِنعام عطا ڪيو. اِهو ڪتاب ايم.اي. ۾ پاڙهيو وڃي ٿو. ''قاضي قادن جو ڪلام'' ڪتاب کي سنڌ جي وڏن وڏن عالمن 'اِتهاسڪ ڪارنامو' ڪري سڏيو آهي. ۱۹۹۶ع ۾ هيري کي ڪراچيءَ ۾ ڀڳڙي پارائي عزت ڏني ويئي. هيري کي اٺ دفعا سنڌ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويئي آهي ۽ هوُ ست دفعا سنڌ ۾ وڏي عزت سان وڃي چڪو آهي. ۲۰۰۴ ۾ کيس سنڌ جي گورنر ڪلچر مِنسٽريءَ جو وڏي ۾ وڏو اَوارڊ، 'شاهہ لطيف اڪسلينسي اَوارڊ' عطا ڪيو. چار دفعا کيس شاهہ لطيف جي عرسن جي موقعي تي اَنتر راشٽريہ اَدبي ڪانفرنس ۾ مکيہ مهمان ڪري، سرڪاري شان سان گهرايو ويو آهي. ڪلچرل کاتي جي وزير محترما سسئي پليجو کيس سنڌ ۽ هند وچ ۾ پُل ڪري سڏيندي آهي.

هوُ دهليءَ ۾ ساهتڪ ۽ سانسڪرتڪ سرگرمين ۾ سدائين سرگرم رهيو. هي ديش ڀڳت نشڪام نشناوان نيتا دادا جئرامداس دؤلترام جي سمپرڪ ۾ به رهيو. دادا جئرامداس به کيس وقت به وقت ڪي ڪارگر سجهاوَ ڏيندو رهيو. هيرو ٺڪر ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي صحبت ۾ رهيو. ٿئي اَديب سنڌي ٻوليءَ جي سرڪشا جي خيال کان ديوناگريءَ جا به سمرٿڪ رهي گڏجي ڪاريہ ڪندا رهيا. هيرو ٺڪر ڏاڍو اَڀياسي ٿي رهيو آهي، هن جو ڪوجنا طرف لاڙو رهيو آهي. شاعر هيري ٺڪر سنڌي نثر ۾ به پاڻ موکيو. هن جدا جدا سيمينارن ۾ پنهنجا عالماڻا مقالا به پيش ڪري پنهنجي اعليٰ علميت جو ثبوت ڏنو.

شاعر هيري ٺڪر جي شعر جو مختصر جائزو - چين جي چڙهائيءَ وقت شاعر هيري ٺڪر جي قلم ۾ جنبش آئي، اِن ماحول ۾ هِن ڪي قومي جذبات واريون ڪوتائون لکيون جن مان سندس ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا جي جهلڪ ملي ٿي :



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هٿن تي سِرڪي ۽ پيٽ ماتا تي ڏرڻ ويندا،
اُپاسڪ امن جا اڄ جنگ بازن سان لڙڻ ويندا.
اهنسا پائيپيءَ تي ٿي، جي ٺنولي تہ ڪيئن سهبو!
اَمن جي ٿي ڪبوتر تي هلي گولي تہ ڪيئن سهبو.
سهڻ جي حد ختم تي هاڻي مارڻ يا مرڻ ويندا.
اُپاسڪ اَمن جا اَڄ جنگ بازن سان لڙڻ ويندا.

شاعر پارت جي کيتن ۾ هارين جي شاداب ٿيڻ جي اِڇا پرگهٽ ڪندي چوي ٿو :

هر شاخ ۾ رس سنچار ٿئي،
شل برپت منجهہ بهار ٿئي!
پاڻن واري ٿئي پون ۽ ساري،
رب مينهن وسائي رحمت جا،
شل کيت کلن منهنجي پارت جا.

شاعر هيري ٺڪر جو جنم ڀومي سنڌ سان ڪيڏو نہ لڳاءُ آهي سو سندس هڪ وائيءَ مان ثابت آهي.

ڪوسو لڳئي نہ واءُ، سنڌ، منهنجو تو ۾ آهي ساهہ
مان تنهنجو وڇڙيل ٻچڙو تون آن منهنجي جيجل ماءُ
تون آن مون لاءِ سڌ اَمڙ! مان تنهنجو پرلاءُ
تنهنجي ئي سڪ چڪ تن من ۾ تنهنجو ئي سوداءُ.
سنڌ منهنجو تو ۾ آهي ساهہ

شاعر پنهنجي شاعريءَ جي اظهار جو ذڪر ڪندي چيو

درد جي سانچي مان ڍلجي ڍيري ڍيري گيت نڪتا،
منهنجي مک مان جي بہ نڪتا، مونکي پيڙي گيت نڪتا

شاعر الله جي عظمت جو ذڪر ڪندي چيو تہ :

جپ جيڏو منهنجو دامن هو، اُپ جيڏي هن جي مهر ميا!
مان ونڊي-ونڊي ٿڪجي پيس،
هوُ ڏيندو-ڏيندو ڏيندو ويو.

سنڌ لئنگويج اٿارٽي (پاڪستان سرڪار) طرفان سندس اِنٽرويوُ رڪارڊ ڪري سنڀالي رکيا ويا آهن. پارت جي ساهتيڪ اَڪادمي هيري کي بہ دفعا سنمانت ڪيو



آهي. اَڪادمي ٢٠٠٣ ۾ کيس سندس ڪتاب ’’تحقيق ۽ تنقيد‘‘ تي کيس اَوارڊ ڏنو ۽ سال ٢٠١٢ ۾ کيس ’ڪرشن چندر جون چونڊ ڪهاڻيون‘ تي بهترين ترجمي جو اَوارڊ ڏنو ويو آهي.

هيري جا هيل تائين ڊزن کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيا آهن ١. گوليون (ديش پريم جون ڪوتائون) ٢. قاضي قادن جو ڪلام ٣. پيرومل مهرچند ۴. بهترين سنڌي مضمون ۵. سنڌي اخبار نويسي ٦. هيرانند ڪرمچند ٧. چونڊ سنڌي ڪلام ٨. اِنڊلٺ ٩. سڳن آهوجا ١٠. تحقيق ۽ تنقيد ١١. ڪرشن چندر جون چونڊ ڪهاڻيون ١٢. ساختيات، پس ساختيات ۽ ٻيا.

هيري پارت، سنڌ پاڪستان ۽ ولائت ۾ ڏيڍ سؤ کان وڌي ڪانفرنس ۾ پيپر پيش ڪيا آهن.

راشٽرپتي نيلم سنجيوَ ريڊي ۽ راشٽرپتي زيل سنگهہ هيري ٺڪر کي سنمانت ڪيو آهي. هيري آزاديءَ جي لڙائيءَ وقت انگريزن طرفان ضبط ڪيل سنڌي ساهتيہ برٽش لئبرري مان هٿ ڪري اُن تي ڪتاب لکي وڏو ڪم ڪيو آهي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# شري هيرو نڪر: هڪ براڊ ڪاسٽر طور:

**- پرڪاش ڪيمچنداڻي**

شري هيرو نڪر جي نالي کان ڪير واقف نہ آهي! شري هيرو نڪر نہ فقط مهان ليکڪ، ڪوي، نقاد، اخبار نويس، کوجنا ودوان يعني ريسرچ اِسڪالر وغيره آهي، پر هڪ ناليرو براڊڪاسٽر يعني پرسارڻ ڪرتا پڻ آهي. شري هيرو نڪر پرسارڻ ۾ اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي جو يوگدان ڏنو آهي. شري هيرو نڪر کي دنيا ۾ هڪ اديب طور ڄاتو ويندو آهي. پر سنڌ ۾ ماڻهو شري هيري نڪر کي هڪ اديب کان علاوه هڪ براڊڪاسٽر طور سڃاڻيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڄاڻندڙن جو تعداد ڀارت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي ۽ سنڌ ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ تي دنيا ڀر ۾ وڌ ۾ وڌ ڪم ٿي رهيو آهي.

شري هيري نڪر آل اِنڊيا ريڊيو ۾ هڪ ترجمان ۽ خبرون پڙهندڙ يعني ٽرانسليٽر ۽ نيوز ريڊر طور سال ١٩٦٦ ۾ ڀير پاتو. شري هيري نڪر ٢ آڪٽوبر ٢٠١٦ تي براڊڪاسٽنگ (پرسارڻ) جا ٥٠ سال پورا ڪيا ۽ اَڄ ڏينهن تائين پرسارڻ سان جڙيل آهي. شري نڪر ٣٧ سالن تائين آل اِنڊيا ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ خبرون پڙهيون آهن، جيڪي روزانو ١٠ منٽ صبح ۽ شام جو سنڌواسين لاءِ پرسارڻ ڪيون وينديون آهن. شري هيري نڪر نہ فقط آل اِنڊيا ريڊيو ۾ خبرن واري وڀاڳ لاءِ ڪم ڪيو آهي، پر آل اِنڊيا ريڊيو ۾ وديش پرسارڻ وڀاڳ ۾ هڪ ترجميڪار، هڪ ڪوي، هڪ تقريرڪار وغيره طور پڻ پنهنجون سيوائون ديش وديش کي ڏنيون آهن. هتي پاٺڪن کي ٻڌايو ويندو تہ آل انڊيا ريڊيو جي وديش پرسارڻ کاتي مان پروگرام روزانو ساڍا ٽي ڪلاڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌواسين لاءِ نشر ڪيا ويندا آهن، جيڪي راجستان، گجرات جي اولهہ وارن علائقن ۾ پڻ ٻڌي سگهبا آهن.

هتي خبرن سان وابستہ هڪ خاص ڳالهہ پاٺڪن سان ونڊي ويندي. شري شوڪت شورو (سنڌ پاڪستان جو هڪ مشهور اَديب) پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ باقاعدي لکيو آهي تہ سنڌ ۾ خبرون ڏيندڙ گهڻي ئي ريڊيو ۽ ٽي.وي. چئنل آهن، پر شري هيري نڪر جي خبرن پڙهڻ جو انداز علحدا ۽ نرالو آهي، جيڪو اُتان جي عوام کي تمام گهڻو پسند آهي. سنڌواسي شري هيري نڪر جي خبرن پڙهڻ جو بيصبريءَ سان اِنتظار ڪندا هئا ۽ اَڄ ڏينهن تائين هيري نڪر کي اُتي خبرن لاءِ سڃاتو ويندو



آهي ۽ ياد پڻ ڪيو ويندو آهي.

ريڊيو نشريات ۾ بي هڪ خاص ڳالهہ آهي وقت جي پابندي، جيڪا هيري نڪر ۾ بخوبي آهي. هي صاحب وقت جو پڪو آهي، ڇوجو ريڊيو پرسارڻ ۾ هڪ هڪ سيڪنڊ قيمتي هوندو آهي. مون شري هيري نڪر سان گڏريل ٢٣ سالن کان گڏجي ڪم ڪيو آهي. ترجميڪار لاءِ هڪ خاصيت ڪپندي آهي تہ کيس انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مڪمل ڄاڻ هئڻ گهرجي، جيڪا خوبي شري هيري نڪر ۾ آهي. جيسين ڪنهن لفظ جي تُز معنيٰ ڪونہ ملي آهي، تيسين هيرو نڪر دلجاءِ ڪونہ ٿيندو ۽ لفظ جي صحيح معنيٰ ملڻ کانپوءِ ئي اڳتي وڌندو، ڇوجو پرسارڻ ۾ غلطيءَ لاءِ ڪابہ جاءِ ڪونہ آهي.

شري هيري نڪر سان آل اِنڊيا ريڊيو جي سنڌي سيوا جي ويبسائيٽ تي گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. اُن ئي عرصي دوران اَسان جي ڇهن ستن جڻن جي ٽوليءَ پرسارڻ ۾ ڪتب ايندڙ خاص ٽڪنيڪي لفظن جي معنيٰ پڻ ڳولهي ڪڍي، جيڪا ڊڪشنري تيار ڪئي ويئي. جيڪڏهن سنڌي سيوا جي ويبسائيٽ اڳتي برقرار رهي ها تہ شايد اَڄ ڏينهن تائين اُها نندي ڊڪشنري وڏي ٿي، شايع ٿي چُڪي هجي ها.

شري هيري نڪر سان گڏ ڪم ڪرڻ دوران گهڻو ڪجهہ سکيو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ سکڻ باقي آهي. شام جو وقت جڏهن ترجمي جي ڪم مان آجو ٿي ڪري جڏهن چانهہ تي بريڪ وٺبي هئي تہ اُنهن ڪچهريءَ واري عرصي دوران گپشپ کان علاوه ترجمي ۽ پرسارڻ جا گُڻ پڻ اسان کي سيکاريا ويندا هئا. اُميد آهي تہ اڳتي پڻ شري هيري نڪر سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ گهڻو ڪجهہ سکڻ اَجان باقي آهي.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# سنڌ - هند جو هيرو: هيرو ٺڪر

- مُشتاق شورو

سرڇرڊ برٽن سنڌ کي ڏکويل ماتري جي نالي سان سڏيو آهي، اُن ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ يہ ناهي واقعي بہ اِتهاس جا پنا سنڌ جي ڪڏن، سوُرن، اَذيتن، عذابن، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ سان ٿي تہ پريا پيا آهن. پوءِ سنڌ سدائين سورن ۾ رهي آهي. ورهاڱي سنڌ کي جيڪو ڪاپاري ڌڪ رسايو ان مان اُڪري پارپوڻ ممڪن نظر نٿو اَچي.

هڪ طرف سنڌ جي سموري ساڃاهہ، اَديب، شاعر محقق ۽ پڙهيل-لکيل ڪاروباري طبقو لڏ پلاڻ تي مجبور ٿي، ڌرتي ڌڪاٽو بڻجي اڻ ڄاتل، اڻ ڏٺل ديس ڏانهن خالي هٿين روانو ٿيو، پنهنجا محل، ماڙيون، ملڪيتون ۽ ڪاروبار ڇڏي، پنهنجا اباڻا گهر-گهاٽ ڇڏڻ جو عذاب، پيڙا ۽ اذيت جي ڇا ٿيندي آهي اها سنڌي هندن کان ڪير ٿو ڄاڻي سگهجي.

سنڌ کان پارت لڏ پلاڻ ڪندڙن ۾ حيدرآباد سنڌ جي ادواڻي گهٽيءَ جي هيري ٺڪر جو ڪٽنب بہ هو جيڪو پنل اکين سان اباڻو اجهو ڇڏي خالي هٿين غيريقيني جي ڪيفيت ۾ پرديس وڃڻ تي مجبور ٿيو هو. اُن وقت هيرو شايد ننڍڙو ٻارڙو هو جيڪو اڳتي هلي براڊڪاسٽر اديب، ليکڪ، شاعر ۽ محقق بڻيو.

اوائلي دور ۾ هيري جي سنڌ ۾ سڃاڻپ آل اِنڊيا ريڊيو تان نيوز ڪاسٽر جي حيثيت سان ٿي. ’هي آل اِنڊيا ريڊيو آهي هاڻي اوهان هيري ٺڪر کان سنڌيءَ ۾ خبرون ٻڌندا‘ جا جملا سنڌ جي هر گهر جو جڻ هائوس هولڊ بڻيا رهيا. تمام گهٽ ماڻهن کي ڄاڻ هئي تہ هيرو نيوز ڪاسٽر هجڻ سان گڏ هڪ اعلهہ ماڻڪ نفيس ۽ حساس دل رکندڙ اِنسان آهي ۽ هو ناميارو ليکڪ ۽ محقق بہ آهي. هيري جي ادبي سڃاڻپ تڏهن ٿي جڏهن پارت ۾ اٽڪ ۽ اوڇ محنت سان ڳوجنا ڪري قاضي قادن جو سنڌي ڪلام گڏ سيهڙي اُن کي ڪتابي صورت ۾ آندو. هيري جي ان پورهئي سنڌ ۾ بي انتها مڃتا ماڻي جو سنڌ جي قديم دور جي شاعر قاضي قادن جو ڪلام خود سنڌ ۾ بہ اڻلڀ هو. ائين هيري جو سنڌ جي سنڌين سان گهرو لاڳاپو جڙيو، آئون سمجهان تہ سرڳواسي هري موٽواڻي کان پوءِ هيري کي سنڌ جي هر گهر ۾ هڪ پاتي ڪري سمجهيو ٿو وڃي، هيرو واقعي بہ هيرو ئي آهي، مون هن کي هڪ انسان دوست، دردمند دل رکندڙ مخلص دوست جي روپ ۾ ڏٺو ۽ سڃاتو آهي.



هري موٽواڻيءَ جي سرپرجيستائين ساهہ هو هن سنڌ تان پيرو نہ پٽو، هو هر سال سنڌ جي ياترا ڪندو رهيو ۽ هيرو بہ هري جيان سنڌ سان گهرو ناتو جوڙيو اچي.

هيرو ڪافي سالن کان لطيف جي ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ايندو رهيو آهي پر تازين سياسي ڇڪتاڻ سبب هن جي سنڌ جي ياترا ۾ وڇوٽي تي ويئي.

هيرو سنڌ ۾ محفلن جو مور ۽ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو رهيو آهي هو سنڌ جي ادبي سرڪل جو مقبول ليکڪ آهي. هيري جي اها وڏي خوبي آهي جو نئين ماڻهوءَ توڙي هر ڄمار جي ماڻهوءَ سان ائين رلي ملي ويندو آهي جڻ هو هن کي جنمن کان سڃاڻندو هجي. هيرو جڏهن ڪچهري ۾ پنهنجي شاعري ٻڌائيندو آهي تہ ٻڌندڙن تي هڪ سحر طاري ٿي ويندو آهي. جڏهن هيرو پنهنجو شعر ’ڏڏ تي جو ڏان گهريم، هو ڏيندو ڏيندو ويو، مان وٺندي وٺندي ٿڪجي پيم، هو ڏيندو ڏيندو ويو، ٻڌائيندو آهي تہ هن کان بار بار فرمائش ٿيندي آهي تہ وري وري ٻڌائي.

هيري سان منهنجيون ڪيئي ڪچهريون ٿيون آهن، پوءِ اها ڪينجهر ڍنڍ جو ڪنارو هجي، انور هاليپوٽي جو حيدرآباد ۽ ڪراچي وارا گهر هجن، ڪراچيءَ ۾ ٿي پروفيسر سليم ميمڻ جو گهر هجي يا ڪراچي يونيورسٽيءَ جو گيسٽ هائوس هجي هيري سان ڪچهرين جو سلسلو هلندو رهيو آهي جن ۾ شوڪت شورو، مدد سنڌي ۽ ٻيا ڪيترا ئي اديب يار دوست هوندا آهن. آئون جڏهن بہ هيري سان مليس هن جي منهن تي مرڪ ئي ڏٺم لڳم ڪاوڙ، ڪروڌ، بيزاري، ٿڪاوٽ ۽ غصو ڪڏهن هيري جي ويجهو بہ نہ لنگهيا آهن.

اها انتهائي اُتساهہ ڏياريندڙ ڳالهہ آهي جو هن ڄمار ۾ بہ هيري جي دل جوان آهي ۽ هو سنگت ساٿ کي وقت ڏيڻ سان گڏ اڃا تائين ادبي پورهيو ڪندو ٿو رهي اهو ڄاڻندي بہ تہ پارت ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين جي هٿن مان سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا ڪسڪندي پئي وڃي، سنڌي ٻوليءَ جي آئينده جي غيريقيني واري صورتحال بہ هيري کي هيٺو نہ ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com